


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري ( گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

# جت جر وهي ٿو جال

**(ملائيشيا جي ڪوالالمپور، پينانگ ۽ ٻين شهرن جو سفرنامو)**

**سنواريل ۽ وڌايل نئون ڇاپو**

## الطاف شيخ

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# سنڌ سلامت ڪتاب گهر جو ڪتاب نمبر: 53

نالو: جت جر وهي تو جال

ليکڪ: الطاف شيخ

ڪمپوزنگ: آصف رضا نظاماڻي

ايڊيٽنگ: محمد سليمان وساڻ



ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریري (گروپ ایڈمن: امیر عدنان 03337516944)

سنڌ جا سڄڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **ٽيونجاهه (53)** سفرنامو **جر وهي ٿو جال** اوهان اڳيان پيش آهي. ملائيشيا جي ڪوالالمپور، پينانگ ۽ ٻين شهرن بابت هي سفرنامو ناليواري سفرناما نگار ۽ سنڌ سلامت جي محسن سائين **الطاف شيخ** جو لکيل آهي.

هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ خيرپور سان تعلق رکندڙ پياري دوست آصف رضا نظاماڻي ڪئي آهي. لک ٿورا سائين الطاف شيخ صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏيڻ سان گڏ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**



ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈمن: امیر عدنان 03337516944)

# فهرست


- انتساب 06
- هن نئين ڇاپي لاءِ 16
- مهاڳ ـ عبدالقادر جوڻيجو 27

1. هڪ ڏينهن جي ڳالهه 29
2. ڪوالالمپور اندر 73
3. ڪوالالمپور کان ٻاهر 79
4. ڪشو ـ سگريٽ ۽ شراب نه پيئڻ وارو سيٺ 85
5. ڪوالالمپور شهر ۽ سلينگور رياست جا ڪجهه تواريخي سن ۽ دلچسپ ڳالهيون 93
6. پينانگ بيٽ 113
7. پينانگ واري پل 117
8. پينانگ کان ڪئالا ڪنگسار 119
9. ڪئالا ڪنگسار ۽ لموت 126
10. پلاءُ پينانگ 128
11. هوٽل اورينٽل 134
12. بنگالي مسجد ـ پينانگ 140
13. چيپ جان ۽ ڪئٽي 147
14. انگريزن پينانگ تي قبضو ڪيئن ڪيو؟ 153




www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# انتساب

ٽيهن سالن کان لڳاتار ڪتاب ڇپيندڙ،

سنڌ جي مشهور پبلشر **"فيروز ميمڻ"** نالي

منهنجي خيال ۾ سنڌ ۾ لکندڙن ـ شاعرن، اديبن، جرنلسٽن، ڪالم نويسن وغيره جي ڪوٺ ناهي پر ڪِتاب ڇپيندڙن (پبلشرن) جي آهي، جنهن ڪري گهڻا لکندڙ پيدا ٿي نہ سگهيا آهن. اڄ بہ ڪيترائي اڻ ڄاتل لکندڙ هوندا جن وٽ شاعري يا ادب جا اڻ ڇپيل مجموعا موجود هوندا، پر نہ ڇپجڻ ڪري اسان کي انهن جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. لکندڙ جي اها ئي خواهش ٿئي ٿي تہ جيڪي ڪجهہ هو لکي اهو پرنٽ ۾ اچي ۽ پڙهندڙن تائين هن جو نياپو پهچي. ڪِتاب نہ ڇپجڻ ڪري اسان جي ڪيترن ليکڪن جي دل ڪٽي ٿي پئي هوندي ۽ لکڻ ڇڏي ڏنو هونداٺون. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ جيڪر انهن جي همت افزائي ٿئي ها، سندن محنت جي پورهئي جو داد ٿئي ها، ٻين لفظن ۾ سندن ڪِتاب ڇپجندا رهن تہ اڄ اسان وٽ ٻيا بہ ڪيترائي امر جليل، نسيم کرل، تاجل ۽ شيخ اياز هجن ها.

ساڳي وقت ڪِتاب ڇپائڻ ۽ کپائڻ بہ ڪو سولو ڪم ناهي. بهرحال اهڙو بہ ڏکيو ڪم ناهي جهڙو اسان جا ڪي قومي ادارا ـ خاص ڪري سنڌي ڪِتاب ڇپائڻ وارا سرڪاري ادارا نخرو ڪن ٿا. بنگلاديش، سريلنڪا ۽ ملائيشيا ۾ اسان کان گهٽ بجيٽ ۽ اسٽاف تي هلندڙ اهڙا قومي ادارا ٿا ڏسجن تہ تعجب ٿو لڳي تہ هنن جا مان جا ڪري وڌو آهي. بهرحال اسان جي ان ڏتڙيل سيناريو ۾ فيروز ميمڻ جهڙن غريب ۽ اڪيلن کي شاباس هجي. اڪيلي سر ڪِتاب ڇپڻ ۽ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ ڪو آسان ڪم ناهي. مون بہ شروع ۾ بہ ڪن ڪِتاب پاڻ ڇپرايا ۽ اڄ تائين توبهہ ڪري ويٺو آهيان. پئسي کان علاوه بہ اهم مسئلا آهن. هڪ ڇپائي جو ۽ ٻيو ڪِتاب نيڪال ڪرڻ جو. ڇپائيءَ وارن يعني پريس وارن کي پئسو اڳوات نہ ڏي تہ ڪم شروع نہ ڪندا. ۽ جي اڳوات ڏي تہ ڪم جو ڪجهہ حصو ڪري پوءِ نئون گراهڪ ڳوليندا وتندا جيئن هن کان ائڊوانس وٺي پنهنجو خرچ هلائين. توهان جا ڏنل پئسا تہ ڪڌهوڪا ختم ٿي ويا ۽ هاڻ وڏيڪ توهان کان نہ ملندا سو توهان ۾ ڇپائي وارن جي ڪهڙي دلچسپي! پوءِ روز



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

توهان هنن جي در تي ۽ اديب ٿي ڪري پريس وارن سان وينا گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ سڄي جهان ۾ خوار ٿيو.

اسان وٽ ڪميٽمينٽ بہ تہ ناهي. وعدو فقط ٻئي کي ٽارڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. پريس وارو توهان کي ڪو ڏينهن ڏيندو تہ ان تي پروفن لاءِ ڪجهہ فارم ڪٽي وڃڻو. ۽ پوءِ توهان سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي پريس تي پهچندائو تہ جواب ملندو ڪمپوزنگ وارو بيمار هو، بجلي نہ هئي يا ڪو ٻيو سبب ـ جنهن ڪري ڇپائي نہ ٿي سگهي. ۽ پوءِ توهان پيا چڪر هڻو.

ڪِتاب ڇپجڻ بعد ڪتاب جي وڪري (مارڪيٽنگ) جو وڏو مسئلو آهي. حيدرآباد جهڙي شهر ۾ پنجاهہ کن ڪِتابن جا ننڍا وڏا دڪان ۽ فٽ پاٿن تي اسٽال آهن. ڪانئڻ ڪِتابن جو پڇندائو تہ وڏي هائوڪار ڪري توهان جا ڪِتاب وڪري لاءِ توهان کان وٺندا. جڻ توهان جو ڪتاب وڪامي بہ ويندو هجي. هو توهان کان 33 کان 50 سيڪڙو ڪميشن اوڙر تي ڪٽيندا ۽ جڏهن توهان مهيني ٻن بعد پئسا وٺڻ لاءِ هنن وٽ پهچندائو تہ جواب ملندو:

"سائين بس ٻن ڏينهن بعد اچي حِساب ڪجو."

ٻن ڏينهن بعد:

"سائين معاف ڪجو. ڪجهہ مشغول هوس. فلاڻي فلاڻي ڊائجيسٽ جي بلٽي ڇڏائڻي هئي. هفتو کن رکي اچجو. توهان سان ان ئي وقت حساب ڪري وٺبو."

هفتي ڏيڍ کان پوءِ توهان پهچندائو تہ توهان کي پري کان ئي ڏسي دڪاندار (يا اسٽال وارو) اهڙو منهن ڻاهيندو جو توهان سمجهي ويندائو تہ توهان کي اچڻ نہ کپندو هو. بهرحال سامهون پهچڻ تي هو پنهنجي منهن تي مجبورًامرڪ آڻي چوندو:

"سائين ڏاڍو افسوس اٿم. ماڻهن کي ڏنل پئسا ملي نہ سگهيا آهن. پهرين تاريخ ۾ باقي ڏهہ ڏينهن آهن جيئن ئي ملندا تہ وٺي وڃجو."

پهرين يا ٻي تي پهچڻ تي:

"سائين توهان جا سڀ ڪتاب وڪرو نہ ٿيا آهن. سنڌي ڪتاب تہ صفا هلي نٿو. ڪم واري ڇوري گدام ۾ ڪٽي ڦٽا ڪيا آهن. اڄ آيو ڪونهي ٻن ڏينهن جي موڪل تي آهي. توهان هيئنئن ڪريو جو هفتو کن رکي اچو. آئون توهان جا ڪِتابَ ڪڍائي رکندس. جيڪڏهن ڪو هڪ اڌ وڪرو ٿيو آهي تہ ان جو حساب ڪري وٺنداسين."



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هاڻي توهان ۾ سمجهي ويا هوندائو ته دڪاندار طرفان "نياپو" ڇا پيو ملي! يعني پئسن کان آڳونو. دڪاندار توهان کي رڳو پنڌ پيو ڪرائي. دڪاندار عقلمند آهي. هو سمجهي ٿو ته اڄ جي دنيا ۾ هر ڪو مشغول آهي. ٻه چڪر هڻڻ بعد پبلشر پاڻهي اچڻ ڇڏي ڏيندو ۽ جي اهو پبلشر پاڻ ئي اديب يا شاعر آهي ان کي ته بيوقوف بڻائڻ اڃا به سولو ڪم آهي. هو ڪهڙو وڏو جهيڙو يا گار گند ڪندو.

هڪ ٻن اسٽالن وارن ڪتاب وڪرو ڪرڻ بعد قسطن ۾ ڪجهه پئسا ڏنا، جيڪي ڪراچيءَ کان حيدرآباد اچڻ ٽائين ياڙي يتي ۾ ئي خرچ ٿي ويا. هڪ اسان جي سنڌي دڪاندار جنهن سڀ کان گهڻا ڪتاب وڪرو ڪيا ۽ مس مس سال بعد payment ڪئي پر چيڪ ذريعي جنهن تي مهينو ڏيڍ پوءِ جي تاريخ هئي ـ جنهن جي اچڻ تي چيڪ واپس موٽي آيو، جو بئنڪ ۾ سندس پئسا نه برابر هئا. پاڻ وري هڪ ٻيو چيڪ مهينو کن پوءِ جو ڏنو جيڪو پڻ بائونس ٿي ويو. پوءِ خبر پئي ته هو صاحب اها اٽڪل سيني سان ڪندو رهي ٿو ۽ ان ٺڳيءَ کي هو واپاري عقلمندي سمجهي ٿو.

بهرحال اڄ به ڪيترائي اديب پاڻ ئي همت ڪري پنهنجو ڪِتاب ڇپائيندا هوندا، جيئن اڄ کان ٽيهارو سال کن اڳ مون ڪيو هو ـ ان ارادي سان ته ڪتاب جو مُور ئي نڪرندو رهي ته هڪ ٻئي پويان پنهنجا ڪتاب ڇپائيندو رهان. پر اهي خيال گيهه جي دلي وارا ثابت ٿين ٿا ۽ مور ته ڇا وقت به برباد ٿيو وڃي ۽ هڪ وقت منهنجي زندگيءَ ۾ به اهڙو آيو جو دل شڪستو ٿي مون لکڻ گهٽائي ڇڏيو. لکي به ڇا ڪجي. جڏهن جلدي جلدي نه پيو ڇپجي. ۽ پوءِ اها لکڻ جي عادت بلڪل ختم ٿي وڃي ها، شايد، پر ٻن ماڻهن کي ڪريڊٽ ڏيڻ ضرروري ٿو سمجهان جن جي ڪري لکڻ بلڪل بند ڪرڻ جي نوبت نه آئي. هڪ قاضي عبدالمجيد عابد صاحب ـ جنهن جو پٽ مرحوم اظهر (گل عباسي مون سان گڏ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندو هو ۽ منهنجو تڏهن کان سندن گهر اچڻ وڃڻ هو جتي سندس والد صاحب مون کي تڏهن کان لکڻ لاءِ چوندو رهندو هو ۽ عبرت اخبار ۾ منهنجي هر شيءِ ڇپي ويندي هئي. (اڄ به اظهر جو ننڍو ڀاءُ اسد ۽ سندس گهر واري شهلا ساڳي خلوص سان مونکي لکڻ ۽ منهنجي هر لکڻيءَ کي "عبرت" ۾ ڇپڻ جي همت افزائي ڪندا اچن) ۽ ٻيو ڪريڊٽ فيروز ميمڻ کي آهي جيڪو جڏهن مونکي پهريون دفعو مليو ته مون کي اها به خبر نه هئي ته هو ڪير آهي (بعد ۾ سالن پڄاڻان، آهستي آهستي خبر پيئي ته اسان جا ڪيترائي دوست سڄاڻا ۽ مائٽ عزيز ڪامن آهن) ۽ ڪتان آيو ـ پر مون لاءِ نيڪ فرشتو ثابت ٿيو. هن منهنجا ڪِتاب ڇپڻ لاءِ چيو ۽ خرچ به هن پنهنجو ئي ڪرڻ چاهيو ٿي. انڌو گهري هڪ اک هتي ٻئي تي مليون. هن پهريون ڪِتاب، تنهن وقت جي مطابق، گذريل ڪِتابن کان هر لحاظ کان سٺو ڇپيو.



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مونکي ڳالھ وڻي. مون لکڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ۽ مون ڏنو تہ فيروز سان ڪم ڪندي مونکي بوريت نٿي ٿي. مونکي هن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون بهتر لڳيون جن جو آئون دل سان قدر ڪيان ٿو ۽ جيڪي اسان جي ملڪ جي ماڻهن ۾ گهٽ آهن.

فيروز ڪم سان ڪم رکي ٿو. اجايو سجايو وقت ضايع نٿو ڪري. جيتوڻيڪ پيشي جي لحاظ سان هو سچي زندگي ماستر ٿي رهيو. ڇپائيءَ جو ڪم هن هابي ۽ وندر طور ڪنيو، جنهن ۾ چاڻ ۽ تجربو حاصل ڪرڻ ڪري هن ان هابيءَ کي سائيڊ بزنس ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هڪ اهو سبب بہ آهي جو آئون ڪيس انگريزن سان تشبيهہ ڏيندو آهيان.

”ڇو يلا؟“ پاڻ پڇندو آهي.

”ان ڪري جو تو ۾ ڪيترين ئي انگريزن واريون خاصيتون آهن. هو اجايو سجايو وقت وڃائڻ ۽ ڪچهرين کان گريز ڪن ٿا. وندر جون گهڙيون هنن جون عورتون توڙي مرد ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا رهن ٿا. پنهنجن ٻارن کي بہ ڪنهن نہ ڪنهن وندر ۾ لڳائي رکن ٿا، جيئن هنن کي ڪڏهن بہ اڪيلو رهڻو پوي تہ پنهنجو پاڻ کي مشغول رکڻ جي (Self Occupy) عادت هجين. پوءِ ڪيترا انهن هابين ذريعي پئسو بہ ڪمايو وجن.“

فيروز سان هڪ بہ دفعو جڏهن بہ سندس اسڪول ۾ ملڻ ويس تہ واندي پيرڊ ۾ هيڏانهن هوڏانهن وقت برباد ڪرڻ بدران هو ڪِتاب جا پروف ڏسندي نظر آيو. اسڪول بعد پريسن جا چڪر. ڪتاب ڇپجي اچڻ تي مختلف دڪانن تي وڪري لاءِ ڪتاب ڏيڻ يا ٻين شهرن ڏي پوسٽ ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي ڪتابن جا بنڊل ٻڌي، ائڊريسون لکي، ڪلهي تي رکي پوسٽ آفيس پهچي ويندو هو.

”شاباس هجنئي!“ هڪ دفعي مون چيومانس.

”بس ادا.“ پاڻ وراڻيائين، ”آرام ڪرڻ يا ٽي وي ڏسڻ تي منهنجي بہ دل ڏاڍو چوي ٿي پر پوءِ هڪ ئي ڪم ڪري سگهجي ٿو ـ ڪتابن جي ڇپائي يا آرام.“

فيروز ڪيترا سال هر مهيني نئون ڪتاب ڪڍندو رهيو ۽ سو بہ پوري وقت تي. ڪو رسالو مقرر تاريخ تي نڪري يا نہ پر نيو فيلڊس پبليڪيشن جو ڪتاب هر مهيني جي مقرر تاريخ تي ڇپجي راس ٿيندو هو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر بڪ اسٽال تي وقت اندر پهچي ويندو هو. ان جو داد دڪاندارن کان وٺي هاڪرن تائين ڏيندا. ان ڳالھ ڏي منهنجو ڌيان بہ ڳوٺ جي بڪ اسٽال وارن ڇڪرايو.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نہ فقط ڪتاب وقت تي شايع ڪرڻ پر بين ڳالهين ۾ بہ فيروز وعدي جو پڪو ثابت ٿيو آهي. منجهس تنقيد بڌڻ، سهڻ، Convince ٿيڻ يا بين ڪي ثابتين ثبوتن سان Logically مڃائڻ جو ڳڻ آهي. ٽيهارو سالن ڪان منهنجو ساڻس واسطو هلندو اچي، جڏهن هن منهنجو پهريون ڪِتاب ڇپيو هو. هو جيڪا commitment ڪري ٿو اها پوري ڪري ٿو. هاڻ ڪمپيوٽرن جي دنيا هجڻ ڪري ڪتابن جي ڇپائي ۾ رنگ روپ جو نئون شان ٿي ويو آهي، ان ۾ جيتوڻيڪ فيروز ٿورو پنتي ضرور رهجي ويو آهي ۽ ”سنڌيڪا“ يا ”روشني“ پبليڪيشن جهڙن نون ادارن جي ڇپائيءَ جو معيار وڌي ويو آهي نہ تہ ستر ۽ اسيءَ جو سڄو ڏهاڪو ”نيو فيلڊس“ جا ڪِتاب متاهين درجي جا مڃيا ويندا هئا. بهرحال هينئر بہ هو اهو مقام ٿوري ئي ڪوشش سان وري ماڻي سگهي ٿو جو هن ڪي ڇپائيءَ جي بنيادي معاملن جي ڪافي ڄاڻ بہ آهي تہ Will Power بہ. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جي ڪامياب سنڌي هندو واپاري وانگر هن کي اقتصاديات جي خبر آهي تہ پنو ڪتان ۽ ڪيئن ونجي ۽ ڇپائي مارڪيٽنگ جي اصولن ڪان بہ واقف آهي. نہ تہ اڄڪلهہ اسان جا ڪيترائي نوان بزنيس مين ان ۾ مار ڪايو وڃن. اوڌر اوڳاڙڻ ۾ ئي ڪتجيو وڃن ۽ دڪان بند ٿيو وڃين.

هڪ دفعي منهنجو جهاز ڪراچي آيو تہ ڪراچيءَ جي هڪ دڪاندار جنهن ڪان آئون ڪتاب خريد ڪندو آهيان، فيروز جي شڪايت ڪئي تہ هو ڪيس فقط پنج ڪِتاب موڪلي ٿو، جيتوڻيڪ هن ڪيويهہ ڪپن. ٻئي ڏينهن حيدرآباد وڃڻ تي مون فيروز کي خوشخبري طور اها ڳالهہ ٻڌائي تہ سنڌس ڇپيل ڪِتابن جي ڪراچيءَ ۾ ڊماند آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ فلاڻي دڪاندار کي تہ پنجن ٻدران ويهہ ڪاپيون موڪلي.

”ادا هن کي ڪتابن جي ضرورت گهرج هوندي پر ڪيس موڪليندس اوترائي جيترن جا هو اڳواٽ پئسا ڏيندو.“ فيروز ڇيو ۽ پوءِ هن ٻڌايو تہ ڪيترا دڪاندار پبلشرن ڪان اوڌر تي ڪتاب کڻي ڪميشن تہ ڪائين ئي ڪائين ٿا، ڪِتاب جو مُور بہ ڳرڪايو وڃن، پوءِ پبلشر ٻئي ڪتاب لاءِ پئسو ڪتان آڻي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ ڪيترائي شريف ماڻهو نيڪ نيتيءَ سان ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪن ٿا پر پوءِ دڪاندار ڪين پئسا نہ ڏيڻ ڪري يا وقت تي ادائگي نہ ڪرڻ ڪري هنن جي ڇپائيءَ جو ادارو يا پريس يا ماهوار رسالو ڪجهہ عرصي بعد بند ٿيو وڃي.

فيروز جي رهائش ڪي سال ٽنڊو ولي محمد ۾ هڪ فليٽ ۾ هئي، جنهن جو هڪ ڪمرو ۽ ڇت تي نهيل اسٽور روم ويو انهن ڪتابن سان پربو جيڪي نتي وڪاميا. چوندو هو:



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ڪنهن کي اڌار ڏئي پئسو رکجي وجي ان کان بهتر آهي ڪتاب رکيا هجن. آهستي آهستي تي آخر کپي ويندا.“

فيروز پاڻ به ڪنهن جو پئسو ڪڏهن نه روڪيو. ڪمپازيٽر، پريس مين، بائينڊر وغيره سڀ آهستي آهستي سمجهي ويا ته هن شخص سان ٺڳي نٿي ڪري سگهجي. پئسا اڳواٽ وٺي ڪائي ڪپائي نٿا سگهجن، ڪم پوري ڪري ڏيڻ تي هو اتي جو اتي اجورو ڏئي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن (شايد پئسو بچائڻ لاءِ)، گهڻ پئسن واري ڪنهن سيڪڙات کان ڪتاب ڪمپوز ڪرائي پروف ڏسڻ واري جي لاءِ مٿي جو سور پيدا ڪري ٿو. (جيتوڻيڪ بقول سندس سنا ڪم وارا ڪڏهن ڪڏهن نٿا ملن ۽ وقت جي پابنديءَ ڪي ڏسي مجبورًا اهڙي تهڙي کي ڪم ڏيڻو پوي ٿو.)

سنا ڪتاب ڇپائڻ ڪري فيروز جي اداري جي ڪتابن جا پڙهندڙ وڌندا ويا ۽ دڪاندار به سمجهي ويا ته ”نيوفيلڊس“ جا ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ روڪ پئسو ڏيڻو پوندو ۽ چو نه ڏ ئي ونجي جو ڪتاب جلد وڪرو ٿيو وجي ۽ ڪين به فائدو ٿئي ٿو. بهرحال ان حد تي پهچڻ لاءِ ـ ٻين لفظن ۾ مارڪيٽ ٺاهڻ لاءِ، مون ڏنو ته فيروز کي ڏهن سالن کان به مٿي سال لڳي ويا. ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان لاءِ هن کي تمام گهڻي محنت ڪرڻي پئي ۽ اڃا تائين ڪندو اچي. ڪتابن جا خريدار ڳولڻ، انهن کي ڪتاب VPP ڪرڻ، اڃا به ڪتاب بچي پوڻ تي پنهنجو دڪان ڪيڏي هلائڻ وغيره. ان کان علاوه ڇپائيءَ کي منهن ڏيڻ.

فيروز يڪو لاٽ جي حساب سان پنو وٺندو ۽ اتي به ادائگي ڪيش ۾ ڪندو، جيئن جيتريقدر تي سگهي پنو سستو پوي. ٽئڪسين ۾ ٻين کان ڪٽائڻ بدران پاڻ ئي بسن ۾ ڊوئي حيدرآباد ايندو. هينئر به جڏهن هن جي مالي حالت ڪجهه بهتر ٿي آهي ته به سوزوڪي پاڻ هلائي، سامان ڊوئيندو وتي، جيئن شيءِ (Finished product) جو اڳهه گهٽ کان گهٽ قيمت ۾ پوي ۽ فائدو رکڻ بعد به مقابلي جي مارڪيٽ ۾ خريدار کي مناسب اگهه تي پوي. ڪتاب جو ٽائيٽل به هڪ هڪ ڪري ڇپائڻ بدران ٻن يا ٽن ڪِتابن جا ٽائيٽل گڏ ڇپجڻ بعد هڪ هڪ ڪتاب وڏي پڪائيءَ سان پنهنجين نظرن اڳيان نيڪان ڪندو ۽ ان جي جاچ رکندو ته ڪيترا ڪتاب ڪيڏانهن ويا. منهنجي ليکڪ جي حيثيت ۾ ساٽس شروع کان پئسن جي ڏيتي ليتي ناهي. فيروز طرفان مونکي ڪلي موڪل آهي ته جيترا وٽيم ڪِتاب ڪڻان. پر ساڳي وقت فيروز کي منهنجي اها عادت هرگز نٿي وڻي جو جنهن تنهن دوست يا سڄاڻي کي تحفي طور ڪتاب ڏيندو وتان. فيروز لاءِ ٻين کي به اها شڪايت آهي ته هو ڪتاب تحفي طور ڏيڻ ۾ پڪائيءَ کان ڪم


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

وني ٿو. ڪجهه سال اڳ مون فيروز کي چيو: ”ٻين ليکڪن کي ته پبلشر پئسا ڏين پر تون مونکي ڪتاب به ڪڏهن ڏين ٿو ڪڏهن نه.“

يڪدم بلئنڪ چيڪ ڪڍي چيائين: ”پئسا جيڪي وڻنئي اهي وني سگهين ٿو. ڪتاب به جيڪي وڻنئي اهي ڪٽي سگهين ٿو پنهنجو دڪان اٿئي. پر مفت ۾ ائين ڪتاب ورهائڻ سان هڪ ته گراهڪ خراب ٿين ٿا ۽ ٻيو پڙهندڙن تي اثر پوي ٿو.“

فيروز جي اها ڳالهه مونکي تڏهن سمجهه ۾ نه آئي پر پوءِ سگهوئي اندازو لڳايم ته سواءِ ڪنهن هڪ يا ٻن جي ٻين کي ائين ڪتاب ڏيڻ تي هو پڙهڻ بدران ٻين جي حوالي ڪريو ڇڏين ۽ ويترا چوندا: ”يار هڪ به ٻيو ڪتاب به ته ڏجانءِ. هو ڪتاب فلاڻو ڪٽي ويو.“

يا چوندا: ”پنهنجي ڪتاب جو سيٽ ته ڏجو منهنجي فلاڻي مائٽ دڪان تان ٿي ورتو. تنهن کي جهليم ته اجايو ٿو وٺين پنهنجي دوست الطاف کان سڄو سيٽ مفت ۾ وني ٿو ڏيانءِ.“

سچي ڳالهه ته اها آهي ته جڏهن کان تاجل بيوس ۽ شيخ اياز سان دوستي ٿي ۽ هنن مونکي مفت ۾ پنهنجا ڪتاب موڪلڻ شروع ڪيا ته مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو. هونءَ پئسا خرچ ڪري وني ايندو هوس ته هڪ بدران ٻه ٻه دفعا پڙهندو هوس. خبر ناهي ڇو! شايد فيروز جي ٿيوري صحيح هجي ۽ هونءَ به فيروز جي پڪائيءَ ۾ سندس، بلڪ سندس اداري جو survival آهي. منهنجي خيال ۾ ”پبلشر“ اهو سٺو آهي جيڪو ڪتاب نه فقط سٺي طرح ڇپائي پر ان جي مارڪيٽنگ به ڪري وڃي - يعني مور سان گڏ ڪجهه فائدو به حاصل ڪري سگهي. ان ۾ ليکڪ جي به سلامتي آهي. ڇو جو پبلشر جي کُنجڻ تي ان جي ڇپائيءَ جو ادارو بند ٿي ويندو ۽ پراڻن سان گڏ مستقبل ۾ نون ليکڪن جا ڪتاب ڇپجي نه سگهندا. اهوئي سبب آهي جو پنهنجي هر ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ فيروز سان سختي ۽ کُلي دل سان بحث ڪندو آهيان ته هو منهنجو ڪتاب ڇپائڻ کان اڳ چڱيءَ طرح Feed Back (جائزو) وني ته آيا پڙهندڙ مون کي اجا پڙهڻ چاهين ٿا يا نه ۽ خاص ڪري موجوده ڪِتاب پڙهندڙن لاءِ واقعي دلچسپ ثابت ٿيندو يا اداري تي بار بنبو؟

۽ جيتوڻيڪ فيروز وڏي دل سان هر وقت اهوئي چوندو آهي: ”ادا ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو. ڪتاب هلي يا نه هلي اهو منهنجو Risk آهي.“ پر آئون اهوئي چوندو آهيانس ته ڪتاب سٺو نه هجڻ جي صورت ۾ پبلشر کي اجايو ڇپي مارڪيٽنگ جو مسئلو پيدا نه ڪرڻ کپي. ليکڪ جو موت پلي آڻجي - يعني پڙهندڙن کي پسند نه اچڻ تي ان ليکڪ جا ڪتاب ڇپڻ پلي بند ڪري ڇڏجن. ڇو جو هر آرٽسٽ وانگر ليکڪ جو


ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)




۽ زوال اچي سگهي ٿو. پر ڪنهن به صورت ۾ پبلشنگ اداري جو موت نه اچڻ کپي. پبلشنگ ادارو زنده هوندو ته ٻيا به ڪيترائي ليکڪ پيدا ٿيندا ۽ انهن جون لکڻيون ماڻهن تائين پهچي سگهنديون.

فيروز منهنجي پنجاهه کن ڪتابن مان ٽيهارو کن ته گهٽ ۾ گهٽ ڇپيا هوندا، جن مان ڪيترن جا ٻه يا ٽي ڇاپا به ڪڍيا هوندا ۽ اڃا تائين ڇپي رهيو آهي. ڇپائيءَ کان وڌيڪ سنڌس مارڪيٽنگ جو اسٽائيل پسند اٿم. هن جي ڪتابن جا خريدار ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين ذهين شاگرد ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهن ـ ان جو اندازو مونکي مون وٽ ايندڙ خطن مان به ٿئي ٿو. ائين ته هڪ پبلشر (ڪافي عرصو اڳ ـ 1987ع ۾ ملائيشيا کان ٽن مهينن جي موڪل تي آيو هوس ته) اهڙو مليو. جنهن منهنجي ڪتابن کي وڏي تعداد ۾ ڇپرائڻ چاهيو ٿي.

”ايترا ڪتاب ڪيئن وڪڻي سگهندائو؟“ مون تعجب مان پڇيومانس.

”اهو ڪم آسان آهي.“ هن ٻڌايو، ”تعلقي جي مختيارڪار تي ڪم رکيو آهي، اهو ٽپيدارن کي زوريءَ ڏئي پئسا اوڳاڙيندو.“

”۽ پوءِ ٽپيدار انهن ڪتابن جو ڇا ڪندا؟“ مون پڇيومانس.

”اهي زوريءَ زميندارن کي وڪڻندا.“ هن ٻڌايو.

”۽ پوءِ زميندار اهي ڪتاب پڙهندا ته ڪونه.“ مون چيو.

”پڙهن يا نه پڙهن اسان جو ڪتاب ته نيڪال ٿي ويندو!“ هن وراڻيو.

منهنجي خيال ۾ ڪنهن ليکڪ جو ڪتاب نه پڙهيو وڃي، ان کان وڏو صدمو هن لاءِ ڇا ٿي سگهي ٿو. فيروز کي ڪتاب ڇپائڻ مان ڪو فائدو ٿئي يا نه پر ليکڪ کي خاطري هجڻ کپي ته هن جو ڪتاب ڪنهن جاهل وٽ نه پر سلجهيل شخصيت وٽ پهچي وڃي ٿو.

بهرحال فيروز کي وڏي حياتي نصيب ٿئي، جيئن منهنجا ۽ ٻين جا ڪِتاب ڇپيندو رهي. اسان سنڌس محنتي ۽ خاموش طبيعت جو فقط داد ئي ڏئي سگهون ٿا.

فيروز ٻي جنوري 1947ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ٽن سبجيڪٽن: ايڪانامڪس، پوليٽيڪل سائنس ۽ سنڌيءَ ۾ ايم اي ۽ M.Ed به ڪيل اٿس. 1965ع کان مختلف اسڪولن ۾ تدريسي ڪم شروع ڪيائين ۽ 1996ع ۾ ارڙهين گريڊ ۾، وقت کان اڳ


ڪتب خانو...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

رٽائرمينٽ ورتائين. فيروز کان هڪ دفعو پڇيم تہ پاڻ ڇپائيءَ جو ڪم ڪيئن شروع ڪيائين.

”ماستري ملڻ کان اڳ.“ فيروز ٻڌايو، ”مون سال ڏيڍ حيدرآباد جي ميونسپالٽي ۾ ڪلارڪ ٿي ڪم ڪيو، جتي طارق اشرف ٽپيدار هو ۽ ساڻس دوستي ٿي وئي. اتان ڪان اسان سهڻي رسالي ۽ سهڻي پبليڪيشن جي ڪتابن جو ڪم ڳڏ ڳڏ شروع ڪيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ مون پنهنجو ادارو (نيو فيلڊس نالي) شروع ڪيو.“

فيروز جي فئملي سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل فئملين ما ن هڪ آهي، جنهن جو تدريس جهڙي نيڪ ڪم سان گهڻو واسطو رهيو آهي. هي پاڻ ۾ ڇهہ ڀائر ۽ چار ڀيڻون آهن. وڏو ڀاءُ نثار احمد وڪيل آهي، ٻيو نمبر ممتاز احمد گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ پروفيسر آهي. سڀ ۾ ننڍو ڀاءُ منور پڻ مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهائي ٿو. فيروز جي والد صاحب ـ جناب محمد صالح کي هڪ ٻئي ڀاءُ ”چاچو الله بخش“ هو، جنهن جا فرزند: بشير احمد ۽ نظير ميمڻ پڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر رهي چڪا آهن. اڄڪلھ هو آمريڪا ۾ آهن.

فيروز جو هڪ ڀاءُ اقبال انشورنس ڪمپنيءَ ۾ آهي ۽ ڪانئس ٻہ سال کن وڏو ۽ اسان جو همعمر انور ميمڻ مرچنٽ نيوي ۾ آهي. جڏهن اسان مئرين انجنيئرنگ جي تعليم چٽگانگ بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ مشرقي پاڪستان) مان وٺي رهيا هئاسين تہ هي (انور اهائي تعليم يوگوسلاويا جي هڪ اهڙي اڪيڊميءَ مان وٺي رهيو هو. ڪجھ سالن پڇاڙان اسان جو جهاز يوگوسلاويا جي شهر رائيڪا پهتو تہ اتي ساڻس ملاقات ٿي، جنهن شهر مان هن شادي پڻ ڪئي آهي. اڄڪلھ جرمنيءَ ۾ Shore Job ڪري ٿو. مون کي ان وقت اها خبر نہ هئي تہ هو فيروز جو ڀاءُ آهي. ڪيترائي سال گذرڻ بعد هڪ ڏينهن فيروز ٻڌايو تہ جنهن انور جو ذڪر مون هڪ سفرنامي ۾ ڪيو آهي، اهو هن جو وڏو ڀاءُ آهي. هڪ ٻيو انور ميمڻ چاچي فقير محمد (بسوءَ) جو پٽ، جيڪو منهنجو ستين ڪلاس کان انٽر تائين ڪئڊٽ ڪاليج ۾ ڪلاس ميٽ رهيو ۽ هاڻ ڪافي عرصي کان ڪئناڊا ۾ settled آهي، پاڻ فيروز جو مائٽ ۽ پاڙيسري آهي. هڪ دفعي جناح اسپتال جي مشهور ڊينٽل سرجن پروفيسر مشتاق ميمڻ منهنجي ڏندن جي چيڪ اپ ڪندي چيو تہ تنهنجا ڪتاب جيڪو ڇپي ٿو اهو منهنجو مامو آهي. فيروز کي چيم تہ هو مونکان ٻہ وڏو آهي ان جو تون ڪيئن مامو ٿئين؟

”ان ڪري جو آئون سڀ ۾ ننڍو آهيان ۽ منهنجيون ڀيڻيون سڀ ۾ وڏيون آهن.“


ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

فيروز جي هڪ ٻي ڀيڻ ـ حسن علي ميمڻ صاحب جي گهر واري آهي، جنهن جو هيرآباد حيدرآباد ۾ پراڻو ڊئري فارم (ڪير مکڻ) جو بزنس آهي. سندس وڏي ڌيءَ حاجاڻيءَ جو گهوٽ اسان جو دوست ۽ ڳوٺائي ڊاڪٽر احمد علي قريشي آهي. سندس شادي ٽيهه سال کن اڳ ٿي، جنهن ۾ فيروز منهنجي پرسان وينو هو پر نه مون پڇيومانس ۽ نه پاڻ ٻڌائين ته ڪنوار سندس ڀاڻيجي آهي. ٻه سال کن اڳ ڊاڪٽر احمد علي حاجاڻيءَ جي وڏي ڌيءَ انجنيئر خديجا (رومانا) جي شاديءَ تي فيروز پنهنجي مائٽي ٻڌائي ته مونکي تعجب لڳو ته واقعي دنيا ننڍڙي آهي. فيروز جو هڪ ٻيو ڀيٽريو نجم ميمڻ آهي، جيڪو سئي گئس ۾ چيف انجنيئر آهي.

انتساب لکندي هي فيروز جي ويجهن مائٽن جو ذڪر آئون پاڻ ڪٽي وينو آهيان نه ته فيروز ڪڏهن ٻه پنهنجن مائٽن يا دوستن ذريعي ٻين کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هوندي. سنو يا خراب جيڪي ڪجهه هو پاڻ آهي ان جي بنياد تي هو پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ چاهي تو ۽ ان ۾ ئي هن جي greatness (عظمت) آهي. پاڻ هر قسم جي شو (Show) شا ڪان پري رهندو اچي. هو سادگي واري زندگي ۽ حقيقت جي دنيا ۾ ئي رهڻ چاهي تو.

فيروز جي 20 مئي 1979ع تي رضوانا سان شادي ٿي. کيس چار ڌيئون: شاداب، انيڪا، سمبلا ۽ رمشا ۽ هڪ پٽ مستفيض آهي.

فيروز کي سگا طرفان بهترين ڇپائيءَ جا ٻه دفعا انعام ملي چڪا آهن. هڪ دفعو شيلڊ ۽ ٻيو دفعو گولڊ ميڊل.

**الطاف شيخ**

نومبر 1998ع



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# هن نئين چاپي لاءِ

هن سفرنامي (جت جر وهي تو جال) کي وڌيڪ سمجهڻ خاطر پڙهندڙن لاءِ ڪجهه ڳالهيون هتي شروعات ۾ لکڻ ضروري سمجهان ٿو.

پاڻيءَ جي جهاز کي هلائڻ لاءِ ٻه ڌريون اهم آهن: نيويگيٽر ۽ مئرين انجنيئر. (جهاز جي مشين کي سمجهڻ، هلائڻ ۽ ضرورت وقت صحيح ڪرڻ واري انجنيئر کي "مئرين انجنيئر" سڏجي ٿو.) جيئن ته پاڻيءَ جو جهاز لڳاتار هلائڻو پوي ٿو ـ ڏينهن رات چوويهه ئي ڪلاڪ ۽ هفتي جا ست ڏينهن. (۽ ڪڏهن منزل پري آهي، جيئن ڪوالالمپور کان ڪئناڊا جي ڊورانهين بندرگاهه تائين پهچڻ ۾ مهيني کان به مٿي لڳيو وڃي). ان ڪري پاڻيءَ جي جهاز کي هلائڻ لاءِ هڪ بدران ڇهه ست مئرين انجنيئر اوترائي نيويگيٽر تين ٿا، جيئن وار وٽيءَ تي هڪڙا جهاز کي هلائن ته ٻيا سامان ۽ مشينري جي نگهباني ۽ مرمت ڪن ته ٽيا آرام ڪري وٺن. (ٻين لفظن ۾ سمنڊ تي هلندڙ ڪنهن به جهاز تي ڏينهن رات ٽئي ئي ڪونه. چاهي صبح هجي، شام هجي، يا اڌ رات! ڪي ڊيوٽي ڪندي نظر ايندا ته ڪي آرامي هوندا). اڄڪلهه جي ماڊرن ۽ آٽوميٽڪ جهازن کي هلائڻ لاءِ ڪجهه گهٽ ماڻهن جي ضرورت آهي.

انهن نيويگيٽرن (جن کي ڊيڪ آفيسر به سڏجي ٿو) ۽ مئرين انجنيئرن جي تعليم لاءِ جيڪو ادارو آهي، ان کي "مئرين اڪيڊمي" سڏجي ٿو. اڄڪلهه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾. ان قسم جون اڪيڊميون آهن. سريلنڪا، ايران، سنگاپور ۽ مصر ۾ ته آهن پر ويندي فجي ۽ پاپانيوگني جهڙن ٻيٽن تي به آهن جن ملڪن کي نه پنهنجي جهازران ڪمپني آهي ۽ نه وري جهاز. هو ٻين ملڪن جي جهازن لاءِ پنهنجا نوجوان تيار ڪن ٿا ۽ غير ملڪي ناڻو ڪمائين ٿا.

1960ع تائين ايشيا کنڊ ۾ هن قسم جي مئرين اڪيڊمي فقط روس ۾ هئي ۽ ٻي بمبئي (هندستان) ۾. جپان ۾ به نه هئي. ان بعد 1962ع ۾ چٽگانگ (بنگلاديش) جي پرسان هڪ ٻيٽ "جلديا" تي کلي ۽ هر سال مشرقي ۽ مغربي پاڪستان مان انٽر سائنس (مئٽس) پاس ڪيل اميدوارن مان پنجاهه کن هن اڪيڊميءَ لاءِ چونڊيا ويا ٿي، جن مان اڌ شاگرد مئرين انجنيئرنگ برانچ لاءِ ۽ اڌ ناٽيڪل (Navigation) برانچ لاءِ. انٽر ڪرڻ بعد 1963ع جي شروعات ۾ آئون به هن اڪيڊمي ۾ مئرين انجنيئرنگ ڪئڊٽ جي حيثيت سان چونڊيو ويو هوس. 1971ع کانپوءِ پاڪستان لاءِ نئين اڪيڊمي ڪراچيءَ ۾ هاڪس بي ڏي ويندڙ رستي تي هڪ ڳوٺ "مارپيور" ۾ نهي. 1975ع ڌاري ملائيشيا، سنگاپور،


ڪتب خانہ... واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڈمن: امير عدنان 03337516944)

سريلنڪا ۽ ايران جهڙن ملڪن پاڻيءَ جا جهاز ورتا، جن ڪي شروع ۾ اسان پاڪستاني هلائيندا هئاسين ۽ پنهنجن ملڪن جا ماڻهو تيار ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجا نوجوان هندستان، بنگلاديش ۽ پاڪستان جي مئرين اڪيڊمين ۾ موڪليا. پر پوءِ جيئن جيئن ڪين وڏيڪ آفيسرن جي ضرورت پوندي ويئي، تيئن تيئن هر ملڪ پنهنجي مئرين (يا مئريٽائيم) نالي اڪيڊمي کولڻ شروع ڪئي. ايران پنهنجي اڪيڊمي ”چابهار“ نالي بندرگاهه ۾ کولي ۽ اها اڪيڊمي اتي جي بلوچستان يونيورسٽي سان لاڳاپيل آهي. عربن شارجا ۾ کولي ته مصرين السڪندريا ۾. ملائيشيا جي هڪ پراڻي شهر ۽ بندرگاهه ملاڪا ۾ جهاز جي خلاصين لاءِ هڪ اسڪول اڳهين هو، اتي هنن 1982ع ڌاري مئرين اڪيڊمي کولي جنهن لاءِ هنن کي پڙهائڻ وارن جي ضرورت هئي. ان لاءِ ملائيشيا حڪومت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اشتهار ڏنا ته جهازن جا ڪئپٽن يا چيف انجنيئر جيڪڏهن پڙهائڻ چاهين ته هن اڪيڊمي ۾ نوڪريءَ لاءِ درخواست موڪلين. آئون جهاز جو چيف انجنيئر ٿي چڪو هوس ۽ مونکي ماستريءَ جو شوق هو ۽ ڪجهه عرصي کان ڪراچيءَ جي PNSC مئرين ڪاليج ۾ ”Post Sea“ وارن کي پڙهائي رهيو هوس.

جهاز جي آفيسرن کي ڪناري جي نوڪري جهاز جو ڪئپٽن يا چيف انجنيئر ٿيڻ بعد ملي ٿي. ملائيشيا جي هن مئرين اڪيڊمي ۾ ”مئرين انجنيئرنگ“ جا سبجيڪٽ پڙهائڻ لاءِ مون کي پڻ چونڊيو ويو. مون کان علاوه پاڪستان مان هڪ ٻيو چيف انجنيئر مرحوم آصف غيور هو ۽ ناٽيڪل برانچ لاءِ ڊربيلي جو ڪئپٽن احمد حسين مخدوم ۽ لاهور جو ڪئپٽن ذوالفقار عباسي چونڊيو ويو هو. ڪئپٽن ذوالفقار سان منهنجي ملائيشيا ۾ واقفيت ٿي، باقي چيف انجنيئر آصف ۽ ڪئپٽن مخدوم سان پهرين ڪاليج ۾ ۽ پوءِ اڪيڊمي جي ڏينهن کان جاڻ سڃاڻ هئي. سندن تفصيلي احوال ملائيشيا ۽ سنگاپور بابت سفرنامن: ”مڪلي کان ملاڪا“، ”سنگاپور ويندي ويندي“ ۾ اچي چڪو آهي. سال سوا بعد ٽي ٻيا ڪئپٽن پاڪستان کان آيا. ڪئپٽن سيد محمد سليم، ڪئپٽن عرفان فاروقي (جنهن جي زال ڊاڪٽر نرگس قاضي پاٽ/دادو جي قاضي فئملي مان آهي) ۽ ڪئپٽن عثمان. اسان پاڪستانين کان علاوه ٻيا انڊيا، برما، انڊونيشيا، سنگاپور ، انگلينڊ وغيره جا هئا. هڪ سک ڪئپٽن سردار تيجپال سنگهه سوڊي پڻ هو.

ملائيشيا جي هيءَ اڪيڊمي ملاڪا شهر کان چاليهه ڪلوميٽر کن اتر ۾ ۽ سؤ ڪلوميٽر کن ڪوالالمپور کان ڏکڻ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آهي. اسان Expatriates (نوڪريءَ لاءِ آيل ڌارين ملڪن جي ماڻهن) لاءِ رهائش اڪيڊمي ڪئمپس ۾ ئي هئي. موڪل جي ڏينهن تي خريداري يا چڪر لاءِ ملاڪا شهر ويندا هئاسين. گهڻا ڏينهن



ڪتب خانه... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

موڪل تي ڪوالالمپور ۽ ملائيشيا جي ٻين شهرن: جوهوربارو، اپوح، پينانگ، شاهه عالم وغيره گهمڻ لاءِ هليا ويندا هئاسين يا وري پر وارن ملڪن: سنگاپور، ٿائيلنڊ يا انڊونيشيا ويندا هئاسين. انڊونيشيا سمنڊ رستي باقي ٿائلنڊ ۽ سنگاپور باءِ روڊ يا ريل گاڏيءَ ۾ وڃڻ ٿيندو هو.

آئون ملاڪا ۾ 1990ع جي آخر تائين اٽڪل اٺ سال ڪن يڪا رهيس. ان وچ ۾ فقط هڪ دفعو 1987ع ۾ ڳوٺ (پاڪستان) اچڻ جي ڪجهه هفتا موڪل ملي هئي. باقي ويجهڙائيءَ وارن شهرن ۽ ملڪن ۾ هر وقت چڪر لڳندا رهيا ٿي. هن ڪتاب ۾ گهڻو ٽڙو احوال ملائيشيا جي ٻن اهم شهرن: ڪوالالمپور ۽ پينانگ جو آهي.

ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جي ملڪن ۾ ڪٽي گرم مسالو ٿئي ٿو، جنهن ڪارڻ ڌارين ملڪن جا ـ خاص ڪري چين، عرب، ننڍي کنڊ ۽ يورپ جا ماڻهو آيا ۽ هي ملڪ مشهور ٿيا پر حقيقت ۾ هنن ملڪن جي مشهوري ۽ اهميت ڪين سندن جاگرافيائي حالتن ڪري ملي. اهي ساڳيا ملڪ هڪ ٻئي جي ويجهو هجڻ بدران جيڪڏهن پري ڌار ڌار ڪٽي وچ سمنڊ ۾ هجن ها ته سندن جاڻ ۽ مانُ پاپانيوگني جهڙو يا وڌ ۾ وڌ فلپين جيترو هجي ها. ڪو ڪم سانگي ئي اچي نڪري ها باقي هلي ملي نه اچي ها.

ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ڪان پهرين هندي وڏو سمنڊ آهي، جنهن جو به خوفناڪ حصو خليج بنگال آهي ۽ ٻئي پاسي ڏکڻ چيني سمنڊ آهي. اهو سمنڊ به سال جو وڏو حصو بگڙيل ئي ملي ٿو. اهي سمنڊ ُلڪرندي غريب جهازين ۽ جهاز جو سر رليو ٿو وڃي. طوفان ۽ سامونڊي چوليون اڄ جي ماڊرن جهاز ۽ ان جي هلائيندڙ کي به بيزار ڪريو رکن، پراڻي زماني ۾ ته اهي سمنڊ ٽپڻ نئين حياتي ماڻڻ هوندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ ملاڪا نار ۾ پهچڻ سان فرحت اچيو وڃي. ”ملاڪا نار“ انڊونيشيا ۽ ملائيشيا جي وچ واري سامونڊي گهٽي آهي. ملائيشيا سان انڊونيشيا جا ٻيٽ (جاوا، سماترا، بالي وغيره) نه مليل آهن ۽ نه گهڻو پري آهن. ٻن وڏن سمنڊن جي وچ ۾ ملاڪا نار (Malacca Strait) جڻ هڪ گهٽي ٿي، جنهن ۾ پهچڻ سان چولين ۽ طوفانن جو اثر ختم ٿيو وڃي ۽ سنگاپور تائين ڏينهن ٻن جو سفر آرام سان گذري ٿو. ملاڪا نار ۾ جهاز جهڙو تالاب ۾ پيو هلي. اڄ به ملاڪا نار جو هي سفر هندي وڏي سمنڊ جي هفتي جي سفر جو ٿڪ پڇيو ڇڏي ۽ اڳتي چيني سمنڊ لتاڙڻ جو حوصلو ۽ همت ڏئي ٿو. سو هيءَ ملاڪا نار نه فقط اڄ جي جهازين لاءِ اهم آهي پر اڳئين زماني جي جهازين لاءِ اڄ ڪان به وڌيڪ اهم هئي. هو چين ڪان هندستان ۽ عرب ملڪن ڏي ويندي يا يورپ جا جهازي چين ڏي ايندي هن نار مان لنگهيا ٿي. پوءِ ڪي ساڄي پاسي انڊونيشيا جي ڪنهن بندرگاهه ۾ ته ڪي کاٻي پاسي ملائيشيا جي ڪنهن بندرگاهه ۾ لنگر ڪيرائي ڏينهن جا ڏينهن بلڪ مهينا



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ترسيا تي، جيسين موسم بدلجي ۽ هوا جي رُخ ڦرڻ مان فائدو وٺي سڙهن وارا ٻيڙا هلي سگهن. انهيءَ ترسڻ واري پيرڊ ۾ هنن پنهنجي جهازن کي رسيل نقصان جي مرمت ڪئي ٿي. ٽڪ پڳو ٿي. ڪيترن تہ اڳتي وڃڻ بدران اتي ئي ٻي ڌر کي سامان وڪڻي ڏنو ٿي، جيڪا Transshipment اڄ بہ هن پاسي عام آهي. ڪيترن عربن، بنگالين، گجراتين، ملبارين ۽ چينين تہ هتي گهر وٺي رهائش شروع ڪئي، پوءِ هِتي ئي شاديون مراديون ڪيائون يا پنهنجي وطن مان پرڻجي وري موٽي آيا. انهن جا نهرايل مندر، مسجدون، پگوڊا ۽ ٽڪاڻا اڄا تائين قائم رکيا ويا آهن.

اڳتي هلي جڏهن ڪل جا جهاز نڪتا تہ ڊچن، پورچوگالين، انگريزن، فرينچن پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ ملائيشيا ۽ انڊونيشيا تي قبضو ڪيو. هنن کي مسالن هڪ طرف موهيو تہ ٻئي طرف ملاڪا نار جي ماني سمنڊ ڪري سندن هتي پهچڻ سولو هو ۽ هنن ملڪن کي قبضي ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ هتان لنگهندڙ هر ملڪ جي جهاز کي اک ۾ رکڻ ۽ پنهنجي ڳالھ مڃرائڻ سولو ڪم ٿي پيو.

ڪوالالمپور شهر سمنڊ جي ڪناري تي نہ آهي. ان ڪري پراڻن ڏينهن ۾ ڪوالالمپور ڪجهہ بہ نہ هو. پينانگ، ڪلانگ اهم شهر ۽ بندرگاهہ هئا. اڄ کان ڏيڍ سؤ کن سال اڳ (1850ع ڌاري) هن هنڌ تي جتي هاڻ ڪوالالمپور آهي، ٽين جون کاڻيون مليون ۽ راجا عبدالله ۽ راجا جمعت جهڙن ملئي سردارن چينين کي گهرائي کوٽائي شروع ڪئي ۽ ماڻهو جهوپڙيون ناهي رهڻ لڳا. هي اهو هنڌ هو جتي هتي جي ڪلانگ ۽ گومباڪ نديون اچيو ملن ٿيون. ٽين جي کوٽائي ۽ وڪري ڪري اوسي پاسي جي ملڪن جا غريب پورهئي لاءِ هتي اچڻ لڳا ـ خاص ڪري چين ملڪ کان. نالي ماتر سلطان راجا هتي جا ملئي مسلمان هئا پر متانهون هٿ انگريزن جو هو، جن سڄي ملائيشيا مان ڊچن ۽ پورچوگالين کي موکل ڪرائي ڇڏي هئي. پورچوگالي مٿي مڪائو کان وڃي نڪتا، باقي انڊونيشيا کي ڊچ ڇهتيا رهيا، تان جو سوڪارنوءَ انڊونيشيا کي آزادي ڏياري ۽ هيڏانهن تنڪو عبدالرحمان ملائيشيا کي انگريزن کان جان ڇڏرائي.

انگريزن جي هڪ ڳالھ تعريف جوڳي آهي تہ جنهن بہ ملڪ تي قبضو ڪيائون ٿي ان تي ٻين يورپي ملڪن جي حڪومتن وانگر ڦرلٽ ضرور ڪيائون ٿي پر ساڳي وقت ان ملڪ کي ناهڻ جي بہ ڪوشش ڪيائون ٿي. ملائيشيا ۾ انگريزن رستا ۽ اسڪول ناهيا، اسپتالون ۽ ريلوي اسٽيشنون ناهيائون. تار ٽپال ۽ پوليس کان وٺي عدالتن جو نظام ڏنائون. ملائيشيا ۾ جيئن ئي ٽين ايجاد ٿيو تہ ان ڪم لاءِ چين مان چيني ماڻهو گهرايا ويا. ربڙ جي پوک لاءِ ڏکڻ هندستان کان ماڻهو آندا ويا، جيڪي سخت گرمي ۽

مينهوڳيءَ ۾ گهاٽن بيلن ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا. واپار وڙي ۾ دڪاندارن لاءِ انگريزن سنڌي هندن ۽ گجراتين جي همت افزائي ڪئي. پوليس، چوڪيداري ۽ فوج لاءِ پناڻ، پنجابي ۽ گورکا آيا. اڄ به ملائيشيا ۾ اصلي ملئي مسلمانن کان وڌيڪ نه ته اوترائي چين ۽ ننڍي کنڊ جا ماڻهو رهن ٿا، جن مان ڪجهه ته صدين کان ٿورا ٿورا ٿي آيا پر گهڻا ٽڪا ڳاڙن جي حساب سان انگريزن جي دور ۾ آيا. ملائيشيا ۾ ٽي چٽيون چٽاٽيون قومون رهن ٿيون: هڪ ”ملئي“ (جيڪي سڀ مسلمان آهن) ۽ بوميپترا ـ يعني ڌرتيءَ جا پٽ سڏجن ٿا. ٻي قوم ”چيني“ سڏجي ٿي، جيڪي گهڻي ڀاڱي ٻڌ آهن. ڪجهه عيسائي ۽ لامذهب آهن. هنن جون ڪوڙ زبانون آهن. چو ته هو چين جي هڪ صوبي بدران مختلف صوبن مان ملائيشيا ۾ آيا. چينين جون خاص زبانون ڪينٽونيز، مندارن، هڪا، ٽيوچو وغيره آهن. اهوئي سبب آهي جو چيني پاڻ ۾ ملڻ وقت ملئي يا انگريزي ڳالهائين ٿا جو هڪڙن چينين کي ٻين چينين جي چيني زبان سمجهه ۾ نٿي اچي. ٽين قوم ”انڊين“ سڏجي ٿي، جنهن ۾ تامل، مدراسي، گجراتي، ملباري، سک، هندو سنڌي، ويندي اهي پنجابي ۽ پناڻ اچي وڃن ٿا، جن جا ورهاڱي بعد مٽ مائٽ هاڻ پاڪستان ۾ آهن، ۽ گورکا ۽ بنگالي پڻ اچي وڃن ٿا.

انگريزن 1947ع ۾ ننڍي کنڊ کي ڇڏيو ۽ 31 آگسٽ 1963ع تي ملائيشيا کي آزادي ڏني. سندس پهريون وزير اعظم تنڪو عبدالرحمان ٿيو، جيڪو ملائيشيا جي وڏي سياسي پارٽي ”يونائيٽيڊ ملئيز نئشنل آرگنائيزيشن“ (UMNO) جو ليڊر هو. ان بعد تن عبدالرزاق پرائيم منسٽر ٿيو. ٻنهي وڏي تدبر ۽ عقلمنديءَ کان ڪم وٺي علائقائي جهيڙا ختم ڪرايا. ڪميونسٽ عناصر کي قابوءَ ۾ رکيو. چيني آباديءَ جي ٻي چيني دور ڪئي. سنگاپورر جي علحدگي ۽ انڊونيشيا سان اختلافات ختم ڪرايا ۽ ان سان گڏوگڏ ملئي قوميت جي تصور کي حقيقت جي شڪل ڏني. ان تاريخي پس منظر ۾ 1981ع ۾ مهاتيرمحمد جوان ۽ جوش واري قائد جي صورت ۾ ملائيشيا جي سياسي افق تي نمودار ٿيو ۽ سترهن سال گذرڻ بعد به حڪومت جون واڳون هن جي هٿن ۾ آهن. مهاتير جي ان ڏکي حڪومت ۾ ملائيشيا تمام گهڻي ترقي ڪئي. کليل مارڪيٽ هجڻ ڪري ماڻهو هتي گهڻي پئماني تي پئسو سيڙائڻ لڳا. چوڌاري ڪارخانا کلي ويا. امن امان ۽ قاعدي قانون جو معيار سخت ڪيو ويو. نتيجي ۾ ٿوري ئي عرصي ۾ ملائيشيا جو سڪو رنگٽ (ڊالر) دنيا جي مضبوط ترين ڪرنسين ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ربڙ، تيل ۽ پام آئل مان به خوب پئسو اچڻ لڳو. ڏسندي ئي ڏسندي هي ملڪ يورپ جي سراواڪ ملڪن جهڙو ٿيڻ لڳو. صاف سٿرو. ماڊرن ۽ سهولتن وارو. دنيا جي وڏي ۾ وڏي عمارت جاڙا ٽاور (Petronas Twin Towers) ملائيشيا جي ترقيءَ جو ڏيک ڏئي ٿي. گڏريل



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سال کان نہ فقط ملائيشيا پر پر وارا ملڪ انڊونيشيا، ٿائلنڊ وغيره اقتصادي بحران ۾ اچي ويا. آهن ـ ڏسندي ئي ڏسندي سياسي مسئلا بہ وڌي ويا آهن، جن هٽي انڊونيشيا جي سهارتو جهڙي کي ڍاهي رکيو، جيڪو گذريل پنجٽيھ سالن کان لٺ سردار بڻيو وينو هو. ملائيشيا ۾ مهاتير جي جانشين نائب صدر انور ابراهيم جي گھوٽالي سڄي ملڪ کي لوڏي رکيو آهي ۽ هڪ ملڪ کي ترقيءَ جي اوچائين کي ڇهي ائين ڪرندو ڏسي ڏک ٿئي ٿو.

آزاديءَ کان اڳ ملائيشيا ”ملايا“ سڏي ويندي هئي. اڄ جي ملائِشيا ۾ تيرهن رياستون آهن، جن مان يارهن: جوهور، ملاڪا، پهانگ، سلينگور، پيراڪ، پينانگ، پرلس، ترنگانو، ڪيداح، نينگري سيمبيلان ۽ ڪئانتان ”ويسٽ ملائيشيا“ سڏجي ٿو ۽ ٿائلنڊ ۽ سنگاپور جي وچ ۾ آهي. باقي بہ رياستون: صباح ۽ سرواڪ بورنيو ٻيٽ تي بروناءِ پرسان آهن. اهي بہ رياستون ”ايسٽ ملائيشيا“ سڏجي ٿي.

ملائيشيا جي تيرهن رياستن مان نون جو والي وارث اتي جو سلطان آهي. انهن نون سلطانن مان واري وٽيءَ تي هڪ هڪ پنجن سالن لاءِ سڄي ملائيشيا جو بادشاهہ ٿي رهي ٿو. باقي چئن رياستن: ملاڪا، پينانگ، صباح ۽ سراواڪ جو حاڪم گورنر ٿئي، جنهن کي ملڪ جو بادشاهہ مقرر ڪري ٿو. بهرحال سلطان ۽ گورنر فقط نالي جا ”هيڊ“ ٿين. ملڪ ۾ باقاعدي اليڪشنون ٿين ۽ ملڪ جو انتظامي ڪاروبار وزير اعظم هلائي (جيڪو ملئي زبان ۾ پرڌان منتري سڏجي ٿو) ۽ رياستن جو چيف منسٽر ـ جيئن پاڻ وٽ صوبن ۾ آهي. (چيف منسٽر کي ملئي زبان ۾ ”مينتري بيسار“ سڏين.)

مختلف رياستن جي سلطانن جي ٻارن جي پاڻ ۾ شادي ٿيڻ ڪري پاڻ ۾ متي مائٽي بہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن سندن هڪ ٻئي سان تلخيون بہ لڳيون رهن ٿيون. گهٽي پئسي ۽ پاور ڪري سندن ڪجھ ڪجھ ٻارن جو رجحان عياشي ڏي بہ آهي پر گهٽي ڀاڳي سيني سلطانن جا مٽ مائٽ ۽ ٻار اعليٰ تعليم يافتہ آهن. واپار ۽ ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ ماهر آهن ـ بقول هڪ يورپين جي تہ ملائيشيا جي هنن سلطانن جي سلطاني هلي وڃي تہ بہ هنن کي پرواهہ نہ رهندي، جو هو پڙهيل ڳڙهيل هجڻ کان علاوه عام ماڻهوءَ وانگر روزگار ڪمائي ڄاڻن ٿا. سندن ملائيشيا ۾ توڙي ملائيشيا کان ٻاهر وڏيون نوڪريون، واپار ۽ فئڪٽريون آهن، جيڪي هنن ڦرمار ڪري نہ پر محنت مزدوري ڪري، پئسي کي صحيح طرح Invest ڪري، ان فيلڊ جي چڱيءَ طرح ڄاڻ ۽ سکيا وٺي حاصل ڪيون آهن.



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ملائيشيا جي هنن سلطانن (جن مان هر هِڪ واري تي سڄي ملڪ جو بادشاهه ٿئي ٿو). جي شان شوڪت، مال دولت کي ٿو ڏسجي ته اسان جا پير، مير، وڏيرا، چوڌري ڪجهه به نه آهن. هي جي چاهين ته سندن ست پيڙهيون بنا محنت جي گهر ويني ويهي کائين پر مون ڪيترن جي گهرو زندگيءَ جو جائزو ورتو آهي ته تعجب ٿو لڳي ته هو پنهنجن ٻارن کي عيش ۽ آرام جي زندگي گذارڻ جي ترغيب ڏيڻ بدران هنن کي عام ٻارن کان به وڌيڪ تعليم ۽ تربيت ڏين ٿا. ڪين مشڪل زندگي گذارڻ جي سکيا ڏين ٿا ۽ نه فقط پٽ ٻارن کي پر ڌيئرن کي پڻ. نماز روزي (مذهبي ڪمن) سان گڏ مغربي تعليم، رانديون رونديون، ڪسرت ڪرڻ لاءِ ترجيح ڏين ٿا. هنن جو ڏينهن فجر نماز کان شروع ٿئي ٿو ته رات وڃيو ٿئي. هڪ مولوي پڙهايو وڃي ته انگريزيءَ جو ٽيچر يا راندين جو ڪوچ ڪجهه نه ڪجهه سيکارڻ لاءِ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح هنن جا ٻار سڄو ڏينهن پڙهائي، علم ۽ هنر سکڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن ۾ مشغول رهن ٿا جن سان سندن ذهني توڙي جسماني صحت صحيح رهي ٿي. ملڪ جي قاعدي قانون جي نه فقط عام ماڻهو پر حاڪم ۽ سلطان به عزت ڪن ٿا ـ جنهن جا مثال اسان جهڙن ماڻهن لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ آهن. بلڪ اسان کي هتي جي ماڻهن ۽ حاڪمن جون ڳالهيون ٻڌي غيرت ۽ شرم اچڻ کپي ۽ هنن جون هي سٺيون ڳالهيون سکي پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ کپي.

هڪ رياست جي سلطان جي پٽ شهر ۾ گاڏي تيز رفتاريءَ سان هلائي. پوليس سندس چالان هڪ طرف ڪيو ۽ پيءُ کي خبر پيئي ته هن ماڻهن اڳيان پٽ کي ٺڦڙ وهائي ڪڍي ته اهڙي ٽرڙپائي ڇو ڪئي! ۽ اسان وٽ ـ؟ اسان وٽ وڏ ماڻهپي ئي اهڙي ٽرڙپائي ڪرڻ ۾ سمجهي وڃي ٿي.

ملائيشيا ۾ غلط ڪم ڪرڻ تي هڪ چوڪرات پوليس وارو به توهان کي نه ڇڏيندو. باقي هونءَ ڪجهه پڇڻ لاءِ يا ڪنهن مدد لاءِ پوليس جي اعليٰ عملدار سان ڳالهائيندائو ته هو توهان کي انگريزيءَ ۾ sir يا ملئي ۾ انچڪ (جناب) ۽ ٽئان (عزت ماب) چئي مخاطب ٿيندو. هڪ پوليس جي ڊي ايس پي رئنڪ جي آفيسر کان ان جو سبب پڇيم ته وراڻيائين: ”عوام ئي ته اسان جي باس آهي. ان جي ئي ته ڏنل ٽئڪس مان اسان کي پگهارون ملن ٿيون. ڏوهاريءَ کي ڇڏي باقي ماڻهو اسان لاءِ باعزت آهن ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ اسان جو فرض آهي.“

هڪ دفعي آئون پنهنجي آفيس جي اعليٰ عملدار داتڪ ڪئپٽن حمزه بن نور سان گڏ ملاڪا کان ڪوالالمپور ڪنهن سرڪاري ڪم سان سندس سرڪاري نشان واري مرسيڊيز ڪار ۾ وڃي رهيو هوس. سندس ٽرڙو ڊرائيور ڪن ڪن هنڌن تان اجائي



ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سجائي اوورٽيڪ ڪندو رهيو. هڪ هنڌ پوليس جي نظر کان بچي نه سگهيو ۽ پوليس واري موٽر سائيڪل تي ڪانئس اڳ نڪري اچي گاڏي جهلي. اسان وٽ کهڙو پوليس وارو ڪنهن سرڪاري گاڏي کي جهلي سگهندو سو به تڏهن جڏهن ڪو سرڪاري ڪامورو يا فوجي ان ۾ وينو هجي!

پوليس واري ڊرائيور کي گاڏيءَ مان لهڻ جو حڪم ڏيئي پاڻ ڏي سڏيو ۽ تيسين پاڻ چالان جي پرچي لکڻ لڳو. پوئين سيٽ تي منهنجي پر ۾ وينل ڪئپٽن حمزي ساڳي لهجي ۽ سڪون سان مون سان ڪنڌڙ ڳالهه جاري رکي، جيڪا هن پوليس واري جي پيڇو ڪرڻ کان اڳ شروع ڪئي هئي. ڊرائيور گاڏي بيهاري پنهنجو لائسنس ڪڍي هيٺ لٿو ۽ پوليس واري ڏي ويو ته به اسانجو هي وڏو عملدار (ڪئپٽن حمزو) جيڪو نه فقط هڪ وڏي درجي جو آفيسر آهي پر ملڪ جي بادشاهه جو پڻ خاص ماڻهو آهي، سو ساڳي Composed نموني سان ڳالهائيندو رهيو، ڄڻ ڪا ڳالهه ئي نه ٿي هجي. آئون جنهن ملڪ جو ۽ جنهن ماحول کان واقف هن قسم جي هيءَ واردات ڏسي وائڙو ٿي ويس ۽ سندس ڳالهه ٻڌڻ بدران لوٽا ڦيرائي ڪڏهن ڊرائيور کي پيو ڏسان ته ڪڏهن پوليس واري کي. ساڳي وقت پنهنجي باس جي چهري کي پيو ڏسان ته هو ڪيئن ٿو React ڪري. اسان جي حساب سان ته هن کي ان ڳالهه کي پنهنجي بي عزتي سمجهي هڪ "خصيص" پوليس واري کي دٻ ڪيڻ کتي ٿي يا پنهنجي ڊرائيور کي ڪار بيهارڻ يا هيٺ لهڻ کان منع ڪرڻ کتو ٿي. پر هن اهڙي سڪون سان ڳالهه قائم رکي، ڄڻ اسان ڪنهن ٻي دنيا ۾ ته ڪٿي نه پر ٻي ڪار ۾ هجون ۽ هيءَ واردات ڪنهن ٻئي ڪار جي ڊرائيور سان ٿي رهي هجي، جنهن سان اسان جو واسطو نه هجي.

ٿوري دير بعد ڊرائيور پنهنجو "منهن" ۽ هٿ " ۾ چالان جي پرچي" لڙڪائي اچي ڪار ۾ وينو ته به اسان جي باس ڪانئس نه پڇيو ته ڇا ٿيو. ڊرائيور ڪار هلائڻ کان اڳ پنهنجو بيلٽ ٻڌندي هيٺي آواز ۾ چيو:

"داتڪ! پوليس چالان ڪيو آهي"

"پوءِ؟" ڪئپٽن حمزي مون کي ٻڌائيندڙ ڳالهه کي جهلي ڊرائيور کي مخاطب ٿيو، "ڪار تيز هلائيندين ته چالان ته ضرور ٿيندو."

"سائين ڪجهه ڪريو، هڪ اڳ به ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ باقي هڪ موقعو ٿو بچي."

(پڙهندڙ جي معلومات لاءِ: هتي ٽي دفعا ان قسم جا ڏوهه ڪرڻ تي ڊرائيونگ لائسنس ڪئنسل ٿيو وڃي.)



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

اسان جي صاحب پنهنجي صاحبي ۽ آڪڙ جو مظاهرو ڪري وچ ۾ ٽپڻ ۽ پوليس جي ڊيوٽيءَ ۾ رُخنو پيدا ڪرڻ بدران پنهنجي ڊرائيور کي چيو:

”ڏوھ ڪيو اٿئي تہ ان جي سزا تہ ضرور ڀوڳڻي پوندي.“

هي اهو جملو آهي جيڪو ملائيشيا، سئيڊن، سعودي عرب ۽ جپان جهڙن ملڪن ۾ - جتي ماڻهو قانون جو خيال ۽ احترام ڪن ٿا، توهان کي پنهنجي دوست آفيسرن کان بہ ٻڌڻ ۾ ايندو. اهوئي سبب آهي جو هھڙن ملڪن ۾ ننڍو توڙي وڏو ڪنهن بہ قسم جو ڏوھ ڪندي ڊڄي ٿو، جوهن کي خبر آهي تہ ڏوھ بعد بچاءُ مشڪل آهي. ڏوھ ڪرڻ تي سزا ضرور ٿيندي ۽ ڪو بہ دوست يا مائٽ بچائي نٿو سگهي.

پوليس واري ڪتابڙي ۾ پين ڪيسي ۾ وجهي پنهنجي موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪئي ۽ اسان جي ڪار وٽ گهڙي ڪن ترسي اسان کي نئڙت سان چيو: ”سائين مون کي افسوس آهي توهان جو وقت ضايع ٿيو پر آئون مجبور آهيان. ڊيوٽيءَ جو معاملوآهي.“ جواب ۾ اسان جي صاحب مرڪي سندس همت افزائي ڪئي. مون محسوس ڪيو تہ اسان جي ملڪ ۾ ڏوھ جو وڌي رهيا آهن؟ ڏوهاريءَ کي بچائي فخر محسوس ڪريون ٿا ۽ هھڙن ملڪن ۾ ”ڏوهاري“ کي نہ پر ”ڏوهاريءَ کي جهلڻ واري“ جي همت افزائي ڪري فخر محسوس ڪن ٿا.

ٿورو اڳتي هلي ڪئپٽن حمزي مون کي انگريزيءَ ۾ چيو:

”هي اسٽوپڊ ڊرائيور سمجهي ٿو تہ صاحب گاڏيءَ ۾ ويٺو آهي تہ ڪيس هر ڳالھ جو لائسنس ملي ويو ڇا؟ آئون پاڻ هيڏو آفيسر هوندي بہ ٽرئفڪ جي ڪنهن قانون جي ڀڃڪڙي نٿو ڪريان.“

اها حقيقت آهي تہ اسان جو باس ڪئپٽن حمزو واقعي جڏهن پاڻ گاڏي هلائيندو آهي تہ آڌي رات بعد جڏهن رستن تي ٽرئفڪ نہ هوندي آهي تہ بہ ڳاڙهي سگنل تي بيهي رهندو آهي ۽ تيسين نہ هلندو آهي جيسين اهو سائو نہ ٿئي. هڪ دفعي اهڙي موقعي تي مون ڪلندي چيومانس:

”داتڪ! تيادا ڪيريتا ڪيريتا. بوليح جالان.“

(رستا سنسان لڳا پيا آهن، سگنل کي هڻ ڪڏ ۾!)

”نہ يار!“ هن وراڻيو ۽ انگريزيءَ جو هڪ قول ورجايو:

“law breaker is an accident maker.”



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سو انهن مثالن مان پڙهندڙ هنن ملڪن ۽ ماڻهن جي نفسيات، ڪلچر ۽ ترقيءَ جو اصل راز معلوم ڪري سگهي ٿو ـ يعني قاعدي قانون جي عزت ڪرڻ ۽ قاعدو قانون نه فقط غريب لاءِ پر امير ۽ حاڪم لاءِ پڻ آهي. ۽ سڀ ڪان وڏيڪ ان ڪان ٻيو ڪهڙو مثال ٿي سگهي ٿو ته هڪ سلطان (سندس پٽ يا مائٽ به نه پر پاڻ خود) راند سيڪاريندڙ ڪوچ کي ٿڦڙ هنئي ته ان تي به ڪورٽ ڪيس هليو!

ملائيشيا جي هيءَ مئرين اڪيڊمي جنهن ۾ مون اٺ سال کن ڪم ڪيو، مغربي (ويسٽ) ملائيشيا ۾ آهي. ٿوري گهڻي چوري چڪاري يا ٻيا ڏوهه ته ملائيشيا ۾ ضرور آهن پر گهڻي ڀاڱي امن آهي. ان ڪري ڏينهن جو توڙي رات جو ننڍا وڏا، ويندي نوجوان ڇوڪريون ۽ ڏاريان ٽوئرسٽ نه فقط ملائيشيا جي هڪ شهر يا هڪ رياست کان ٻي رياست ۾ بس، ٽئڪسي ۽ ريل رستي ايندا ويندا رهن ٿا پر ملائيشيا جو ملڪ ٽپي هڪ پاسي ٿائلنڊ ته ٻئي پاسي سنگاپور ڪان وڃيو نڪرن.

ملاڪا ۾ رهندڙ اسين پاڪستاني ۽ ٻين ملڪن جا نوڪريون ڪندڙ پڻ موڪل مطابق ويجهن يا ڏورانهن شهرن جو سير ڪندا رهياسين ٿي. گهڻو ڪري سڀ جهازي هئاسين، ان ڪري ڪيترا دفعا اڳهين هتي پنهنجن جهازن ذريعي اچي چڪا هئاسين. ان ڪري هتي جي شهرن، بندرگاهن ۽ سامونڊي گهٽ گهيڙن ڪان اڳ جا واقف هئاسين. آئون به ڪيترائي ڀيرا جهاز ذريعي ملائيشيا جي مختلف بندرگاهن ۾ اچي چڪو هوس. چين، جپان، هانگ ڪانگ، ڪوريا ويندي وقت به اهاني ٻهاني ڪارگو ڪڻڻ لاءِ، جهاز جي مرمت لاءِ يا جهاز جي انجڻ لاءِ تيل پاڻي ڪڻڻ لاءِ ملائيشيا جا بندرگاهه ۽ هتي جي ماحول، ماڻهن، موسم ۽ ويندي زبان ڪان ٿورو گهڻو اڳهين واقف هوس، ان ڪري جڏهن به موقعو مليو ٿي ته اڪيلي يا سنگت سان گهمڻ لاءِ نڪري پيس ٿي. ڌارئين ملڪ ۾ گهمڻ ڦرڻ جو مزو اجان به وڌيڪ رهي ٿو، جيڪڏهن توهان کي ان ملڪ جي زبان اچي وڃي، ان جو ڪاڏو پيتو پسند اچي وڃي ۽ مڪاني ماڻهن جي رسم رواج ۽ ڪلچر جي ڄاڻ ٿي وڃي. هونءَ به چوندا آهن ته جنهن ملڪ ۾ وڃجي اتي جي ماڻهن جي زبان، مذهب ۽ ڪلچر جي عزت ڪجي.

جيسيتائين منهنجو ملائيشيا رهڻ ٿيو، تيسيتائين سنگاپور ۽ ٿائلنڊ وڃڻ لاءِ اسان پاڪستانين کي ويزا وٺڻ جي ضرورت نه پوندي هئي ۽ پوءِ آخري ڏينهن ۾ آهستي آهستي ٿي اسان ڌارين جي اچڻ وڃڻ تي ٿورين گهڻيون سختيون شروع ٿي ويون ۽ هاڻ نه فقط سنگاپور ۽ ٿائلنڊ پر ملائيشيا وڃڻ لاءِ به ويزا اڳوات پنهنجي ملڪ مان وٺڻي پوي ٿي.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ملائيشيا، انڊونيشيا، سنگاپور، ٿائلنڊ وغيره هن صديءَ جي اڌ تائين ڪي امير ملڪ نہ هئا. پئسي دولت ۾ بہ غريب هئا تہ ٽيڪنالاجيءَ ۾ بہ. انڊيا، پاڪستان جهڙا ملڪ هنن کان گهٽو اڳيرا هئا. پر پوءِ قدرت جي مٿن ڪجهہ مهرباني ٿي. ٽين ۽ تيل جهڙيون شيون ڪين ڌرتيءَ هيٺان تہ ربڙ ۽ پام جون پوکون ڌرتيءَ مٿان ملي ويون. پر انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ هنن ملڪن جي ترقيءَ ۾ هتي جي ماڻهن جو هٿ ۽ محنت آهي. وقتي ڪين ٽاٻا ايندا رهن ٿا پر هو وجن پيا اڳتي نڪرندا ـ هر فيلڊ، هر ڪم ۽ هر ڳالهہ ۾.

**الطاف شيخ**

14 نومبر 1998ع

**ڪراچي**



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# مهاڳ

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ”جيترا منهن اوتريون ڳالهيون“ سو ادب جي دنيا ۾ بہ ائين ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. ۽ ٿيڻ بہ کپي. ادب جي مختلف پهلوئن جي باري ۾ مختلف ڳالهيون چيون ۽ چيبون ويون آهن، پر انهيءَ حقيقت جي باوجود سيني ڪندن جا ليڪ هڪڙيءَ ڳالهہ تي متفق آهن ـ اها اِها آهي تہ لکڻ واري جي پير ۾ جيسيتائين چڪر ناهي، جتيءَ مٿان جتي چڙهيل نہ اٿس ۽ پنهنجي وت آهر رولڙا ڪري ڌڪا کائي دنيا جا رنگ نتو ڏسي تيسيتائين سندس لکڻيءَ ۾ اُهو رس ۽ وس نتو اچي، جنهن جي تخليق ۾ ضرورت آهي. بين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ تخليقي توڙي تحقيقي ادبَ جون پاڙون پيرن جي نشانن ۽ ڦيٿن جي ليڪن مان ڦٽي ٿيون نڪرن. تخليقي ادب جون سڀ صنفون اڻ سڌيءَ طرح سفرناما آهن. سفر پير بہ ڪندا آهن ۽ دل بہ ڪندي آهي.

انهن اڻ سڌيءَ طرح جي سفرنامن سان گڏوگڏ اڄڪلهہ بين صنفن جي پيٽ ۾ سڌيءَ طرح لکيل ”سفرنامي“ جي پاپيولرٽي وڏيڪ ڏسڻ ۾ تي اچي ۽ بين الاقوامي سطح تي نظر تي اچي. دنيا جون وڏيون وڏيون اشاعتي ڪمپنيون اڄڪلهہ جيترو سفرنامن، ڊائرين ۽ آتم ڪٿائن جي حاصل ڪرڻ پويان پيل آهن. اوترو بين صنفن پويان نہ آهن. اها حقيقت ڪئٽلاگن مان پڌري پٽ نظر تي اچي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌيءَ ۾ الطاف شيخ جي سفرنامن کان اڳ بہ ۽ پوءِ بہ سنا سنا سفرناما لکيا ويا آهن پر سفرنامي جي صنف کي عوامي سطح تي مقبول بنائڻ ۾ الطاف جو وڏو هٿ رهيو آهي. ۽ امر جليل جي افسانن وانگيان انگريزي چوٽيءَ موجب تازن ۽ گرم ڪيڪن وانگر وڪاڻا آهن. يا ائين ڪٿي چئجي تہ هٿو هٿ ڪڄاڻان آهن. ۽ عام ماڻهوءَ اڳيان پرديس جا ڪيئي معاملا ۽ مامرا سامهون آيا آهن. هوم سڪنيس جي مريض سنڌين کي ملڪ مان چڪي ٻاهر ڪڍڻ ۾ الطاف جي اکرن جو بہ وڏو هٿ رهيو آهي.

الطاف جي اڳين سفرنامن ۽ تازن سفرنامن ۾ فرق رکو اهو رهجي ويو آهي تہ اڳي الطاف جي جتي جتيءَ مٿان چڙهيل هُئي ۽ هو پاڻ سان گڏ



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پڙهندڙن کي بہ آواره گرديءَ ۾ وجهيو وينو هو ۽ هاڻي ملائيشيا ۾ کپ کوڙي ويهي رهيو آهي ۽ اتان جون ئي ڳالهيون پيو ٻڌائي. هڪڙي کري مشاهدي جي لحاظ کان بهتر آهي تہ هڪڙي ئي ملڪ کي ويهي غور سان ڏسي، پوءِ لکجي. اها بهتري سندس هن ڪتاب ”جت جر وهي تو جال“ ۾ بہ نظر ٿي اچي.

مون الطاف جا سڀ سفرناما پڙهيا آهن ۽ پڙهندو اچان. انهيءَ ڪري ڪيس دعا ٿو ڪريان يا پرِ ٿ ٿو هڻان تہ ڪيس هاڻي ملائيشيا مان بدلي ڪري ڪنهن ٻئي ڏورانهين ملڪ ڏانهن موڪليو وڃي تہ جيئن ٻين ملڪن جون ڳالهيون پڙهي سگهون.

**عبدالقادر جوڻيجو**

7 ـ آگسٽ 1988ع



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# هڪ ڏينهن جي ڳالهه آ . . .

سومر ڏينهن صبح جو چانهه پي گهران نڪتس. اجا ملاڪا رياست ۾ ئي هوس ته وڏ ڦڙو شروع ٿي ويو. ملائيشيا جا رستا گهڻو ئي سنا ۽ ڪشادا آهن، پر ور وڪڙن ۽ مينهوڳيءَ ڪري گاڏيءَ جي رفتار گهٽائڻي پوي ٿي. سامهون ايندڙ گاڏين جو ايترو خوف نٿو رهي جو هتي هرڪو پنهنجي پاسي وارو اڌ رستو وٺي هلي ٿو پر بي پرواهه مينهن ڏيڻ ڪي ڪهڙي خبر ته Right of the way ڪنهنجو آهي. جنهن وقت خيال اچين ٿو ٻيلي يا پوڪ مان نڪري رستو ٽپن ٿيون يا ماڳهين رستي تي هڪ هنڌ ٻيهيو رهن. ڪي ڪي علائقا ته مينهن جي آزار ڪان مشهور آهن. جيئن ملاڪا رياست ۾ لنگي ۽ رنتائو ڳوٺن جي وچ ۾ ـ جتان لنگهي سريمبان پهچبو هوم، ايترين ته مينهيون نظر اچن ٿيون جو ڊرائيور کي خبردار ڪرڻ لاءِ ٽرئفڪ کاتي ڪيترن ئي هنڌن تي ٽڪندا بورڊ جنهن تي مينهن ٺهيل آهي، هڻي ڇڏيا آهن. جيئن پاڻ وٽ اسڪولن اڳيان ڪتابن واري ٽيلهي سان گڏ ٻار ڏيکاريل هوندو آهي ـ معنيٰ ان هنڌ تان گاڏي خيال سان هلايو متان ڪو ٻار بي خياليءَ ۾ رستو ٽپي. بهرحال اسڪولن اڳيان ان قسم جي ٽرئفڪ نشاني ته سڄي دنيا ۾ عام آهي ۽ هتي ملائيشيا ۾ پڻ اها آهي. پر هيءَ مينهن يا ڏڳيءَ واري نشاني ڌارين ملڪن جي ماڻهن لاءِ ايتري ئي نرالي آهي، جيتري سعودي عرب ۽ بحرين پاسي رستي تي اٺ جي شڪل جي نشاني.

هونءَ مينهن ته وري ٻه سست جانور آهي. رستي جو هڪ حصو ولاريو بيٺي هوندي آهي ۽ توهان خيال سان گاڏي آهستي هلائي بيو پاسو وٺي هليا وڃو. يا ٿوري دير صبر ڪريو جيسين هوءَ رستو ٽپي وڃي. پر اٺ اهڙو جانور آهي جو ڪڏهن ته تمام سلڇڻو ثابت ٿئي ٿو ۽ پري ڪان ئي هارن ڏيڻ سان رستو ڇڏيو ڏئي يا ڪچي ۾ (واريءَ ۾) لهيو پوي پر ڪڏهن همراهه هيڏانهن هوڏانهن لهڻ بدران وٺيو سڌو رُخ رکي. مجال آهي جو پڪو ڇڏي. هارن ڏيڻ سان ويتر نڪ سڌو رستي جو وچ ڏيئي پڄندو. (پنهنجي پر ۾ ته هو ضرور سياڻپ ڪندو هوندو.)

پر انهن مڙني ڪان خطرناڪ هاٿي آهي، جنهن جو آزار وري سريلنڪا ۾ گهڻو آهي ـ خاص ڪري ڪولمبو ڪان ڪئنڊي واري رستي تي . هاٿي ته ماڳهين وڙهڻ لاءِ آتو رهي ٿو ـ چاهي توهان ڪار ۾ ئي وينا هجو. هڪ سلوني همراهه ٻڌايو ته سامهون هاٿي رستو روڪي بيهي ته نه ڪار جي انجڻ بند ڪجي نه دروازو کولي ٻاهر نڪرجي. گاڏي



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نيوٽرل گيئر ۾ وجهي هڪ ته ائڪسليٽر کي دٻائي رکجي جيئن انجڻ جي گڙ گڙ گهٽي ٿئي. ٻيو هارن مٿان هارن ڏجي. اهوئي هڪ طريقو آهي هاٿيءَ مان جان ڇڏائڻ جو. انجڻ جي ڏڏڪي ۽ هارن جي آواز کان هاٿي شايد ڊڄيو وڃي. ريل گاڏيءَ سان سنڌس اڪثر مهاڏو ٿيندو رهي ٿو. سريلنڪا ۾ ريل جي رات واري سفر ۾ ريل جو اوچتو بيهي رهڻ هڪ تمام عام ڳالهه آهي. ان جو سبب گهڻو ڪري سامهون ايندڙ هاٿيءَ سان ٽڪر هوندو آهي.

رستي تي ٽرئفڪ نشاني ۾ مينهن ڪ يا هاٿي ڏيکاريل معنيٰ اهي جانور رستو ٽپي رهيا آهن. پر جي ڏيڏر مٿان ڏيڏر ڏيکاريل هجي ته پوءِ؟“

نيدر لئنڊ (هالينڊ) ۾ گائونزئينرين (Geo-Xuenren) نالي علائقي مان لنگهندي اها مٿين نشاني نظر اچي ٿي. جيڪا ڏيڏرن جي بچاءَ لاءِ لڳائي ويئي آهي، جيئن ان هنڌ تان ڪار وغيره خيال سان هلائي وڃي. ان هنڌ تي رستي جي هڪ پاسي، دلدلي علائقي مان هر سال هزارين ڏيڏر پنهنجن جوڙيوالن سان ملڻ ۽ ٻچا ڏيڻ لاءِ رستو ٽپي ٻئي پاسي ويندا آهن. ڏيڏر جون ٽنگون يورپ پاسي جا ماڻهو شوق سان کائين ٿا ۽ ان پاسي جي هر ملڪ جي حڪومت ڏيڏرن جي بچاءَ ۽ وڌڻ ويجهڻ لاءِ ايتري ئي ڪوشش ڪري ٿي، جيتري اسان وٽ تتر قاڙهي لاءِ ٿئي ٿي.

نه مينهن بند ٿيو ٿي ۽ نه وري جهڪو ٿيو ٿي. سوچيو هوم ته ڪوالالمپور پهچي نيرن ۽ منجهند جي هڪ ئي ماني کائيندس. پر مينهن جي ڪري ٿيل ٽڏڪار به هيڪاندي ٻڪ وڌائي. منهنجي پاڙي ۾ رهندڙ سريلنڪا جي ڪئپٽن مانيڪ تازو سنگاپور کان نئين خريد ڪيل ڪئميرا ـ بقول سنڌس بلڪل آٽوميٽڪ، ٽراءِ ڪرڻ لاءِ مونکي ڏني هئي. تي ڏينهن موڪل هئي سو ڪوالالمپور جو چڪر هڻڻ ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن سان ملي يادگار تصويرون ڪڍڻ چاهيم ٿي. جيتوڻيڪ ڪوالالمپور سوير پهچڻ جي ارادي سان گهران جلدي نڪتو هوس، پر هاڻ مينهن اها جلدي واري ڪسر ڪڍي ڇڏي. لبوق چينا (Lubok - Cina) ڳوٺ مان لنگهڻ وقت رستي تي هڪ انڊين هوٽل وٽ ڪار بيهاري نيرن لاءِ اندر گهڙيس. هوٽل جي ٻمپ وٽ ئي هڪ تامل همراهه تيل هاٿي اچي گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ وڏي ٿئي تي مئدي جا اقراتا پچائي رهيو هو. ملائيشيا دنيا جي انهن چند ملڪن مان آهي جتي پرديسيءَ کي مانيءَ جو مسئلو درپيش نٿو اچي. ڳوٺن توڙي شهرن ۾ چيني، ملئي توڙي انڊين نيرن تي هي ٿيهن سيٺن جو اقراتو - Roti Cinai ونڃي کائين، جنهن سان دال جو ڇيڙو ٻوڙ مفت ملي يا ساڳين پئسن ۾ – Nasi Lemak (ناريل جي کير ۾ رڌل چانور ۽ پاسي کان رکيل ننڍن مڇين جو ٻوڙ (Sambal ونڃي کائين.



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هيءَ هڪ ڏکڻ هندستانيءَ جي ”فئملي هوٽل“ هئي. مادري زبان مليالم هئس پر هوٽل تي ٻين انڊين گراهڪن سان تامل ڳالهائي رهيو هو. فئملي هوٽل معنيٰ هوٽل سان ئي لاڳو گهر جو هجڻ. پوءِ ڪي گهر پنيان ٿين نه ڪي متي ماڙيءَ تي. اهڙين هوٽلن يا دڪانن ۾ گهر جا مڙيئي ڀاتي ـ ڀائر ڀينرون ماءُ پيءُ سميت ڪم ڪن. پوءِ پنهنجي ڏانءَ هنر، همت ۽ عمر آهر ڪو ڪهڙو ڪم ڪري ته ڪو ڪهڙو. هن هوٽل تي ٻه ڪو اقراتا پچائي رهيو هو ته ڪو ٿانو ڌوئي رهيو هو. ڪو منجهند جي ٻوڙ لاءِ بصر وڍي رهيو هو ته ڪو هتي جي مشهور چانهه (Teh – Tarik) ناهي رهيو هو.

ٽيهه سينٽن جي اقراتي ۽ چانهه جي ڪوپ سان نيرن ڪري موسم جو جائزو ورتم. مينهن اجا جهڪو نه ٿيو هو. سڄو ڏينهن لس ٿي لس ٿيو پيو هو. رڪي رڪي ڪنوڻ جي چمڪات سان گڏ گوڙ جو به نڪاءُ ٿيو ٿي. مون چوڌاري ويٺلن جو جائزو ورتو. هڪ ٻه ڄڻا مون وانگر نيرن ڪري مينهن جي بند ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. ميز تي رکيل تامل ۽ انگريزي اخبارن مان هتي جي مشهور انگريزي اخبار New Strait Times ڪڍي مون صفحا اٿلائڻ شروع ڪيا. ورلڊ نيوز واري صفحي تي پاڪستان جي خبر منهنجو ڌيان ڇڪايو.

“Taking Stock of Death and Destruction”

جرمن خبر رسان ايجنسي رائيٽر جي حوالي سان ٻه ڪالمي خبر ڏنل هئي. ڪراچيءَ جي اورنگي ۽ ٻين هنڌن تي پيش آيل شهري خونريز هنگامن جي چار ڪالمي خبر Karachi Toll Rises عنوان سان هڪ ڏينهن اڳ به اچي چڪي هئي. انهن خبرن جي پر ۾، هندستان جي پنجاب صوبي ۾ سکن جي فسادن ۽ دهليءَ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي جهيڳڙن جون خبرون هيون. تازو گذريل رات RTM (ٽي وي ملائيشيا) تان پڻ انهن مڙني هنگامن جون خبرن سان گڏ تازيون ڪڍيل فلمون پڻ ڏيکاريون ويون هيون. منهنجي پر ۾ ويٺل وڏي عمر جي تامل مونکي ڪا دير ان ساڳي صفحي ڪي ڇتائي نهاريندو ڏسي چيو:

”ڪيترا هنگاما پنهنجي وطن ۾ ٿيندا رهن ٿا. هر وقت هنگاما.“

هن مونکي انڊين سمجهيو ۽ اهو پڻ ته آئون انڊيا جي ئي هنگامن جون خبرون پڙهي رهيو آهيان. مون ڪنڌ متي ڪٽڻ بنائي ڪيس سنڌس انگريزيءَ ۾ ڪيل سوال جي جواب ۾ مرڪندي آواز سان ”Yes“ چيو.

”ڏسو هتي ملائيشيا ۾ ڪيترين قومون رهن ٿيون. چيني، ملئي ۽ پاڻ انڊين. ۽ انهن ۾ به پنهنجا پنهنجا مذهب ۽ زبانون آهن. پر سڀ سک شانت ۾ رهيا پيا آهن. هڪ


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پنهنجو ملڪ هندستان آهي جنهن ۾ هندو مسلمان گڏ نٿا رهيو سگهن. سک هندو صلح نٿا ڪريو سگهن. هر وقت هنگامو! ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي. هتي جا ماڻهو اهو ئي پڇندا رهن ٿا. شرم کان پاڻ کين ڇا جواب ڏيون.....“

هو ڳالهائيندو رهيو..... پرديس ۾ پنهنجي ملڪ جي بدنامي پنهنجي گهر جي گهٽتائي برابر لڳي ٿي. سندس ڏاڏي اڄ کان سٺ سال کن اڳ مدراس (هندستان) کي خيرآباد چئي هي نئون ملڪ اچي وسايو هو. پنهنجي ديس جي ڏکين ڏينهن ۽ بيروزگاريءَ سندس ۽ سندس گهر جي ڀاتين جو جيئڻ جنجال ڪري رکيو هو. پنهنجي ملڪ جڏهن ڪيس پنهنجو رکڻ نه چاهيو ته ملائيشيا جي مچرن وارن گهاٽن جهنگلن ۾ هن اچي سخت پورهيو ڪيو. اڄ هي منهنجي پر ۾ وينل سندس پوٽو جيڪو قوميت، پاسپورٽ يا شهريت جي لحاظ کان جيتوڻيڪ ملائيشين آهي پر پنهنجن وڏن جي ملڪ هندستان جي بدناميءَ کي پنهنجو سمجهي شرمندگي محسوس ڪري ٿو ـ ان ملڪ لاءِ جنهن سان هن جو هاڻ ڪو به واسطو ناهي. ان ملڪ لاءِ جيڪو هن ڪڏهن ڏٺو به ناهي رڳو وڏن کان ان بابت ٻڌو آهي. ان ملڪ جي ٿوڙي گهٽتائي به کيس ڏکوئي ٿي جو هو ان ملڪ جي نالي سان هتي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. اتي مون جهڙن جو جنهن جي نه فقط وڏن جو پر ايندڙ ٽهي جو پڻ ان ملڪ (پاڪستان) سان واسطو آهي، پنهنجي ان وطن بابت پرديس ۾ هن قسم جون خبرون پڙهي ڪيترو ڏک، صدمو، شرم ۽ ندامت محسوس ٿيندي هوندي. شايد اهوئي سبب هو جو آئون پر ۾ وينل تامل هندوءَ کي اهو به ٻڌائي نه سگهيس ته آئون انڊين نه پر پاڪستاني آهيان ۽ مون هندستان جي نه پر پاڪستان جي خبر پئي پڙهي. جيڪا ان کان به وڌيڪ اسان جي وحشي پڻي جو ثبوت ڏئي ٿي. مون هڪ دفعو وري خبر ڏي نهار ڪئي. شهر ۾ رهندڙ ٻن گروپن گهرن ۽ دڪانن کي ڏنل باهه ۾ هڪ ٻئي جا ماڻهو اچلي کين جيئري ساڙيو. ان خبر جي هڪ پئراگراف کي مون هڪ دفعو وري پڙهيو:

“The death toll climbed as charred bodies were brought on polythene bags from burnt - our buildings in the ravaged Orangi town area, scene or worst violence”

وڌيڪ پڙهڻ بند ڪري پر ۾ وينل تامل همراهه ڏي وري نهاريم. هو هاڻ تامل اخبار جا صفحا اٿلائي رهيو هو. مونکي لڳو ته هو انڊيا ۾ ٿيندڙ هنگامن ۾ ئي منجهيل آهي. ڪنهن ريت هن کي پاڪستان جي تازن هنگامن جي خبر نه پئي پيئي يا ٿي سگهي ٿو هجيس به. ۽ جي کيس لڳي ها ته آئون پاڪستاني آهيان ته ضرور پڇي ها. بهرحال مون پنهنجي طرفان کيس ٻڌائڻ نٿي چاهيو جو دنس ٿي ته ڪٿي هو هن قسم جو سوال



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نہ ڪري وجهي: "توهان جي ملڪ ۾ تہ مڙيئي مسلمان آهن، پوءِ اهي ڇو وڙهي رهيا آهن؟ اسلام تہ امن ۽ سلامتيءَ لاءِ چوي ٿو." مون ان قسم جي بحث يا ڳالهہ ٻولهہ کان هن وقت پري پڄڻ چاهيو ٿي جو ان قسم جي تجربي مان گذرندي مون کي اجا ڇوويهہ ڪلاڪ بہ نہ ٿيا هئا. ٿئي هينئن ٿو جو ملڪ ۾ ڪا سني ڳالهہ ٿئي ٿي تہ پرديس ۾ رهندڙ ان ملڪ جا ماڻهو فخر ۽ خوشي محسوس ڪن ٿا. ساڳي وقت خراب ڳالهہ انهن لاءِ شرم ۽ ندامت جو سبب بڻجي ٿي. ڪراچيءَ ۾ پيش آيل تازو هن قسم جي انساني ڪوس ۽ ٻارن عورتن سميت شهرين جي قتل عام جو مثال اڄ جي تواريخ ۾ ڪو ورلي ملندو. اڄ جي ماڊرن دنيا ۾ جڏهن انسان جانورن تي ٿيندڙ ظلمن تي رڙ ڪري ٿو اتي هي ڪراچيءَ جو قبضو پنهنجي نوعيت جو پهريون مثال آهي. اورنگي علائقي جا وحشي نظارا هتي جي ٽي ويءَ تي ڏسي هر هڪ ڏندين آڱرين ڏنيون ٿي ۽ اسان کان زبان يا اکين اکين ۾ سوال پڇيو ٿي تہ ڇا هينئن بہ ٿي سگهي ٿو. گذريل ٻن ٽن ڏينهن کان جڏهن ڪراچيءَ جا هي هنگاما شروع ٿيا آهن ۽ سندن خبرون ٽي وي ۽ ريڊيو تان جهنگ جي باهہ وانگر سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويون آهن، ڪنهن جي آڏو ايندي شرم ٿئي ٿو.

گذريل ڏينهن ملاڪا ۾ ڪا ائڊريس معلوم ڪري رهيو هوس. ڪئٿي سئنيما جي پر ۾ هڪ چانهہ جي اسٽال وٽ پنهنجي ملڪ جي مهانڊي واري همراهہ کي ڏٺم جيڪو چانهہ بہ پي رهيو هو تہ ٽن چئن ٻين انڊين ۽ ملئي همراهن سان خبرچار بہ ڪري رهيو هو. عمر ۾ پنجاهہ کان مٿي مٿي ۽ مڇن جا وار چانديءَ جهڙا اڇا ۽ گهاٽا. سنهو ۽ چست جسم. آواز ڪڙو تڙو. سنڌس ويجهو پهچي انگريزيءَ ۾ گهربل ائڊريس جو ڏس پڇيومانس. هو جواب ڏيڻ بدران مونکي گهوري ڏسڻ لڳو. جڏهن ڪا گهڙي جواب نہ ڏنائين ۽ مونکي چتائي ڏسندو رهيو تہ اهو محسوس ڪري تہ شايد هو مون کي پاڪستاني سمجهڻ بابت سوچي رهيو آهي ـ جيڪو واقعي هو سوچي رهيو هو ۽ سچاٽي پڻ ويو ـ مون هجائتو ٿي پڇيومانس:

"Are you Pakistani?"

پر جواب ۾ هو ورري ڪجهہ نہ ڪڇيو. ان تي وري ٻيو دفعو جڏهن مون ڪانئس پڇيو تہ ڪاوڙ مان وراڻيائين:

"No Sir! I am not a Pakistani."



ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڏاڍو شڪي ٿيس ۽ دل ئي دل ۾ پشيمان پڻ ته اهڙو سوال چو ڪيومانس. هو مونکي پنهنجو سمجهي ئي نٿو، وتان آئون هجائتو ٿيندو. پر شرم کي پرچائڻ لاءِ وري چيومانس:

”منهنجو مطلب آهي ته هينئر ڪٿي توهان ملائيشيا جا شهري آهيو پر شايد توهان جا وڏا پاڪستان کان آيل هجن جو توهان جي منهن جا نقشا پاڪستانين جهڙا لڳي رهيا آهن.“

”نو سر!“ هن وري ٺوڪ ۾ ڪاوڙ مان چيو، ”آئون نه پاڪستاني آهيان ۽ نه وري پاڪستان سان ڪو واسطو ئي اٿم.“

آئون چپ ٿي ويس. ڦڪي مرڪ آڻڻ لاءِ ٿورا ڏند ضرور ڪڍيم جو جهيڙي بدران پنهنجي جان آزاد ڪرائڻ چاهيم ٿي. پر اهو ضرور آهي ته سندس ڪاوڙ واري لهجي ۾ ڏک پڻ صاف ظاهر ٿي رهيو هو. ٿي سگهي ٿو پاڪستان جي حالتن هن کي ڏکويو هجي ۽ سندس پيرم ۽ فخر کي ڇيهو رسيو هجي. ۽ پوءِ خبر پيئي ته ڳالهه به ائين هئي. اڳتي هلي سندس ڀائيٽي ان بابت ٻڌايو. پر پاڻ ان وقت ڪاوڙ ڪيڻ بعد ڪجهه ٿڌائيءَ مان پڇيو:

”توهان پاڪستان کان اچو پيا؟“

”هائو. پر هن وقت ملائيشيا جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ ٽن سالن کان انجنيئرنگ جا سبجيڪيٽ پڙهائي رهيو آهيان. ماسٽر آهيان.“

منهنجي ان چوڻ تي هن ۾ وڏيڪ ٿڌاڻ آئي. نه ته پهرين ائين پئي لڳو ڄڻ آئون ڪيسو ڪترڻ جو بهانو ڪري ڳوٺ پهچڻ لاءِ پاڙي جي گهر ڪرڻ وارو هجانس ۽ هو منهنجي ڳالهه ٻڌڻ بنا چوڻ چاهيندو هجي: هل هل. هرڪو اهو بهانو ڪندو پيو اچي.

ان احساس جي اڳتي هلي پڪ به ٿيم جڏهن گهربل ائڊريس جو ڏس ٻڌائڻ لاءِ سندس چوڻ تي سندس ڀائيٽيو مون سان گڏ ڪار ۾ هليو. ويهه ايڪيهه ورهين جي نوجوان ڇوڪري ڪار ۾ ويهڻ سان چيو:

”سائين چاچي جي ڪاوڙ جو دل ۾ نه ڪجو. هو واقعي ان ملڪ جو آهي جنهن جو توهان ذڪر ڪيو. يعني پاڪستان جو. اسان جو پڙ ڏاڏو پاڪسان کان هتي آيو هو. مونکي ته نه پاڪستاني ٻولي نٿي اچي پر اسان جو چاچو اڙدو ۽ پنجابي سني ڳالهائي ٿو.“



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ها مونکي بہ لڳو. ڇو جو سندس نک نقشا ملئي ماڻهن جا نہ آهن.“ مون جهيڻي آواز ۾ ڳالهايو، ”ڇا ڪندو آهي، تنهنجو ڇاڇو؟“

”اليڪٽرڪ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندو آهي. ان ڪري سڄي شهر ڪي سڃاڻي. هينئر رٽائرڊ ٿي چڪو آهي. تمام سوشل ماڻهو آهي. هر هڪ جي مدد ڪندو رهي ٿو.“

”پر پاڪستانين تي ڏاڍي چڙ اٿس.“ مون چيومانس.

”نہ سائين اها ڳالهہ ناهي. پاڪستان ۽ اتان جي ماڻهن لاءِ تہ پيار ئي پيار اٿس. پاڻ پاڪستان ڏٺو بہ نہ اٿس. ڇائو نيٺو بہ هتي آهي پر پنهنجن ملئي ۽ چيني دوستن سان پاڪستان جون ساراهون ڪندي ڍاپندو ناهي. ڪو بہ پاڪستاني ايندو آهي تہ پهچ سارو ان جي مدد ڪندو آهي. پر تازو ڪجهہ آيل همراهن ـ جن جي پاڻ مدد ڪيائين ۽ پاڻ وٽ گهر ۾ بہ ٽڪائين، آخري وقت سندس ئي چوري ڪري هليا ويا. ويتر وري اڄڪلهہ هي هنگامن جون خبرون پڙهيون اٿس تہ موڊ آف ٿي رهيس. جن سان هن پاڪستان جون تعريفون ڪيون هيون، اهي اڄ منهن ۾ اهائي ڳالهہ ڏينس ٿا تہ هي آهي تنهنجي وڏن جو ملڪ جتي چرس ۽ هيروئن جو ڪاروبار هلي ٿو. هيءَ آهي اها مثالي مسلمان رياست جتي چئن خليفن جي ڏينهن واري حڪومت ڏسڻ جا فقط سپنا ڏيکاريا پيا وڃن ۽ حقيقت ۾ مسلمان مسلمان کي عام رستي تي وينو ڪهي، جنهن جي وهندڙ رت ۾ ناليون ڳاڙهيون ٿي ويون آهن.

”گذريل ٻن ٽن ڏينهن کان پاڪستان جون خبرون پڙهي نہ فقط ڇاڇو پر اسان جو سڄو گهر پريشان آهي. جيتوڻيڪ اسان جو نہ ڪو مٽ مائٽ پاڪستان ۾ آهي ۽ نہ وري اسان ڪا پاڪستاني قوميت رکون ٿا پر ڇا ڪريون اسان جون پاڙون تہ ان ملڪ ۾ ڪتل آهن. سڃاڻپ تہ ان ملڪ جي نالي سان ٿئي ٿي. ان ڪري پاڪستان ۾ ٿيندڙ هنن ڳالهين جو ٻڌي ٻڌيو وڃون. هتي جا ماڻهو دل ئي دل ۾ اسان کي ٽَڪ ٻڌو ڪن ٿا تہ اڄهي توهان اهڙا آهيو. توهان جو ٻڻ بنياد ههڙو ويل آهي.“

مون دل ۾ سوچيو تہ هي تہ وري بہ هتي جا ٿي ويا. ڪنڊ پاسي ۾ رهن ٿا. وڏن عهدن تي آهن. ڪين ٽوڪڻ لڄائڻ وارا ايترا نہ آهن. پر ملڪ ۾ ٿيندڙ ههڙين بدنامين بعد انهن هزارين غريب مزورن ۽ پورهتين جو ڇا حال ٿيندو هوندو، جيڪي عرب ۽ يورپ جي ملڪن ۾ ننڍين نوڪرين ۾ آهن، ڪين ايندي ويندي سندن صاحب آفيسر ۽ ٻين ملڪن جا ساٿي مزور ڇا ڇا تہ ٽوڪيندا هوندا. پرديس ۾ ملڪ جي بدناميءَ جون ڇٽرون ۽ ٽوڪون هڪ حساس ماڻهوءَ لاءِ، عربستان جي تپندڙ واري ۽ يورپ جي ڏڪائيندڙ سرديءَ کان يقينن وڌيڪ عذاب رسائيندڙ آهن.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

بارش اجا بند ٿيڻ جو نالو نہ پئي ورتو. مينهن شروع ٿيڻ مهل جيڪا ٽڏڪار ٿي هئي سا وريءُ گهٽ ۾ بدلجڻ لڳي. مانيءَ جا پئسا دخل تي ويٺل عورت کي ڏيئي، پراڻي اخبار مٿي تي رکي مينهن ۾ گاڏيءَ ڏي ڊوڙيس. هوٽل جي ڪامَ ۾ ويٺل ڪبوترن جو جوڙو، منهنجي اوچتي ڊوڙڻ تي ڊڄي، ڦڙڪو ڪائي ٻاهر نڪتو. رستي مٿان ئي ڦيرو ڪائي هو وري اندر وڃي ويٺا. مون گاڏي اسٽارٽ ڪئي، لبوق چينا جي ٽاٽي وٽان ڪاٻي مڙي، نديءَ تي نهيل ڪاٺ جي پل ٽپي اڳتي وڌيس. مينهن جي شپڪي ۽ ڪنوڻ جي نڪاءَ کان ڌيان هٽائڻ لاءِ ريڊيو ڪوليو آواز سندس مٿاهون ڪيم. ڪا انڊونيشي ڇوڪري ملئي گانو ڳائي رهي هئي:

Engkau berjanji
Hanya aku ang kau nanti
Tapi kini semunaya
Hanya mimpi
Sedih hatiku  kerana
Sijantung hati
Ho ho sijantung hati!

تو مونسان اهو ئي اقرار ڪيو هو
تہ آئون ئي اها آهيان جنهن جو تون منتظر آهين
پر هاڻ سيوئي ڪجھ
فقط خواب لڳي ٿو
منهنجي دل جي ڏک جو ڪارڻ
توسان منهنجي دل هئي. او منهنجا مٺا! منهنجي توسان دل هئي!

مون ريڊيو جي سئي گهمائي ريڊيو ملائيشيا جي FM اسٽيشن تي رکي. ڪا نئين ملئي ڳائڻي ملئي زبان (ٻهاسا ملائيشيا) ۾ ڳائي رهي هئي:

Apakah rindu ini
Masih Lagi di hati
Tidak kah kau merasa Simpati
Daku terbiar sendiri

Apakah di hatimu

Ada pengganti ku…..

ملئي زبان ۾ سڪ، يار يا ياد کي رندو Rindu چئجي ٿو. آپا معنيٰ ڇا پر وڌيڪ سوالي بنائڻ لاءِ Kah ڳنڍيو وڃي ٿو. ۽ Ini معنيٰ هيءَ. Di معنيٰ ۾ ۽ هاتي معنيٰ دل Masih lagi معنيٰ اڃا آهي.

هيءَ ڪهڙي سِڪ اهي

جيڪا اڃا تائين منهنجي دل ۾ موجود آهي.

ڇا توکي ذرو برابر بہ مونسان همدردي نٿي ٿئي.

آئون پنهنجو پاڻ کي نڌڻڪو (ڏڪاريل) سمجهي رهي آهيان.

لڳي ٿو تہ تنهنجو ڪنهن ٻيءَ سان پيار ٿي ويو آهي....

وغيره وغيره

مون ريڊيو جو آواز اجان بہ مٿي ڪيو. پر منهنجو من ڳانو ٻڌڻ بدران مون تي ٿنولي ڪري رهيو هو تہ مون ريڊيو ڪنوڻ جي نڪائن کان ڏيان هٽائڻ لاءِ نہ وڄايو آهي پر ٿوري دير اڳ اخبار ۾ پنهنجي ملڪ ۾ ٽينڊڙ ڏڪوئيندڙ حالتن جي خبر پڙهي ۽ تامل هندوءَ جي ڳالهہ ٻڌڻ بعد پيدا ٿيل مونجهہ مٽائڻ لاءِ وڄايو آهي، جيڪو مونجهہ انڊونيشي ۽ ملئي ڳائڻين جي غم ۽ جدائي جي ڳانن ٻڌڻ بعد بہ لهي نہ سگهي. رستي تي لنگي ڳوٺ آيو. ان بعد Rantau (رنتائو) ڳوٺ.

نگري سمبيلان رياست جي پهرين منتري بسار ـــ وڏي وزير ـــ تان سري ڊاڪٽر محمد سعيد جو ڳوٺ Linggi آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ سندس ڪتاب Memoirs of Mentri Besar پڙهي ساڻس ملڻ لاءِ هتي لنگي ڳوٺ ۾ آيو هوس. پر پوءِ خبر پيئي تہ پاڻ ٿورو اڳيان سريمبان شهر ۾ رهي ٿو. شهر جي محل محلاتن کان پري هڪ ڪاناٽين گهر ۾ هيڏو وڏو ماڻهو پينشن جي پئسن تي سادگيءَ جي زندگي گذاريندڙ دنيا جي ماڻهن لاءِ مثالي شخصيت آهي.

تان سري ڊاڪٽر محمد سعيد 1907ع ۾ لنگي ڳوٺ ۾ ڄائو. پاڻ هن رياست ـــ نيگري سمبيلان جو پهريون ملئي مسلمان هو. جنهن سنگاپور جي ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس ڪئي ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم لنڊن يونيورسٽي جي



ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

اسڪول آف ٽراپيڪل ميڊيسن ۽ چائلڊ هيلٿ مان ورتي ۽ چوٿو صدي کن سرڪاري ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ملائيشيا جي پيڪان ۽ سريمبان شهرن ۾ نوڪري ڪئي. 1955ع ۾ رٽائرڊ ٿي سياست ۾ حصو ورتو. ۽ 1959ع ۽ 1964ع جي اليڪشن ۾ بنا مقابلي ڪامياب ٿيو ۽ نگري سمبيلان رياست جو پهريون منتري بسار (وڏو وزير) ٿي رهيو.

تان سري ڊاڪٽر محمد سعيد انهن نيڪ ماڻهن مان آهي جن وڏي عهدي مان فائدو نہ ورتو. مذهب کي Exploit نہ ڪيو ۽ ملڪ کي لٽڻ بدران ملڪ، قوم ۽ مذهب جي نيڪ نيتيءَ سان خدمت ڪئي ۽ غريبن، ضرورتمندن کي پنهنجي گهرون ۽ هڙون گهٽي ڪان گهٽو ڏنو. سندس سادي رهڻي ڪهڻي ۽ زندگي بابت ڪيترين ئي ڳالهيون سندس ڪتاب مان ۽ ماڻهن جي واتان ٻڌم. سندس گهر جڏهن پهتس تہ پاڻ پنهنجي ڳوٺاڻي گهر ـ جيڪو ڪاٺ جي پاين تي نهيل ٿئي، هيٺ لهي مونکي وٺڻ آيو. ساڄي پاسي ڪڪڙين ۽ سهن جو ڄاريءَ وارو ننڍڙو گهر هو. ”وندر جي ڪڪڙين ۾ پنهنجيون يادگيرون لڪان يا ڪڪڙين جي نگهباني ڪريان.“ پاڻ کلي ٻڌائين. پاڻ مونکي پنهنجي ٻئي ڪتاب جو مواد ۽ ان ۾ لکيل ڪجهہ اهم ڳالهين بابت ٻڌايو، جيڪي يقيناً اڄ جي نہ فقط ملئي نوجوان لاءِ پر دنيا جي هر هڪ ملڪ جي نوجوان لاءِ نيڪ راهہ ثابت ٿي سگهن ٿيون. هھڙن ماڻهن سان ملي هر وقت اهو ڏيان ۾ اچي ٿو تہ ڪيڏا وڏا ماڻهو پر ڪيڏي سندن سادي رهائش ۽ اٿي ويهڻي آهي. نہ نٽ نہ نانگر. نہ تيزي نہ وڏائي. شوق ۽ سڌ فقط اها تہ ملڪ ترقي ڪري. سندن ڌرتي ۽ ان جا رهواسي خوشحال رهن. ۽ ان پنيان جند جان هر وقت نڇاور ڪرڻ لاءِ تيار. ڪردار ايڏو بي داغ جو دشمن بہ واکاڻ ڪن. ۽ هيءَ ڪهاڻي نہ فقط هن ملڪ جي تان سري ڊاڪٽر محمد سعيد جي آهي پر تنڪو عبدالرحمان ۽ تن رزاق کان وٺي اڄ جي ڪيترن ئي سياستدانن، سرڪاري عملدارن ۽ هتي جي عام ماڻهن جي آهي. ملائيشيا ان ڳالهہ ۾ خوشنصيب رهيو آهي جو شروع کان هن کي سنا حاڪم، سنا سياستدان ۽ سنا ڪامورا مليا آهن. نہ تہ مال ملڪيت، تيل ڪاٺيون، ٽنيون ٻيلا تہ انڊونيشيا، ڪمبوڊيا، ٿائلنڊ کان ارجنٽائين، چلي، بوليويا تائين ٽين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن. فقط مالي ملڪيت ۽ شين سان ملڪ ترقي نٿا ڪن. انهن پنيان حاڪم توڙي عوام جي نيڪ نيتي ۽ سچائي هجڻ بہ ضروري آهي.

لنگي، رنتائو ڳوٺن بعد سريمبان شهر آيو، جتان پوءِ سڌو ڪوالالمپور جو رُخ رکيم. صبح کان وسندڙ مينهن ۾ هاڻ ناپر اچي رهي هئي. لڳو ٿي اڳيان ڪوالالمپور ڏي مينهن ناهي. سريمبان کان ڪوالالمپور تائين فيڊرل هاءِ وي ستر ڪلوميٽر کن آهي. رستي تي بہ دفعا Toll Tax ڏيڻو پوي ٿو. پهرين دفعو هڪ ڊالر ۽ ٻيو دفعو اڌ ڊالر. هي


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نئون رستو آهي جيئن حيدرآباد کان ڪراچي. هن کان علاوه ٻيا پراڻا رستا پڻ آهن، جيڪي مختلف ڳوٺن منتن، ڪجانگ وغيره مان ڦرندا ڪوالالمپور پهچن ٿا، جيئن پاڻ وٽ ٻيو رستو جهرڪن، ٺٽي ڳهاري کان ڦرندو وڃي ٿو. ملائيشيا جابلو ملڪ آهي. گذريل پنجن ڇهن سالن کان هتي جي حڪومت رستن تي چڱو خرچ ڪيو آهي. جبلن ڪي ٽڪي يا سرنگون ناهي مختلف ڳوٺن ۽ رياستن کي نه فقط ملائڻ لاءِ نوان رستا ناهيا ويا آهن پر هن قسم جا ويڪرا هاءِ وي ناهي گاڏيون هلائيندڙن جي وقت ۽ پيٽرول جو پڻ بچاءُ ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هتي پڻ آمريڪا وانگر اهڙن نون ۽ سهوليت وارن رستن تان هلڻ لاءِ جتي ڪٿي رستي جو ٽال ٽئڪس ڊالر اڌ ڏيڻو پوي ٿو ـــ جيئن ان رستي جو خرچ نڪري ۽ ٻيا رستا پڻ ناهيا وڃن. هن قسم جو جتي ڪٿي ٽئڪس اوڳاڙڻ تي، هتي جي عوام اخبار ذريعي سوال بازي پڻ ڪئي هئي، جنهن جي جواب ۾ هتي جي ڪمن جي وزير داتڪ سئمي ويلوءَ سمجهايو ته اسان جهڙن ملڪن جي ترقيءَ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري آهي. ۽ اهو ٽئڪس سندس پاران نه پر حڪومت پاران آهي. يعني پرائيم منسٽر جي موڪل سان آهي. ان تي ٻئي ڏينهن هتي جي اخبار ۾ لاٽ نالي هڪ ڪارٽونسٽ هڪ دلچسپ ڪارٽون ڏنو هو ته مٿيون وزير Datuk Samy Velu گهر پهچڻ تي ڏسي ٿو ته سندس گهر اڳيان، گهر ۾ اندر گهڙڻ لاءِ رستي جو ٽئڪس اوڳاڙڻ وارا ڪاٺ جي آفيس ناهيو ويٺا آهن. ڪاوڙ مان ڪائن پڇي ٿو: ”منهنجي گهر ۾ وڃڻ لاءِ مونکان ٽئڪس اوڳاڙڻ لاءِ توهان کي ڪنهن چيو آهي؟“

”پرائيم منسٽر.“ هنن ٺهه پهه جواب ڏنس.

پوري ڏهين بجي ڏارين ڪوالالمپور شهر ۾ گهڙيس. اڌ شهر کي گهيرو ڪندڙ رستو جالان تن رزاق (جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ Pekliling Road سڏبو هو.) وٺي ڪابي پاسي ائمپنگ روڊ تي مڙيس. ائنپنگ روڊ تي نه فقط پاڪستان ايمبسي آهي پر پي آءِ اي جي آفيس پڻ آهي. هڪ ٻئي جي ايترو ويجهيون آهن جو پنڌ اچي وڃي سگهجي ٿو. مونکي ٻنهي هنڌ وڃڻو هو. ايمبسيءَ ۾ پاڪستان جي سفير سيد عظمت حسن ۽ قانصلر مس فوزيه نسرين سان ۽ پي آءِ اي جي آفيس ۾ اڏيري لعل جي اسرار شاهه سان ملڻو هو.

ائمپنگ روڊ جي ڪابي پاسي پهرين انگڪا سارايا بلڊنگ ۾ پي آءِ اي جي آفيس اچي ٿي. هيٺ بهري Basement ۾ ڪار پارڪ ڪري گرائونڊ فلور تي پي آءِ اي جي آفيس ۾ آيس. رسيپشن هال ۾ ملئي ڇوڪري ازبان ۽ هڪ چيني ڇوڪري آيل مسافرن لاءِ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون ناهڻ ۾ مشغول هئي. سندس پويان پٽ تي ملئي (Jawi) زبان ۾ وڏو ساون اکرن ۾ فيڪستن انٽرنيشنل ايرليئنز لکيل هو. (ملئي زبان ۾ پ نه



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هجڻ ڪري ملائيشيا ۾ پاڪستان فيڪستن ٿيو وڃي.) ڪنڌ ۾ به نوجوان سک ڪلف لڳل پڳڙين ۽ جاري ٻڌل ڏاڙهين ۾ وينا هئا. هو نانڪانا ۽ حسن ابدل ۾ پنهنجين پاڪ جاين جي زيارت لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ آيا هئا. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهندڙ سک هر سال پاڪستان اچن ٿا جتي هنن جا مذهبي مڪان ۽ گردوارا آهن.

سک مذهب جو اڳواڻ ۽ پهريون گرو بابا گرونانڪ 1469ع ۾ پاڪستان جي شهر لاهور جي ويجهو نانڪا صاحب ۾ ڄائو هو. سو ظاهر آهي اها جاءِ سک عقيدتمندن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. اتي گرونانڪ جي ياد ۾ هڪ سک گوردوارو، جنم استان نالي مهاراجا رنجيت سنگهه ٺهرايو هو. ان کان علاوه سکن جون ٻيون به ڪيتريون ئي پاڪ شيون ۽ ننڍا ننڍا عبادت گهر آهن. هر سال نومبر ڌاري گرونانڪ جي ورسي ملهائي ويندي آهي ۽ هينئر ڪوالالمپور جي پي آءِ اي جي آفيس ۾ هي به سک همراهه گرونانڪ جي اٺ سؤ ڏهين ورسيءَ لاءِ پاڪستاني هوائي جهاز ذريعي اوڏانهن وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻ آيا هئا. پاسي واري پٽ ۾ لڳل رئڪ ۾ پي آءِ اي وارن طرفان اشتهار بازي ۽ معلومات لاءِ مفت ڏيڻ لاءِ ٽن قسمن جا ڇاپيل ڪتابڙا رکيا هئا. هڪ ۾ پاڪستان جي مشهور رانديگرن جون تصويرون ۽ انهن بابت احوال هو. ٻيو، حج بابت ڏيڍ سؤ ڪن صفحن جومفصل ڪتاب هو. منجهس حج جي سلسلي ۾ مختلف معلومات رنگين فوٽن سميت هئي ــ رهائش ۽ سفر کان وٺي دعائن تائين. ٽيون ڪتاب سکن جي ان پاڪ مڪان نانڪانا صاحب ۾ پهچڻ ۽ اتي جي گوردوارن بابت هو. ڪتابڙي جي ٻاهرين صفحي تي ان وڻ جي تصوير ڏنل آهي جنهن هيٺان گرونانڪ، پنهنجي پيءُ جي نافرماني ڪرڻ بعد پشيمان ٿي اچي وينو هو. آخري صفحي تي گرونانڪ جي وڏي اڇي ڏاڙهي ۽ پٽڪي سان تصوير آهي ۽ ان هيٺان ڀڳت ڪبير جو پنجابي شعر رومن انگريزيءَ ۾ هن ريت لکيل آهي:

Awal Allah noor upaia”
Kudrat ke sab bande
Ek noor te sabh jag
“Upjea kaun bhale kon mande.

آئون اهي ڪتاب ڏسي رهيو هوس، تيسين سنهي جسم ۽ سنهي منهن واري ملئي ڇوڪري مس ازيان واندي ٿي. مون ڪائنٽس سندس مئنيجر اسرار شاهه جو پڇيو ته ڪيڏي مهل ايندو. هڪ ڏينهن اڳ ملاڪا مان فون ڪرڻ تي هن ٻڌايو ته هو ميٽنگ ڪري آفيس ۾ دير سان ايندو. پر هاڻ هن ٻڌايو ته اها ميٽنگ ڪئنسل ٿي وڃڻ ڪري



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نائين ڪان هتي آهي. آئون ساٿس ملڻ لاءِ اڪائونٽ ڊپارٽمينٽ جو ڪمرو لتاڙي سندس آفيس ۾ گهڙيس.

پرديس ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ جو پنهنجي سفارتخاني ۽ هوائي ڪمپنيءَ وارن سان رابطو رهي ٿو. ٽي چار سال ڪن اڳ هتي جو مئنيجر شير خان هو، جنهن سان مسٽر ظفر زبيريءَ ملايو هو. ظفر زبيري صاحب مون وانگر مئرين انجنيئر آهي. پاڻ ڪافي عرصو پاڪستان جي جهازران ڪمپني P.N.S.C ۾ ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر رهيو. ان بعد ملائشيا جي شپنگ ڪارپوريشن MISC ۾ ساڳي پوسٽ تي ٽي سال ڪن رهي، هاڻ پنهنجو نئون عهدو سنڀالڻ لاءِ ڪراچيءَ جي شپ يارڊ لاءِ وڃي رهيو هو. آئون انهن ڏينهن ۾ملائيشيا ۾ نئون آيو هوس. ڏکئي وقت ۾ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ هن مونکي پنهنجي دوست شير خان سان ملايو هو. شير خان ـ قداور ۽ ڪسرتي جسم وارو هو. جهڙو شڪل ۽ ڪپڙي گنديءَ ۾ صاف سٿرو هو، اهڙو سندس اندر اجرو ۽ صاف سٿرو هو. ملڻ ملائڻ ۽ ڪم ڪار جو مڙس ماڻهو هو. پاڻ ان بعد سال ڏيڍ ڪن ڪوالالمپور (ملائيشيا) ۾ هو ۽ ساٿس ملاقات ٿيندي رهي. نئون مئنيجر جميل آيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڍاڪا ۾ به رهيو هو. جميل هتي جي ايئرٽريول ڪمپنين سان ملي هتي جي ماڻهن کي پي آءِ اي ۾ سفر ڪرڻ ۽ پاڪستان گهمڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن ٻين ملڪن جو ايئر لائينون ڪري رهيون آهن. جنهن سان نه فقط هوائي جهازن جي ڪمائي ٿي رهي آهي پر پنهنجي ملڪ جي ٽوئرزم پڻ وڌائي رهيون آهن. پر افسوس جو ان ڏس کي ڪيس ايتري ڪاميابي نصيب نه ٿي جيتري هن جفاڪشي ڪئي.

جميل ڪوالالمپور ۾ گهڻو نه رهيو. سندس جاءِ تي اڏيري لعل جو سيد اسرار شاهه مئنيجر ٿي آيو، جيڪو اجا تائين آهي. اسرار شاهه جي اچڻ جو مونکي پاڪستان ايمبسيءَ جي پريس اٽيچي مسٽر وڪيل ملڪ ٻڌايو. "تون پي آءِ اي جي سائينءَ سان نه مليو آهين؟ ڏاڍو سنو ماڻهو آهي. ڪراچي مان بدلي ٿي آيو آهي. خالد صاحب سان ته سنڌيءَ ۾ خوب ڪچهري ڪندو آهي. خالد صاحب چڱو عرصو سنڌ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو آهي سو سني سنڌي ڳالهائي ٿو."

اسان جي ملڪي سفارتخانن، بئنڪن، هوائي ڪمپنين ۽ ٻين سرڪاري آفيسن ۾ سنڌي ٻنهي ۽ نه برابر آهي. سو اتي هڪ هم زبان ۽ وري ساڳي علائقي جي همراهه جو ٻڌي خوشي ٿيڻ هڪ قدرتي ڳالهه آهي. ويتر جو خبر پيئي ته اسان جا ڪيترائي مائٽ ۽ دوست هڪ ٻئي جا سڃاڻا آهن ته پوءِ هر دفعي ملاقات ۾ پنهنجين خبرن سان گڏ انهن يارن: ڊاڪٽر اسلم گهلو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، رفيع ڪاچيلو، بجاراڻي، نٽي جي حميد ميمڻ ۽ فيض ميمڻ، ظفر جمالي، جبار جمالي ۽ ٻين جون ڳالهيون ڪري ڪين ياد ڪندا


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈ من: امیر عدنان 03337516944)

هئاسين. شاهه صاحب اڙدو، سنڌي، انگريزيءَ کان علاوه جرمن زبان جو پڻ ڄاڻو آهي. ڪنهن زماني ۾ ٿوري گهڻي يوناني ۽ ڊچ پڻ ايندي هيس پاڻ تعليم ۽ نوڪرين جي سلسلي ۾ مختلف هنڌن تي رهيو. بنيادي تعليم اڏيرو لعل مان حاصل ڪري، پوءِ ڏهه سال ڪوئٽا جي گرامر اسڪول ۾ سينيئر ڪئمبرج تائين پڙهيو.

”شاهه صاحب! گستاخي معاف.“ هڪ دفعي مون ڪانئس پڇيو، ”توهان سيد وڏيرا ٿي ڪري، هڪ ڳوٺڙي مان ننڍي عمر ۾، مائٽن کان پري، ڪوئيٽا جي گرامر اسڪول جهڙي اداري ۾ تعليم لاءِ ڪيئن ويائو ـ جتي جي پڙهائي تمام سخت چئي وڃي ٿي ۽ جڏهن ته انهن ڏينهن ۾ڪيترن سيدن، پيرن، وڏيرن کي تعليم جهڙي ڳالهه ڏي ايترو ڌيان نه هو؟“

”هائو. اها ڳالهه صحيح تا ڪريو. ان لاءِ ڪريڊٽ منهنجي والد مرحوم حاجي محمد صالح شاهه کي ملڻ کپي، جنهن ڀهراڙيءَ واري ماحول ۾ رهڻ جي باوجود به تعليم حاصل ڪرڻ کي اهم سمجهيو ٿي. رفيع ڪاڇيلو  کي به اوڏانهن موڪلڻ لاءِ بابي مرحوم جو هٿ هو. پاڻ رفيع جي پيءُ مرحوم عبدالصمد ڪاڇيلو کي ان بابت نه فقط صلاح ڏنائين پر زور پڻ پريائين. الله جي فضل سان تن ڏينهن ۾ سنڌ جي زميندار، وڏيري، پير وٽ پئسي جي کوٽ نه هئي. پر پڙهائيءَ لاءِ سواءِ چند ماڻهن جي ٻين کي نه پنهنجو شوق هو ۽ نه ڪنهن سندن رهنمائي ڪئي ٿي. نه ته اڄ ڪيترن ئي سيدن پيرن وڏيرن جو اولاد  ڊاڪٽر عبدالغفار جتوئي، حميده کهڙو، غوث  عليشاهه جيان سرجن، پروفيسر، جج، انجنيئر وڪيل هجن ها.“

اسرار شاهه ۾ هڪ ڳالهه  محسوس ڪيم ته هن کي هڪ ته بي علم يار پسند ناهي. هو اهوئي چاهي ٿو ته هر هڪ تعليم  ضرور وني علم حاصل ڪري ۽ محنت مزدوري ڪري ڪمائي. هن پنهنجي پائيتي مشتاق شاهه جومثال ڏيندي هڪ دفعي ٻڌايو ته ڪيئن پاڻ ڪيس سول سروس جي امتحان لاءِ سختيءَ سان محنت ڪرائي امتحان پاس ڪرايو. ”ان بعد هن ڪسٽم  جو ڪاتو ڪٽڻ چاهيو ٿي. پر مون ڪيس سمجهايو: ”توکي رب پاڪ پئسي جي ڪا کوٽ نه ڏني آهي. ڪسٽم آفيسر ٿيندين ته غريبن کي کهڙو سنئون سڌو فائدو ٿيندو. وڏ ۾ وڏائون ٿي بئگون ڪٽي ايئرپورٽ تي لهندس ته ڪٽي به چار سؤ رپيا ڊيوٽيءَ جا ڇڏيندين. ان کان ته پوليس جهڙو ادارو ڪڻ جنهن ۾ نيڪ نيتيءَ سان ڪم ڪري غريبن جي پڻ مدد ڪري سگهين ٿو.“  هن منهنجو چوڻ مڃي ائين ئي ڪيو. اڄڪلهه هو نئي بدلي تي آيو آهي. ان کان اڳ 1986ع ۾ ڪجهه عرصو ميرپور خاص ۾ ڊي ايس پي هو.“


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”پلا ملائيشيا جي پوليس توهان کي ڪيئن لڳي ٿي؟“ مون پڇيومانس.

”انگريز جتي به رهيا آهن اتي هنن پوليس، ريل، ٽپال، ڪورٽون، انتظاميه جهڙا ادارا نه فقط ٺاهيا پر انهن کي انصاف، سختي ۽ ايمانداريءَ سان هلايو. تڏهن ته چيو وڃي ٿو ته انگريزن جي راڄ ۾ شينهن ۽ ٻڪري هڪ ئي گهاٽ تي پاڻي پيئن ٿا. انگريزن جي وڃڻ بعد، ڪي ملڪ انهن ادارن کي اهڙي ئي ايمانداري ۽ سختيءَ سان هلائيندا اچن ته ڪن ۾ بي ايماني رشوت ۽ فرض پورو نه ڪرڻ ۽ طرفداريءَ جهڙيون تباهي آڻيندڙ ڳالهيون ڪاهي پيون آهن. ملائيشيا ۽ سنگاپور اهڙا ملڪ آهن جن ۾ اڄ تائين نه فقط انگريزن وارو ساڳيو طريقو هلندو اچي پر پاڻ ان ۾ سختي ۽ وڌيڪ سنائي آئي آهي. ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جو جوڊيشري، انتظاميه ۽ خاص ڪري پوليس هڪ مثالي ڪاتو آهي، جنهن جي ڏورانهن ملڪن کي پڻ سبق حاصل ڪرڻ کپي. هتي جي پوليس بي ڏوهيءَ ۾ هٿ نٿي وجهي. غريب ۽ منجهيل شهريءَ جي مدد ڪري ٿي پر بدمعاش ۽ ڏوهاريءَ کي ٻنهه نٿي ڇڏي. قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ چاهي غريب هجي يا وڏو ماڻهو، هو پوليس کان بچي نٿو سگهي. ملائيشيا جي پوليس ۾ جيتوڻيڪ ننڍا ننڍا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن پر خوشي ٿي ٿئي ته هو ڪيڏو چست، سمارٽ ۽ فرض شناس آهن. هنن کي ملڪ لاءِ ڪيڏو درد آهي. رشوت يا اثر رسوخ واري ماڻهوءَ جو پاسو ڪڻڻ جهڙي شيءِ مور نه اٿن. خير اها بي ڳالهه آهي ته ان جو سبب اسان اهو چئي سگهون ٿا ته هتي جي پوليس جو پگهار گهٽ آهي. ڪين اوچيون گاڏيون موٽرون مليل آهن. طبي ۽ ٻارن جي تعليم جون وڏيون سهوليتون مليل اٿن، ان ڪري ڪين لالچ ناهي. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي ڏسي ڪين احساس ڪمتري نٿو ٿئي. پر منهنجي خيال ۾ سندن ايماندار هجڻ جو اهو سبب ناهي. پگهار وڏا اٿن پر اهڙا وڏا به نه اٿن. منهنجي نظر ۾ ملائيشيا جي پوليس جي ايماندار ۽ هڏ ڏوکي هجڻ جو وڏو سبب اهو آهي ته ڪين پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ درد آهي. هو پنهنجي ملڪ کي بيحد گهڻو چاهين ٿا. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن کي ملائيشيا کان سکڻ کپن.“

اسرار شاهه کي سنڌ جي وڏيرن، سيدن ۽ ميرن پيرن جي بي اها ڳالهه پسند نه آهي ته هو ٿوري گهٽي ڳالهه تي پنهنجيون زمينون وڪڻي، گهرجون پوريون ڪن ٿا.

”زمين هرگز وڪڻڻ نه کپي.“ هڪ دفعي ڳالهين دوران هن پنهنجو خيال ٻڌايو، ”آئون ته پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي هر وقت اها ئي صلاح ڏيندو آهيان ته جنهن جي پيرن هيٺان زمين ناهي ان جي ڪا حيثيت ناهي. پاڻ وٽ ته سنڌيءَ ۾ به ان لاءِ چوٽي آهي ته ٻنيون ۽ ونيون مئي مارائي بنا نه ڏجن. هينئر آئون ڪراچيءَ هوس، زمينون


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پري ٿيون، تڏهن به مهيني ۾ هڪ يا ٻه دفعا اڏيرو لعل وڃي نظر ڪري آيس. ماڻهو ڪٽي کهڙي به ولايت ۾ رهي پر آخر ۾ وري به هن ڪي پنهنجي پٽ جي چڪ ٿئي ٿي. آئون ته اهو پيو سوچيان ته ڪو اهڙو قانوني طريقو ڳوليان جنهن موجب منهنجو پٽ جيڪو اجا ته ٻن سالن جو صغير آهي، وڏو ٿي به پنهنجي زمين وڪڻي نه سگهي."

ڪوالالمپور جي پي آءِ اي آفيس جو مئنيجر اسرار شاهه لڳ ڀڳ چاليهه سال ڄمار جو هوندو. پاڻ سينيئر ڪئمبرج ڪوئيٽا ۾ ڪرڻ بعد انٽر سائنس ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪيائين ۽ گريجوئيشن بلوچستان يونيورسٽيءَ مان. پي آءِ اي ۾ نوڪري ڪرڻ کان اڳ پاڻ اڍائي سال کن ائمسٽرڊم ۾ ۽ ٻه سال کن يونان ۾ پڻ نوڪري ڪئي. ائمسٽرڊام ۾ هن جڳ مشهور "ٽائيم ـ لائيف ڪارپوريشن" ۾ ڪم ڪيو، جتي جرمن ۽ ڊچ زبانون پڻ سکيون. يونان ۾ هن پورس (Poros) نالي ٻيٽ تي پان هيلانڪ هوٽلن جي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيو. هي ٻيٽ يونان جي مشهور شهر اٿينس کان پاڻي واري جهاز رستي ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي. ان بعد اسرار شاهه پاڪستان اچي ڪجهه عرصو سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ SRTC ۾ نوڪري ڪئي. جنهن بعد 1975ع ۾ هو نه فقط پي آءِ اي جي ٽينڊڙ چوندڙ ۾ ڪنيو ويو پر نوڪري ملڻ تي جنهن محنت ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪري ٿوري عرصي ۾ جيڪي پروموشن حاصل ڪيا، سي قابل تعريف آهن.

مون جهٽ پٽ سندس گهرايل چانهه پي چيومانس: "شاهه صاحب اڄ گهٽو وقت نه ويهندس. هڪ دوست کان ڪئميرا وٺي آيو آهيان. توسان ۽ ٻين سان گڏ فوٽو ڪڍائڻ جو شوق ٿيو اٿم. ڪنهن ڪي گهراءِ ته پنهنجو فوٽو ڪڍي."

هن پنهنجي سيڪريٽري ڇوڪريءَ کي فوٽو ڪڍڻ لاءِ سڏايو ۽ اسان گڏ ٿي بيهاسين.

"فوٽو سنو ڪري ڪڍجانءِ نه ته تنهنجو خير ناهي." شاهه صاحب ان چيني ڇوڪريءَ سان چرچو ڪندي چيو. هن غريب ته جواب نه ڏنو پر مون دل ئي دل ۾ چيو: "جهڙي شڪل هونديسين اهڙو ئي فوٽو ايندو، هوءَ ڇا ٿي ڪري سگهي."

"يلا بيهي ڪڍايون يا ويهي؟" شاهه صاحب مون کان پڇيو.

"منهنجي خيال ۾ هڪ بيهي، هڪ ويهي." مون وراڻيومانس.

ڇوڪري فوٽو ڪڍڻ واري هئي ته ڪو اوچتو خيال آيس ۽ صلاح ڏنائين ته ڪرسي ۽ ميز جي پس منظر ۾ ٿي بيهون. سو ٽيبل اڳيان ٿي بيهاسين. سامهون ڀت تي


ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سچي دنيا جو رنگين وڏو نقشو لڳل هو. مون چوڪريءَ کي ٿوري دير ترسڻ لاءِ چئي شاهه صاحب کي صلاح ڏني: ”يار شاهه صاحب هن نقشي جي اڳيان چو نه ٿي بيهون“

”واهه واهه!“ شاهه صاحب هائوڪار ڪندي نقشي جي اڳيان ٿي بينو ۽ پوءِ جڏهن چوڪريءَ فوٽو ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا جو بٽڻ دٻايو ته بٽڻ دٻجي ئي نه.

”ڪئميرا لاڪ ته نه ٿيل آهي؟“

”نه لاڪ به نه آهي.“

”فلم رول ختم ته نه ٿي ويو آهي “

”اهو به نئون پيل آهي.“

ڪئميرا کي گهڻو ئي اٿلايو پٿلايوسين پر ڪجهه نه ٿيو. چوڪريءَ ٻڌايو ته سامهون ائمپنگ پلازا ۾ فوٽو گرافر جو دڪان آهي. اهو شايد ڪئميرا ناهي سگهي ٿو.

ٿوري دير بعد نوڪر ڪئميرا کڻي آيو ته دڪاندار ٿو چوي ته ڪئميرا منجهه رول گهمائڻ واري موٽر جئم ٿي ويئي آهيءِ مرمت لاءِ ڪئميرا کي ورڪشاپ موڪلڻو پوندو.

شاهه صاحب کي چيم ڪئميرا ڏاڍي ٻڌائي. استعمال ٿيڻ کان اڳ مرمت ۽ سروس جي ضرورت اٿس. افسوس به ٿيو ته جنهن ڪم لاءِ آيس ۽ اڌ ڪلاڪ پوز ناهڻ ۾ لڳو اهو ڪم نه ٿيو، پر پوءِ ڪلي شاهه صاحب کي چيم ته يار چڱو جو هيءَ جٺ هتي ئي ٿي ۽ پهرين تو وٽ آيس نه ته پهرين پنهنجي سفير عظمت حسن صاحب وٽ پئي ويس. اجايو ان جو وقت خراب ٿئي ها.

ڪئميرا کي سندس چمڙي جي پوتڙيءَ ۾ بند ڪري، شاهه صاحب کان ڪلي موڪلايم: ”شاهه صاحب هاڻ هيئن ڪجانءِ جو پاسپورٽ يا ڊرائيونگ لائسنس لاءِ تنهنجي ڪڍايل ڪاري اڇي فوٽوءَ جي ڪاپي ٻچيل هجي ته اها مون ڏي ملاڪا موڪلي ڏجانءِ ته يادگار طور البم ۾ هڻي ڇڏيان.“

”پوءِ ڪئميرا جو ڇا ٿو ڪرين؟“

”ڪندس وري ڇا. مالڪن کي مبارڪ وجي ٿو ڏيان ته سني ڪئميرا آٽوميٽڪ ورتي اٿو.“

”فوٽو ڪڍڻ واري چوڪريءَ جي نظر لڳي ويس.“ شاهه صاحب چيو.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

” نظر نہ پر دعا لڳامي ويس جو فوٽو جي اچن ها تہ ڪيس سور سجهيا ٿي تہ اهي کهڙا اچن ها. اجايا ڌڙڪا ڪائي ها. بهرحال شاھ صاحب هن ملاقات جو احوال لکڻ کان اڳ تنهنجي فوٽوءَ لاءِ وري ايندس ـ ہي کنهن کان ڪئميرا وٺي.“

ڪار ۾ ڪئميرا کي اتي انگڪاساريا بلڊنگ جي پارڪنگ لاٽ ۾ ئي ڇڏي ٻاهر ائمپنگ روڊ تي آيس، جنهن جي هڪ پاسي منگ ڪورٽ هوٽل ۽ BMF پلازا جهڙيون عمارتون آهن ۽ ٻئي پاسي ٻارن جي اسڪول بعد پاڪستان ايمبسيءَ جي عمارت آهي. وڏي ڪشادي لان جي پويان پراڻي زماني جي آرڪيٽيڪٽ واري هيءَ عمارت پري کان نمايان لڳي ٿي. لڳي ٿو تہ ملايا کي آزادي ملڻ سان جن ملڪن هتي اچي يڪدم سفارتخانا کوليا، پاڪستان پڻ انهن مان هڪ آهي. تڏهن تہ پاڪستان ايمبسيءَ جي شهر جي وچ ۾، ههڙي اهم رستي تي، ههڙي پراڻي ۽ وڏي عمارت آهي. نہ تہ ٻيون ايمبسيون پري پري ڪنڊ پاسن ۾ آهن.

پاڪستان ايمبسيءَ جي رسيپشن تي وينل ملائيشين عورت کي Selamat Pagi (خير هجي صبح جو) چئي مٿي قانصلر صاحب ـ بلڪ صاحبا ـ مس فوزيہ نسرين جي آفيس ۾ آيس. اڄڪلهہ مردن سان گڏ پاڪستاني عورتون پڻ سول سروس، پوليس، جوڊيشنري ۽ فوج جهڙن کاتن ۾ نظر اچن ٿيون. فارين سروسز ۾ مس فوزيا نسرين پهرين عورت آهي، جنهن سان منهنجي هتي ڪوالالمپور ۾ ملاقات ٿي. پاڻ گذريل سال ملائيشيا ۾ فرسٽ سيڪريٽري ٿي آئي هئي ۽ سگهوئي قانصلر جي عهدي تي پروموشن ٿيس. پاڻ اسان جي دوست ظفر شيخ جي ڪلاس ميٽ آهي، جيڪو پڻ ويجهڙائيءَ ۾ بنگلاديش مان بدلي ٿي سعودي عرب ۾ پاڪستاني سفارتخاني جو قانصلر مقرر ٿيو آهي.

ٿوري دير فوزيا نسرين جي آفيس ۾ ساڻس ۽ نئين آيل پريس اٽيچي مسٽر وڪيل ملڪ سان خبر چار ڪري پوءِ ڪجھ دير سفير کي ڪيڪارڻ ۽ پنهنجو نئون ڪتاب ڏيڻ لاءِ ويس. وڪيل صاحب کان خبرن دوران هتي جي نيوز ميڊيا جي ڳالهہ نڪتي تہ ملائيشيا اهو ملڪ آهي، جتي اخبارن، ٽي وي، ريڊيو جا اڌ کان وڌيڪ نيوز رپورٽر، جرنلسٽ ۽ ليکڪ انڊين آهن. جيڪي هونءَ ڪٽي هاڻ ملائيشن سڏجن ٿا پر ظاهر آهي قدرتي طرح هنن جو اڄ بہ لاڙو انڊيا ڏي وڌيڪ آهي. پاڪستان جو مان مٿانهون ڪرڻ ۽ حقيقت ڏي ڌيان ڏيارڻ لاءِ اسانکي ڪافي مقابلو ۽ محنت ڪرڻي پوي ٿي.

فوزيا نسرين کي چيم: ”هڪ سوال پڇانءِ؟“


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”منهنجي خيال ۾ نه ئي پڇ.“ هن پنهنجي سني ۽ ڪلمڪ طبيعت جو هميشه وانگر اظهار ڪندي جواب ڏنو.

”نه سوال ضرور پڇڻ چاهيان ٿو. هر دفعي ملاڪا پهچڻ تي ياد اچيم ٿو. اڄ اهو پڇي پوءِ هتان روانو ٿيندس.“

”چڱو پڇ“

.پنهنجي ملڪ ۾ جتي گهڻو ڪري ڇوڪريون ليڪچرار، ڊاڪٽر، بئنڪر يا وڌ ۾ وڌ وڪيل ٿيڻ چاهين ٿيون اتي توهان ڪي فارين سروسز جو شوق ڪيئن ٿيو؟“

”خبر اٿو. مون به ليڪچرار ٿيڻ چاهيو ٿي.“ فوزيا ڪلندي وراڻيو.

”چو يلا؟“

”چو يلا! ها. مون جڏهن انگلش ۾ ايم. اي ڪئي پئي ته اسان جي ڪاليج ـ ”لاهور ڪاليج فار وومين“ ۾ مسز سراج نالي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ هوندي هئي. بيحد قابل هئي. سندس پڙهائڻ جي اسٽائيل مان ڏاڍو متاثر هيس. هميشه چاهيندي هيس ته ايم. اي ڪرڻ بعد آئون به آپا مسز سراج وانگر ليڪچر ڏيان، پڙهايان.“

”پوءِ هن پاسي ڪيئن رُخ رکيانو؟“

”1972ع ۾ مون ايم. اي ڪئي. ان بعد سپيرئر سروس لاءِ وينس، جنهن ۾ سنو نمبر ڪنيم. ۽ پوءِ مائٽن جي صلاح موجب ـ خاص ڪري منهنجي مامي جي رهنمائيءَ هيٺ هيءَ برانچ اختيار ڪيم. منهنجو مامو قاسم رضوي پڻ سول سروس ۾ رهي چڪو آهي.“

”هن کان اڳ توهان جو ڪٿي ڪٿي رهڻ ٿيو؟“

”آئون گهڻو وقت ايران ۾ رهي آهيان. 1976ع کان وني 1981ع تائين. ان کان اڳ ۽ پوءِ اسلام آباد ۾ رهڻ ٿيو اتم ۽ هاڻ 1986ع کان هتي ملائيشيا ۾ آهيان.“

ڪو زمانو هو ولايت ۾ رهندڙ پاڪستانين کي پنهنجي سفارتخاني ساڻ هميشه شڪايت رهندي هئي. ان سلسلي جا ڪيترائي خط اخبارن ۾ پڻ ايندا هئا ته فلاڻي ملڪ ۾ پنهنجي ايمبسيءَ ۾ وياسين پر پاسپورٽ نئون ڪري نه ڏنائون. يا گم ٿيل پاسپورٽ وري ناهي نه ڏنائون. يا منجهيل ڳالهه لاءِ صحيح طرح رهنمائي نه ڪيائون. تڪليف ۾ هئاسون. پنهنجي ايمبسيءَ وارن ڪنگهيو به ڪونه. پر ۾ انڊين ايمبسيءَ وارن پنهنجن انڊين سان گڏ اسان جي به مدد ڪئي. يا چين جي سفارتخاني مدد ڪئي.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

اهو 1970ع کان اڳ وارو دور هو. نه فقط اخبارن ۾ پر ماڻهن جي واتان پڻ ٻڌبو رهبو هو. پتي صاحب هڪ ڳالهه ڪئي جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ آسان ڪيائين. ان سان عوام کي به فائدو ٿيو ته حڪومت کي به. ان کان علاوه ٻاهر رهندڙن جو خيال رکڻ لاءِ ڪيترين ئي ايجنسيون ـ ولايت ۾ نوڪري ڏيارڻ جو کاتو (Overseas Employment)، نوڪريءَ جو بچاءُ کاتو ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا ان دور ۾ ۽ ان کان پوءِ ئي کليا. ساڳي وقت سفارتخانن ۾ هڏ ڏوکي، قابل ۽ ڪم جو اڃت اڪلاءُ ڪرڻ وارا آفيسر چونڊبا رهيا. ملڪ ۽ ماڻهن جي مدد ڪرڻ وارا نيڪ نوجوان فارين سروسز ۾ اچڻ لڳا. هاڻ اسان جي سفارتخانن جو اميج ڪجهه ٻيو آهي. گذريل ڏهاڪو سالن ۾، مختلف ملڪن ۾ متاچري طرح ۽ ملائيشيا ۾ چڱيءَ طرح جائزو وٺڻ بعد هن ڪاتي جي اعليٰ ڪارڪردگي جي اهميت ۽ قدر جي وڏيڪ ڄاڻ پوي ٿي ته پرديس ۾ رهندڙ اسان پاڪستانين جو گهر کان ڏور سفارتخانا، ملڪ جي حال سارو رڪيل گهٽ اسٽاف ۽ گهٽ بجيٽ هوندي به جنهن نموني سان هڪ طرف پرديس ۾ رهندڙ پاڪستانين جي رهنمائي ۽ مدد ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف ڌارين ملڪن کي پنهنجي ملڪ جي تهذيب ۽ ڪلچر کان واقف ڪري رهيا آهن. اها ڳالهه قابل داد آهي ۽ هن سڄي تر ۾ ملائيشيا ۾ موجود اسان جو سفارتخانو ته سڀ کان اڳيان اڳيان آهي.

1982ع ملائيشيا آيو هوس ته ان وقت بلگرامي صاحب ڪوالالمپور ۾ پاڪستان جو سفير هو. پاڻ پراڻو سفير ۽ نيڪ انسان هو. سندس اسٽاف چوڌري صلاح الدين کان وٺي گل خطاب عباسيءَ تائين ـ پرديس ۾ رهندڙ پاڪستانين جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بلگرامي صاحب جو هارٽ اٽيڪ ڪري اوچتو موت ٿيو ته نه فقط پاڪستانين کي ڏک ٿيو پر انهن ملائيشين کي پڻ جن جا ڏاڏا پڙڏاڏا ڪنهن زماني ۾ پاڪستان کان لڏي هتي ملائيشيا ۾ هميشه لاءِ اچي رهيا ۽ هينئر هنن عيد برات ۽ ٻين غمي خوشين جي ڪاڄن ۾ پنهنجو پاڻ کي پاڪستانين سان منسوب ڪيو ٿي.

بلگرامي صاحب کان پوءِ ملائيشيا ۾ پاڪستان جي سفارتخاني جا پهريان ماڻهو جيتوڻيڪ بدلي ٿي ويا ـ چوڌري صلاح الدين کان وٺي عباسي صاحب تائين، پر جيڪو نئون اسٽاف آيو: سفير سيد عظمت حسين کان وٺي قونصلر فوزيا نسرين ۽ پريس اٽيچي وڪيل ملڪ تائين، انهن پڻ ساڳيو وهنوار رکيو ۽ پهرين جي ياد ضرور رهي پر کوٽ جو احساس نه ڏياريو. ڪيترا دفعا لنچ ٽائيم ۾ وڃڻ ٿيو آهي ته به هتي جو اسٽاف ڪم ۾ رڌل نظر آيو آهي. بقول قونصلر فويزيا نسرين جي "جيسين ڪم پورو نه ڪندي آهيان چين نه ايندو اٿم." سفير صاحب پاڻ ذاتي دلچسپي وٺي، ملڪ جو نالو روشن


ڪتاب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪرڻ ۾ پنهنجن ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ نه فقط نديا وڏا مسئلا حل ڪيا هوندا پر نوڪريون پڻ ونرائي ڏنيون هونديون جيئن اسان جا ڊاڪٽر، اسان جا انجنيئر، اڪائونٽنٽ، پورهيت هڪ طرف غير ملڪي ناڻو ڪمائي سگهن ته ٻئي طرف محنت ۾ لڳاءُ سان نوڪري ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪن. البت عظمت صاحب کي اها شڪايت ضرور رهي آهي ته اسان جي نوجوان کي هر نوڪري پئسي جي ساهميءَ ۾ تورڻ نه کپي. ان سلسلي ۾ هڪ دفعي پاڻ پاڪستان کان آيل، نوجوان ڊاڪٽرن بابت ٻڌايو ـ جن کي ويجهڙائيءَ ۾ ملائيشيا حڪومت نوڪري لاءِ گهرايو. پر انهن مان ڪجهه خوش نه آهن جو هڪ ته ڪين شهرن بدران ڳوٺن ۾ نوڪري ڪرڻ واري ڳالهه ناپسند آهي ٻيو ته پگهار گهٽ لڳين ٿو.

”توهان جو پگهار ڪيترو آهي؟“ سفير صاحب مون کان پڇيو.

”تمام گهٽ پاڪستان جيترو ئي آهي.“ مون وراڻيو، ”آئون سمجهان ٿو ته هن پاسي جي ملڪن جا پگهار عرب ملڪن يا انگلينڊ آمريڪا جيترا نه آهن. انهن جي اڌ جيترا به نه آهن.“ ”پر اهو آهي ته هنن ملڪن جي موسم ۽ ماحول سٺو آهي. چرپر جي آزادي ۽ عزت آهي.“ سفير ٻڌايو. ”عرب ملڪن ۾ پگهار ڪٽي گهٽو آهي پر اهو ته سوچجي ته اتي جي موسم ڪيڏي سخت آهي. ماحول ڪيڏو اوپرو آهي. ڪاڌي پيتي جي ڪيڏي مهانگائي آهي ۽ اتي (عرب ملڪن ۾) نوڪريءَ جي ڪيڏي غيريقيني صورتحال ٿيندي وڃي. هڪ نوجوان ۾ تازي گريجوئيٽ کي شروعات ڪرڻ ۾ ڪم سکڻ لاءِ ڪٿي به نوڪري ملي ته بسم الله ڪرڻ کپي ۽ ٻئي سان پاڻ کي پيٽي ارهو ۽ اهنجو نه ٿيڻ کپي. ساڳي طرح هتي ملائيشيا ۾ موڪل ٽن سالن بعد ٿئي ٿي ۽ اسان جا پاڪستاني عرب ملڪن ۾ پنهنجن پاڪستاني دوستن سان پيٽي ـ جيڪي هر سال وطن اچن ٿا، رنج ٿين ٿا. هن پاسي: ملائيشيا، برونائي، سنگاپور ڏي ٽي سال لڳاتار ڪم ڪرڻو پوي ٿو. پر اهو آهي ته هتي جو ماحول سٺو آهي. آزادي وڌيڪ آهي. گهمڻ ڦرڻ ۽ تفريح جا انيڪ ذريعا آهن. پر عرب ملڪن ۾ ائين ناهي. پوءِ اتي مهينو مهينو گذرڻ به جيل ٿيو پوي. بهرحال هر ملڪ جا پنهنجا پنهنجا قاعدا قانون آهن. ملائيشيا ۾ نوڪري ڪندڙن کي ملائيشيا جي قاعده قانونن سان نباهڻ گهرجي. آخر انهن حالتن ۾ ٻين ملڪن جا ماڻهو به ته نوڪري ڪري رهيا آهن ۽ خوش آهن.“

سفير صاحب اهو پڻ ٻڌايو ته گذريل مهيني PNSC جو چيئرمين يوميل صاحب هتي ڪوالالمپور ۾ آيو هو. هتي جي جهازران ڪمپني MISC (ملائيشيا انٽرنيشنل شپنگ ڪارپوريشن) ۾ ٽرانسپورٽ ڪاٽي وارن سان ان سلسلي ۾ ميٽنگ هيس ته پاڪستان ۾ ملائيشيا جي وچ ۾ هڪ ٻئي ملڪن جي جهازن کي ئي ڪارگو ڏنو وڃي.



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ملائيشيا وارن کي اجا ڊزائين ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ضرورت آهي ۽ هو ان ڏس ۾ پاڪستاني جهاز سازيءَ جي ماڻهن کي پاڻ وٽ رکڻ چاهين ٿا.

عظمت صاحب جي اها ئي دلي خواهش هئي تہ جيسين ملائيشيا وارن کي اسان جي ضرورت آهي تيسين اسان هتي ئي نوڪري ڪندا رهون. پاڻ ملاڪا اچي اسان جي سامونڊي اڪيڊمي (Akedmi Laut) گهمڻ جو پڻ خيال ڏيکاريائين.

سيد عظمت حسن صاحب 1944ع ۾ ڄائو. پنجاب يونيورسٽي ۽ انگلينڊ مان بي. اي ڪيائين. 1966ع ۾ فارين سروسز ۾ آيو ڪيترن ئي هنڌن تي ڊپلوميٽ جي ڊيوٽي (Diplomatic Assignment) سرانجام ڏنائين. جهڙوڪ: ٽي سال روم (اٽليءَ) ۾، چار سال ڪن نيويارڪ (آمريڪا) ۾، ٽي سال ڪن ابوظبيءَ ۾. شروع وارا ٻہ سال او ايس ڊي جي حيثيت ۾ اسلام آباد ۾ رهيو. ان بعد 1971ع کان 1974ع تائين سيڪشن آفيسر هو ۽ چار سال کن ڊائريڪٽر هو. 1983ع ۾ ڪين ڊائريڪٽر جنرل جي ترقي ملي. پاڻ مارچ 1985ع کان وٺي هتي ملائيشيا ۾ سفير آهي.

پاڪستان ايمبسيءَ مان نڪرڻ بعد واپس پي آءِ اي جي آفيس واري عمارت مان ڪار ڪڍڻ آيس. پارڪنگ وارن ٽن چئن ڪلاڪن جا چار کن ڊالر پارڪنگ في وٺي رسيد ڏني. ڪار ۾ ٻاهر نڪري، وري ائمپنگ روڊ تي آيس، جتان جالان (شاهراهہ) رُتو رزاق وٺي ڪابي پاسي جالان يوٿانٽ تي آيس، جتي لبيا جي ايمبسي ۽ سعودي عرب وارن جو اسلامڪ قونصل خانو آهي. لبيا جي ايمبسي ـ جنهن کي هو پيپلز بيوريو سڏين ٿا ـ جي سيڪريٽري سعيد محمد الغرجانيءَ سان ٽي سال اڳ، هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ملاقات ٿي هئي. ڪڻڪ رنگو قداور جوان، پهراڻ نموني جي چوغي ۾ خريداري ڪري رهيو هو. مٿي تي بوهرين جهڙي ٽوپي ڏسي سوچڻ لڳس تہ ڪٿي جو ٿي سگهي ٿو. ڪائونٽر وٽ پئسا پيارڻ مهل قطار ۾ هڪ ٻئي جي پويان بيهڻ وقت سلام ڪري پڇيو مانس تہ آيا هو بوهري فرقي جو تہ نہ آهي. چپن تي مرڪ آڻي چيائين:

"نہ. آئون لبيا جو عرب آهيان."

ان بعد پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ ڪرائيسين. پاڻ انجنيئرنگ ۾ ڊگري وٺي فارين سروس ۾ آيو هو. ۽ سنڌس ڪارڊ تي نالي اڳيان مسٽر بدران "انجنيئر" لکيل هو. ان بعد سنڌس گهر ۽ آفيس جي ائڊريس لکيل هئي. ساڻس وري ملڻ لاءِ پاڻ زور پريائين. ان بعد ٻئي دفعي ڪوالالمپور اچڻ تي انجنيئر الغر جانيءَ سان سنڌس آفيس ۾ ملڻ ويس. موڪلائڻ مهل ڪجهہ مذهبي ڪتاب ۽ قرآن جو تفسير ڏنائين. معمار قذافيءَ جو گرين بڪ (سائو ـ ڪتاب) پڻ انهن ۾ شامل هو. اهو ڪتاب ائين مشهور آهي ـ بلڪ



ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

گهڻ ۾ گهڻ قذافي صاحب ان کي ائين مشهور ٿيندو ڏسڻ چاهي ٿو، جيئن چين جي مائوزي تنگ جو ڳاڙهو ڪتاب (Red-Book) آهي.

هڪ ٻئي ڪان پري هجڻ ڪري الغرجانيءَ سان منهنجي تڪڙي تڪڙي ملاقات نه ٿي سگهي پر ٻه چار دفعا جيڪو ملياسين ان ۾ سندس ٻڌايل ديني ڳالهيون، دعائون ۽ هر ڳالھ کي ڪتاب و سنت جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جو طريقو ۽ مذهب تي پابند رهڻ قابل ذڪر آهي. آفيس جي پٽين تي، فائيلن تي، ٽيبل جي شيشن هيٺان ۽ سندس زبان تي هر وقت قرآن جون آيتون ۽ دعائون هونديون هيون. هڪ دعا جيڪا شعر جي صورت ۾ پاڻ ٺاهي هئائين يا شايد ڪنهن ٻئي بزرگ کيس پڙهڻ لاءِ ڏني هئي، ان جي فوٽو ڪاپي مونکي به ڏنائين. ڇهويھ ڪن سٽن مان مٿيون ٿي چار سٽون هن وقت به مونکي ياد آهن:

- ربنا آتنا في الدنيا حسنة و في الاخرة حسنة و قنا عذاب النار
- ربنا آمنا فاغفرلنا ذنوبنا وقنا عذاب النار
- ربنا ما خلقت هذا باطلا سبحانک فقنا عذاب النار
- ربنا وسعت كل شيءٍ رحمة و علما فاغفرللذين تابو واتبعوا سبيلک وقهم عذاب الجيم.

هڪ دفعي کيس چيم ته مون تنهنجي مرشد/امام/صاحب قذافيءَ بابت ٻڌو آهي ته هو دين اسلام جو سچو شيدائي آهي. عمل ۾ به ته گفتار جو به. مان هن سان مليو ته نه آهيان جو ان بابت گواهي ڏيئي سگهان. پر اهو ضرور آهي ته آئون توﻻءِ چئي سگهان ٿو ته تون بيحد نيڪ ۽ متقي آهين.

”ادا! پائو! ائين ته نه چئه. مان گنهگار ٻانهو آهيان دعا ڪجانءِ مون مسڪين کي.“ سعيد محمد الغرجانيءَ جا اهڙي موقعي تي هميشه اهي جملا هوندا هئا.

هڪ دفعي هڪ ڪتاب ڏيندي چيائين: ”هي ضرور پڙهجان ڏاڍو سنو اٿئي. ڪتاب ابو علي مودوديءَ جو لکيل هو ۽ نالو هوس: ”Towards Understanding Islam“.

آئون پڙهي چڪو آهيان.“ مون کيس ٻڌايو. ”خبر اٿو هي ڪتاب مون اسڪول جي ڏينهن ۾ پڙهيو هو. منهنجي خيال ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن منهنجي دماغ ۾



ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

دين اسلام بابت ايرندڙ انيڪ سوالن جا سائنٽيفڪ نموني ۾ جواب مهيا ڪيا هئا. آئون هن ڪتاب کي تمام اهم سمجهان ٿو ۽ مودوديءَ جي لکڻ جي طرز ۽ معلومات کان بيحد متاثر آهيان.“

”اسان پڻ. اهو ئي سبب آهي جو لبيا حڪومت هن ڪتاب جون انيڪ ڪاپيون ڇپرائي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مفت ورهايون آهن، جيئن نوجوانن کي اسلام جي صحيح ڄاڻ ۽ قدر پوي.“ هن ٻڌايو.

هتي اها ڳالهه بي محل نه ٿيندي ته مولانا مودوديءَ سان سياسي نظرئي تي ڪٽي ڪيترا متفق راءِ نه هجن پر سندس مذهبي خدمتن ۽ معلومات کان شايد ئي ڪو انڪار ڪري. مسلمان ملڪن ۾ جيترو مودودي صاحب سڃاتو وڃي ٿو، اوترو شايد ئي ڪو ٻيو پاڪستاني سڃاتو ويندو هجي. سعودي عرب، مصر، لبيا، موراڪو، ماريطانيا جهڙا ملڪ جنهن ۾ سندن به ڪيئي عالم موجود آهن، اتي مودودي صاحب کي پڻ اهم مذهبي شخصيت ۽ علم جو ڀنڊار سمجهيو وڃي ٿو.

ملائيشيا ۾ ڪيترن، اهو معلوم ٿيڻ تي ته آئون پاڪستاني آهيان، يڪدم مولانا مودوديءَ جو پڇيو هوندو. هتي جي ٻين لئبريرين ۾ ته ڇا پر اسان جي مئرين اڪيڊميءَ جي ٽيڪنيڪل لئبرري، جنهن ۾ نوي سيڪڙو جهازرانيءَ بابت لکيل ڪتاب آهن، اتي به مولانا مودوديءَ جا انگريزي ۽ ملئي زبان ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب رکيا آهن ۽ هتي جا ماڻهو شوق سان پڙهن ٿا. هتي جي ڳوٺن ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن جي بازار لڳندي آهي، جنهن کي پاسار مالم سڏجي ٿو. ان ۾ دڪاندار رستن تي شيون رکي سستي اگهه تي وڪڻندا آهن. هڪ همراهه مذهبي ڪتاب، تسبيحون ۽ مُصلا پڻ وڪڻندو آهي. اسان جي ير واري ڳوٺڙي ڪئالا سنگائي بارو جي هڪ اهڙي بازار ۾ ڏسندو آهيان ته مولانا مودوديءَ جا ملئي زبان ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب پڻ هوندا آهن. مون وانگر جيڪي پرديس ۾ پاڪستاني رهن ٿا ۽ انهن کي ڌارئين ماحول ۾ ڪاڏي پيتي کان وٺي نماز، روزي، پوشاڪ ۽ لَڻ ويهڻ جا جيڪي مسئلا درپيش اچن ٿا، انهن جا صحيح سمجهاڻين سان جواب مولانا مودوديءَ جي ڪتاب ”مسائل و رسائل“ ۾ ملندا ـ جنهن جا ست ڪن جلد ڪيترن ئي پاڪستانين جي بيڊروم ۾ نظر ايندا.

بهرحال اچ ڪيترن ئي مهينن بعد ڪوالالمپور اچڻ تي لبيا جي الغرجانيءَ سان ملڻ لاءِ ويس. وچ ۾ عيد تي به نه مليو هئوسانس. گيٽ تي جڳا (چوڪيدار) کان پڇيم. نئون هو سڃاڻي نه پيو. نه مونکي نه الغرجانيءَ کي. نيٺ اتان ئي اندر وينل اندرا نالي


ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تامل هندو سيڪريٽريءَ کي فون ڪيم. تنهن ٻڌايو ته هن کي ته ٽي چار مهينا ٿيندا ته بدلي ٿي طرابلس هليو ويو.

اهو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو. لبيا جا ماڻهو ڪهڙا ٿيندا آهن. ملڪ ڪيئن آهي، اهو نٿو چئي سگهان، پر لبيا جي هن همراهه سان ملي ڏاڍو سڪون ۽ مزو ايندو هو. بقول ملئي ماڻهن جي: سندس منهن ۾ چهايا (نور) هو جنهن جي روشنيءَ ۾ مون جهڙي گنهگار جو اونداهو اندر به شايد روشن ٿي ٿي ويو. آئون چپ چاپ فون رکي گاڏيءَ ۾ اچي ويٺس. جالان يو ـ ٿانت تي ٿورو اڳيان، بروناڻي واري پراڻي ايمبسيءَ ۾ سعودي عرب جي قونصل خاني ۾ آيس جتي ديني ڪتابن جي لئبرري آهي. ٻاهرين دروازي کان وٺي اندر ڪمرن تائين، ڏاڪڻ کان مٿي ماڙ ۽ هڪ هڪ آفيس ۽ هال جو ذرو پرزو غاليچن سان ڍڪيل هو. ڪٻٽن ۾ عربي، انگريزيءَ ۾ اڄ جي ليکڪن کان وٺي امام غزالي رحه تائين جا ڪتاب رکيل هئا ـ ڪي ڏارا وٺي پڙهڻ لاءِ ته ڪي هميشه لاءِ کڻي وڃڻ لاءِ. سندس انچارج محمد مسعود ۽ اسسٽنٽ احمد سان، مٿي آفيس ۾ اچي مليس، پاڻ منهنجن دوستن ۽ مون لاءِ انگريزي ڪتابن جون ڪجهه ڪاپيون ڏنيون.

انهن ۾ هڪ ته "Islam Our Choice" هو، جنهن جي پهرين صفحي تي لکيل هو ته هي ڪتاب پاڪستان ۾ "عائشه بواني وقف" وارن ڇپرائي طرابلس جي جمعية الدعوة الاسلامية وارن کي مفت ورهائڻ لاءِ ڏنو آهي. ٻيو ڪتاب عراقي ليکڪ شيخ محمد محمود جو هو جيڪو شڪاگو آمريڪا ۾ ڇپيو آهي. ٽيون ڪتاب "Workshop in Islam" هو، جيڪو پڻ مولانا مودوديءَ جو لکيل آهي. هي ڪتاب سعودي عرب حڪومت جي اسلامڪ ريسرچ ڪاتي رياض مان ڇپرايو آهي.

آئون پنهنجي لاءِ ۽ پير واري ڳوٺ جي هڪ ٻن ملئي دوستن لاءِ قرآن شريف وٺڻ آيو هوس. هلڻ وقت انچارج چوڪري ڪٻٽ ۾ رکيل جلدن مان ٻه عدد قرآن شريف جا ڪڍي ڏنا، جيڪي سعودي عرب مان تازو ڇپجي آيا هئا. مون وڏن اکرن ۾ لکيل قرآن جو پڇيومانس ته اهي ملي سگهندا!؟

"Ada, Tapi Buruk" (آهن، پر پراڻا ٿيل آهن) انچارج ملئيءَ ۾ جواب ڏنو.

"ڇا مطلب؟"

هو اندرين ڪمري ۾ وٺي آيو جتي ڍهه ٻارهن تمام وڏي سائيز جا ٻه فٽ ٻاءِ ڏيڍ فٽ ڪن جا وڏا قرآن شريف رکيل هئا.



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هن ٻڌايو تہ هي مکي کان آيا آهن. اتي جي مسجد ۾ جڏهن ماڻهو پڙهي پڙهي پراڻا ڪندا آهن تہ اتي نوان رکي پراڻا هيڏانهن موڪليندا آهن. مون انهن مان ہ ڪنيا ۽ اچي گاڏيءَ ۾ رکيا. هيڏي وڏي سائيز جي پني تي هٿ اکرن ۾ لکيل هي قرآن مون پهريون دفعو ڏٺو. پڙهڻ مهل سندس شهيد ٿيل صفحا خيال سان اٿلائيندي دل ۾ اهو احساس ٿيندو آهي تہ مون کان اڳ خبر ناهي خدا جي ڪيترن بندن هي قرآن شريف مکي جي مسجد ۾ ويهي پڙهيو هوندو.

اسلامي قونصل خاني مان نڪرڻ بعد جالان يوٿانت رستو وٺي ڪوالالمپور جي اهم رستي جالان تن رزاق تي آيس، جيڪو هڪ پاسي سرئمبان، ملاڪا ۽ جوهور بارو شهرن ڏي وڃي ٿو ۽ ٻئي پاسي ڪوالالمپور جو سڄو شهر هن رستي ـ جالان تن رزاق جي پاڪر ۾ اچيو وڃي. رستو Se-Hala (هڪ طرفو) هجڻ ڪري اڳيان اتر ڏي سرئمبان طرف وڃي ، پوءِ ڪار کي يو ٽرن جي نشان وٽان موڙي شهر ڏي واپس ٿيس. رستي تي جپان جي ايمبسيءَ وٽ گاڏي بيهاريم، جتان لئبرري مان  مونکي ڪجهہ ڪتاب کڻڻا هئا. گذريل ستن اٺن سالن کان هن پاسي جي ٽن اهم ملڪن: جپان، چين ۽ ملائيشيا ـ جن ۾ مونکي لڳاتار رهڻ جو ڪافي موقعو مليو آهي ـ انهن جا پهاڪا گڏ ڪندو اچان، جيڪي هاڻ آخري مرحلي ـ يعني ڇپائڻ واري منزل تائين اچي پهچايا اٿم.

پرائمري اسڪول  جي ڏينهن ۾ هڪ ”گل شڪر“ نالي پهاڪن جو ڪتاب پڙهيو هوم. تڏهن کان وٺي پهاڪن ۽ چوٽين ۾ منهنجي دلچسپي رهي آهي. وس پڄندي ڪو پهاڪو يا چوٽي ٻڌندو يا ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهندو آهيان تہ نوٽ ڪري ڇڏيندو آهيان. جهاز جي نوڪريءَ بعد مختلف ملڪن ۾ ڪناري جي نوڪري جي دوران اتي جي ماڻهن سان ملڻ بعد انهن ملڪن ۽ زبانن جا پهاڪا ٻڌي گڏ ڪندو اچان. سنڌي، اڙدو ۽ انگريزي بعد ٻئي نمبر تي مٿين ملڪن جي پهاڪن جو ذخيرو گڏ ڪري سگهيو آهيان، جن جو انگريزي ترجمو ملائيشيا ۾ ڇپائڻ جو ارادو رکان ٿو. جپاني پهاڪن جي سلسلي ۾ جتي جپان جي شهرن: اوساڪا، يوڪوهاما، ڪوبي، ٽوڪيو، ڪيوٽو، ساسيبو وغيره جي ماڻهن مدد ڪئي آهي، اتي ڪوالالمپور ۽ ڪراچيءَ جي جپاني ايمبسي ۽ قونصل خاني جو پڻ ٿورائتو آهيان. جن مونکي سندن لائبررين جي ڪتابن پڙهڻ جي کلي دل سان اجازت ڏني آهي. خاص ڪري هتي ڪوالالمپور جي جپاني سفارتخاني ـ جنهن جي لائبرري جيڪا فقط سفارتخاني ۾ ڪم ڪندڙ اسٽاف لاءِ آهي ۽ جتي جي قاعدي موجب هو فقط ہ ڪتاب کڻي سگهن ٿا ـ اتي مونکي بنا ڪنهن پابنديءَ جي ڪتاب کڻڻ جي موڪل ڏني ويئي آهي.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جپاني سفارتخاني جي مين گيٽ وٽ خاڪي وردي پهريل ديدار سنگهه نالي سک چوڪيدار سئچ دٻائي لوهي دروازي جو اليڪٽريڪل تالو کوليو، جتان لنگهي اندر آيس. رسيپشن وٽان ٿيندو لائبرريءَ ۾ پهتس. لائبرري جي ملئي انچارج زين العابدين مونکي وقت وڃائڻ کان بچائڻ خاطر، جپاني ادب جا چار ڪن ڪتاب مون لاءِ اڳواٽ چونڊي ڪڍي رکيا هئا. ڪائنٽر اهي وٺي چيني ڪلارڪياڻي مسز چئان وٽ آيس، جنهن ڪتاب جا نمبر ۽ نالا نوٽ ڪري ان ئي فارم تي منهنجو نالو ۽ ائڊريس لکي مونکان صحيح ورتي.

”ڪتابن تي پندرهن ڏينهن جي تاريخ هڻي ڇڏيان ٿي. وڌيڪ ڏينهن لاءِ جي رکين ته ملاڪا کان فون ڪري ڇڏجانءِ.“ مسز چئان چيو.

”فڪر ئي نه ڪر. هي ڪتاب توکي هڪ ڏينهن ۾ ئي موٽائيندس.“ مون وراڻيومانس.

”چو اهو پلا ڪيئن؟“ هن وائڙن وانگر پڇيو.

”بس سنو امپريشن پيدا ڪرڻ لاءِ. هونءَ جو هميشه دير سان موٽائيندو آهيان سو هن ڀيري سياڻ ئي موٽائي رڪارڊ قائم ڪندس.“

”تڏهن به؟“

”مسز چئان ڳالهه هيءَ آهي جو هن دفعي هينئر جو هينئر ملاڪا موٽڻ بدران اڄ رات هتي ڪوالالمپور ۾ ئي ٽڪي ٿو پوان ۽ ڪتابن جا اهم چيپٽر فوٽو ڪاپي ڪرائي هي ڪتاب توکي سڀاڻي ئي واپس ڏيئي وري ٻيا چار پنج ٻن ٽن هفتن لاءِ ڪٽي ويندس.“

ڪتاب وٺي ٻاهر نڪتس ته گيٽ تي سک ٻڌايو ته سامهون واري اسڪول جي ٻارن موڪل مهل منهنجي گاڏيءَ وٽ راند پئي ڪئي. ”مون ڪين پڇايو ته صحيح پر مڙيا ڪونه. آئيندي مهرباني ڪري اسڪول اڳيان در ڪليل گاڏي نه ڇڏجو.“

مونکي چار پنج سال اڳ جو هڪ واقعو ياد آيو. لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي روڊ وٽ ڪار بيهاري دوست سان ملڻ ويس ته واپسيءَ تائين ٻارن چئني ڦيٿن جي هوا ڪڍي ڇڏي هئي ۽ پوءِ ٽئڪسي ۾ سکر هليو ويو هوس. هينئر به ٽئڪسيءَ جو سوچي ڪار جي ويجهو پهتس ته ڏٺم ته بچاءُ ٿيل هو. نه هوا نڪتل هئي نه وائيپر. ڪار جي اندر سيٽ تي به پاڻيءَ جو ٿرماس، بريف ڪيس ۽ ٽشو پيپرن جو دٻو موجود هو. سردار جيءَ جي اڳيان لنگهندي ڪيس خوشخبري ٻڌايم. وڏو ٽهڪ ڏيندي وراڻيائين:

”امرتسر هجي ها ته انچر پنچر به ڊرا ڪري ڇڏين ها. هتي جا ڇورا ٻنهه ڊڄڻا آهن.“



ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”اوڪي ڏيدار سنگهه Selamat Tinggal“ هٿ لوڏي سردارجيءَ کان موڪلايم. ۽ جالان تن رزاق ۽ جالان ائمپنگ لتاڙڻ بعد Pusat Bandar (معنيٰ وچ شهر) جي بورڊ وٽان مڙي Jalan Raja Muda تي آيس، جيڪو جالان تنڪو عبدالرحمان سان وڃي ملي ٿو. هن هنڌ تي رهائش جون ڪيٽيريون ئي هوٽلون آهن. ڪي. ايل. انٽرنيشنل، سائوٿ ايسٽ ايشيا ۽ سٽي هوٽل کان وٺي گرانڊ سينٽرل، پلازا، شيراز، دشرن هوٽل تائين ۽ خبر ناهي ٻيون به ڪهڙن نالن ۽ نمونن واريون ننڍيون وڏيون هوٽلون ـ جن جو ذڪر ڪنهن به ٽوئرسٽ گائيڊ بڪ يا نقشي ۾ نه ٿيو اچي ـ جو هنن جي مسواڙ ئي ايتري گهٽ آهي جو ڪين ڇپجندو ئي ڇا هوندو جو اشتهار ڏين.

پاڪستان جي مسجد جي قطار ۾ هڪ سستي قسم جي هوٽل ۾ اچي رسيپشن (بقول جپانين جي فرنٽ ڊيسڪ) تي رجسٽر تي پنهنجو نالو، ائڊريس، ڪٿان آيو آهيان، پاسپورٽ نمبر لکائي صحيح ڪري ٿي ماڙ تي پنهنجي ڪمري ۾ پهتس. ڪمرو ائيرڪنڊيشنڊ نه هو (ويهه پاويهه ملئي ڊالرن ـ يعني سوا سؤ رپين ۾، هن مهنگائي واري دور ۾، شهر جي لڳل وچ ۾ ٻن پلنگن وارو ڪمرو، هنڌ، ٽوال، صابڻ، فون، بلاڪيٽ، اٽيچڊ باٿ روم، پکو، ٽيبل لئمپ، چمپل ـ اجا ٻيو ڇا ڇا ڏيندا) ڪمري جو بالڪني وارو در ۽ دريون کوليم. سامهون تعليم کاتي جي آفيس Jabatan Pelajaran Wilayah Persekutuan هئي. ٻين شهرن کان آيل ماستر، ماسترياڻيون ۽ ٻيو عملو هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيو هو، جيئن اسان وٽ تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر، سيڪريٽري وغيره جي آفيس اڳيان هوندو آهي ـ ڪو موڪل جي چڪر ۾، ڪو پروموشن جي سلسلي ۾، ڪو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ جي بدلي لاءِ ـ يا هتي شايد ٻين ڪمن ۽ مسئلن لاءِ هي ڦري رهيا هجن.باٿ روم جو در کولي ڏٺم. سنڌ يونيورسٽي ٽيچر هاسٽل جي باٿ رومن وانگر پاڻي فل پريشر سان اچي رهيو هو. وهنجي پوءِ ٿوري دير لاءِ ليٽي، جپان ايمبسيءَ مان آندل ڪتابن جو جائزو وٺڻ لڳس ته آيا فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ جهڙا آهن يا نه. سائوٿ ايسٽ ايشيا هوٽل پرسان هڪ فوٽو گرافر جو دڪان آهي جنهن کان گهٽو اڳ هڪ دفعو ڦهرين به ڪئميرا نهرائي هيم. ان تي وڃڻ جو ارادو ڪري پنجين بجي ڌاري هوٽل کان نڪتس.

فوٽوءَ جي دڪان جو مالڪ ماستر تان موجود نه هو. سندس زال مسز تان، هڪ سالي ۽ هڪ ڪم واري چيني ڇوڪري فوٽو ڌار ڌار ڪرڻ ۽ دڪان جي صفائي ڪرڻ ۾ رڌل هيون.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مسز تان مون کان ڪئميرا وٺي پيٽس کي ڊارڪ روم (اونداهي ڪمري) ۾ جانچڻ لاءِ ڏني. تيسين وقت پاس ڪرڻ لاءِ مسز تان سان خبرون ڪرڻ لڳس. گراهڪ نه هجڻ ڪري پاڻ به ڪا ٻنهه واندي هئي.

”مڙس ڪيڏانهن ويو اٿئي؟“

”گهر، ٻارن جي سنڀال لاءِ.“

”چو ڀلا؟ اهو ڌنڌو هن ڪڏهن کان شروع ڪيو آهي؟“ مون پڇيومانس.

”دڪان رات جو نائين بند ڪريون. پوءِ هڪ ڏينهن آئون ته هڪ ڏينهن مڙس شام جو پنجين بجي ئي موڪل ڪري ٻارن جي نگهباني ڪرڻ وڃون. اڄ مڙس جو وارو آهي.“

”گهڻا ٻار اٿئي؟“ مون پڇيومانس.

”چار.“ هن فوٽو اسٽيٽ مشين کي صاف ڪندي چيو.

”ٻائرن پينرن ۾ تون ننڍي آهين يا پيٽين؟“

”آئون ننڍي آهيان. پر ڏس هونءَ ننڍي لڳي ٿي ۽ آئون پوڙهي.“

جواب ۾ مون رڳو مرڪيو.

”هرڪو اهو چوندو آهي ته هوءَ ننڍي پيڻ آهي. اڃا شادي نه ڪئي اٿس ان ڪري پاڻ کي مينٽيند رکيو ويني آهي.“

”شادي چو نه ڪئي اٿس؟“ مون پڇيومانس.

”خبر ناهي چو. ڊراڪ روم مان نڪري ته پڇجانس.“

”هن کي انگريزي ڪٿي ٿي اچي. ۽ پيو ته هوءَ مونسان ايڏو فري ناهي. هونءَ ڪو خاص سبب، ڪا خاص ڪهاڻي ان پنيان هجي ته تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ.“

”اچي ته پڇينس.“ هن ڪلندي وري چيو.

”ٻڌائڻو هجئي ته ٻڌاءِ نه ته نهيو. فوٽو اسٽيٽ جو گهڻو ونندينءَ؟“

”جپان ڪڏهن تو وجين؟“

”جپان چو ويندس؟“ مون پڇيو.

”هونءَ جو ايندو ويندو هئين.“



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ان کي سال ٿي وي. توکي خبر ناهي ڇا ته مون جهاز هلائڻ ڇڏي ڏنا آهن. اڄڪلهه ملاڪا جي اڪيڊميءَ ۾ تنهنجي ملڪ (ملائيشيا) جي انجنيئرن کي مئرين انجنيئرنگ پڙهائيندو آهيان. يعني هاڻ ماستر ٿيو آهيان.“

”وسري ويم. پلا مونکي جپان ۾ ڪا نوڪري ملي ويندي “ هن پڇيو.

”جپان وارا پهرين ڏين ئي ڪنهن کي ٿا نوڪري جو توکي ملندي. آئون جيڪو جپان ۾ رهيل هوس سو به پنهنجي ملڪ جا جهاز وٺي ويندو هوس. سامان لهرائڻ ۽ چاڙهڻ بعد چوندا هئا ته نڪرو اسان جي ملڪ مان ـ يا وري نوان جهاز ٺهرائڻ ۽ مرمت ڪرائڻ لاءِ اتي ٽڪيل هوس. جن ۾ جپانين جو فائدو هو ان ڪري رهڻ ڏنو هئائون.“ مون ٻڌايومانس.

”تڏهن به ڇا هو ڪجهه سالن لاءِ موڪل نه ڏيندا ته آئون فوٽو گرافيءَ جو دڪان کولي ڪجهه پئسو ڪمائي اچان؟“

”سائين جپاني توهان چينين کان به وڌا سياڻا آهن. هو ڪڏهن به اهو نٿا چاهين ته ڪو ڌاريون سندن ملڪ مان پئسو ڪمائي وڃي. باقي جپاني ان لاءِ اجازت ڏين ٿا ته ڌارين ملڪن جا ماڻهو سندن ملڪ ۾ گهمڻ يا اهڙي ڪم لاءِ اچن جن مان جپان جي ماڻهن کي فائدو رسي، بس ائين سمجهه جيئن توهان هاڻ ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ ڪري رهيا آهيو. توهان به هاڻ ڪنهن ڌارئين کي ملائيشيا ۾ رهڻ يا نوڪري ڪرڻ جي موڪل ڏيو ٿا؟“

”ڇو نه؟ هي جو تون نوڪري ڪرين پيو؟“

”ها اها ڏني اٿو سو به جڏهن مجبور آهيو. جهاز جو ڪو انجنيئر يا ڪئپٽن پنهنجو نه اٿو جو پڙهائي. هاڻ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي ولايت موڪلي تعليم تي وڏو خرچ ڪرڻ بدران مون جهڙي ايڪڙ ٻيڪڙ کي گهرايو اٿو، جيئن خرچ بچي. پگهار ڪيترو توري ٽڪيو ٿا ڏيو ۽ ان تي به هر وقت اهو ياداشتنامو ته جيئن ئي توهان جو پنهنجو ماڻهو تيار ٿيندو ته اسان جي موڪل. بهرحال توهان جي اها ڳالهه سٺي به آهي جو ڪنهن به ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ کي رهڻ نٿا ڏيو. اهي ملڪ جيڪي ڌارين ماڻهن کي ٻنهه رهڻ نٿا ڏين اهي سکيا آهن، ڦڏو فساد اتي گهٽ آهي. جتي ڌارين ملڪن جا ماڻهو اچيو نڪرن اتي پوءِ هنگاما فساد شروع ٿيو وڃن.......“

”جيئن توهان جي ملڪ پاڪستان ۾.“ هن منهنجو جملو اڌ ۾ ڪپيندي چيو.


ڪتب خانہ... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”مون سمجهيو تنهنجو سڄو وقت اونداهي ڪمري ۾ فوٽو گرافي ڪندي گذري ٿو. پر لڳي ٿو تہ اخبار بہ پڙهين ٿي.“

”توهان ڪي پاڻ اسان جي ملڪ جي جاڻ گهٽ آهي. باقي اسان ملائيشين توهان جي ملڪ بابت اخبارن ۾ بہ پڙهون ٿا تہ اسڪول جي ڪتابن ۾ بہ.“ هن ٻڌايو.

”ان مان سبق بہ حاصل ڪريو ٿا.“ مون چيو.

”تڏهن ڀيو چا. ان ڪري تہ اسان پاڙي جي ملڪ انڊونيشيا جي ماڻهن ڪي بہ پاڻ وٽ رهڻ نٿا ڏيون. جيتوڻيڪ سندن مذهب ساڳيو آهي، زبان ساڳي آهي، ڪلچر ساڳيو آهي ۽ ان حساب سان تہ هو تہ جڻ اسان جا سوٽ ماسات ٿيا.“

”تنهنجي معنيٰ تہ اسين بيوقوف آهيون.“

”اهو آئون چو چوان. پنهنجو پاڻ ڪان پڇو تہ بهارين ڪي پاڻ وٽ گهرائي، افغانين ڪي پاڻ وٽ گهرائي، آفريڪا ڪان نڪتل ايشين ڪي گهرائي چا هڙ حاصل ٿيو اٿو؟ بنگالي بہ لڪيو توهان وٽ اچيو نڪرن. هندستان تہ ڪين هڪ ڏينهن بہ نٿو رهائين. ڦريو گريو اهي بہ پاڪستان ۾. برما ڪان ماڻهن ڀڄن تہ اهي بہ پاڪستان ۾. ايران ڪان ڀڄن تہ اهي بہ پاڪستان ۾. هاڻ تہ انڊونيشيا جا بہ ڪيترائي بيروزگار پاڪستان وڃڻ جو سوچي رهيا آهن.“

اهو ٻڌي منهنجي دل جڻ ٻڏي ويئي. پاڪستان ۾ اهي ماڻهو ٽڙي پکڙي رهن تہ سيني ڪي سيڪ اچي ۽ خبر پوي. پر انهن مڙني لاءِ پاڪستان معنيٰ ڪراچي، حيدرآباد سکر ـ يعني صوبو سنڌ آهي. جنهن ۾ اصل رهاڪو وڃن مذهب ۽ ملڪ جي نالي ۾ بيروزگار، قرضي ۽ ڏکيا ٿيندا. سنڌ جيڪو صدين ڪان امن جو ديس سڏبو هو، اتي جا رهاڪو ٺورڙائيءَ ۾ تبديل ٿيندا وڃن. اتي جي غريب ماڻهن سان وڃي جيل ڀربا. اتي جي ماڻهن ڪي ايڏو ڪٽيو ماريو ويو آهي جو هو جانورن جي حد تي وڃي پهتا آهن. سنڌ جي هڪ پروفيسر ٻڌايو تہ 1983ع ۾ جيترا سنڌي شاگرد ۽ شاگردياڻيون جيلن، لاڪپن ۽ نظربندين ۾ رکيا ويا، اوترا ڪنهن بہ ٻئي ملڪ جا نہ ٿيا هوندا. حالت اها وڃي ٿي آهي جو اسان مان دنيا جي ٻين ملڪن جا ماڻهو سبق وٺي رهيا آهن پر اسان وٽ ملڪ ٺهي چاليهہ سال ٿيا آهن تہ بہ لڏ پلاڻ جو سلسلو بند نٿو ٿئي.

مونکي ڪا دير گم سي ڏسي مسز تان پڇيو:

”چا پيو سوچين؟ منهنجي ڳالهہ دل ۾ تہ نہ ڪئي.“



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”نہ نہ.“ مون في الحال سڀ ڪجھ دماغمان ڪڍي هڪ دفعو وري هلڪي قلڪي موڊ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي. چپن تي زوريءَ مرڪ آڻي پاڻ کي دنيا جو خوش ۽ پرسڪون انسان هجڻ جو ڪوڙو مظاهرو ڪيو.

”چڱو اهو ٻڌاءِ تہ فوٽو اسٽيٽ جو ڇا اگھ آهي؟“ مون مسز تان کان پڇيو.

دروازي وٽ لڪيل اگھ ڏي اشارو ڪندي چيائين:

”ڇھ سينٽ.“

”ڇھ سينٽ تہ تمام گھڻا آهن.“ مون هلڻ جي ڪئي تي تہ ٻانهن ۾ هٿ وجھي راز واري انداز ۾ چيائين: ”ائين نہ وڃ. اگھ تي نهي ويندا سين.“ ۽ پوءِ پنهنجي ئي چيل جملي بابت سوچي ۽ مونکي پنهنجي جسم ڏي گھوريندو ڏسي مرڪڻ لڳي. ”منهنجو مطلب آهي فوٽو اسٽيٽ جي آگھ تي نهي ويندا سين - پنج سينٽ آخري سمجھ.“ هن چيو.

”ڳالھ ٻڌ. ملاڪا شهر ۾ عام طرح ئي چار سينٽ ونن ٿا. گھڻا پنا ڪراءِ تہ فقط ٽي سينٽ. ۽ تون خاص رعايت بعد مون جهڙي پراڻي گراهڪ کان بہ پنج سينٽ وٺڻ چاهين ٿي.“ مون چيومانس.

”ان ڪري جو ملاڪا ننڍو شهر آهي. ڪوالالمپور وڏو.“

”اها تہ ڪا اهڙي ڳالھ ئي ناهي. تون مشين ۾ مس ڪهڙي ٿي وجهين. پائوڊر واري يا پاڻيٺ واري.“

”پاڻيٺ واري. Liquid.“ هن وراڻيو.

”تہ پوءِ چار سينٽ بہ گھڻا آهن. مونکان جي ٽي سينٽ وٺين تہ هينئر جو هينئر هوٽل تان وڃي ڪتاب کڻي اچان.“

”ڪتاب جو ورق ڀلا ڪيڏو وڏو آهي؟“ هن پڇيو.

”وڏو ناهي. A-4 ماپ واري پني تي ڪتاب جا ٻئي صفحا اچي ويندا. ٽي سينٽ في صفحو گھڻ اٿئي.“

”چڱو کڻي اچ. چار سينٽ ڏجانءِ.“

”پوءِ نهيو ڪونہ تو وڃان. مالڪياڻي تي ڪري اگھ تي ايڏو گھوپي تي ڪرين.“

”مڙس وڙهي تو. ڇوي تو پئسو گھٽ تي آڻين.“



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”لڳي ٿو ڪا اڄ ئي وڏي لڙائي ٿي آهي.“

”نه وڏي لڙائي (Fight) ته ڪڏهن به نه ٿي آهي. بس ننڍا ننڍا جهيڙا (Quarrels) ٿيندا رهندا آهن.“

”اهي سيني جا ٿين ٿا. آئون ڪتاب ڪٽيو ٿو اچان.“

ڪتاب ڪٽي آيس ته پيٽس ڊارڪ روم مان نڪتي، هٿ ۾ مون واري ڪئميرا هيس، منهن تي هميشه وارو ڊبو چڙهيل. فلم رول کو ڦاسي پيو، ان ڪري ان کي ويڙهڻ واري pulley نه پئي هلي. جپان ايمبسيءَ وارا ڪتاب فوٽو اسٽيٽ لاءِ ڏيئي، نائين بجي کڻڻ جو وعدو وٺي ٻاهر نڪتس.

هوٽل کان فوٽو گرافر جي دڪان ڏي ايندي وقت رستي تي پاڪستاني مسجد پڻ اچي ٿي. هاڻ جيئن ته ڪئميرا نهي ويئي هئي سو هن مسجد وٽ اچي ٻاهرين گيٽ جو فوٽو ڪڍيم جنهن تي انگريزي ۽ ملئي زبان ۾ ”پاڪستاني مسجد“ لکيل آهي. هيءَ مسجد بنگلاديش (تڏهن مشرقي پاڪستان) ۽ هاٺوڪي پاڪستان جي مسلمانن گڏجي ٺهرائي هئي.

مسجد جي ٻاهران ڪجهه پناهڻ بيٺا هئا، جن کان امام صاحب جو پڇيم ته آيا پهريون وارو حافظ مولوي عبدالغفور عيدگاهه جامع مسجد بندر روڊ ڪراچيءَ وارو آهي يا کو نئون آيل آهي. همراهن ٻڌايو ته هي نئون آهي. مون سندس فوٽو ڪڍڻ جو خيال ڏيکاريو ۽ هو امام کي نه فقط ٻڌائڻ ويا پر هن کي ٻاهر سڏي آيا. ڪيڪار ۽ حال سجاڻ بعد گڏجي فوٽو ڪيڙايوسين. ان بعد اندر پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيو. جتي سندس زندگيءَ جو احوال مختصر طور نوٽ ڪيم.

اڳ ۾ ڳوٺ جو ملون بنا علم جي به مولوي سڏيو ويندو هو ۽ مرٽي پرٽي تي پهچي ختما، درود، فاتحائون ۽ نڪاح وغيره پڙهڻ ۽ جملي مذهبي رسمون پوريون ڪرائڻ کان علاوه پنهنجي عقل ۽ علم سارو غلط سلط فتوائون ڏيڻ جو ڪم پڻ سرانجام ڏيندو هو. ۽ اهڙن مُلن اڄ جي نئين ٽهيءَ جي رهنمائي ۽ اسلام جي سچي معنيٰ سمجهائڻ بدران الٽو ڪنهن حد تائين هن کي ڪنفيوز ڪري رکيو هو. پر اڄڪلهه پاڪستان ۾ جتي ڪٿي ديني مدرسن کلڻ ڪري تمام سنا ۽ پڙهيل ڳڙهيل مولوي مفتي پيدا ٿي پيا آهن جي نه فقط ملڪ اندر پر ڌارين ملڪن ۾ پڻ تبليغي جماعتن جي صورتن ۾ يا مسجدن جا امام ٿي ديني علم جي روشني پکيڙي رهيا آهن.



ڪتب خانو... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪوالالمپور جي هن مسجد ـ پاڪستان مسجد جو پاڪستان ڪان آيل امام حافظ خليل الرحمان انهن مان هڪ آهي. باقاعدي علم حاصل ڪيل. قول ۽ فعل جو سچو. جنهن جون نه فقط ڳالهيون ٻڌي پر سندس پيلا ڪرتوت به ڏسي ماڻهو متاثر ٿي وڃن.

حافظ خليل الرحمان جي عمر ٽيهه سال کن ٿيندي. قداور ۽ گوري رنگ جو هي سهڻو ۽ سمارٽ نوجوان ڪيمبل پور جو آهي. سندس سونهن ۽ سڊول جسم ڏسي چيومانس ته مولوي صاحب توهان ته فلم انڊسٽريءَ ۾ وڃو ها ته اتي به ڪاميابي حاصل ڪريو ها. اهو ٻڌايو ته توهان ڪي هيءَ راهه اختيار ڪرڻ جو شوق ڪنهن ڏياريو ۽ ڪٿان ڪٿان تعليم حاصل ڪيو.

”منهنجا والدين زميندار آهن. ڪين مذهب سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي ۽ هنن جي دلي خواهش هئي ته آئون اسلامي تعليم حاصل ڪريان. ان لاءِ مونکي مختلف هنڌن تان علم حاصل ڪرڻو پيو. آخر ۾ دارالعلوم حقانيه اڪوڙه ڪٽڪ (ضلع پشاور) مان پڻ حاصل ڪيم. ٽي سال اسلام آباد مان به ديني تعليم حاصل ڪيم. اتي جي نمبر 05 ۾ مدرسو عربيه اسلام مان پڙهيس. هن مدرسي جو باني محمد يوسف بنوري رحمة الله آهي. ان ڪان علاوه مدرسه خدام الدين مان اوائلي تعليم حاصل ڪيم، جنهن جو باني حافظ محمد زمرد خان آهي، جيڪو ڳوٺ سليم خان جو رهاڪو آهي.

”قرعت ڪٿي سکيائو؟“

”اها ۽ قرآن ڪي حفظ ڪرڻ ۽ مولوي عالم جي سند ملتان جي مدرسي سند الفراغت وفاق المدارس مان حاصل ڪيم. ڪراچيءَ مان به قرعت پڙهيس. ٻڪرا پڙيءَ ۾ مدرسو انوار اسلام آهي. ان مان سکيس. اتي منهنجو استاد قادري مولانا احسان احمد دانش هو.“

”توهان جا ڪجهه ٻيا استاد جن ڪان توهان ديني تعليم حاصل ڪئي هجي؟“

”مولانا سميع الحق صاحب، مولانا عبدالحليم صاحب، مولانا محمد علي صاحب، عبدالحق صاحب، شيخ محمد حسن جان صاحب ـ اهي منهنجي استادن مان ڪجهه آهن، جيڪي هميشه ياد رهندا ۽ سندن ٿورائتو آهيان، جن علم جهڙي روشنيءَ سان منهنجو اونداهو اندر روشن ڪيو. ان ڪان علاوه قرآن جو تفسير مولانا غلام الله خان صاحب راجا بازار واري وٽ پڙهيس“


ڪتب خانہ... وائس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”حافظ خليل الرحمان صاحب! ڪي اهڙا نيڪ ماڻهو ٻڌايو جيڪي هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهندا هجن. جن ڪان ڪو چاهي ته دين ايمان جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجو پاڻ کي صحيح راهه تي آڻي سگهي؟“

”ڪراچيءَ ۾ هن وقت ڪيترائي وڏا مولوي رهن ٿا، جن مان ڪجهه هي آهن: مولانا محمد تقي عثماني، مولانا سليم الله خان صاحب، مولانا اسوند يار خان، مفتي ولي حسن صاحب ۽ مفتي احمد رحمان، وغيره.“

پاڪستان مسجد جو هي نئون حافظ خليل الرحمان صاحب ٻن سالن جي لاءِ هتي جي حڪومت سڏائڻ تي اپريل 1986ع ۾ آيو آهي. ڪانئس ٿوري دير هن ملڪ بابت سندس تاثر معلوم ڪندو رهيس. تيسين هتي جو هڪ جماعتي پاهران چانهه وٺي آيو، جيڪا پيئڻ بعد ڪانئس موڪلائي تنڪو عبدالرحمان روڊ تي Hankyu ڊپارٽمينٽ ۾ آيس. جتان ڪجهه دير گهربل سامان وٺندو رهيس. ساڍا اٺ ٿيڻ وارا هئا سو فوٽوگرافر ڏي موٽيس، جيئن متان دڪان بند نه ٿي وڃي.

دڪان ۾ ڪو به گراهڪ نه هو. ڪنڊ ۾ رکيل فوٽو اسٽيٽ مشين مٿان هيءَ ”مسز تان“ جهڪيو بيٺي هئي. پگهر ۾ سجو شل هئي ۽ آخري صفحن تائين اچي پهتي هئي. منهنجي بيٺي اهي پورا ڪري، ڪاٺ جي گولن واري بورڊ Abascus کي ڪٽي چئن سينٽن جي اگهه سان حساب ڪرڻ لڳي، پر پوءِ نيٺ ٽن سينٽن تي راضي ٿي ويئي.

”ويري گڊ! تو مان اها ئي اميد هئي.“ مون چيومانس.

”خبر اٿئي هڪ منٽ به فرحت نه ورتي اٿم.“

”انهيءَ محنت ڪري ته توهان چيني جنهن ملڪ ۾ رهو ٿا ان جي ايڪاناميءَ تي وجو قبضو ڪندا. بهرحال مهرباني. رستي تي جيڪي هي چانهه وارا وينا آهن، چئين ته انهن مان هڪ گاڏي واري کي تولاءِ چانهه جو آرڊر ڏيندو وڃان.“

”نه. هاڻ گهر وڃي ماني کائيندس. Sudah Makan تو ماني کاڌي آهي يا نه؟“

”Belum-Lah اجا نه.“ مون به ملئي زبان ۾ ئي جواب ڏنو مانس.

Mana Makan? Dikedai Mamak ـ ڪٿي کائيندين؟ ماما جي هوٽل ۾؟“ هن پڇيو.

”Tak Tentu. Mangkin Sana“ (پڪ نه اٿم. ممڪن آهي اتي ئي.)

ملئي زبان ۾ ملڪن کي منگڪن ۽ کائڻ کي مڪن چون ۽ ڏکڻ هندستان کان آيل مسلمان انڊين کي ماماڪ (Mamak) ـ يعني ماما چون. هن ۾ نه فقط تامل مدراسي پر


ڪتب خانه... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ملباري، گجراتي، مليالم ـ سڀ مسلمان اچي وڃن ٿا. انڊين مسلمانن جي هوٽل ۾ وڃبو ته گراهڪن جي رڙ پئي پونڊي ماما! Mamak! Saya Mahu Roti Canai مونکي دال روٽي گهرجي. ماما! هڪ ڪوپ چانهه هڪ ڪوپ ڪافي Mamak! Satu cawan teh dan satu cawan kopi.

ملئي زبان ۾ ڪجهه اهڙا به لفظ آهن، جن جي آخر ۾ يا وچ ۾ K اچي. تو پر اچاربو ناهي. جيئن Mamak کي لکبو ماماڪ پڙهبو ماما ڪري. اهڙي طرح Macik کي فقط ماچي اچاربو ـ معنيٰ ماسي. اهڙيءَ طرح Rakyat رعيت، Makjun معجون، Maklum معلوم، Maksyuk معشوق، Makzul معزول وغيره.

انڊين مسلمان کي ملائيشيا ۾ Kling پڻ سڏجي ٿو. پر اهو لفظ ايترو عام ناهي جيترو ماما. هونءَ ڪيترين جاين انڊين مسلمانن سان پڻ وابسته آهن، جن مان ڪيترا ته انگريزن، ڊچن ۽ پورچوگيزن جي ڏينهن ۾ آيا. ڪي ان کان به اڳ واپار وڙي لاءِ هتان اچي نڪتا ۽ هميشه لاءِ رهي پيا. پينانگ جي هڪ پراڻي ۽ مشهور مسجد ڪيپٽن ڪلنگ ۽ ملاڪا جي ساموندي جيٽي تجنگ ڪلنگ اهڙن انڊين مسلمانن جي ياد ڏيارين ٿيون.

مون واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. ساڍا نو ٿي رهيا هئا. فوٽوگرافر جي دڪان جي ٻاهران قطار ۾ ڪيترائي ملئي ۽ انڊونيشين گاڏن وارا هئا، جيڪي مختلف شيون ۽ شربت وڪڻي رهيا هئا. ترپل ڪيلا، مي گورينگ (ڇهريون سويون)، مختلف ميون جي ڪاتر (هڪ قسم جي فروٽ چاٽ)، مرتباڪ (قيمي ۽ بصر وارا اقراٺا)، چانهه، ڪافي، شربت روس (گلاب)، شربت بارلي، مڇي، اڊانگ چوچو (گانگٽ جا پڪوڙا)، ڪري پاپ (سمبوسا) وغيره Air Tebu (ڳني جي رس) وارو موٽر ۾ ڪمند پيڙي تازي رس ڪيدي رهيو هو. ڪانئس هڪ گلاس وٺي پيتم. هتي بنا برف وارو رس جو گلاس سٺ سينٽ ۾ ۽ برف وارو ـ جيڪو چمپور (Campor) سڏجي چاليهه سينٽن ۾ ملي. چمپور معنيٰ مليل. ان لفظ جو واهپو هتي تمام گهڻو ٿئي ٿو. نه فقط شين پر ماڻهو به چمپور ٻڌڻ ۾ ايندا. ڪنهن جي ماءُ ملئي پيءُ انڊونيشي يا انڊين ته اهو ٿيو چمپور. بقول هڪ همراهه جي ملائيشيا سڄو ”چمپور چمپور“ آهي. منجهس ڪيترن ئي ملڪن، قومن، زبانن ۽ مذهبن جا ماڻهو مليل جليل آهن ـ يعني هڪ قسم جي Melting Pot آهي.

هونءَ هتي ڳني جي رس کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ان ۾ برف ملائي چمپور ضرور ڪيو وڃي ٿو. يا هڪ ئي پليٽ ۾ پت، ٻوڙ ۽ چٽڻيءَ جون چمپور (مڪسچر) ضرور ملي ٿو. يا برف جي ڪاتر، شربت، سويون ۽ مختلف مٽر ملائي هڪ قسم جو ملئي پيالو ـ جيڪو


www.sindhsalamat.com
ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

اي بي سي (Air Batu Campor) سڏجي ٿو، ضرور نظر اچي ٿو، پر جيڪو چمپور، مڪسچر يا ملاوت نظر نٿي اچي، اها آهي ٻاڙهن مرچن ۾ سرن جو ٻورو، ڪارين مرين ۾ پپيتي جو ٻج، اتي ۾ ڪاٺ جو چورو، گيهه ۾ گريز وغيره ـ جيڪي ملاوتون اسان جهڙن ملڪن لاءِ عذاب ٻڌبيون وڃن ـ ۽ جن جي واپرائڻ سان نت نيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون، اهي هتي ملائيشيا ۾ نه برابر آهن. هن ملڪ جي اڌ آدمشماري ملئي آهي، جيڪي مسلمان آهن ۽ هتي جا اصل رهاڪو آهن. هلو سائين انهن لاءِ ته ڪٿي اهو چئجي ته کين خدا جو خوف آهي ۽ ملڪ جي قانون جو احترام اٿن پر باقي اڌ آدمشماري ـ جن ۾ چيني، هندو، ٻڌ، سک ۽ دهريا اچيو وڃن ٿا اهي به اهڙي حرام جي ڪمائيءَ تي لعنت وجهن ٿا. ڪڏهن ڪو بار ڪنهن اسڪول جي ڪئنٽين مان پاروتي شيءِ ڪائي رڳو ابڙاڪ ڏيندو آهي يڪدم اخبارن ۽ ريڊيو تي اچي ويندو آهي ته ۽ ان ڪنٽين واري کي منهن لڪائڻ لاءِ جاءِ نه ملندي آهي. هو ظالم، قوم جو دشمن، بيماري پيدا ڪندڙ ۽ عوام جي صحت سان کيڏڻ وارو ليکيو ويندو آهي، ٻئي پاسي انڊيا، پاڪستان، سريلنڪا، بنگلاديش جهڙن ملڪن ڏي ڏسو جيڪي وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل، سڌريل سمجهيا وڃن ٿا ـ انهن ۾ چا ٿي رهيو آهي. اتي هر شيءِ ۾ ملاوت چو اچي ويئي آهي. نج ۽ خالص شيءِ جو تصور ۽ موجودگي ايڏي محال چو ٿي ويئي آهي جو زهر به نج نٿو ملي.

مڃيون ٿا ته اسان جي ملڪن پنيان پراڻي تهذيب آهي. پنج هزار چهه هزار سال پراڻي. اسان جي وڏن جي سڌريل هجڻ جون نشانيون موهن جي دڙي، ٽيڪسيلا ۽ الورا اجنتا جي غارن مان صاف ظاهر آهن. سڄي دنيا مڃي ٿي. موهن جي دڙي جون سڌيون گهٽيون، گٽر سسٽم، صفائي سنائي بلڪل اهو ڏيکاري ٿي ته صفائي سنائي جا اهي معيار جيڪي يورپ، آمريڪا ۽ جپان هاڻ وڃي حاصل ڪيا آهن، اسان وٽ پنج هزار سال اڳ هئا ـ بلڪل صحيح آهي. پر هاڻ اهو سوچي افسوس ٿئي ٿو ۽ ڌارين ملڪن جا ماڻهو به اسان تي چٿرون ڪن ٿا ۽ خبردار رهن ٿا. هڪ ملئي شاگرد کي ماءُ نصيحت ڪري ٿي ته ابا لنڊن ويندي ڪراچي ايئرپورٽ تي جيڪي ٽي چار ڪلاڪ ترسڻو پوندئي ان ۾ اتي جي هوٽل يا دڪان تان ڪا شيءِ وٺي نه ڪائجانءِ. اتي بند ٿيل بوتلن مان به مڪيون نڪتيون آهن. دهلي ۽ مدراس جي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ پڙهندڙ ملئي شاگردن جون مائرون نصيحتن ۽ چتائن جي ڊگهي لسٽ ۾ جتي ڪٽي ڪائڻ کان ته منع ڪنديون آهن پر پيئڻ جي پاڻيءَ کان به جهلينديون آهن. ڪولمبو ۽ ڊاڪا ۾ اڪيلو قرڻ کان وٺي ڌارئين ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ کان جهليو ويندو اهي. ملاوت، گندگي، بدبوءِ، چوري، دوکو، مرزيل ڪتا ۽ بيماريون ٻليون، ڪاڪروچ ۽ ڪانگ، منگهڻ ۽ مڇر، سواريءَ جو اڻنگو بندوبست ۽ هوٽلن ۾ رهائش جي سلامتي ناپيد، تعليم جو ڪريل معيار ۽ آفيس ۾ قدم


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊ من: امير عدنان 03337516944)

قدم تي رشوت جو آزار، خالي بوتلن ۽ ڪٽ لڳيل اوزارن واريون اسپتالون ۽ باد فرنگ جهڙيون بيماريون (جيڪي ڪنهن زماني ۾ فقط فرنگين (انگريزن ۽ يورپين سان وابستہ ڪيون وينديون هيون) ۽ پاروتو پاٽي ۽ دونهاتيل هوا ـ اڄ اسان جهڙن ملڪن جي علامت ٿي ويئي آهي. دهلي وڃو يا ڍاڪا، ڪراچي وڃو يا ڪلڪتو، ڪوه مري وڃو يا لاڙڪاڻي ـ مٿيون شيون توهان جو آڌر ڀاءُ ڪنديون ۽ سرڪاري ٽوئرسٽ ڪاتو ۽ گائيڊ توهان کي فقط پراڻي ۽ سڙيل تهذيب جي لولي ٻڌائي ننڊاڪڙو ڪندا.

بهرحال ڳالھ ملائيشيا جي پئي هلي جتي ان قسم جي ملاوت ناهي، جيڪا اسان وٽ هلي ٿي. ڪئالا ترنگانو کان ڪئالا ڪنگسار تائين، پاسار پاڊانگ کان جوهور بارو تائين هتي هر شيءِ ـــ اٽي، اناج ۽ رڌ پچاءَ جي تيل کان وٺي مرچ مصالحي تائين نج ملي ٿي. پوءِ ان کي توهان خدا جو خوف سمجهو، ملڪ جي قانون جو احترام سمجهو، يا پنهنجي قوم ۽ ماڻهن لاءِ پيار سمجهو يا لالچ ۽ حرام کائڻ کان نفرت سمجهو ـ بهرحال ڪجھ بہ سمجهو. هتي جو سيٺ، هتي جو واپاري، هتي جو هوٽل وارو راتو رات پنهنجي قسمت ناهڻ ۽ غريب عوام جي ڍاهڻ لاءِ کير ۾ پاڻي نٿو ملائي. مدي خارج دوائون نٿو وڪڻي. نہ ڏينهن جي پاروٿي ڀوڙ ۾ وڌيڪ مصالا وجهي گرم ڪري گراهڪن کي نٿو کارائي.

ملائيشيا ۾ ڪمند تمام گهڻو ٿو ٿئي ۽ تمام صاف ۽ مٺي جنس جو ۽ پيتو بہ ايترو وڃي ٿو جو ڳوٺ ڳوٺ . شهر شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ڪمند جي رس وڪڻڻ وارو ضرور ملندو. ۽ هِڪ خيال کان ڪوڪا ڪولا، سيون اپ، سارسي جهڙن هٿرادو نهيل شربتن کان هي قدرتي شربت چو نہ واپرايو وڃي، جڏهن تہ هي سستو بہ آهي ۽ تازو بہ. هتي جي ماڻهن جي سواد ۽ شوق کي نظر ۾ رکي ملڪ جي وڏين هوٽلن ۾ بہ ڏينهون ڏينهن ڪمند جو رس هڪ فيشن ايبل ڊرنڪ ٿيندي وڃي ۽ هاڻي تہ مئڪڊنالڊ آمريڪن ڪمپنيءَ بہ پنهنجي مڙني دڪانن تي Air Tebu (ڪمندجي رس) شروع ڪري ڏني آهي.

ڪمند جي رس پيئڻ بعد پنهنجي رهائش واري هوٽل تي آيس. ورتل سامان ۽ فوٽو اسٽيٽ پنا ناهي رکيم. اتي هوٽل واري جو فون آيو.

”صبح جو توهان ڪيڏيءَ مهل ڪار ڪيندائو؟“

”چئي نٿو سگهان. انين نائين بجي ڌاري.“ مون وراڻيومانس.

”تہ پوءِ هينئر ئي گاڏي پاسي تي ڪري بيهارجو جيئن صبح جو سوير اڳيان بينل ڪار وارو همراهہ نڪري وڃي.“


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

آئون چاٻي کڻي هيٺ لٿس. هِڪ خيال ڪان اهو ڪم هينئر ڪرڻ صحيح هو نه ته صبح جو خبر ناهي ڪنهن وقت هو ننڍ مان اٿي اٿاري. جنهن جي گاڏي اڳيان بيٺل هئي، ان جو تعليم کاتي سان واسطو هو. پاڻ ۽ سندس ٻيا ساٿي جوهورٻارو ڪان ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ لاءِ آيا هئا. پاڻ هوٽل ۾ ترسيو هو، باقي ٻين جا ڪوالالمپور ۾ مائٽ هئا، انهن وٽ وڃي ٽڪيا هئا. ڪيس صبح جو سوير انهن کي ڪٺي ميٽنگ لاءِ پهچڻو هو.

پنهنجي ڪار پاسي تي پارڪ ڪري ماني کائڻ لاءِ ٻاهر نڪتس. پاڪستاني مسجد اڳيان ڪيترائي کاڌي جا اسٽال لڳل هئا ـ خاص ڪري ٿائي، انڊين ۽ پاڪستانين جا. دير ٿيڻ ڪري ڪيترا خالي ٿي چڪا هئا پر ٽڏهن ٻه ٽي کليل هئا. هڪ اسٽال مٿان بسم الله ۽ چنڊ تاري جو فريم ٽنگيل ڏسي سمجهي ويس ته هيءَ ڪنهن مسلمان جي ئي هوٽل آهي. ڪاٺ جي ٽيبلن مان هڪ جي چوڌاري هڪ ملئي چوڪرو ۽ چوڪري ٻوڙ ماني کائي رهيا هئا. هڪ ٻئي ٽيبل تي چيني فئملي ويٺل هئي، جن پت سان مڇيءَ جو ٻوڙ کائي بس ڪيو هو، جنهن جا چلر ۽ ڪنڊا پليٽ جي ڪنڊ تي رکيل هئا ۽ هاڻ ڪافي پي رهيا هئا.

آئون جيئن ئي پر ۾ هڪ ٻي خالي ٽيبل تي وينس ته ٻاجو ڪورنگ (ملئي ڊريس ۾ ملئي عورت پڇڻ آئي ته ڇا کائيندين. ”ٽنگو سيڪاجپ“ (تورو ترسجانءِ) مون هٿ جي اشاري سان ٿوري دير ترسڻ لاءِ چيومانس. هوءَ مونکي ڇڏي چيني همراهن جون خالي پليٽون کڻي اسٽال پرسان رکيل پاڻيءَ جي ٽب وٽ ويهي ٿانو ڌوئڻ لڳي. اسٽال ۾ رکيل ديڳڙن جي قطار پنيان سنهي منهن وارو ڏکو چوڪرو ڪاغذ جا نئپڪن ويڙهي رهيو هو ۽ هڪ وڏي عمر وارو ٺئي تي ماني پچائي رهيو هو. ٻنهي جي منهن جا نقش نقشا ملئي ماڻهن جهڙا نٿي لڳا. قد ڏکهو ۽ جنهن هوٽل ۾ چپاتي، ڏگڙ، نان يا اڦراٺا پچي رهيا هجن، سا پڪ ڪنهن پاڪستانيءَ جي ٿي سگهي ٿي يا اتر هندستاني سک، ڪشميريءَ جي.

آئون پنهنجي ڪرسيءَ تانءُ لي ماني پچائڻ واري همراهه جي ويجهو آيس، جيڪو باقي بچيل اٽي جي آخري ماني ٺئي تي وجهي رهيو هو. مون، هتي جي دستور موجب هڪ هڪ ديڳڙي جو ڍڪ لاهي اندر رڌل ٻوڙ ڏٺو. اڌ ڪان وڌيڪ ديڳڙا خالي هئا جو ڪافي دير ٿي چڪي هئي. ملائيشيا ۾ هن قسم جا اسٽال شام جو پنجهين ڪان وٺي نائين ڏهين ٿائين هلن ٿا. ان بعد مالڪ ٽيبل ڪرسيون ويڙهي اندر اسٽال ۾ رکن ۽ ديڳڙا وٺن يا پڪ اپ ۾ وجهي گهر روانا ٿي وڃن. جتان ٻئي ڏينهن لاءِ رڌي کڻي اچن. اسٽال واري آخر ماني ٺئي مان ڪڍي ٻاهه وسائي منهنجي پرسان اچي بيٺو. مون ڪيس


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڈمن: امير عدنان 03337516944)

قرهين ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي لاءِ چيو. جيڪا هن ڪاڻ جي ڊوئيءَ سان پليٽ ۾ وڌي. ان دوران مون ڪائنس سندس ۽ مالڪ جو نالو پڇيو:

”پاڪستان جو آهيان پر هاڻي تہ هتي جو ئي ٿيس. نالو حاجي يونس اٿم. توهان ڪٿي جا آهيو؟“

”آئون بہ پاڪستان جو آهيان.“ مون کيس ٻڌايو.

” اجا پاڪستاني آهيو يا هن ملڪ جي قوميت اٿو؟“

”اجا تائين تہ پاڪستاني آهيان.“ مون مرڪندي وراڻيومانس. جيڪا ڳالھ کيس شايد ٿوري ٿوڪ طور لڳي يا هن پنهنجي ئي خيالن ۾، پليٽ ۾ ٻوڙ وجهندي وراڻيو:

”بس سائين اسان تہ هتي جا ئي ٿي وياسين. 1930ع ۾ آئون هتي ئي ڄايس ۽ هاڻ تہ ان کي پنجاهہ سالن کان بہ مٿي عرصو ٿي ويو آهي. منهنجو پيءُ 1916ع ۾ هتي آيو هو ۽ پوليس کاتي ۾ ڀرتي اچي ٿيو هو. رڳو ڀاڄي کائيندائو. مڇي نہ کائيندائو؟“

”نہ. مڇي ڳانگٽ کان الرجي ٿيم ٿي. جيتوڻيڪ وٽيم ڏاڍي ٿي.“

”ڏاڍي ٻڌايو. هتي ملائيشيا ۾ تہ سامونڊي کاڌو کائڻ لاءِ خبر ناهي ڪٿان ڪٿان تا ماڻهو اچن. توهان ان نعمت کان محروم آهيو. ٻلا ٻيو ڇا ڏيانو؟“

”ٻيو تہ ڪجھ تو وٽ بچيو ئي ناهي. ڪڪڙ جو ٻوڙ بہ ناهي، ٻلا ڳائو گوشت اٿئي؟“

”بس سائين دير ٿي ويئي آهي سڀ کپي ويو آهي. ڪڪڙ جو ٻوڙ بہ هوم تہ ٻيضن جو ٻوڙ بہ. پر سڀ هلي ويو. باقي ڳائو مون رڌڻ ڇڏي ڏنو آهي““

”ڇو؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”هونءَ هتي ٻن قسمن جو بيف (ڳائو گوشت) هلندو هو. هڪ ملائيشيا جي ڍڳين جو تازو ڪنل گوشت جيڪو ڏهن ڊالرن (سٺ رپئي) ڪلو ۽ آسٽريليا کان آيل فروزن (ٺڏو ٺيل) گوشت ـ جيڪو اٺين ڊالرن هلي ٿو. پر اهو بہ سنو آهي ۽ پلين ڍڳين جو آهي. پر هاڻ ڪجھ  مهينن کان انڊيا وارن ڳائو گوشت اسان جي ملڪ ملائيشيا ۾ امپورٽ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هو پنهنجي ملڪ ۾ تہ ڳئون ڪي کهي رڌي نٿا سگهن سو غير ملڪي ناڻو ڪمائڻ لاءِ هيڏانهن موڪلڻ شروع ڪيو اٿن. پر افسوس جو سندن ڍڳيون پوڙهيون آهن يا بيمار ۽ ڏبريون جو گوشت ۾ ٻنھ مزو ناهي. ۽ شايد ان ڪري اهو گوشت فقط پنج ڊالرن ۾ ڪلو ملي ٿو. سستو هجڻ ڪري اڄڪلھ هتي جي هوٽل وارن


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جو زور ان گوشت تي آهي. پر منهنجي دل اهڙو گوشت پچائي گراهڪن کي کارائڻ تي نٿي چوي. مانيون گهٽيون ڏيانو؟“

”ها. منهنجي خيال ۾ هتي اوسي پاسي ۾ توهان ئي آهيو جيڪو ماني پچائي ٿو. مونکي ها پاڪستاني مسجد جي پيش امام ٻڌايو.“

”ها. اقراتا ۽ نان بيا به پچائين ٿا. پر هي سنهڙيون مانيون ـ جنهن کي ملئي ماڻهو به چپاتي سڏين ٿا سي رڳو آئون پچايان ٿو.“

ٻوڙ جي پليٽ مون کنئي، چپاتيون ۽ هلڪي رنگ جو گلاب جو شربت پاڻ کڻي مون واري ٽيبل تي رکي منهنجي سامهون ٿي ويٺو.

”مونکي پيئڻ لاءِ ٿڌو پاڻي ملي سگهندو؟“

”ها. ها. ضرور“ kasi dia gelas air sejuk. ملئي ڊريس ۾ جيڪا عورت ٿانو ڌوئي رهي هئي، ان کي حاجي يونس ٿڌي پاڻيَ جا به گلاس آڻڻ لاءِ چيو.

”دراصل هتي اهو فئشن چئجي يا رسم ته هرڪو مانيءَ تي به پاڻيءَ بدران شربت يا چانهه ڪافي پيئي ٿو. ايترو مناڻ ڪائڻ به سنو ناهي ۽ ٻيو ته شربت اچ مارڻ بدران ويتر تانگهه وڌائي ٿو.“ حاجي يونس ٻڌايو.

ملئي عورت پاڻي رکيو ته حاجي يونس ڪيس مون بابت ٻڌايو: “Dia Dari Pakistan” ـ هي پاڪستان کان آيل آهي ۽ مونکي ان عورت جي واقفيت ڪرائيندي ٻڌائين ته هوءَ سندس زال آهي ۽ هن جا ماءُ پيءُ هتي جا ملئي آهي.

”توهان کي مون ٻڌايو پئي ته بابو ملائيشيا آيو ته وري واپس نه ويو. اسين هتي ئي جاواسين ۽ اسين به تڏهن واپس پنجاب وڃي نه سگهياسين. ٻي وڏي لڙائي شروع ٿي ويئي. جپاني ڊوڪيندا اچي هتان نڪتا. انگريزن جون وايون ٻتال ٿي ويون. اسان نوڪر ماڻهو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪجي. تن ڏينهن ۾ سفر ڪو ائين سولو نه هو. جيسين ڪو جهاز اچي. ان لاءِ پئسو ٿي ڪتو. اسان غريب ماڻهن کي وارو به ڪو ائين سولو نٿي مليو، پهرين اهم ماڻهن پجڻ جي پئي ڪئي. ملائيشيا مسلمانن جو ملڪ آهي. اسين ڇڙا هئاسين. اڳيان پويان ڪير ڪونه هو. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته وطن وڃي به ڇا ڪجي، جتي پڻ جنگ جو اولڙو لڏي رهيو هو. هتي ئي ترسي پياسين. پوءِ شادي به هتي ڪئيسين. ٻار ٿيا ۽ وڏا به ٿي ويا. اهو ڇوڪر جيڪو ٻينو آهي اهو منهنجو ننڍڙو پٽ آهي، تي ڏيئون به پٽ اٿم.“



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ماني سني اٿانو.“ مون ٻه چار گرهه کائيندي چيو، ”يلا هي رڏ پچاءُ ـ هوٽل جو ڪم ڪيترن سالن کان ڪندا اچو؟“

حاجي صاحب کلندي چيو: ”هي ڪم هاڻ شروع ڪيو اٿم. اجا سال به نه ٿيو آهي. هن کان اڳ بئنڪ ۾ چوڪيدار هوس.“

”پوءِ اها نوڪري؟“ مون پڇيومانس.

”ڇڏي ڏنم. سائين ٿيو هيئن. توهانکي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايان ٿو. بئنڪ ۾ آئون ٽيهن سالن کان نوڪر هوس. پگهار سٺو هو پر مسئلو هر وقت موڪل جو رهيو ٿي. ٻن سالن کان مون کي ٻن ٽن مهينن جي موڪل کپي ٿي جو ٻارن کي پاڪستان وٺي وڃڻ چاهيم ٿي.

ڇئبو ته مائٽن کي وساريو نه اٿانو.“

”بلڪل نه. ٻه پيٽون ۽ ٻاءُ اٿم. انهن جو اولاد آهي. لاهور پرسان هڪ ڳوٺ ۾ رهن ٿا ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪن ٿا. گهڻن ڏينهن کان ٻاءُ جي صحت صحيح نٿي رهي ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي به پنهنجو ملڪ ڏيکارڻ چاهيم ٿي. سو نيٺ بئنڪ جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏنم. رهيل پگهار ۽ هيترن سالن جو فنڊ ملائي مونکي مليا ڪل ٽيهه هزار ڪن ڊالر ـ يعني پنهنجا ٽيا ٻه لک رپيا ڪن. انهن مان ڪجهه هتي رکي ٻيا ڪٺي ٻارن کي پاڻ سان وٺي پاڪستان پهتس. هڪ وڏي چوڪريءَ جي ٻاءُ جي پٽ سان شادي ڪرايم. باقي ٻن ننڍن ڌيئن کي قرآن حفظ ڪرڻ تي ويهاريو اٿم. پٽن کي واپس ملائيشيا هلڻ لاءِ چيم ۽ آئون ۽ زال ماشاء الله حج ڪري هتي پهتاسين. نوڪري نه ويئي هلي. پيٽ گذر لاءِ ڪجهه نه ڪرڻو پوندو. پوءِ جيڪي پئسا هتي ڇڏي ويو هوس تنهن مان هي اسٽال، ديگڙا ۽ ٿانو ورتا اٿم. هاڻ آئون ۽ زال صبح جو ياجي پٽي وٺي گهر ۾ رڏ پچاءُ ڪريون ۽ شام جو گاڏيءَ ۾ سامان رکي هتي وڪڻڻ لاءِ اچون. اٿو گهران ڳوهي ايندا آهيون ۽ پوءِ گرم گرم ماني هتي اچي پچايان. ملئي توڙي چينين کي هونءَ ئي گهر کان ٻاهر کائڻ جي گهڻي عادت آهي سو ٻين سان گڏ منهنجو هي هٽڙو پڻ سٺو پيو هلي.“

اتي پاسي واري گهٽيءَ کان ڪرامت سپر مارڪيٽ جي ڪنڊ وٽان ڇهه ست ملئي چوڪريون ۽ چوڪرا عجيب فئنسي اڌ اوگهڙ وارن ڪپڙن ۾، نچندا ٽپندا، هڪ ٻئي سان چرچا ڪندا، اسان جي پرسان لنگهي ويا. چوڪرين جي منهن تي گهاٽي ميڪ اپ جو تهه چڙهيل هو ۽ ٻنهي ڌرين جي وارن جون ڪجهه چڳون، اڄڪلهه جي فئشن مطابق رنگيل هيون. هتي جي مشهور ٽينس رانديگر مصبون صديق ۽ ڳائڻي داتو شيخ کي


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڏسي ٻين به هي فئشن شروع ڪيو آهي. ۽ اهي وري انگلينڊ ۽ فرانس ۾ رهي موٽڻ وقت اها نواڻ هتي کڻي آيا آهن. اسان ڪين گهوري ڏٺو ته هڪ ٻن پنهنجي چيلهه کي لوڏو ڏيئي Disni aku menanti ملئي گاني جو تلهه ڳائي سيٽي وڄائي.

جڏهن پري، ڪوالالمپور انٽرنيشنل هوٽل ڏي هليا ويا ته حاجي يونس ڳالهايو:

”ٽي وي ڏسي هاڻ هن ملڪ جي نوجوانن جو به خانو خراب ٿي ويو آهي. نه ته هي ملئي اهڙا اڍنگا ڪپڙا ۽ حرڪتون هرگز نه ڪندا آهن.“

”اهو ئي آئون سوچي رهيو آهيان. هي سڀ ڪجهه سال ٻن کان معاملو بدلجڻ شروع ٿيو آهي.“ مون ڪيس ڪلندي چيو، ”خبر اٿانو حاجي صاحب! آئون ڪتابن ۽ اخبارن لاءِ سفرناما پڻ لکندو آهيان. پنج ڇهه سال اڳ جيڪي ڪجهه هتي جي ماڻهن ۽ هن ملڪ لاءِ لکيو آهي ان جا پڙهندڙ اڄ جيڪڏهن هيءَ ماڳ اچي ڏسن ته مونکي موچڙا هڻن ته مون ڪوڙ لکيو آهي. هتي ته ڪجهه ٻيو ئي نمونو هلي پيو - خاص ڪري ڪوالالمپور ۾.“

”ها سائين! هي سڀ ڪم هاڻ وڌندا وڃن. سنگاپور وارن کي ڏسي ملائيشيا جا چيني ماڊرن ٿين ٿا ۽ انهن کي ڏسي هي اسان جا ملئي پڻ.“

”پر حاجي صاحب اها ڳالهه آهي ته هي چند مثال آهن نه ته هتي جي گهڻائي اڃا به باادب، بافضيلت ۽ پراڻن قدرن ۽ ڳالهين کي مڃڻ واري آهي. ۽ هي چند مثال به شهرن ۾ نظر اچن ٿا نه ته ڳوٺن ۾ - خاص ڪري جنهن پاسي آئون رهان ٿو، هن ملڪ جا نوجوان سڀ ڪجهه هوندي به شوبازي ۽ ٽرڙپائي کان پاسو ڪن ٿا. هو تعليم ۽ ملڪ جي نالي روشن ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا.“

ٿوري دير ماني کائڻ بعد حاجي صاحب کان مون پڇيو: ”سائين ڀلا توهان وٽ ڪهڙا گراهڪ اچن ٿا؟“

”هر قسم جا. ملئي اچن ٿا. چيني اچن ٿا. ويندي يورپين ٽوئرسٽ اچيو نڪرن. پاڪستاني هن پاسي اچي ٿو ته اهو به پهرين هتي اچي ٿو. خبر اٿانو پهرين هتي جا ماڻهو اسان جي ماني نه کائيندا هئا پر هاڻ هنن کي ڏاڍي وڻي ٿي. اهو ان ڪري جو پاڻ جيڪو ٻوڙ رڌيون ٿا ان جو مرچ مصالو چڱيءَ طرح ٻُجي پوءِ لاهيون ٿا. ٻين وانگر نه جيڪي اڌ ڪچو اڌ پڪو لاهيو وٺن، پوءِ ان مان گرم مصالي جي ڌپ پيئي اچي ۽ اهو کاڌو پيٽ ۾ به سور ڪري ٿو.“


ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈمن: امیر عدنان 03337516944)

پر وارن ٿيبلن تان ملئي ۽ چيني همراهه ڪڍهن ڪو وجي چڪا هئا. حاجي يونس جي زال ۽ پٽ هاڻ خالي ديڳڙا پنهنجي گاڏيءَ ۾ رکي گهر موٽڻ جي تياريءَ ۾ هئا. مون ٻه هٿ ڏوئي مانيءَ جو بل ٻه ڊالر ٽيهه سينٽ ڏيئي حاجي صاحب کان موڪلايو.



ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبریری (گروپ ایڈمن: امیر عدنان 03337516944)

# ڪوالالمپور اندر

هن مهانگائيءَ واري دور ۾ دنيا جي جن چند شهرن وڏي ترقي ڪئي آهي، ڪوالالمپور پڻ انهن مان هڪ آهي.

شهرن جي تواريخ ۾ جتي هزارها سال پراڻا شهر پيا آهن اتي ڪوالالمپور ڪو گهڻو پراڻو شهر ناهي. سؤ سوا سؤ سال کن اڳ تہ هن شهر جي نالي کان هن تر جا ماڻهو بہ گهٽ واقف نہ هئا. ڪوالالمپور کان وڌيڪ جهونو شهر تہ ڪلانگ (Kalang) آهي، جيڪو ٽيهارو کن ڪلوميٽرن اتر ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آهي ۽ اڄ بہ بندرگاهہ جا ڪم سرانجام ڏئي ٿو. ڪوالالمپور سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ بدران ڪلانگ ۽ گومباڪ (Gombak) ندين جي سنگم تي آهي.

هونءَ تہ دنيا جا پراڻا شهر ۽ تهذيبون ندين جي ڪناري تي ئي موجود آهن ڇو جو جيءَ جي جياپي لاءِ انسان لاءِ پاڻي ضروري آهي. پر ملائيشيا جون هي نديون اها اهميت نٿيون رکن، جيڪا گنگا جمنا، سنڌوندي، ڪرناڦلي ۽ اراودي رکن ٿيون ڇو جو ملائيشيا جي ماڻهن کي الله جي فضل سان پاڻيءَ جي ڪا بہ کوٽ ناهي. ٻارهوئي جتي ڪٿي مينهن پيو وسي ۽ ملائيشيا ۾ نہ ماڻهو وهٽ ۽ نہ ٻني ٻارو اڃ مري ٿو. بقول ملاڪا جي هوٽل واري جي تہ پاڻي اسڪاءِ جيوس (آسماني رس) آهي، جنهن تي سنڌن ڪو خرچ ناهي. قدرت طرفان اها کين گهر ويٺي ملي ٿي. ۽ ڪوالالمپور جو شهر پاڻيءَ جي موجودگي ڪري نہ پر ٽين جي کاڻين ڪري هتي ٻڌو ويو. جنهن هنڌ تي ڪوالالمپور جو پراڻو شهر ـ ائمپنگ وارو علائقو آهي اتي ڪنهن زماني ۾ ٽين جا وڏا ذخيرا هئا. جن کي کوٽي ڪڍڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو اچڻ لڳا. کوٽائي لاءِ مزورن جي کوٽ ٿي پيئي تہ چين جهڙي ڏورانهين ملڪ کان سٽن جا سٽا چيني مزدورن جا ڪم لاءِ ملايا ۾ اچڻ لڳا. مٿيون نديون جيڪڏهن ٿورو گهڻو ڪم آيون ٿي تہ آمدورفت لاءِ ـ سو بہ فقط ان ڏينهن ۾. باقي پيئڻ لاءِ اڄ بہ سنڌن پاڻي صاف ناهي. ڪلانگ ندي، جنهن سان ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ گومباڪ ندي بہ ملي ٿي، سڄي گپ سان پريل آهي. ان گپ جي ئي ڪري هن شهر تي "ڪوالالمپور" نالو پيو. ملئي زبان ۾ گپ کي Lumpur سڏجي ٿو. ۽ Kuala (ڪئلا يا ڪوالا) معنيٰ "نديءَ جو منهن". بهرحال ٽين ۾ ايڏي وڏي ڪشش هئي جو هڪ ٻئي پويان ماڻهن جا قافلا هتي ڪڏ ٽيندا ويا. مالڪ سيٺ، ڪمدار ڪامورا، مزدور مددگار، ڪمي ڪاسبي ـ ڏينهون ڏينهن سنڌن تعداد وڌندو ئي ويو. ۽ ڏٺدي ئي هن شهر



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

۾ وڏڻ ويجهڻ لاءِ اهڙا تہ پڪا اهڃاڻ ڏنا جو تن ڏينهن جو انگريز حاڪم ـ جنهن هن رياست سلنگور جي گادي ڪلانگ شهر ۾ ناهي رکي هئي، تنهن کي اتان پٽرائي ڪوالالمپور ۾ آڻڻ جو سوچڻو پيو.

نيٺ 1880ع ۾ برٽش ريزيڊنٽ (بلوم فيلڊ ڊگلس) ڪلانگ شهر مان مڙيئي آفيسون پٽرائي ڪوالالمپور ۾ ان جاءِ تي اچي پختيون ڪيون، جتي هينئر پڊانگ (Padang) آهي. پوليس بئرڪون ۽ ڪجھ گھر "بڪت امان" تي بڻايا ويا، جنهن جي پٺيان سلنگور ڪلب آهي. جتي هينئر پرائيم منسٽر جو ڊپارٽمينٽ آهي اتي ريزيڊنسي آفيس آندي ويئي. خرچ بچائڻ لاءِ ڪلانگ واري آفيس جو هڪ هڪ تختو ۽ دري دروازو پٽرائي ڪوالالمپور آندو ويو. هاڻ جيتوڻيڪ ان آفيس کي وڏو ڪيو ويو آهي پر تڏهن ننڍڙي هئي ۽ جنهن ۾ هڪڙو ئي انگريز بهادر ڪامورو رهندو هو، جيڪو سڄي رياست جو والي سمجهيو ويو ٿي.

برٽش ريزيڊنٽ ڊگلس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ايترو همت ۽ ڦڙتائيءَ وارو نہ هو. 1882ع ۾ سويٽنهام نالي هڪ جوان ۽ همت وارو انگريز آيو، تنهن پنجن سالن اندر هن شهر ڪوالالمپور کي ايڏو صاف سٿرو ڪرايو ۽ وڌيڪ ناهيو جوڙيو جو انهن ڏينهن ۾ هن شهر لاءِ چيو ويندو هو تہ:

"Kuala Lumpur is the Neatest and Prettiest Chinese and Malays Town."

تن ڏينهن ۾ يپ ـ آه ـ لوئا (Yap - Ah - Loy) نالي هڪ چيني همراهہ ڪئپٽن چينا هوندو هو. يعني هڪ قسم جو ميئر هو. چيو وڃي ٿو تہ هن، شهر جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ، ڪافي ڪم ڪيو. هو مارڪيٽ اسٽريٽ تي هڪ وڏي گهر ۾ رهندو هو جتي هينئر هانگ ڪانگ شنگهائي بئنڪ آهي.

مارڪيٽ اسٽريٽ اڄڪلھ "پاسار بسار اسٽريٽ" سڏجي ٿي. هن هڪ وڏو چيني مندر پڻ نهرايو جنهن جو نالو "زي ـ يا" (Sze-Ya) ٽيمپل آهي، جنهن جي چوڌاري اڄڪلھ جالان بندر ۽ لبوح پودو وارا دڪان آهن. (ملئي زبان ۾ جالان معنيٰ رستو يا شاهراهہ ۽ لبوح معنيٰ گهٽي.)

ڪئپٽن چينا جي گهر جي سامهون جيڪا مارڪيٽ هئي اتي رات جو ڪاٽين جا مالڪ ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ چيني همراهہ ڪوتائيءَ مان ڪمايل ناڻي تي جوا اچي کيڏندا هئا. سهڻن گهرن کان علاوه سادا ۽ غريباڻا گهر پڻ جام هئا. ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کان علاوه گاڏا ۽ بار گهلڻ وارا چيني مزور، لوهار، واڍا، گاڏن ۽ خومچن وارا، ڏيا ٻارڻ وارا ـ جيڪي رات جو ڏيئي ۾ تيل وجهي ٻاريندا هئا، ان کان علاوه رنڍين جو



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

گھٽو گاٽيتو هو. تي سؤ کن رنڊين جي رهائش جو بندوبست تہ ڪئپٽن چينا يپ ـ آہ طرفان ٿيل هو. اڌ شهر جو تہ مالڪ ئي پاڻ هوندو هو.

انهن ڏينهن جون شهر واريون گھٽيون اڄ بہ ساڳيون ئي ور وڪڙن واريون آهن. فقط دڪان نوان ۽ سھٽا ٿيندا رهن ٿا. 1886ع ۾ اٽڪل ٻٽيھہ ڪلوميٽر ڪلانگ کان ڪوالالمپور جي جالان چينگ لاڪ تائين ريلوي لائين وڇائي ويئي ۽ اتي ئي پهرين اسٽيشن ناهي ويئي. ان کان پهرين هڪ سال اڳ (1885ع) ۾ تيرهن کن ڪلوميٽرن جي ريلوي لائين تائيپنگ کان پورٽ ويلڊ تائين وڇائي ويئي هئي. اڄ جهاز، فيرين، بس موٽر ڪارن هوندي بہ ملائيشيا جي ريلوي Keretapi Tanah Melayu (ڪي. ٽي. ايم) سواريءَ جو اهم ۽ آرامده ذريعو آهي.

اڄ جو مشهور سلينگور ڪلب 1884ع ۾ هڪ ڪاٺ جي بہ ماڙ بنگلي ۾ ڪوليو ويو هو. پوءِ چوڌاري پڪڙيل دلدل واري زمين کي مٽيءَ سان پري ڪرڪيٽ جو گرائونڊ ناهيو ويو، جيڪو پوليس پريڊ گرائونڊ طور پڻ استعمال ٿيندو هو.

1887ع ۾ پدانگ (Padang) واري پسگردائيءَ ۾ ڪوالالمپور جي پهرين پوسٽ آفيس کولي ويئي ۽ اتي ئي سينٽ ميري وارو چرچ ناهيو ويو. (رومن ڪئٿولڪ عيسائين جو ”سينٽ جان گرجا گھر“ 1882 ۾ بڪٽ ناناس تي ٺهي چڪو هو.)

پاڊانگ (ملئي لفظ. معنيٰ ميدان) جالان راجا تي آهي، جتي هر سال ملائيشيا جي آزاديءَ واري ڏينهن ـ 31 آگسٽ تي پريڊ، رانديون ۽ ٻيون خوشيون ملهايون وڃن ٿيون. پاڊانگ ۽ سلينگور ڪلب جي سامھون گاڏهين ۽ اچين پٿين واري مغل نموني جي سلطان عبدالصمد بلڊنگ آهي، جيڪا آرڪيٽيڪٽ ۽ مغرب ۽ مشرق جو جڻ ميلاپ آهي. ٿورو ئي اڳتي ستي هال جي عمارت اهي، جيڪا 1896ع ڌاري ناهي ويئي هئي. اها پڻ جيتوڻيڪ مشرقي نموني جي آهي پر ساڳي وقت ان مان لنڊن جي ايڊورڊين عمارتن جو پڻ هڳاءُ اچي ٿو.

ڪوالالمپور ـ يا K.L (جيئن عام طرح سان هي شهر سڏجي ٿو)، ان ۾ هڪ ٽوئرسٽ کي وقت هجي تہ اهي مٿيون تواريخي شيون ضرور ڏسي، جيڪي شهر جي وچ ۾ ئي آهن.

پاڊانگ کان ٿورو اڳيان جالان تن پيراق اچي ٿو، جتي انفارميشن بلڊنگ جي عمارت لتاڙڻ بعد مسجد جامي آهي. ٻئي شيون عمارت سازيءَ جي لحاظ کان ڏسڻ وٽان آهن. هيءَ پراڻي مسجد ان هنڌ تي آهي، جتي گومباڪ ۽ ڪلانگ نديون هڪ ٻئي سان مليو هڪ ٿيو وڃن ۽ جتان کي. ايل جو شهر وڌڻ شروع ٿيو هو. هن ٽڪري ۾ اڃا


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تائين ڪيٽريون ئي پراڻيون عمارتون ـ گهر ۽ دڪان نظر ايندا جن مان چيني ملئي ۽ انگريزي آرٽ جا نمونا صاف ظاهر ٿين ٿا.

مسجد جامي ڪان پوءِ جالان ملايو ويجهو ئي آهي جيڪو نالي مان تہ لڳي ٿو تہ ان تي ملئي گهڻا هوندا پر حقيقت ۾ اتي انڊين آهن ـ گهڻو تعداد ڏکڻ هندستانين جو آهي. ان بعد گجراتي، سک، سنڌين جا دڪان پڻ آهن. جيئن سنگاپور جي سرنگون روڊ کي ننڍڙو انڊيا سڏيو وڃي ٿو، تيئن ڪوالالمپور جو هي علائقو ننڍڙو انڊيا سڏي سگهجي ٿو. ڪارا ڪارا مدراسي ڪير جهڙين اڇين گوڏين ۽ پهراڻن ۾ پان چباڙيندا، ٻاڙهيون پڪيون اڇليندا نظر ايندا. دڪانن تي منايون، چوڙيون، مرچ مصالا، هندستاني رسالا ڪتاب ۽ هندو ڌرم جي ديوتائن وارا ڪئلينڊر، اسٽيل ۽ پتل جا ٿانو، چمڪ واريون ساڙهيون ۽ گوڏيون ۽ گلن جا هار نظر ايندا. مٺائيءَ ۾ لڏون، برفي ۽ جليبي، ۽ ڇهر ۾ سنها گانئيا (مرڪو) ۽ ٻجيا (وادي) شيشي جي ڪبٽن ۾ گول ٿالهن ۾ رکيل هوندا.

تورو پنيان ڪوالالمپور جي هڪ ٻي مشهور مسجد ـ مسجد انڊيا پڻ آهي، جيڪا هندستان جي مسلمانن ٺهرائي ۽ انڊيا جي ايمبسي بہ اتي ئي آهي. سو ٻئي ڪنهن ملڪ جو هن پاسي اچي يا نہ پر هندستان جو ضرور ايندو. مٺائي وٺڻ، ايمبسيءَ جي ڪم، جمعي نماز پڙهڻ يا ڪنهن مائٽ جو هندستان کان ڪٽي آيل خط مالڪن کي پهچائڻ لاءِ.

اج جي جالان پيتالنگ، جالان سلطان ۽ جالان بندر تي ڪوالالمپور جو چائنا ٽائون ڏسڻ وٽان آهي ـ جيڪو ڪافي پراڻو، سوڙهو ۽ پيچيدو علائقو آهي. ان جالان بندر تي ئي Sze-Ya مندر آهي جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. ان مندر جي ٻاهرين خوبي ۽ اندر چيني تائو ڌرم (Taoist) جي پوئلڳن کي اگربتيون ۽ ڪوڙا نوٽ ساڙي عبادت ڪندو ڏسي سگهجي ٿو. ساڳي روڊ تي ٻي ڪنڊ تي "سري ماريا مان" هندو مندر آهي، جتي هندو پوڄاري نظر ايندا. هي مندر 1873ع ۾ ٺهيو. مندر جو گوپر (دروازي مٿان وڏيل پٽ جنهن تي ڪيترائي رنگين بت رکيل ٿين ٿا). اينڊز ويندڙ جو ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ ولايت کان آيل ماڻهو ان اڳيان ڪئميرائون جهلي فوٽو ڪڍڻ ۾ مشغول نظر اچن ٿا.

ڪي. ايل ۾ جالان مئدان تئانڪو (Medan-Tuanku) تي هڪ پراڻي عمارت وسما لوڪ آهي. (ملئي زبان ۾ جاءِ کي بنگونان چئجي ٿو ۽ تمام وڏي جاءِ، عمارت يا ڪامپليڪس کي Wisma چئجي ٿو) وسما لوڪ 1884ع ۾ هڪ چيني همراهہ چيئو ـ آه ـ ييوڪ (Cheow-Ah-Yeok) ٺهرايو، جيڪو پراڻي کي. ايل کي ٺاهڻ واري ڪئپٽن چينا يپ جو ويجهو دوست هو. (1892ع ۾ سندس مرڻ بعد ڪوالالمپور جي هڪ ارب پتيءَ چينيءَ ـ مسٽر لوڪ ييئوءَ (Loke-Yew) ان کي خريد ڪري ان ۾ وڏيڪ تبديليون ۽ مرمت


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪرائي، جيڪا يارهن سال هلندي رهي). هيءَ بلڊنگ ـ وسما لوڪ يا لوڪ ـ هائوس، ڪوالالمپور شهر جي پهرين عمارت آهي، جيڪا سيمنٽ ۾ سرن مان ٺهي. مسٽر لوڪ جي فئملي هن عمارت ۾ 1930ع تائين رهي. ان بعد هي گهر خالي رهيو. وچ ۾ جپانين جي قبضي ۾ رهيو ۽ وري انگريزن جي اچڻ تي هن گهر ۾ چيني اسڪول ڪليو ۽ ان بعد پوليس جي اسپيشل برانچ جو اسڪول. 1982ع کان هيءَ عمارت وري خالي پيئي آهي.

پيون عمارتون جيڪي پراڻن ڏينهن جي ياد ڏيارين ٿيون. انهن مان هڪ باڪ ـ هائوس (Bok-House) پڻ آهي، جيڪو ائمپنگ روڊ تي آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ هن عمارت ۾ ٿوري تبديلي ڪري Le coq dor نالي ريسٽورينٽ ٺاهي ويئي آهي.

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪوالالمپور ۾ باتو روڊ جا سٺ سال ملهايا ويا. باتو روڊ انگريزن جي دور جو ٺهيل رستو آهعي ۽ چيو وڃي ٿو ته ڪوالالمپور جو هي پهريون رستو آهي، جيڪو پٿرن سان پڪو ڪيو ويو هو ۽ شايد ان ڪري هن رستي جو نالو باتو روڊ پئجي ويو. ملئي زبان ۾ باتو (Batu) معنيٰ پٿر. ۽ هي رستو پڪو ٿيڻ تي ظهار آهي هن رستي کي ماڻهو پٿرن وارو رستو يعني Jalan Batu سڏڻ لڳا. ملايا جي آزاديءَ بعد هن رستي جو نالو بدلائي هن ملڪ جي پهرين پرائيم منسٽر تنڪو عبدالرحمان نالي رکيو ويو. ۽ هن روڊ کي  ڪجهه وڌايو پڻ ويو آهي نه ته اصلي باتو روڊ جالان مائونٽ بئٽن (جيڪو هاڻ جالان تن پيراق سڏجي ٿو) کان وٺي جالان ڪئمپ بيل (جيڪو هاڻ جالان ڊانگ وانگي Dang Wangi سڏجي ٿو) تائين هو.

پراڻي باتو روڊ وارين عمارتن ۾ ڪيتري ئي ردوبدل اچي ويئي آهي، پر پراڻي دور جون ٻه عمارتون اڃا به ساڳي روپ ۾ آهن. هڪ ڪئٿي آرگنائيزيشن جي اوڊين سئنيما ۽ ٻي ڪوليسيم (Colisum) سئنيما ۽ ڪيفي جيڪا 1921ع ۾ ٺهي. تن ڏينهن ۾ پڻ اهي عمارتون هن روڊ جون اهم نشانيون هيون ڇو جو ٻيا سڀ دڪان ۽ گهر هنن جي مقابلي ۾ ننڍا هئا.

تن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ رابن سن ۽ وائيٽ ويز (White ways) اعليٰ شين جا دڪان سمجهيا ويندا هئا پر تڏهن به عوام ۾ باتو روڊ ۽ مسجد انڊيا روڊ وارا دڪان گهڻو مشهور هئا. رابن سن دڪان پوءِ بند ٿي ويو، ان جي جاءِ تي اڄڪلهه يونائيٽيڊ ايشين بئنڪ جا هيڊ ڪوارٽر آهن. وائيٽ ويز جي پر ۾ هڪ سک جو دڪان گيان سنگهه نالي پڻ هتي جو اهم شاپنگ سينٽر رهيو آهي. سماجي گڏجاڻين ۽ اعليٰ درجي جي فنڪشن


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

لاءِ هتي جي لي وانگ کي (Lee Wong Kee) هوٽل پڻ خاص سمجهي وڃي ٿي، جيڪا فقط ٽيهارو سال کن اڳ کلي آهي.

باتو روڊ (هاٽوڪي تنڪو عبدالرحمان روڊ) تي ڪجهه ٻيا به اهم ۽ تواريخي دڪان آهن. هڪ ته ”P.H Hendry“ نالي زيورات جو دڪان آهي. هي دڪان باتو روڊ تي 1920ع ۾ کليو. ان کان اڳ پاسي واري رستي جالان ملايو تي ”سلوني بيڪري“ نالي هو جتي زيورات کان علاوه ڊبل روٽي ۽ سلوني چانهه پڻ وڪامي ويندي هئي.

هينڊري جي دڪان کان علاوه گلوب سلڪ اسٽور نالي هڪ سنڌيءَ جو دڪان پڻ هن رستي تي مشهور آهي. گلوب سلڪ اسٽور مسٽر تيرٿ داس ڄيننند اڄ کان پنجاهه سال کن اڳ پهرين سيگامت شهر ۾ کوليو. ان بعد اتي بند ڪري ڪوالالمپور جي هن رستي ـ جالان تنڪو عبدالرحمان تي آندو. پاڻ 1972ع ۾ ست سالن جي ڄمار ۾ اسنتا اسپتال ۾ گذاري ويو. اڄڪلهه سندس اڪيلو پٽ تان سري ڪشو سڄو ڪاروبار هلائي ٿو.

انهن پراڻين شين سان گڏ جيڪڏهن اڄ جو ماڊرن ڪوالالمپور ڏسڻو آهي ته پوءِ ان لاءِ جالان بڪت ـ بنتانگ ۽ جالان سلطان اسماعيل ڏي رُخ رکڻ ضروري آهي. جتي اڄ جي دنيا جون ماڊرن هوٽلون ۽ فئشنبل دڪان ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن. ڊسڪوٿي ۽ ڪلب آهن. وڊيون ۽ سهٽيون آفيسون ۽ انهن اڳيان بيٺل نون ماڊلن جون مهانگيون ڪارون ۽ فئشنبل پوشاڪن ۾ ماڻهو آهن.



ڪتب خانہ... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# ڪوالالمپور ڪان ٻاهر

ڪوالالمپور ۾ جيڪڏهن توهان هڪ يا ٻن ڏينهن لاءِ آيل آهيو ته پوءِ شهر ۽ ان جون مختلف گهٽيون، دڪان ۽ عمارتون ڏسڻ ۾ ئي توهان جو چڱو وقت گذري ويندو. پر جي گهڻن ڏينهن لاءِ آيل آهيو يا شهر اڳهين ڏٺل اٿو ته پوءِ شهر ڪان ٻاهر ويهه پنجويهه ميلن جي دائري ۾ ڪيترين ئي شين توهان جي لاءِ نواڻ ۽ تفريح پيدا ڪري سگهن ٿيون. پوءِ جي ٻارن سان آهيو ته Negra-Zoo جهڙي چڙيا گهر ۾ ئي سڄو ڏينهن گذارري سگهو ٿا. هني مون تي آيل آهيو ته گئنٽن هاءِ لئنڊ جهڙي سهڻي ۽ جابلو جاءِ هتي ٻي نه ملندي. جوئا جا شوقين پڻ هتي نظر اچن ٿا جو هن ريجن جو وڏو Casino (جوئا خانو) هتي آهي. دوستن سان پڪنڪ ملهائڻ جي موڊ ۾ آهيو ته ٿورو پري سمنڊ ۾ پکڙيل مختلف ٻيٽن: ڪئري آئيلينڊ، پلاءُ ڪيتام (Ketam) وغيره مان ڪنهن تي فيري يا ٻيڙيءَ ذريعي وڃڻ بهتر ٿيندو جي تنهائي پسند، شاعر طبيعت يا قدرتي شين ۾ دلچسپي رکو ٿا ته پوءِ ٽيمپلر پارڪ ڏي ئي رُخ رکڻ ۾ عافيت آهي. اهي مڙيئي شيون شهر ڪان پرڀرو آهن. جن ڪي ڏسڻ ڪان عام ٽوئرسٽ ته محروم رهي ٿو پر مشغول زندگي ڪري ڪوالالمپور جا شهري پڻ. جيئن ڪراچيءَ جي مشغول ماڻهن، ويجهو هوندي به ٺٽيون، مڪلي يا منگهو پير جهڙا اهم ۽ تواريخي هنڌ نه ڏٺا هوندا.

ڪوالالمپور سامونڊي ڪناري وارو شهر ناهي. ان ڪري بندرگاهه جا فرض سامونڊي ڪناري وارو پر وارو شهر ڪلانگ ادا ڪري ٿو. انگريزن جي ڏينهن ۾ پورٽ ڪلانگ جو نالو بدلائي انگريز آفيسر جي نالي ”پورٽ سوئيٽنهام“ رکيو ويو هو. جيڪو هاڻ وري ساڳي پراڻي نالي ـ پورٽ ڪلانگ سان سڏيو وڃي ٿو. ڪوالالمپور ۽ ڪلانگ ساڳي رياست سلينگور (Selangor) ۾ آهن. هن پاسي واري سامونڊي ڪناري (ويسٽ ڪوسٽ) جا سامونڊي ڪانگها ڪنارا ايڏا صاف ۽ سنا نه آهن جيڏا ايسٽ ڪوسٽ پاسي ـ يعني پهانگ، ترنگانو ۽ ڪيلنتان رياستن ڏي.

بهرحال توهان سمنڊ جي ڪناري تي وقت گذارڻ بدران پورٽ ڪلانگ ڪان ٻيڙيءَ ذريعي پڪنڪ ۽ گهمڻ خاطر ڪنهن ويجهي ٻيٽ تي وڃي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان ڪڏهن ڪنهن ننڍي ٻيٽ تي نه ويا آهيو ته هي سٺو تجربو رهندو. آخرڪار انڊونيشيا، فلپين جهڙا ملڪ به هھڙن هزارين ٻيٽن جا مجموعا آهن. ڪوالالمپور ڪان ويجهي ۾



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ويجهو بيٽ ڪئري يا پلائو ڪيتام آهي. کائڻ پيئڻ لاءِ چاهي توهان ڪجهه پاڻ سان کڻي وڃو يا هتي جو لوڪل کاڌو کنهن هٽڙي يا ڪانائين هوٽل تان وٺي کائي سگهو ٿا.

پلائوڪيتام ڪي ته هڪ ننڍڙو شهر به چئي سگهجي ٿو. هڪ صدي کن اڳ، چين جي صوبي هائين جي رهاڪن ملائيشيا ۾ پهچي هن بيٽ تي رهائش شروع ڪئي هئي. پر اڄڪلهه گهٽائي ٿيوچو ڳالهائڻ وارن چينين جي آهي. هتي جي رهاڪن جي زندگي جيتوڻيڪ ڏکي ۽ سخت آهي - جيئن سنڌ ۾ ڪڇي جي رهاڪن يا ڪناري تي رهندڙ مهاڻن جي. پر اهو آهي ته بيحد ڏيرج، سانت ۽ سڪون واري زندگي آهي. نه گوڙ شور نه ٽرئفڪ جئم ۽ نه ڪاڏين فئڪٽرين جو دونهون.

ڪئري بيٽ تي چيني ۽ ملئي ماڻهن کان علاوه ڪيترائي پاڪستاني ۽ انڊين رهن ٿا، جيڪي پورڪ ۽ ڪيتي ٻاڙيءَ جو ڪم ڪن ٿا. هن بيٽ يا ٻين اوسي پاسي وارن بيٽن تي پورٽ ڪلانگ کان لانچ ۽ فيرين ذريعي اچي وڃي سگهجي ٿو، جن ۾ سمنڊ جو سير به سنو ٿيو وڃي. هي بيٽ ڌارين ٽوئرسٽ لاءِ ايترو سنائي سان سينگاريا نه ويا آهن. پر، ملائيشيا حڪومت، انهن تي جي ڌيان ڏئي سنو ناهي ته انهن جو قدر به ايترو ٿي سگهي ٿو، جيترو سنگاپور جي سنتوسا بيٽ جو آهي.

ڪئري بيٽ جي سامهون هڪل جڳهه آهي، جيڪا تلوڪ (Teluk) سڏجي ٿي. اها پڻ ڪلانگ کان ڪلاڪ جي پنڌ تي آهي. ڪلانگ ۽ ڪوالالمپور کان شوقين ماڻهو، ڪيڪڙا کائڻ لاءِ هتي ايندا آهن. ڪيڪڙو ڳانگٽ وانگر سامونڊي کاڌو (Sea-Food) آهي. پاڪستان ۽ عرب ملڪن ڏي ڪيڪڙو جيتوڻيڪ تمام گهٽ - نه برابر کاڌو وڃي ٿو پر هن پاسي - ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ڏکڻ فلپين جا مسلمان تمام گهڻي شوق سان کائين ٿا ۽ سندس گوشت ڳانگٽ وانگر بيحد لذيذ چيو وڃي ٿو. ڳاڙهن مرچن ۽ ٻين مصالن تي تريل يا ٻوڙ وانگر رڌل تازا ڦاسايل ڪيڪڙا، آيل گراهڪن کي تختن جي ميزن ۽ ٻئنچن تي پيش ڪيا وڃن ٿا. ڏينهن جو هتي رونق نه هوندي آهي پر رات جي وقت ڪيترائي چيني ۽ ملئي ماڻهو پهچي ويندا آهن. ڪن سان گڏ يورپي مهمان پڻ هوندا آهن.

شام گذارڻ لاءِ بڪت بلاچان به سٺي جاءِ آهي، جيڪا ائمپنگ واري رستي تي آهي. ۽ جيڪڏهن صبح جي وقت اوڏانهن وڃو ٿا ته پوءِ ان بعد ملائيشيا جو قومي چڙيا گهر- زو نگارا پڻ وات تي ڏسي سگهو ٿا، جيڪو اتان ڪو گهٽو پري ناهي ۽ هر روز صبح جو نائين کان شام جو پنجين تائين کليل رهي ٿو. چڙيا گهر جي ٽڪيٽ وڏن لاءِ اڍائي ڊالر ۽ ننڍن لاءِ هڪ ڊالر آهي. (شاگردن لاءِ فقط ٽيهه سينٽ) جانورن ۽ پکين جا


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پيجرا پري پري هجڻ ڪري پنڌ ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. منجهس اورانگ اٽان (باندر جو قسم جيڪو ماڻهوءَ سان گهڻو ملي ٿو) ۽ هٿرادو نهيل ڍنڍون ڏسڻ وٽان آهن.

ڪوالالمپور کان پرپرو وڃڻ لاءِ هڪ ٻيو هنڌ آهي، جتي صاف پاڻيءَ جي نهر هر وقت وهي ٿي، اهو آهي ڪئلا ڪوبو بارو (Kubu-Baru) گولفر اڪثر هتي گولف کيڏڻ لاءِ اچي نڪرن ٿا.

ڪوالالمپور کان ٻاهر هڪ ٻي مزيدار جاءِ ٽيمپلر پارڪ آهي. اپوح پينانگ ڏي ويندڙ هاءِ وي تي ڪوالالمپور کان ايڪيهه ميل ڪن پري هي ٽيمپلر پارڪ دنيا جي پراڻن پارڪن مان هڪ آهي. سوا هزار هيڪٽرن تي هي پارڪ قدرتي نظارن جي شوقينن ۽ پڪنڪ ملهائڻ وارن لاءِ دلپسند جاءِ ٿي سگهجي ٿي، جيڪا سرڪاري طرح 1954ع کان پبلڪ لاءِ کولي ويئي.

سچو ملائيشيا وڻ ٽڻ ۽ ساوڪ سان پريل آهي. ملائيشيا جا ڪيترائي جهنگل سؤ ملين ـ ڏهه ڪروڙ سالن کان به پراڻا آهن. ٽيمپلر پارڪ جا پراڻا وڻ ۽ گهاٽو جهنگ ڏسي تعجب لڳي ٿو ته هن ايامن جي پراڻي دنيا کان فقط ويهه ميل پري ماڊرن تهذيب ۽ سوسائٽيءَ جو شهر ڪوالالمپور آهي.

هالي ووڊ جي هڪ مشهور انگريزي فلم "The Seventh Day" جا ڪيترائي نظارا هن پارڪ ۾ فلمايا ويا آهن. اداڪار وليم هولڊين، سوسوناه يارڪ ۽ ڪاپسين ان فلم ۾ ڪم ڪيو آهي.

قدرت جا نظارا ڏسڻ واري لاءِ باتو غارون (Batu – Caves) به اهم شيءِ آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڌارين ملڪن جا ماڻهو پري پري کان کهيو اچن ٿا. هي پڻ ڪوالالمپور شهر کان ٻاهر اتر طرف، يارهن ميل ڪن پري آهي.

گنٽنگ هاءِ لئنڊ، فريزر هل ۽ ڪئمرون هل ملائيشيا جا مشهور پهاڙي علائقا آهن، جيڪي جيتوڻيڪ سلينگور رياست جي پر واري رياست پهانگ ۾ آهن پر ڪوالالمپور کان ڪي گهڻو پري ناهن ـ خاص ڪري ان لاءِ جيڪو ڪوالالمپور ۾ هفتي ٻن لاءِ ٽڪيل آهي ۽ وقت پاس ڪرڻ لاءِ گهمڻ ڦرڻ چاهي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪو ايترو پري نٿو وڃڻ چاهي ته انسانذات جي هٿرادو نهيل سهڻي ڍنڍ، پارڪ ۽ ٻارن جي راندين ۽ وندر جو باغيچو Mimaland ڏسي سگهي ٿو. ميمالئنڊ ڪوالالمپور شهر کان سڌ پنڌ تي آهي. منجهس نهيل جهوپڙين جهڙا گهر Chalets، هوٽل وانگر مسواڙ تي ڏنا وڃن ٿا ۽ گهڻو ڪري يورپ جهڙن ٿڌن ملڪن جا ماڻهو شهر ۾ هوٽل جي ڪمري ۾ رهڻ بدران هتي رهڻ پسند ڪن ٿا. رات جو اونداهه ٿيڻ بعد جيتن جڻن جي چرپر ۽ صبح


ڪتب خانو... وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ساجهر پکين جو منيون لاتيون جهنگل جو ڏيک ڏين ٿيون ۽ انسان کي اهو احساس ڏيارين ٿيون ته هو شهر جي گوڙ گهمسان ۽ وڏين عمارتن جي قيد کان آزاد ٿي ٻاهر کليل فضا ۾ ساهه کڻي رهيو آهي.

ميمالئنڊ ۾ ٻن ٽن قسمن جي رهائش آهي. ڪي جهوپڙين (موٽل نما) اندران ايئرڪنڊيشنڊ ۽ غاليچن واريون آهن جن جي اڪيلي ڪمري جا نوي ملئي ڊالر ورتا وڃن ٿا ۽ ڊبل جا سؤ کن آهن. ڪي شئلي (Chalets) تختا ڏگها ڪري، پاٽيءَ مٿان ٺاهيون ويون آهن. جتان اندران ئي ويٺي ويٺي توهان مڇيءَ جو شڪار ڪري سگهو ٿا ۽ ٻاهر نڪرڻ جي به ضرورت ناهي. انهن جي مسواڙ هڪ رات جا ڏيڍ سؤ کن ڊالر آهي. ان کان علاوه سستي رهائش لاءِ وڏا ڪمرا (ماڊرن لانگ هائوس) ٺهيل آهن، جنهن ۾ هڪ بستي جا ٻارهن تيرهن ڊالر ورتا وڃن ٿا. پول ۾ ترڻ جي في ڏيڍ ڊالر آهي، ٽينس ڪيڏڻ جي پنج ڊالر، ميمالئنڊ جي گهاٽي جنگل ۾ ڪنهن گائيڊ سان گڏ سير ڪرڻ جي في ويهه ڊالر آهي. سڄو ڏينهن مڇيون ڦاسائڻ جي في پنج ڊالر آهي. ميمالئنڊ ۾ اندر گهڙڻ لاءِ به في رکيل آهي. وڏي لاءِ به ڊالر ننڍي لاءِ ڊالر کن.

هونءَ وقت پاس ڪرڻ لاءِ سبانگ وليج ڏي به رُخ رکي سگهجي ٿو ـ جتي سستا چيني کاڌا مشهور آهن. ڪوالالمپور جي هوائي اڏي جو نالو پڻ سبانگ آهي. (ملئي زبان ۾ ڪن جي ايرنگ کي Subang سڏجي ٿو) ڪراچيءَ جي بندو خان جي چڪن تڪي ۽ ٺٽي آدم جي پڪل ران وانگر هتي جي تريل، پڪل ۽ رڌل بدڪ مشهور آهي جنهن کي کائڻ لاءِ هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ تائيوان کان آيل چينين ۽ جپانين جو ڪافي مارو رهي ٿو.

جيڪڏهن ملائيشيا جي ڳوٺن جو نظارو ڪرڻو آهي ته ڪيپانگ وارو رستو اختيار ڪجي. اُلو لنگت (Ulu-Langat) واري ضلعي کان مغربي ڪنارو (West -Coast) وٺي هلڻ ۾ رستي تي ڪيترائي مهاڻن جا ڳوٺ ۽ سارين جا فصل نظر ايندا. ملائيشيا ملڪ بيحد وڏو آهي پر ماڻهو ٿورا اٿس ـ ان جو احساس ڳوٺن ۾ پهچي هيڪاندو گهٽو ٿئي ٿو، جتي موڪل واري ڏينهن تي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نظر اچن ٿا. نه ته انڊونيشيا، بنگلاديش، انڊيا ۽ پاڪستان جي ڳوٺن جا نظارا هن کان نرالا آهن.

ملئي ماڻهو تمام سٻاجهڙا آهن ۽ ڳوٺن جا ته وري هيڪاندا. پر ان جو مطلب اهو ناهي ته هو ڪي بيوقوف آهن. يا هو ٻين کي سمجهي نٿا سگهن. ٿورو ئي عرصو رهڻ بعد سمجهه ۾ اچيو وڃي ته هو هوشيار ۽ ڏاها آهن پر طبيعت ۾ هو مانيٽا ۽ صابرين آهن. ڪنهن به ڳوٺ ۾ لهي، زبان نه اچڻ جي باوجود به هنن سان ملي سگهو ٿا. پنهنجي



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

زبان ۾ ڪيڪار ڪري سندن اکين مان سندن دلين جي خوشي ۽ آدرياءُ محسوس ڪري سگهو ٿا ـ ڪانئن ناريل وٺي انهن جو پاڻي پي سگهو ٿا. سندن گهر اڳيان لڳل پپيئي، چڪون، رمبوتان وڻن جي ميوي جي گهر ڪري، ڪائي سگهو ٿا. ۽ مون کي پڪ آهي ته گهڻو ڪري هو توهان کان ان جي قيمت پئسن ۾ وٺندي آر محسوس ڪندا. جيئن سنڌ جا ڳوناٺا کير ۽ ڏڌ لاءِ ۽ عربستان جا ڪجي چوهاري جا پئسا وٺندي عيب محسوس ڪن ٿا.

وير لهڻ وقت توهان کي سامونڊي ڪنارن جا ڳوناٺا ريتيءَ واري ڪناري مان Kepah (سپون) ڪوٺيندي نظر ايندا. توهان به چاهيو ته انهن سان گڏ چوندي سگهو ٿا يا ڪائڻ لاءِ هنن کان وٺي سگهو ٿا. هن پاسي جا ماڻهو ـ چيني توڙي ملئي مسلمان ڪيڪڙن وانگر سپون به شوق سان ڪائين. گهڻو ڪري سپ کي ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ ڪجهه دير رکن. ائين ڪرڻ سان سپ ۾ رهندڙ ڪينئون مريو وڃي ۽ پوءِ سپ جا پڙ آسانيءَ سان کولي، ان ڪينئين کي مرچ مصالن سان رڌي ڪائي سگهجي ٿو. باقي جيسين ڪيئنون جيئرو آهي. هو سپ جا پڙ ـ جيڪي هن لاءِ بچاءُ آهن، مضبوطيءَ سان بند رکي ٿو.

ڪئالا لنگات ضلعي ۾، ڪلانگ ۽ مورب (morib) شهرن واري رستي تي هڪ جاءِ آهي بندا (Banda) نالي. هتي، ڪنهن زماني ۾، هن رياست جا سلطان رهندا هئا. سندن پراڻو محل (Istana) پڻ آهي، جتي سلطان سليمان رهندو هو. ان شهر جو نالو بندرتماشا (Bandar-Temasya) هو. ملئي زبان ۾ شهر کي بندر سڏجي ٿو. ۽ تماشا معنىٰ : ڪاچ، فنڪشن، رانديون روندون. يا ڪٺي چئجي تماشو. (ملئي زبان ۾ Sy گڏ لکڻ سان ش جو اچار ٿئي ٿو، جيئن انگريزيءَ ۾ Sh گڏ لکڻ سان ش جو اچار ٿئي ٿو) هيءَ اها جڳهه آهي جتي D.Day تي، هي علائقو واپس وٺڻ لاءِ، لارڊ مائونٽ بيٽن جي رٿ موجب انگريز فوج جي جهاز لنگر اچي ڪيرايو هو ۽ ٻارهن هزار سپاهي ۽ فوجي لاريون لاٿيون ويون هيون.

تورو اڳتي ڪئالا سلينگور شهر آهي، جيڪو پڻ ملائيشيا جو تواريخي شهر آهي. ڪئالا سلينگور بعد اڳيان تجنگ ڪرانگ شهر آهي، جيڪو هن رياست جي چانورن جو وٽو (Rice-Bowl) سڏيو وڃي ٿو. چوڌاري سارين جو ئي فصل نظر اچي ٿو ۽ سڄي رياست کي چانور هتان مهيا ٿين ٿا.

انهن شهرن ۽ جاين کان علاوه هن رياست سلينگور جا ٻيا به ٻه ٽي شهر مشهور آهن. جيڪي ڪوالالمپور جي ئي ويجهڙائيءَ ۾ آهن. هڪ ته سپ ۾ گهڻو ڪجانگ (Kajang) آهي، جتي جا ساتي تمام مشهور آهن. ساتي ٻوٽي ڪواب کي سڏجي ٿو، جيڪو


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

گهٽو ڪري ڪڪڙ يا ڏٻي جي گوشت مان ٺاهين. گوشت جون ننڍڙيون ننڍڙيون ٻوٽيون ڪري، سنهي تيليءَ ۾ پوئي، مٿان ٿوري ڪنڊ ٻرڪي ٽانڊن تي پچايو ويندو آهي.

ڪجانگ کان علاوه بانگيءَ (Bangi) جو شهر آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي ٽائون شپ آهي. ۽ باتو ارانگ (Batu Arang) شهر ڏنڊ کان مشهور آهي.

چون ته ته سفر هوش وڌائي ٿو:

"Travel Broadens the Mind."

۽ اهو واقعي جي درست آهي ته پوءِ ان لاءِ ڪوالالمپور پهچي هڪ مسافر کي ڀي اوسي پاسي واريون جايون ڏسڻ ۾ ڪو گهڻو خرچ يا وقت نٿو لڳي.



ڪتب خانو...وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# ڪشو. سگريٽ ۽ شراب نہ پيئڻ وارو سيٺ

ڪوالالمپور جي مشهور ترين رستي ـ جالان تنڪو عبدالرحمان تي ”گلوب سلڪ اسٽور“ نالي هڪ ڇهہ ماڙ دڪان آهي. ڪوالالمپور ۾ جيتوڻيڪ ان کان ڪيترائي وڏا دڪان آهن پر گلوب سلڪ اسٽور سيني ۾ مشهور آهي. نہ فقط ڪوالالمپور شهر يا ان جي سڄي رياستن سيلينگور ۾ پر اوسي پاسي جي ٻين بہ ڪيترين ئي رياست کان ماڻهو هتي شاپنگ لاءِ اچن ٿا. ملاڪا رياست ۾ رهندڙ اسين ڪجهہ پاڪستاني، انڊين، برمي، سلوني ۽ ٻيا غير ملڪي پڻ مهيني ٻئي ڪوالالمپور وڃي، گلوب سلڪ اسٽور تان خريداري ڪري ايندا آهيون. خاص ڪري قميص، ٽاءِ، پينٽ، ڪڇا، گنجيون، چڊيون، ڪچو ڪپڙو، ٻارن جا اسڪول يونيفارم، چادرون، پڙدا، ريڊيو، ڪئسيٽ وغيره جهڙين شين لاءِ ڪوالالمپور ۾ گلوب جهڙو سستو ۽ بهتر دڪان ٻيو ناهي جتي ٻارهوئي چڻ Sale لڳي پيئي آهي. عيد، ڏياري، ڪرسمس، نئين سال جو ڏينهن، گوتم ٻڌ جو جنم ڏينهن يا ويندي چينين جي نئين سال ۽ هر ڇنڇر تي هن دڪان ۾ پيهہ پيهان هوندي آهي. گراهڪن جي مدد لاءِ ٻن شفٽن مان هر هڪ ۾ سؤ کن ڇوڪريون Sales-Girls ڪم ڪن ٿيون، اهڙيون ويهارو کن ڪئشير ڇوڪريون پئسا وصول ڪرڻ تي آهن ۽ انهن مٿان سنڌي سپروائيزر ـ ڪشوءَ جا مائٽ ۽ وفادار دوست نظرداريءَ لاءِ هر ماڙ تي پسار ڪن ٿا. هڪ ڪئشير ڇوڪريءَ کان پڇيم: ”توکي هن دڪان ۾ ڪم ڪندي ڪيترا سال ٿيا آهن؟“

”ويهہ سال.“ وراڻيائين. ٻاڻ مدراسڻ هئي. شڪل مان بہ لڳي رهي هئي. ساڳيو سوال هڪ ٻي پنجابي سک عورت کان ڪيم. ڪيس گلوب سلڪ اسٽور ۾ نوڪري ڪندي پنجويهہ سال ٿي چڪا هئا. تنهن جي معنيٰ مالڪ نوڪرن مان خوش آهن ۽ نوڪر مالڪن مان. جپانين وانگر نوڪر پڻ دڪان، ڪمپني يا آفيس سان هميشہ جو ساٿ رکن ٿا، نڪاح ۽ نوڪري عمر ڀر جي نڀائڻ لاءِ ڪن ٿا. گلوب ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڌيان تي چڙهي ٿي. ملائيشيا جي هوٽلن، وڏن دڪانن يا سپر مارڪيٽن ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون گهڻو ڪري چينياڻيون آهن. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ملئي يا انڊين (تامل، گجراتڻ يا سکڻي) هوندي. اهو ان ڪري آهي جو چيني مردن وانگر چيني عورتون توڙي ڇوڪريون تمام گهڻو پورهيت ۽ جفاڪش آهن. ٻيو تہ هتي پئسي وارا چيني آهن. دڪان يا مارڪيٽون بہ انهن جون آهن. ظاهر آهي هو ڌارئين قوم جي ماڻهن کي رکڻ بدران پنهنجي جيون



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

چينياٽيون ئي رکن ٿا. پر گلوب سلڪ اسٽور ۾ ڪم ڪندڙ سيلز گرلس ۽ ڪئشير ڇوڪريون ڀانت ڀانت جون نظر اچن ٿيون. جيتريون چيني آهن اوتريون ئي ملئي تامل، سک وغيره پڻ.

ملاڪا جي هڪ همراهه مونکي ٻڌايو هو ته اهو دڪان ـ گلوب سلڪ اسٽور ڪشو ڇيناند نالي هڪ هندو سنڌيءَ جو آهي. ان بعد هڪ ڏينهن اخبار ۾ ملائيشيا جي ڏهن اهم واپارين جا نالا آيا هئا، جن ۾ ڪشو ڇيناند پڻ هڪ هو، جنهن هن ملڪ جي ايڪانامي کي مٿيرو ڪرڻ ۾ نمايان خدمت سرانجام ڏني آهي. پاڻ تان سري ڪشو سڏجي ٿو. خانبهادر، راءِ بهادر ۽ سر جي خطابن وانگر تان سري (Tan-Seri) هتي جي سلطانن ۽ بادشاهه طرفان ملندڙ خطابن مان هڪ آهي. سنڌ کان اچي ڪنهن همراهه جو هتي جي چيني واپارين سان مقابلو ڪرڻ ۽ ملئي حاڪمن کان خطاب حاصل ڪرڻ اهڙي ڏکي ڳالهه ناهي. ساڻس ملڻ ۽ انٽرويوءَ وٺڻ لاءِ دل چيو پر اسان جهڙن نوڪر پيشه ماڻهن کي نوڪريءَ تان موڪل ڪٿي ۽ جي موڪل ڪٽي وٺ ته ڪوالالمپور پهچي ٻين ڪم ڪارين کان فرصت ڪٿي ۽ ساڳي وقت ڪنهن وڏي واپاريءَ کي ـ جنهن جا ڍهه ڏنڌا ٿڙيل پکڙيل هجن، ان کي ڳولڻ ڏکيو ۽ ملڻ تي ان کان واندڪائيءَ جو وقت وٺڻ ان کان به وڌيڪ ڏکيو سو جيتوڻيڪ گلوب ۾ هر مهيني ڏيڍ خريداريءَ لاءِ وڃڻ ٿيندو هو پر ان جي مالڪن سان ملڻ جو ڪڏهن به سوچي نه سگهيس.

گذريل دفعي گلوب سلڪ اسٽور جي ٽين يا چوٿين ماڙ تي ٻن همراهن کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي پڇيومان ته هو ڪٿي جا آهن؟

”اسين ته هتي جا ئي آهيون. توهان پاڻ؟“

”آئون به هتي جو ئي آهيان. ملاڪا کان آيو آهيان.“

”اڇا.“ چئي هو به پنهنجي ۾ لڳي ويا.

مونڻ مهل انهن مان هڪ جنهن جو نالو پمو هو وري ملي ويو، بلڪ مونکي ويندو ڏسي سڏ ڪيائين.

”توهان هتي جا ئي آهيو يا ڪنهن ٻئي ملڪ کان آيل آهيو؟“ هن قربائتي نموني سان پڇيو.

”سائين، پاڪستان کان آيو آهيان. ڪجهه سالن کان هتي نوڪري ڪري رهيو آهيان.“



ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”اها ڳالھ ڪريو.“ پموءَ چيو، ”هتي جيڪي بہ سنڌي رهن ٿا، انهن کي اسان چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا. توهان ڪيڪار ڪري لنگهي تہ ويائو پر آئون اهوئي سوچيندو رهيس تہ من تي جو نہ پيا اچو سو پڪ ٻاهران آيل آهيو.“ پموءَ پنهنجي واقفيت ڪرائي تہ هو هن دڪان ۾ ريٽلر مئنيجر آهي.

”مون هن دڪان جي مالڪ ـ تان سري ڪشوءَ جي ڪاميابيءَ جو اخبار ۾ پڙهيو هو.“ مون ٻڌايومانس. ايتري ۾ هڪ عورت پموءَ کان ڪجھ اچي پڇيو. ۽ پوءِ اهو محسوس ڪندي تہ اسان اڳهين ڳالهايو پئي، ملئي زبان ۾ Maafkan Saya (مون کي معاف ڪجو) چيو ۽ پموءَ ان جي ڄاڻ ڪرائڻ لاءِ ٻڌايو: ”هيءَ مسز ڪشو جيناند آهي.“

”توهان جي مڙس بابت ملاڪا ۾ ”مونا انڊسٽريز“ جي مئنيجر مسٽر ويرمانيءَ ٻڌايو هو.“ مون ڪيس چيو.

”هن جو ئي نالو مونا آهي.“ پموءَ ٻڌايو، جنهن جي نالي سان اسان جي اها فئڪٽري آهي ۽ هاڻ پيوٽر (Pewter) جو سامان پڻ مارڪيٽ ۾ آٽي رهيا آهيون.“

پيوٽر ٻن ڌاتن جو مڪسچر ٿئي ٿو، جنهن ۾ ٽين (Tin) اهم ڌاتو هوندو آهي. هن مان نهيل چانديءَ جهڙيون اچي رنگ جون شيون ۽ سووينئر هتي ايترو ئي مشهور آهن، جيترو اونيڪس (سائي رنگ جو پٿر) جون شيون پاڪستان ۾ يا ٽامي ۽ پتل جون هندستان ۾. پموءَ مونا سانتيڪو ويهي خبرون چارون ڪرڻ چاهيون ٿي. هنن مونکان منهنجو پروگرام پڇيو.

”بس هتان پوءِ واپس ملاڪا موٽڻ چاهيان ٿو.“ مون کيس ٻڌايو.

”لنچ ڪٿي ڪندين؟“ پموءَ مون کان پڇيو.

”لنچ هتي ئي ٽنڪو عبدالرحمان روڊ تي پاڪستاني هوٽل شيراز ۾ يا ائين هلندي چلندي ڪجھ ڪائي ملاڪا هليو ويندس.“

”پوءِ اسان جي ئي هوٽل تي چو نٿا ڪائو.“ مونا چيو، ”مون ٻن ٽن ٻين کي بہ لنچ تي گهاريو آهي.“

آئون سوچڻ لڳس.

”هيءَ هوٽل مٿي ڇهين فلور تي آهي. توهان ڪڏهن اتي نہ آيا آهيو ڇا؟“ پموءَ پڇيو.

” آيو آهيان ۽ هينئر بہ ڪافي پيئڻ لاءِ اوڏانهن ئي ويس پئي.“



ڪتب خانہ... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”دير نہ لڳندي. بس توهان هلو تہ آئون بہ پيئي اچان.“ مونا چيو.

”خير ايترو جلديءَ ۾ آئون بہ نہ آهيان. مونکي پاڻ توهان سان ملي خوشي ٿي آهي. پر جيڪر توهان جي مڙس سان بہ ملاقات ٿي وڃي تہ ڏاڍو سٺو.“

”ڪشو بہ اتي اچي ويندو يا آفيس ۾ ئي ملونس ٿا.“

ان ماڙ تان نڪري، جهنڊين جي جهالر هيٺان لنگهي هڪ ماڙ بي متي آيس. ڪاغذن جو ڦڙڪندڙ جهنڊيون، ڪرسمس ڊي ويجهو اچڻ جي خوشيءَ ۾ لڳايون ويون هيون. ملائيشيا ۾ ڪيترائي چيني ۽ انڊين تامل عيسائي آهن. ڪن جهنڊين تي ”سلامت هري ڪرسمس“ (يوم ڪرسمس مبارڪ) لکيل هو تہ ڪن تي ملائيشيا جو جهنڊو ٺهيل هو ۽ ان هيٺان اڄڪلهہ عام هلندڙ نعرو ملائيشيا جون ٺهيل شيون خريد ڪريو - “Belilah Barang Buatan Malaysia”

رهيل سامان ان ماڙ تان خريد ڪري، لفٽ ذريعي ڇهين فلور تي پهتس جتي گلوب سلڪ اسٽور وارن جي سيلف سروس ريسٽورنٽ آهي - جتي پڻ گلوب دڪان وانگر هر وقت ماڻهن جا ميڙ رهن ٿا. جهڙي نموني سان ڪشوءَ ”ٿورو فائدو گهڻو وڪرو“ جو اصول دڪان سان لاڳو رکيو آهي. اهڙيءَ طرح سندس زال مونا ساڳيو اصول هن هوٽل سان پڻ وابستہ رکيو آهي، جنهن جو سڄو بندوبست سندس هٿ ۾ آهي. هتي هر هڪ پنهنجي پسند جي شيءِ چوندي آخر ۾ ڪائونٽر تي ويٺل همراهہ کي ان جو بل پياري پوءِ بيهي يا ٽيبل تي ويهي کائي ٿو. کاڌي جون شيون ڪجهہ اهڙي چوند جون رکيل آهن جو کائڻ وارو چاهي هتي جو ملئي، چيني، انڊين هجي يا ڪو فارينر ڌارئين ملڪ جو - هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پنهنجي پسند جو ملي ويندو. مثال طور ڌارين جي پسند سيون اپ، ڪوڪا ڪولا سان گڏ ملئي ماڻهن جي پسند گلاب جو شربت پڻ رکيل آهي. يورپين ۽ ٻڌن ملڪن ڪان آيل همراهن جي پسند چانهہ ۽ ڪافي پڻ آهي. ساڳي طرح جتي سئنڊوچ ۽ هئمبرگر نموني جون شيون آهن اتي مي هون ۽ نوڊل پڻ آهن، جيڪي چيني پسند ڪن ٿا ۽ ساڳي وقت ناريل ۽ پت جون مناپون ۽ ناسي لما پڻ رکيل آهن جيڪي ملئي ماڻهو پسند ڪن ٿا. ٻوڙن سان گڏ فراءِ ٿيل شيون پڻ آهن.

آءٌ ڪافيءَ جو ڪوپ، هڪ ڪيڪ جو ٽڪرو ۽ پلاءُ نموني جو پت ڪٽي جيسين پئسن واري ڪائونٽر وٽ پهتس تيسين مونا پهچي ويئي ۽ بل پيارڻ بنا قطار مان نڪري اچي ٽيبل تي ويناسين. پاڻ بہ ڪجهہ کائڻ لاءِ کٽي آئي هئي - شايد سوپ ۽ پاڄي هئي، جنهن مان لڳو تہ شايد هوءَ ويجيٽيرين هجي. ڪيس چيم: ”لڳي ٿو تہ توهان انهن



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

واپاري ماڻهن مان آهيو، جيڪي هر وقت پئسو ڳڻڻ ۾ ليڪي چوڪي ۾ غرق ٿيڻ بدران ڪجھ وقت ماڻهن سان بہ ڳالهائين ٻولهائين ٿا.“

دراصل مونا جهڙو ساڳيو حال سندس مڙس ڪشو چينانند جو آهي ـ جنهن سان ٿوري دير بعد اتي ئي ملاقات ٿي. هونءَ ڪشوءَ جهڙي هيڏي وڏي واپاري ۽ فرمن جي مالڪ کي خلائن ۾ گم هجڻ کپي پر لڳي ٿو تہ هنن جي نس نس ۾ سادگي سمايل آهي ۽ اهو جيڪو چوندا آهن تہ پئسي کي ماڻهوءَ پنيان ڊوڙڻ کپي ۽ نہ ماڻهوءَ کي پئسي پنيان، ان جو جيئرو جاڳندو مثال چوئيتاليهہ ورهين جو ڪشو چينانند آهي، جنهن جو واسطو فقط هيڏي وڏي گلوب سلڪ اسٽور سان نہ پر ٻين بہ ڪيترين ئي شين سان آهي.

اڄڪلھ جي واپاري لاهين چاڙهين کي ڌيان ۾ رکي ڪشوءَ هڪ ئي واپار ـ فقط دڪانداريءَ ۾ رهڻ بدران ٻين بہ ڪيترين ڳالهين ۾ هٿ پير پکيڙيا آهن ـ جهڙوڪ جهازراني، بئنڪنگ، زمينداري، ڪارخانيداري ۽ ٿوري ٿوري سياست ۽ سماجي خدمتن ڏي پڻ ڌيان ڏنو آهي. پاڻ يونائيٽيڊ ايشين بئنڪ جو وائيس چيئرمين آهي تہ M.I.C يونٽ ٽرسٽ جو ڊائريڪٽر پڻ. سئمپورنا هولڊنگس جو چيئرمين آهي تہ يونائيٽيڊ اورينٽل انشورنس جو وائيس چيئرمين ۽ ملائيشين انڊسٽريل ڊيوولپمينٽ فائننس جو ڊائريڪٽر پڻ. مائيڪا هولڊنگس جو ڊائريڪٽر آهي تہ سلينگور انڊين چيمبرس آف ڪامرس ۽ انڊسٽريءَ جو صدر پڻ آهي.

ڪوالالمپور جي هن گلوب سلڪ اسٽور جي نالي سان سندس هڪ دڪان سنگاپور جي هاءِ اسٽريٽ سينٽر ۾ پڻ آهي. ملاڪا ۾ مونا انڊسٽري نالي ڪپڙي جي فئڪٽري آهي ـ جيڪا هن جڏهن ورتي تہ سخت نقصان ۾ هئي.

”مون ان کي ان ڪري ورني هلائڻ چاهيو ٿي.“ ڪشوءَ ٻڌايو، ”تہ جيئن آئون پنهنجو اندازو لڳائي سگهان تہ آيا مون ۾ ايتري همت ۽ واپاري قابليت بہ آهي جو هڪ پڙيانگ ۽ ڏيوالي ۾ ٻڏل فئڪٽريءَ کي تاري فائدو ماڻي سگهان ٿو يا رڳو هلندڙ شيون هلائي سگهان ٿو.“

مونا انڊسٽري ۾ اڄڪلھ ايڪسپورٽ لاءِ روزانو اٺن کان ڏھ هزار قميصون ٺهن ٿيون، جيڪي آمريڪا يورپ ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ وڪرو ٿين ٿيون. اهي قميصون دنيا جي مشهور براندن لاءِ ٺهن ٿيون. جهڙوڪ: ليوي، Yves، سينٽ لورينس، پائي، بالا مائين، Guy Laroche، ۽ آمريڪا جي ائرو Arrow ڪمپنيءَ لاءِ.

مثال طور آمريڪا وارا آمريڪا ۾ ”ائرو“ قميصون ناهي هن پاسي جي ملڪن: سنگاپور، ملائيشيا، ٿائلنڊ ۽ انڊونيشيا ڏي موڪلڻ بدران ڪشوءَ جي هن فئڪٽري مونا


ڪتب خانہ...وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

انڊسٽريءَ مان ساڳي معيار ۽ مقابلي جون نهرائي، پنهنجي نيپي ۽ نالن سان پر وارن ملڪن ۾ سپلاءِ ڪن ٿا. ائين ڪرڻ سان آمريڪا وارن کي ٻه ڪيترائي فائدا رسن ٿا. جهڙوڪ: آمريڪا ۾ مزور گهڻو پگهار وٺن ٿا، ان بعد آمريڪا کان قميصون ڪٽائي هيڏانهن آڻڻ ۾ جهازن جو ڳرو ڀاڙو پوي ٿو ۽ ان کان علاوه وقت ٻه لڳي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترين آمريڪا ۽ يورپ جون شيون اتي مهانگيون آهن پر هن پاسي سنگاپور، هانگ ڪانگ، ملائيشيا ۾ سستيون آهن.

”واپار لاءِ انسان ۾ ڳتس جو هجڻ ضروري آهن.“ ڪشوءَ ڳالهه ڪئي، ”ٻي صورت ۾ هن لاءِ واپار مسئلو بڻجيو پوي. مونا انڊسٽريءَ کي مون کان اڳ ڇئن ماڻهن واريءَ واريءَ هلايو پر هو نا ڪامياب رهيا. مون اها فئڪٽريءَ خريد ڪري پهرين يڪدم مارڪيٽ جو جائزو ورتو ته ڪهڙي شيءِ جي گهڻي گهرج (Demand) آهي ۽ پوءِ ان موجب مال پيدا ڪري سڄي فئڪٽري جو نه فقط نقصان پر سيڙيل پئسو پڻ ٻن سالن ۾ ڪڍي ورتو.“

منهنجو پيءُ چوندو هو ته:

“Don’t Take People for a Ride.” ڪشو ٻڌايو، ”بابي جو ان ڳالهه ۾ وشواس هو ۽ هميشه ان جي ئي پرچار ڪندو هو، ته جيڪڏهن توهان واپار ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ هميشه ان ۾ ئي رهڻ گهرو ٿا ته ايمانداريءَ کان ڪم وٺو. ايمانداريءَ جهڙي ڪا ٻي ڳالهه ئي ناهي Be Honest Nothing Else Pays in the Long Run جو جو هڪ دفعو ساک ٽٽي ته ماڻهوءَ جو هميشه لاءِ منهن ويو.“

تان سري ڪشوءَ پڙهائي ختم ڪري 1972ع ۾ پيءُ کان ملبل دڪان ۽ مٽين فلاسافيءَ کي هلائڻ شروع ڪيو. اڄ ان جو وڪرو ۽ نفعو چهوٽو ٿي ويو آهي ۽ شيئر پنجاهوٽا ٿي ويا آهن.

لنچ بعد ڪشو پنهنجي آفيس ۾ وٺي هليو. جتي سندس ڪرسيءَ پٺيان سندس سرڳواسي پتا جي وڏي تصوير ٽنگيل آهي. جنهن جي نقش قدم تي ڪشو اڄ ٻه پنهنجو واپار هلائي ٿو:

“I Made him my case study of how to do Business”

ڪشوءَ فخر سان ٻڌايو، ”منهنجو پيءُ ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ سنڌ کان هتي آيو هو. اهو 1928ع جو سن هو. ان وقت سنڌ بمبئي صوبي سان ملبل هئي ۽ ڳڏيل هندستان جو حصو هئي. تنهن زماني ۾ بابي وٽ فقط پنج سؤ رپيا هئا پر ٻن سالن اندر هن (Segamat) شهر ۾ ڳلوب سلڪ اسٽور نالي هڪ ننڍڙو دڪان کوليو. سيگامت شهر ۾



ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تن ڏينهن ۾ ربڙ جي پوک جا ڪيترائي جاگيردار رهيا ٿي. منهنجي پيءُ دڪان ۾ اعليٰ قسم جو ڪپڙو رکيو ۽ ڪجهه سلڪ جو سامان ـ جهڙوڪ رومال، ڪمونو وغيره. انهيءَ سلڪ جي سامان تان هن دڪان جي نالي ۾ ”سلڪ“ جو لفظ آيو.“

تان سري ڪشوچيناند هتي سيگامت (ملائيشيا) ۾ جائو ۽ پنهنجي ننڍپڻ جا شروعاتي سال دڪان مٿان اڏيل مسواڙي گهر ۾ ئي گذاريا، جنهن جي سندس پيءُ ماهوار مسواڙ چاليهه ڊالر ڏيندو هو. ويجهڙائيءَ ۾ ئي اسڪول هوندو هو، جنهن ۾ ننڍپڻ جا گذريل سنا ڏينهن ڪيس اڄا تائين ياد آهن.

سندن واپار ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو. پاڻ پنجن سالن جو هو ته سندس پيءُ ساڳي شهر سيگامت ۾ هن دڪان جي هڪ ٻي به شاخ کولي. ۽ پوءِ هي جڏهن ٻارهن ورهين جو ٿيو ته سندس والد سيگامت مان لڏي ڪوالالمپور هليو آيو پر ڪشو ۽ سندس ٽن پيٽن کي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ پنيان سيگامت ۾ ڇڏيائون.

”منهنجي پيءُ کي تعليم جو تمام گهٽو اونو هوندو هو.“ ڪشوءَ ٻڌايو، ”هو چوندو هو ته واپار وڙو سپ ضروري آهي پر ان کان اڳ علم پرائڻ تمام اهم آهي. ڪير ڪٽي ڪيڏو به وڏو امير، واپاري، جاگيردار هجي پر اولاد کي تعليم نه ڏيڻ وڏي غلطي آهي. منهنجي پيءُ عيب ٿي سمجهيو ته اسين اڻ پڙهيل رهون، ايتريقدر جون هن پنهنجن نوڪرن ۽ پورهيتن کي شام جي وقت انگريزي پڙهائڻ لاءِ هڪ رٽائرڊ ماستر رکي ڏنو هو.“

تان سري ڪشوءَ کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سندس پيءُ انگلينڊ موڪلڻ جو ارادو ڪيو. ڪاليج ختم ڪري يونيورسٽي وڃڻ لاءِ وچ ۾ جيڪي مهينا واندڪائيءَ جا مليا، تنهن ۾ هو ڪيس هانگ ڪانگ، جپان، آمريڪا ۽ انگلينڊ وٺي هليو.

”اهو پهريون دفعو هو، جڏهن مون پنهنجي پيءُ کي واپار ڪندي ڏٺو.“ هن ٻڌايو، ”آئون تڏهن اوڻهين سالن جو هوس، ۽ ان کان اڳ دڪانداري يا واپار ڪي مون ڇهيو به ڪونه هو.“

انهن ڏينهن ۾ لنڊن ۾ ڪشوءَ جي پيءُ کي دل جو دؤرو پيو. ”ڊاڪٽرن مون کي چيو.“ ڪشوءَ ٻڌايو، ”تنهنجي پيءُ جي نازڪ حالت آهي. بهتر ٿيندو واپس ملائيشيا هليا وڃو.“

”ان ريت اڪيلو پٽ هجڻ ڪري مونکي ٻيا سپ ڪم ڇڏي پيءُ جي خدمت چاڪريءَ لاءِ گڏ گڏ رهڻو پيو ۽ سندن نصيحتن ۽ صلاح سوليءَ موجب واپاري وڙي جو


ڪتب خانہ... واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هر ڪم سگھٽو پيو. نصيحتن ۾ صلاح سوليءَ موجب واپار وڙي جو هر ڪم سگھٽو پيو. 1969ع ۾ بابي جي لاڏاڻي وقت منهنجي عمر اناويهه سال هئي.“

ان بعد ڪشوءَ نه فقط پيءُ جي طرفان ڇڏيل سموري واپار کي اڪيلي سر هلايو، پر ان ۾ ڪيترو ئي واڌارو آڻي هن منزل تي پهچايو.

”سڄي ڏينهن جي پورهئي بعد شام جو ساڍي ستين وڳي ڌاري گھر پهچندو آهيان.“ ڪشوءَ پنهنجي ذاتي زندگيءَ بابت ٻڌايو، ”روزانو گھر ۾ ڪائنٽ پيئڻ جي دعوت يا دوستن سان گڏجاڻي رهندي آهي پر آئون سگريٽ نه پيئندو آهيان ۽ نه شراب. نه گھوڙن جي ڊوڙ ڪيڏان نه ڪا ٻي جوا جي راند. رسالا ۽ ڪتاب پڙهڻ ۽ ٽي وي تان ڪجهه پروگرام ڏسڻ منهنجي خاص وندر آهي.


ڪتب خانو... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# ڪوالالمپور شهر ۽ سلينگور رياست جا ڪجھ تواريخي سن ۽ دلچسپ ڳالهيون

ويست ملائيشيا يا Peninsular ملائيشيا واري ڌرتيءَ جو حصو جيڪو برما ۽ ٿائلنڊ کان پوءِ هيٺ سنگاپور تائين وڃي ٿو، ان کي انگريزيءَ ۾ مشهور شاعر جان ملٽن پنهنجي ڪتاب Paradise Lost ۾ رومانوي انداز ۾ Golden Chersonese پڻ سڏيو آهي.

سؤ سال اڳ هن ملڪ جي آدمشماري فقط اٺ لک به ڪا مس هئي ۽ بقول ڪنهن مسافر جي ملايا جي نه تواريخ پراڻي آهي، نه تهذيب ۽ نه وري ڪو ادبي خزانو. هن ملڪ ۾ نه ڪي وڏيون لڙايون لڳيون ۽ نه وري ڪي منجهس پراڻين عمارتن جا متاثر ڪندڙ کنڊر آهن ـ جيڪي دنيا جي ماڻهن جو پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائين. پر هن ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي آهي جو چين ۽ ننڍي کنڊ جهڙن ٻن پراڻين تهذيبن وارن ملڪ ڏي اينڊڙ ويندڙ سامونڊي رستن جي وچ ۾ پوي ٿو. گڏيل هندستان کان ملئي ماڻهن دل کولي مذهب، آرٽ، ادب ۽ رسم رواج جهڙيون شيون هٿ ڪيون. بعد ۾ جيتوڻيڪ ملئي مسلمان ٿي ويا پر اڃ به هنن جون ڪيتريون ئي ريتون رسمون، سوڻ ساٺ هندڪا آهن. جهڙو هٿ پڌي ملڻ، جادو منتر ۽ وسوسن ۾ وسواش ڪرڻ وغيره. شاديءَ جي ڪيترين ئي ريتن کان علاوه ننڍي کنڊ جي زبانن: هندي، سرائڪي، تامل، بنگاليءَ جا ڪيترائي لفظ اڄا تائين ملئي زبان ۾ هلندا اچن، جهڙوڪ: پرڌان منتري، پرتاما، پرٿوي، ڪيدائي، راجا، ورتا، وغيره. اندين کان علاوه چيني تهذيب جو پڻ هتي اونهو اثر آهي ـ کاڌي پيتي کان وٺي عمارت سازي ۽ ويس وڳي تائين.

هڪ پاسي کان ننڍي کنڊ ۽ عرب ملڪن جا واپاري چوماسي (Monsoon) هوائن جي آڌار تي پنهنجين ٻيڙين ۽ ٻتيلن ۾ چڙهي هندي عربي سمنڊ لتاڙي هتي آيا ٿي ته ٻئي پاسي کان چيني پنهنجن ٻيڙن (Junks) ۽ ٻتيلن ۾ اتر اوير وارين چوماسي هوائن جي آڌار تي، ڏکڻ چيني سمنڊ لتاڙي هتي اچي نڪتا ٿي. هيءَ پندرهين صديءَ جي ڳالھ آهي جڏهن مرچ مصالن، سلڪ ۽ چيني مٽيءَ جي ٿانون جو واپار اوج تي هو.

۽ پوءِ چار سؤ سالن بعد ڌارين ملڪن جي ماڻهن کي هيڏانهن ايندي هيڪاندي گهڻي ڪشش ٿي. دور دراز کان ماڻهو، هتي جي پيلي زمين جي اپت حاصل ڪرڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

اچي نڪتا ۽ ڪيترا هميشہ جي لاءِ هتي جا ٿي ويا. دنيا جو سڀ کان گهڻو ربڙ، پام آئل، ٽين (قلعي) ۽ ناريل هتان نڪرڻ لڳو.

- ملايا ـ جنهن کي هاڻ ملائيشيا سڏجي ٿو، ان جي وچ واري رياست سلينگور ۾، ڪوالالمپور (گپ واري نديءَ جو منهن) نالي غيررومانوي نالي وارو شهر آهي. جيڪو ڏسندي ئي ڏسندي هڪ سهڻو ۽ رومانٽڪ شهر بڻجندو وڃي. ڪوالالمپور هڪ سُست ۽ بينل ڳوٺ مان تمام تيز رفتار سان دنيا جو وڏو شهر ٿيندو وڃي. هڪ پاسي ڪڪرن سان ڳالهيون ڪندڙ وڏيون وڏيون عمارتون، ڇهن قطارن وارا رستا ۽ انهن مٿان هلندڙ B.M.W، وولو ۽ مرسيڊيز ڪارون آهن تہ ٻئي پاسي دنيا جون ماڊرن هوٽلون شيرٽن، حايات، هلٽن ۽ ڪانٽيننٽل وغيره، اسپتالون، ڪلب ٿيٽر، مندر، مسجدون، هوائي اڏا ۽ ماڻهن سان ستيل اسٽيڊيم ـ لڳي ٿو تہ رات اندر ڌرتيءَ جو پيٽ چيري هيڏو وڏو شهر ٻاهر نڪري آيو آهي.
- 1766ع ـ هن سن ۾ بوگي (Bugi) قوم جي سردار راجا لوموءَ (Raja Lumu) کي سلينگور رياست جو سلطان ٺاهيو ويو. جنهن جي حڪم جي پيروي رعيت خوشيءَ سان ڪئي جو ملئي رسم موجب ڪيس پيراق جي شاهي خاندان ان ڪم لاءِ مقرر ڪيو هو. پيراق خاندان جو شجرو پندرهين صدي جي ملاڪا سلطنت جي حاڪم سان ملي ٿو.
- 1857ع ـ راجا عبدالله ٽين جي کاڻين جي کوٽائي ۽ ڳولا لاءِ پنهنجي خرچ تي ستاسي چيني مزور گهرايا، جيڪي گومباڪ ۽ ڪلانگ ندين جي سنگم وٽ پهچي (جتي هينئر مسجد جامي آهي)، ائمپنگ ڏي روانا ٿيا، جتي هنن کي کوٽائي لاءِ ٽين (Tin) ملي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ يورپ ۾ ٽين جو کپ هيڪاندو وڌي ويو، جنهن لاءِ هنن کي ملايا ڏي ڏسڻو پيو ٿي. ملايا جي ڌرتيءَ اندر ٽين تہ گهڻو ئي موجود هو پر ان کي کوٽي ڪڍڻ لاءِ ماڻهن جي کوٽ هئي. کاڻين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻي کان گهڻن مزورن جي ضرورت پيئي ٿي، جيڪا ضرورت پڙ واري ملڪ چين پوري ڪئي ٿي. انهن ڏينهن ۾ چين ۾ هہ سخت غربت هئي. پورهئي ۽ پئسي جو بڌي چين کان ٻيڙين پنيان ٻيڙيون چيني ماڻهن سان پرجي ملايا ۾ پهچڻ لڳيون. جن چينين وٽ هن ساموندي سفر لاءِ ڀاڙو نہ هو، اهي سنگاپور، ملاڪا ۽ پينانگ جي بندرگاهن تي ضرورتمند واپارين کي چند ڊالرن ۾ وڪيا ويا ٿي. کاڻين جي مالڪن، ڪم ڪندڙ مزورن لاءِ شراب، پنگ، ڏوڏي ۽ جوا جهڙيون شيون عام ڪري ڇڏيون هيون ۽ پورهئي لاءِ آيل هي مزور انهن


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

علتن ۾ اهڙو قاسي ويندا هئا جو هميشه قرضي رهندا هئا. هو جيتوڻيڪ اها اميد رکي ايندا هئا ته ڪجهه سال پورهيو ڪري، پئسو ڪمائي واپس چين ڪٽي وجبو. پر چين کان آيل هزارين ماڻهن لاءِ ملايا ئي ”هميشه جي رهڻ لاءِ ملڪ“ ثابت ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين سندن اولاد رهندو اچي.

مزورن جي نشي پتي لاءِ شراب جي گهتن کان علاوه چڪلا پڻ هئا، جن جو ڪپ هيڪاندو گهٽو محسوس ڪيو ويو ٿي جو چين کان مزوريءَ لاءِ جيڪي ايندا هئا سي سپ زالن کي پنيان ڇڏي ايندا هئا. نتيجي ۾ شهر ۾ رهندڙ رنڊين جي وڏي ڪمائي هئي ۽ هي ڌنڌو ايترو ته وڌي ويو جو 1880ع ۾ جڏهن انگريزن پنهنجي سلينگور رياست جي گادي ڪلانگ کان ڪوالالمپور بدلائي ته ان وقت ڪوالالمپور ۾ موجود 220 گهرن مان اڌ کان وڌيڪ رنڊين جا اڏا هئا.

- 1868ع ـ چين جي حڪا (Hakka) قوم جو هڪ چيني يپ ـ آه ـ لو آءِ (Yap-Ah-Loy) ڪولالمپور جو ٽيون ڪئپٽن چينا ـ يعني هڪ قسم جو ميئر يا وڏيرو مقرر ٿيو. هن چيني همراهه جو ڪوالالمپور کي وڌائڻ ۾ وڏو هٿ رهيو. ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزورن کان وٺي شراب ۽ جوا جي اڏن تي ڪنٽرول رکڻ ۽ شهر جو چڱيءَ طرح انتظام هلائڻ ۾ هن وڏو ڪردار ادا ڪيو. چوريءَ لاءِ ڳريون سزائون مقرر ڪيائين. پهرين دفعي تي چور کي رسي سان ٻڌي شهر ۾ گهليو ويو ٿي. ٻئي دفعي تي هن جو ڪن ڪپيو ويو ٿي ۽ ٽئين دفعي تي هن جوڳلو ڪپيو ويو ٿي. نتيجي ۾ چوريءَ جون وارداتون بنهه گهٽجي ويون.

يپ 1868ع کان وٺي 1885ع ۾ مرڻ تائين ڪوالالمپور جو ڪئپٽن چينا ٿي رهيو. هو سترهن ورهين جي ڄمار ۾، چين جي گئانگ ڊانگ (Guangdong) صوبي جي حڪا قبيلي کان، پورهئي ۽ مزوريءَ لاءِ ملايا پهتو. سخت محنتي ۽ پورهيت مڙس هو. ڪيترائي پورهيا ڪيائين. سور چارڻ ۽ وڪڻ کان وٺي بادي گارڊ ٿي رهيو. ٽنيواليءَ کان وٺي ويندي آخر ۾ ڪاڻ جي مئنيجر تائين نوڪريون ڪيائين. هو سنو ويڙهاڪ پڻ هو. پهرين ڪاٽين جي علائقي جو ڪئپٽن چينا مقرر ٿيو. ان بعد، ايڪٽيهه سالن جي ڄمار ۾ سڄي ڪوالالمپور جو طاقتور ترين ڪئپٽن چينا ٿي رهيو.

سلينگور جي شهري لڙائي بعد يپ، ڪوالالمپور کي هڪ دفعو وري ٺاهيو. انهن ڏينهن ۾ ٽين جو واپار گهٽجي ويو هو، ان کي وري وڌايائين ۽ ان ۾ پاڻ به سڀ ۾ وڏو امير ۽ واپاري ٿي ويو. ڪوالالمپور جو اڌ شهر ته ڄڻ سندس هو. هن شهر ۾ امن امان رکيو. اسپتالون ۽ رستا ٺهرايا. ٽئڪس وصول ڪيا ۽ ڪاٽين جي جهيڙن جهٽن ۾


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

مئجسٽريٽ ٿي ڪم ڪيو. ڪوالالمپور کي ناھڻ ۾ عام طرح ھن جو ئي نالو ڪنيو وڃي ٿو.

- 1866ع کان 1873ع تائين ھي اٺ سال سلينگور شھري لڙائي (Selengor Civil War) کان مشھور آھن، جيڪا ٽين جي کاڻين تي قبضو حاصل ڪرڻ لاءِ ملئي شاھي خاندان جي وچ ۾ ھلي ھئي. ھن ۾ شھرين بہ حصو ورتو. چين جي حڪا قوم بہ حصن ۾ ورھائجي ويئي ۽ ھڪ ٻئي جي مارڪٽ ڪندا رھيا. ڪئپٽن چينا يپ آھ راجا عبدالله جو پاسو ڪنيو. يپ دشمن جي ھر ماڻھوءَ جو سر ڪپي، مارڪيٽ اسڪائر ۾ سندس گھر اڳيان آڻڻ تي پنجاھ ڈالرن جي آڇ ڪئي ۽ سڄو ڪوالالمپور شھر ماڻھن ۽ گھوڙن جي لاشن جو ڍير ٿي ويو. ڈپ کي منھن ڏيڻ لاءِ جيڪو جتي لاش مليو ٿي ان کي اتي ساڙيو ويو ٿي يا زمين اندر دفن ڪيو ويو ٿي. ايتريقدر خون خرابو ٿيو جو گھڻو پوءِ ھڪ انگريز ريزيڊنٽ پنھنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو تہ ھن ھڪ گھر ۾ قوھاري ھيٺان انساني جانين جا سورھن ھڏائان پيرا ڏٺا. بھرحال ھن لڙائيءَ ۾ ڪوالالمپور جو سڄو شھر پڙيانگ ٿي ويو ھو.
- 1874ع ـ ملايا ۾ موجود انگريزن سلينگور رياست تي پنھنجو ھٿ رکڻ لاءِ ھڪ ڪيڏ ڪيڏي. انھن ڏينھن جي گورنر سر انڊريو ڪلارڪ (Andrew Clarke) سلينگور جي سلطان عبدالصمد کي سندس رياست ۾ انگريز ريزيڊنٽ رکڻ لاءِ زور پريو. نہ مڃڻ تي ھن انگريز گورنر ھڪ ھٿ نڪيو ڏاڙي جو واقعو ناھي ان ۾ سلطان جي ماڻھن کي ڦاسائي نيٺ پنھنجو مقصد حاصل ڪيو.
- 1875ع ـ جيمس گٿري ڊئوڊسن (Guthrie Davidson) سلينگور رياست جو پھريون برٽش ريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو.
- 1880ع ـ نئون انگريز ريزيڊنٽ ڪئپٽن بلوم فيلڊ ڊگلس (Bloomfield Douglas) رياست جي گاديءَ جو ھنڌ ڪلانگ شھر مان ڪٽائي ڪوالالمپور ۾ آندو.
- 1881ع ـ ھن سال جي شروعات ۾ ڪوالالمپور شھر جي چڱي حصي کي باھ ساڙي ڇڏيو ۽ سال جي آخري حصي ۾ وري اھڙيون ٻوڏون آيون جون ھتي جا غريب پورھيت ترپٽ ٿي ويا.
- 1882ع ـ فرئنڪ سويٽنھام نئون ريزيڊنٽ مقرر ٿيو. ملايا جي تواريخ ۾ ھيءُ تمام گھڻو مشھور آھي. ھن اچڻ سان گذريل سال لڳل باھ کان ٿيل نقصان صحيح ڪرايو. ٻچيل گھر نئينءَ سنئينءَ پڪا ڪرايل. ھنن جي ڏينھن ۾


ڪتب خانہ... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪوالالمپور جا رستا ويڪرا ٿيا ۽ پنجن سالن اندر ڪوالالمپور ۾ 518 سرن ۽ ٽائيلن وارا گهر ٺهي ويا. حڪومت طرفان پتالنگ اسٽريٽ چڪلن لاءِ مقرر ڪئي ويئي. اهو فيصلو ڪيو ويو ته اخلاقي طرح جيتوڻيڪ چڪلن جو هجڻ غلط آهي پر ڪوالالمپور جهڙي شهر ۾ جتي مردن جو تعداد عورتن کان ڏهوڻو وڌيڪ آهي، چڪلن جو هجڻ تمام ضروري ڳالهه آهي ۽ پوءِ نه فقط چيني مزدور ۽ بي عام رعيت پر 1900ع جي شروعاتي ڏينهن کان يورپي ۽ انگريز پڻ پتالنگ اسٽريٽ جي جپاني چڪلن ۾ نظر اچڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ عام قسم جي چڪلن ۾ چيني، انڊين ۽ ٻيون لوڪل هونديون هيون. انهن کان علاوه وڌن ماڻهن لاءِ جپاني چڪل هئا، جيڪي ڪجهه وڌيڪ نٽ نانگڙ، ناز نخري ۽ ادائن سان هلندا هئا. اهڙي ئي قسم جو هڪ جپاني چڪلو انهن ڏينهن ۾ ملاڪا ۾ به هوندو هو. جنهن بابت انعام يافته ڊائريڪٽر امامورا (Shohei Imamura) اڄڪلهه ملاڪا ۾ انگريز فلم "The Diary of Iheiji Muraoka" نالي ٺاهي رهيو آهي. بهرحال چڪلن جي عام ٿيڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو پوءِ ويهه پنجويهه سالن بعد شهر جا عام ماڻهو ته هڪ طرف پر اڌ کان وڌيڪ يورپي به باد فرنگ جهڙن موذي مرضن جو شڪار ٿي ويا. ۽ پوءِ آخرڪار پنجاهه سالن جي وڇوٽيءَ بعد سن 1931ع ۾ ڪوالالمپور شهر جا مڙيئي چڪلا غير قانوني ڪيا ويا.

- 1883ع ـ ملايا مان ايترو ته گهڻو ٽين نڪرڻ لڳو جو ٽين کان هي ملڪ دنيا جو پهريون نمبر مجڻ ۾ آيو. نه ته ان کان اڳ ڇهه سؤ سالن تائين اها حيثيت فقط انگلينڊ کي حاصل هئي.
- 1886ع ـ ڪلانگ ۽ ڪوالالمپور جي وچ ۾ ريلوي لائين وڇائي ويئي ۽ هڪ پراڻي انجڻ ليڊي ڪلارڪ جي نالي سان 50 ڪلوميٽرن جي رفتار سان هلائي افتتاح ڪيو ويو. 81 ورهين جي ملئي سلطان عبدالصمد ان ۾ چڙهي بعد ۾ هي مشهور جملو چيو: "هڙي بهترين ڊگي ڳاڏيءَ ۾ هن کان اڳ مون ڪڏهن به سفر نه ڪيو."

هن ريلوي لائين کي بعد ۾ هڪ پاسي سنگاپور تائين ۽ ٻئي پاسي پينانگ تائين وڌايو ويو. ڪوالالمپور جي محل نما خوبصورت ريلوي اسٽيشن جيڪا بعد ۾ (1991ع) ۾ ٺاهي ويئي، پراڻي زماني جي عمارت سازيءَ جو هڪ مجسمو سمجهيو وڃي ٿو. سندس تازي مرمت ۽ وڌائڻ جو ڪم هن سال (1986ع) ۾ پڻ ڪيو ويو آهي.



ڪتب خانہ ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

- 1888ع ـ الفرڊوينگ نالي هڪ سلوني پلانٽر ڪوالالمپور شهر جي ٻاهر واري دلدلي علائقي کي هڪ خوبصورت باغ ۾ بدلڻ جي رٿ ڏني. ۽ پوءِ سٽر هيڪٽرن جي هن باغ کي ٺاهڻ ۾ هن کي ڏهه سال لڳي ويا. اڄ اهو باغيچو Lake Gardens جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ جالان پارليمان ۽ جالان دمناسرا جي وچ ۾ آهي.
- 1890ع ـ شهر جي سار سنڀال لهڻ ۽ شهرين کي صلاح سولي ڏيڻ لاءِ ٽائون ڪائونسل ناهي ويئي، جهنهن کي ڪي ماڻهو سئنيٽري بورڊ به سڏيندا هئا. ٽائون ڪائونسل ۾، شهر ۾ رهندڙ هر قوم جي ماڻهوءَ کي رکيو ويو ۽ ڪجهه قانون ناهيا ويا. جن مان هڪ ته ڪوئي متان ڳاسليٽ هاري ساڙڻ تي بندش وڌي ويئي. انهن ڏينهن ۾ اها هڪ عام ڳالهه هوندي هئي جنهن کي ”ڪوئي تي ظلم“ عنوان هيٺ ڏوهه قرار ڏنو ويو.
- 1896ع ـ ملئي رياستن جي فيڊريشن (Federated Malay States) ناهي ويئي، جنهن ۾ پيراق، پهانگ، نگري سمبيلان ۽ چوٿين سلينگور گڏجي هڪڙو ٺي گاديءَ جو هنڌ ”ڪوالالمپور“ مقرر ڪيو. جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي.
- 1897ع ـ ڪافيءَ جي واپار کي ڌڪ لڳڻ ڪري زميندارن جاگيردارن ڪافيءَ کي ڇڏي ربڙ جي پوک تي ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ آٽوموبائيل انڊسٽري زور وٺي رهي هئي جنهن کي ربڙ جي ٽائرن جي ضرورت هئي ۽ 1920ع تائين دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ ربڙ جو اڌ ملايا کان وڃڻ لڳو.
- 1900ع ـ ڪوالالمپور ۾ نشي لاءِ آفيم (Opium) جو واهپو تمام گهڻو ٿيندو هو ۽ 1920ع تائين انگريزن جي ڪمائيءَ جو وڏو ذريعو ڏوڏيءَ تي ٽئڪس اوڳاڙڻ مان هو. امير ۽ نالي وارا ڪاٽين جا مالڪ، ڏوڏي جو امپورٽ، ۽ منجهانئنس نشي واريون شيون ٺاهڻ جو واپار ڪندا هئا. سندن چوڻ هو ته ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ مزورن کي جي آفيم نه ڏبو ته هو ڇتا ٿي پوندا ۽ هنگاما پيدا ڪندا. بهرحال ٻي جنگ عظيم بعد ان تي بندش وڌي ويئي.
- نئين صديءَ جي شروعات ۾ ڪوالالمپور ۾ رهندڙ مختصر يورپي ۽ انگريز ڪميونٽيءَ لاءِ هڪ ڪلب، ڪرڪيٽ راند ۽ پرتڪلف ويس وڳا شروع ٿيا. وڏن ماڻهن جي گڏجڻ ۽ گپ شپ هڻڻ لاءِ انگريزن پهريون ڪلب سلينگور رياست نالي ”Selangor Club“ شروع ڪيو. جيئن ڪراچيءَ ۾ سنڌ ڪلب سنڌ صوبي جي نالي سان آهي. سلينگور ڪلب کي ڪي ماڻهو نفرت منجهان (Spotted Dog) ڇٽڪمرو ڪتو پڻ سڏيندا هئا. جنهن پٺيان ڪيترين ئي ڳالهيون آهن. هڪ ڪهاڻي ته اها


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

آهي ته پوليس ڪمشنر جي زال شراب پيئڻ لاءِ هن ڪلب ۾ جڏهن ويندي هئي ته پنهنجا ٻه ڇڪمرا ڪتا ٻاهر بيهاري ويندي هئي. پر ٻيا تواريخ نويس چون ٿا ته هن ڪلب تي اهو نالو نفرت ۽ حقارت جو اظهار ڪرڻ لاءِ لوڪل ماڻهن رکيو هو، جو انگريزن جي هن ڪلب ۾ فقط چوندِ ايشين کي اچڻ ڏنو ويو ٿي ـ جيڪي گهڻو ڪري سندن چمچاگيري ڪندا هئا يا ته وطن سان غداري ڪري انگريزن جا پيچ لتڪائو تي هلندا هئا. انگريزن اهو ساڳيو وهنوار پنهنجين ٻين بينڪي راڄن ۾ پڻ رکيو.

سلينگور ڪلب اڄ به پنهنجي جاءِ تي جالان راجا لائوت ۽ جالان حشام الدين جي وچ ۾ قائم آهي. پرسان پارليامان روڊ پڻ وهي ٿو، جيڪو تن ڏينهن ۾ ڪلب روڊ سڏبو هو.

- ڪيترن انگريزن کي انهن ڏينهن ۾ اها ڳالهه ذيان ۾ ويٺل هئي ته هن پاسي (Tropics) جي گرمي ۽ گهم انسان کي جسماني توڙي ذهني طرح پست ڪري ڇڏي ۽ ڇئن سالن کانپوءِ هو سست، سودائي، ويسارو ۽ خودڪشيءَ لاءِ آماده ٿيو پوي. هنن کي پنهنجي ٿڌي ملڪ انگلينڊ وڃڻ لاءِ ته ڇهن سالن بعد موڪل ملندي هئي، ان ڪري في الحال ٿڌي موسم جو سواد ۽ سگهنڊ ماڻڻ لاءِ هو ڪنهن پرپاسي واري اتاهين ٽڪري (Hill-Station) تي هليا ويندا هئا. جيئن نندي ڪند ۾ انگريزن ڪيترين ئي هل اسٽيشنون شملا کان ڪوهه مريءَ تائين پنهنجي سهوليت، سک ۽ عياشيءَ لاءِ ناهيون هيون. اهڙيءَ طرح هيڏانهن ڪوالالمپور جي پرپاسي ۾ فريزر (Fraser) هل ۽ ڪئمرون هاءِ لئنڊس ٿڌي موسم ۽ تفريح لاءِ تيار ڪيون ويون، جيڪي اڄ به ساڳين نالن سان مشهور آهن ۽ هاڻ اهي جايون شهر جي رهاڪن ۽ ڌارين ملڪن کان آيل ٽوئررسٽن جي وندر ۽ گهمڻ لاءِ آهن.
- 1909ع ـ شهرين ۽ سلطانن جي هڪ فيڊريل ڪائونسل ناهي وئي. جنهن مان اڳتي هلي ليجسليٽو ڪائونسل ۽ هاڻوڪي پارليامينٽ پيدا ٿي.
- 1920ع ـ مليريا جي آزار تي ڪجهه ڪنٽرول ڪيو ويو. هن پاسي مليريا جو آزار ايڏو وڌي ويو هو جو هر سال ڪيترائي ماڻهو مليريا وگهي مري رهيا هئا. 1900ع ۾ جيئن ان ڪوجنا جي خبر ڳڌيل هندستان ۾ پيئي ته مليريا مڇرن مان ٿئي ٿي ته هتي ڪوالالمپور جي واسطيدار عملدارن يڪدم ان معلومات مان فائدو وٺي شهر ۾ پڪڙيل پاڻيءَ جا ڍبا بند ڪرائڻ شروع ڪيا. گٽرن جا ڪليل منهن بند ڪيا ۽ ڪلانگ شهر جي چوڌاري جيڪي دلدلي علائقا هئا، انهن جو گڏ


ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ٿيل پاڻي سمنڊ ڏي نيڪال ڪري ڇڏيو يا مٿان مٽي وجهرائي سڪائي ڇڏيو. نتيجي ۾ مليريا طرفان ٿيندڙ موت جو تعداد گهٽجي اڌ ٿي ويو.

- 1926 ع ـ ڪوالالمپور ۾ گهٽي مينهن ڪري ڪلانگ نديءَ ۾ ايڏي ته ٻوڏ آئي جو ڪوالالمپور ۾ گوڏن تائين پاڻي گڏ ٿي ويو. ڪيترين اهم آفيسن وارا سمپانن (ٻيڙين) ۾ چڙهي درين رستي آفيسن ۾ پهتا ۽ ضروري ڪاغذ پٽ ۽ رڪارڊ بچايو. چارٽرڊ بئنڪ ۾ به ٻوڏ جو پاڻي اچي ويو ۽ ڊالرن جا لکين نوٽ آلا ٿي ويا، جيڪي پوءِ پاڊانگ (ميدان) تي فوجي سپاهين جي پهري هيٺ سڪايا ويا.
- ان واقعي کان پوءِ ڪلانگ نديءَ جي وهڪري لاءِ سڌو چئنل کوٽيو ويو ۽ پاسي کان پيتيون (بند) اڏيون ويون، جنهن کان پوءِ ٻوڏ ۾ ناپر اچي ويئي.
- 8 ڊسمبر 1941 ع تي جپانين هڪ ئي وقت پرل هاربر، فليپين، هانگ ڪانگ ۽ ملايا تي ڪاهون ڪيون. 11 ڊسمبر تي ڪوالالمپور سندن هٿن ۾ چڙهيو ۽ ستر ڏينهن اندر سڄو ملئي ايپيٽ ـ سنگاپور سميت هنن جي قبضي ۾ اچي ويو. انگريزن ـ جن ملايا تي حڪومت پئي ڪئي، جپانين جي قبضي بعد في الحال راڄڌانيءَ کان موڪل ڪري پنهنجو سر بچائڻ ۾ لڳي ويا. جپانين ملئي سلطانن جي طاقت ۽ مالڪپڻو تسليم ڪيو ۽ کين سندن مذهب ۾ ڪنهن به قسم جي دخل اندازي نه ڪرڻ جي گئرنٽي ڏني. جپانين چاهيو ٿي ته سرڪاري آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ عملدار پنهنجو ڪم ساڳي نموني سان جاري رکن پر انگريز حاڪم بدران هاڻي جپاني شهنشاهه کي وڏو سمجهن.

جپاني دور ۾، جنگ جي خرچ ۽ پئسي جي کوٽ ڪري پگهار گهٽ رکيا ويا، جنهن ڪري پبلڪ مارڪيٽنگ جهڙين شين ۾ سرڪاري ڪامورا توڙي جپاني فوجي قاسي ويا. ان کان علاوه هڪ طرف گهرو پالتو جانور ڪائي ڪپايا ويا ته ٻئي طرف شهر جا ٻوٽا ۽ وڻ ڪپي ناس ڪيا ويا. نتيجي ۾ چوڌاري مڇرن ۽ مکين جو راڄ ٿي ويو ۽ مليريا وڌي ويئي. شهر جي عمارتن کي ان دوران ڪو نقصان نه رسيو ـ سواءِ ريلوي ورڪشاپ ۽ ميوزيم واري عمارت جي ـ جن تي انگريزن، ڪوالالمپور کي واپس وٺڻ جي ڪوشش ۾ حملي وقت بمباري ڪئي هئي.

- 1945 ع ـ جپانين آڻ مڃي ۽ انگريز وري موٽي ماڳ آيا. پر انگريزن جي پهچڻ کان اڳ ملئي ڪميونسٽ Mpaja ـ جن جپان جي فوج خلاف پارٽي ناهي هئي، اهي جنگلن مان ٻاهر نڪري آيا ۽ جپانين کان هٿيار ڦري سوبي جو شان پنهنجي مٿي کڻڻ لڳا. جيسين انگريز موٽيا تيسين هي پبلڪ ڏڪائيندا رهيا.



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

- 1946ع ـ انگريزن سڄي ملڪ ۾ رهندڙ چيني انڊين ۽ ملئي ماڻهن کي هڪ برابر حق ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر ملئي ماڻهو جيڪي هتي جا اصل رهاڪو آهن، تن کي اها ڳالهه ڏکي لڳي ۽ هنن کي اهو احساس ٿيڻ لڳو ته ڌاريان ماڻهو، هن ملڪ ۾ پوءِ اچي، سندن حقن تي ڌاڙا هڻي رهيا آهن. هنن پهريون دفعو ان جي خلاف وڏي آواز ۾ اعتراض ورتو. يونائيٽيڊ ملئي نيشنل آرگنائيزيشن (UMNO) جي جهنڊي هيٺ هو گڏ ٿيا.
- 1948ع ـ عمنو (Umno) پارٽيءَ جي همت سان ملايا فيڊريشن ٺاهي وئي، جنهن ”ملئي سلطان“ کي حڪومت جا اختيار ڏنا. ملئي ماڻهن کي خاص شهري حيثيت ۽ باقي پوءِ جي آيل غير ملئي ماڻهن کي محدود شهريت جا حق ڏنا.
- 1948ع کان 1960ع تائين ـ ملئي ڪميونسٽ پارٽي سڄي ملڪ ۾ هنگاما برپا ڪندي رهي. هڙتالون، ڦوڙ ڦمسان، خونريزيون ۽ جيسين ڪميونسٽ جهل ۾ اچن تيسين ڏهه هزار کن شهري مارجي ويا. ملڪ ۾ ايمرجنسيءَ جو اعلان ڪيو ويو.
- 1957ع ـ ملايا کي مرديڪا (آزادي) ملي. تنڪو عبدالرحمان ملڪ جو پهريون پرائيم منسٽر بڻيو.
- 1963ع ـ ملائيشيا نالي نئين ملڪ جنم ورتو. جنهن ۾ ملايا، سنگاپور، سرواڪ ۽ صباح اچي ويو ٿي. گاديءَ جو هنڌ ڪوالالمپور ئي رهيو.
- 1965ع ـ سنگاپور کي ملائيشيا کان ڌار ڪيو ويو.
- 1969ع ـ اليڪشن دوران چيني ۽ ملئي ماڻهن جا جهيڙا ايڏا ته وڌي ويا، جو هڪ دفعو وري ايمرجنسيءَ جو اعلان ڪرڻو پيو. تن عبدالرزاق کي نئون پرائيم منسٽر بڻايو ويو.
- 1971ع ـ نئين ايڪانامڪ پالسي ٺاهي وئي، جنهن موجب بومي پترن Bumiputra (ملئي لفظ پر اصل سنسڪرت مان ورتل. معنيٰ ڌرتيءَ جا پٽ (Sons of Soil) کي 1990ع تائين نوڪري، واپار ۽ بي ملڪيت ۾ وڌيڪ حق ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.
- 1974ع ـ ڪوالالمپور شهر کي باقي سلينگور رياست کان ڌار رکي ڪيس فيڊريل علائقو قرار ڏنو ويو.


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

- انگريزن جي ڏينهن ۾ رستن تي رکيل نالن مان اجا تائين ڪجهه ساڳيا آهن. جهڙوڪ: جالان واتسن، جالان برڪفيلڊ، استريچن وغيره. پر ڪيترا بدلايا ويا آهن. خاص ڪري انهن ڏينهن جي انگريز حاڪمن جا نالا متائي ملئي سلطانن ۽ شاهي خاندانن جي ماڻهن جا نالا رکيا ويا. مثال طور برچ (Birch) روڊ جو نالو، جيڪو انگريز ريزيڊنٽ نالي هو، جنهن کي پيراق ۾ 1875ع ۾ قتل ڪيو ويو هو، هاڻ هن جي نالي بدران مهاراجا ليلا (Lela) نالي ڪيو ويو آهي ـ اهو ماڻهو جنهن انگريز ريڊيڊنٽ برچ کي مارڻ جو حڪم ڏنو.
- ڪوالالمپور ۾ پراڻي زماني جي عمارتن مان Le Coq dor پڻ هڪ آهي، جيڪا ائمپنگ روڊ تي آهي. انگريزن جي ڏينهن ۾ نهيل هڪ امير چينيءَ جو هي محل نما گهر اڄڪلهه ريسٽورنٽ طور ڪم اچي ٿي. سندس بيهڪ ۽ نقشو ساڳيو ئي اهو آهي جيڪو نهڻ وقت هو. عمارت جو مالڪ مسٽر چئا ـ چينگ ـ باڪ (Chua-Cheng-Bok) پنهنجي وصيت نامي ۾ لکي ويو ته سندس نهيل هيءَ عمارت نه وڪي وڃي ۽ نه وري ان ۾ ڪا قير قار آندي وڃي.

ڪوالالمپور ۾ ايندڙ هر ٽوئرسٽ کي هيءَ عمارت نمايان لڳي ٿي ۽ هن عمارت سان وابسته پيار جو قصو ٻڌي ٿو. ”مسٽر چئا جڏهن نوجوان هو“ قصو ڪجهه ان ريت بيان ڪيو وڃي ٿو ته: سندس ڪنهن ڇوڪريءَ سان عشق ٿي ويو پر جيئن پاڻ غريب هو، ان ڪري سندس محبوبا جي پيءُ ڪيس سندس ڌيءَ سان شادي ڪرڻ نه ڏني. غيرت ۾ جوش ۾ اچي هن سخت محنت ڪئي ۽ شهر جو امير ترين رئيس بڻجي ويو. پوءِ پنهنجي محبوبا جي پيءُ کي ڏيکارڻ لاءِ سندس گهر جي پرسان هيءَ عمارت ٺهرائي جيئن محبوبا جي گهر مٿان آڏ ڪري بيهي ۽ چيني عقيدي موجب بخت جي ديوتا کي محبوبا جي گهر اچڻ کان روڪي. (ياد رهي ته چيني گهر يا قبر ڪوشش ڪري کلئي ۽ مٿاهين ميدان تي نهررائيندا آهن، جيئن بخت جا ديوتا سندس گهر ۾ ۽ رحم جي ديوي قبر تي ايندي رهي).

مٿيون قصو جيڪو ڪوالالمپور جي هوٽلن جي ٻئرن ۽ ٽئڪسي ڊرائيور جي وات تي هوندو آهي، ان جي حقيقت بابت جڏهن هن عمارت جي انچارج کان پڇيم ته هن مرڪندي چيو: ”اهڙي ڪا ڳالهه يا ڪهاڻي ناهي. سپ هٽ جا گهڙيل قصا آهن.“

انهي ئي روڊ تي يعني جالان ائمپنگ تي اڄڪلهه جون ڪجهه ماڊرن عمارتون پڻ آهن. هوٽل منگ ڪورٽ، Wisma mpa بي ايم ايف پلازا، انگڪاسا رايا بلڊنگ وغيره. (Angkasa – Raya) عمارت ۾ پاڪستان ۽ بنگلاديش جي هوائي ڪمپنين جون آفيسون پڻ


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

آهن. ٿورو اڳتي پاڪستان ايمبسيءَ جي عمارت آهي، جيڪا پراڻي آرڪيٽڪٽ ڪان مشهور آهي ۽ ايندر ويندڙ جي نگاهن جو مرڪز رهي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ اها عمارت 1958ع ۾ تنهن وقت جي پاڪستاني سفير جناب شير علي خان جي ذاتي ڪوشش ۽ ذاتي مالي مدد جو نتيجو آهي جو اها هميشہ لاءِ خريد ڪئي ويئي. پاڪستان ايمبسيءَ جي سامهون ديوان تنڪو عبدالرحمان جي عمارت آهي، جيڪا پڻ پراڻين عمارتن مان هڪ آهي.

- ڪوالالمپور شهر مان لنگهندي پهريون ڏينهن ئي هڪ اهڙي عمارت نظر آئي، جنهن جي ٻاهرين بائونڊري واري ڀڳهي پٽ تي آرٽ جو ڪم نظر آيو "ڇا ٿي سگهي ٿو؟" ڪوالالمپور ۾ ايندڙ هر نئون ماڻهو هن عمارت بابت سوچي ٿو جنهن جي ٻاهرين پٽ ايڏي ڀڳهي ۽ اتاهين آهي ۽ اها آرٽ جو خوبصورت ڪنواس آهي. ڪو آرٽس ڪاليج، يونيورسٽي، ڪليل ٿيٽر، ريلوي اسٽيسن يا ڪا آرٽس ڪائونسل جهڙي شيءِ؟ نہ.
- شهر جي وچ ۾، پودو روڊ تي، آرٽ جي شاهڪار پٽين واري هيءَ عمارت هتي جو جيل خانو آهي. ڪوالالمپور جي هن Pudu Prison جو نالو 1986ع ۾ دنيا جي رڪارڊن واري ڪتاب Guinness Book of Record ۾ پڻ اچي چڪو آهي. هنن سجايل پٽين ڪري، پودو جيل جي اڍائي سؤ ميٽر (يعني چوٿو ڪلوميٽر کن) ويڪرين پٽين تي آئل ڪلر سان چٽ گل نڪتل آهن. هن ڪان سال کن اڳ هنن پٽين تي هڪ يڪي تصوير (Mural) هئي ۽ ان وقت، ان ڪري، هي جيل دنيا جي ڀڳهي تصوير ڪان پڻ مشهور هو. اها تصوير هڪ ٽراپيڪل نظارو هو. سمنڊ جو ڪنارو، ڪناري وٽ ٻيڙيون ۽ ناريل جا ڀڳها وڻ، آسماني رنگ جي ڍُ‌ب ۾ مينهن سان پريل چانديءَ جي ڪنار وارا گهاٽا ڪڪر، ڪاناٽا گهر ۽ ڪکائون جهوپڙيون وغيره هيون. اها تصوير چٽئ قيدين گڏجي ناهي هئي. چيو وڃي ٿو تہ اها تصوير ناهيندي ناهيندي اهي قيدي ڀجي ويا هئا.
- دنيا جي رڪارڊن وارو مٿيون ڪتاب جيڪو هينئر تازو ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي، تنهن جي ٻاهرين ڪور تي پاڪستان جي عالم چنا جي تصوير پڻ آهي، جيڪو اڄڪلهہ دنيا ۾ قداور ترين انسان مڃيو وڃي ٿو. وڏي لئہ عالم چنا جي. جنهن شهر جي جنهن وڏي بڪ شاپ ۾ وڃ تہ سامهون گنيس بڪ آف رڪارڊ جي نئين اشاعت ٽنگي پيئي آهي جنهن جي ٽائيٽل ڪور تي عالم چنا جي تصوير آهي. ڪوالالمپور، ملاڪا، اپوح ۽ پينانگ ڪان سنگاپور، منيلا، بئنڪاڪ


ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جڪارتا جي جنهن به وڏي يا ننڍي دڪان ۾ گهڙ ته عالم چنا سامهون. اسان به جنهن تنهن کي اهو ٻڌائي ته اسان جي پر واري ڳوٺ جو آهي، پنهنجي لئه رکندا آهيون. يعني ”گهوٽ جي ماءُ نه سهي گهوٽ جي پڦي ته ٿياسين“ وارو مثال ٿيو. بقول سنگاپور جي هڪ چيني ليکڪ مسٽر اين . آءِ . لو (Low) جي: ”پاڻ اهم ٿيڻ بدران ڪنهن اهم انسان جو چاچو مامو يا ڳوٺائي ٿيڻ ۾ وڌيڪ مزو آهي. ٻئي جي ڀاڃي سان پنهنجو پاڻ کي پڌائي سگهجي ٿو.“ ۽ جيئن هتي جا چيني ڳالهه ڳالهه ۾ چوندا ته فلاڻو مشهور چيني همراهه (آرٽسٽ، سياستدان، فلم ائڪٽر) چين جي ان صوبي سنڪيانگ، هونان، ڪينگسي يا فوڪين جو آهي، جنهن مان اسين آهيون. تيئن گهٽ ۾ گهٽ هي سال اسان به عالم چنا جي تصوير ڏي اشارو ڪري فخر سان چئي سگهون ٿا ته هي دنيا جو ڊگهو ماڻهو پاڪستان جي ان صوبي مان آهي جنهن سان اسان جو تعلق آهي. هونءَ باءِ دي وي قدرت اسان کي تيل سان اجا ڪٽي چڱيءَ طرح نه نوازيو آهي پر اهو به چڱو جو عالم چنا، عمران، جهانگير خان، مولانا مودودي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙن ماڻهن ڪري اسان جي ملڪ جي سڃاڻپ سڄي دنيا ۾ ٿي رهي آهي. ذاتي نظريو ڪنهن جو ڪنهن لاءِ ڪٽي ڪهڙو به هجي. اهڙي طرح ٻئي نمبر تي مائي نور جهان، جهازن واري سيٺ سپيرا جي مگيندي سلما آغا، ڊاڪٽر عبدالسلام جهڙا آهن - جن کي سڄي دنيا ڪٽي نه پر دنيا جا مختلف علائقا: سنگاپور، ملائيشيا، ٿائلينڊ، برما ۽ بنگلاديش، يا عرب رياستون ۽ عربستان، يا يورپ جا ملڪ سڃاڻن ٿا.

- ملائيشيا جي مرديڪا (آزادي) واري ڏينهن تي ڪوالالمپور ۾ وڏي پريڊ ٿيندي آهي، جنهن ۾ فوج، پوليس، اسڪول، ڪاليج ڪان وٺي فئڪٽرين، ڪارخانن، هوائي اڏن ۽ بندرگاهن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو حصو وٺندا آهن. مٿئين ڪتاب ۾ گذريل سال جي ان پريڊ جو پڻ رڪارڊ آهي، جنهن ۾ فقط ٻئڻ اڍائي هزار ماڻهن وجائي.
- مسٽر، مسز، جناب، محترم، محترمه، الرئيس، اخي، سان ـ اهي مختلف لقبن مان ڪجهه آهن، جيڪي مختلف ملڪن ۾ عورتن يا مردن جي نالن سان گڏ استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ملائيشيا ۾ مرد جي نالي اڳيان انچڪ Encik لکيو وڃي ٿو. يا رڳو En. (جيئن انگريزيءَ ۾ مسٽر بدران رڳو Mr).
- ملائيشيا پهچڻ تي پنهنجي نالي اڳيان EN ڏسي تعجب لڳم ته هنن کي ڪيئن خبر پيئي ته آئون انجنيئر آهيان، جنهن جو شارٽ فارم ڪيترن ئي ملڪن ۾ EN



ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

لکيو وڃي ٿو. پر پوءِ جلد ئي ڄاڻ پئجي ويئي ته اها EN ملئي لفظ انچڪ جي آهي، جنهن جي معنيٰ جناب يا مسٽر سمجهڻ کپي. شادي شده عورت لاءِ هتي (Puan) پئان ۽ ڪنواري ڇوڪريءَ لاءِ (Cik) چڪ لفظ استعمال ٿئي ٿو. ملئي زبان ۾ ”C“ چ لاءِ استعمال ٿئي ٿي.

- هڪ دفعي هتي جي ملئي اخبار ۾ بينظير ڀٽي جي آيل تصوير ڏي هڪ دوست ڌيان ڇڪايو. فوٽي هيٺان ملئي زبان ۾ لکيل هو: ”بينظير بنت الله يا رحم ڀٽو“ مون پنهنجي دوست کي چيو ته هن ملئي اخبار وارن غلط لکيو آهي. بينظير الله يا رحم ڀٽو جي نه پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڌيءَ آهي.

”پر هو ڇيئرو ڪٿي آهي؟“

”ڇا مطلب؟“ مون پڇيو مانس.

”توهان گذاري ويل ماڻهوءَ جي نالي اڳيان ڇا لکندا آهيو؟ هن پڇيو.

”مرحوم، جيڪو توهان پڻ لکو ٿا.“ مون وراڻيومانس. ”ها. پر اسان وٽ مرحوم بدران الله يا رحم گهڻو استعمال ٿئي ٿو، خاص ڪري شهيد لاءِ.“ هن ٻڌايو.

بهرحال مونکي ان لفظ جي ان وقت خبر پيئي نه ته پهرين ان کي نالو سمجهندو هوس، جيئن اسان وٽ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ان سان ملندڙ جلندڙ نالا عام آهن: جيئن ته: الله وارايو، الله وڏايو، الله بچايو، الله ڏنو وغيره وغيره .

- ڪوالالمپور شهر کان ٿورو ٻاهر تي، شاهه عالم شهر وٽ تازو هن سال هڪ وڏي مسجد ـ مسجد سلطان صلاح الدين نالي ٺهي راس ٿي آهي. هيءَ مسجد هن پاسي سڀ کان وڏي گنبذ واري مسجد آهي، جيڪو ٻيانوي ميٽر اتاهون آهي ۽ سندس ڊاياميٽر ايڪونجاهه ميٽر آهي ـ يعني لنڊن ۾ جيڪو سينٽ پال ڪئٿيڊرل آهي ان کان به وڏو گنبذ ٿيو. منهنجي خيال ۾ دنيا جي ڪنهن به مسجد، مندر، درگاهه، مقبري، گرجا گهر، ٽڪاٽي جو ايڏو وڏو ۽ مهانگو گنبذ نه هوندو.

- جپانين جي قبضي دوران جپاني، ملائيشيا جي ريلوي جا پٽا، ڪيترن هنڌن تان پٽرائي برما ڪٽائي ويا، جتي بدنام ”سيام ـ برما“ ريلوي لائين ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيائون. جنهن بابت The Bridge on the River Kawai ڪتاب آهي ۽ ساڳي نالي تي مشهور فلم پڻ ٺاهي ويئي، جنهن ۾ اليڪ گينس Alec-Guinness ڪم ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

- ملائيشيا ۾ ”توڪئي“ (Tokawy) ۽ ”چيتيز“ (Chetties) لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا. توڪئي چيني وڏي واپاري يا سيٺ کي سڏجي ٿو. پر اهو نالو اصل چينين لاءِ آهي. باقي Chetties ڏکڻ هندستان کان آيل انڊين جي هڪ ذات آهي، جيڪي وياج تي پئسا ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿا. انگريزن جي حڪومت جيئن ئي هن پاسي (ملائيشيا ۽ سنگاپور) ڏي وڌي تہ هو هنن سان گڏ هيڏانهن آيا ۽ هن ڌنڌي تي ڌڻن کان وني سندن ئي قبضو ۽ هڪ هٽي هلندي اچي. ڪيترن سالن تائين ماڻهن کي چٽيهہ سيڪڙو وياج تي اوڌر ڏيندا رهيا. ۽ هو ان ڌنڌي کي ايڏو وڌائيندا ويا جو 1930ع تائين مشهور ٿي ويو تہ انهن چيتين ڏهہ ڪروڙ ڊالر وياج تي هلايا آهن جيڪا انهن ڏينهن ۾ وڏي دولت هئي. ڳري وياج ڪري ماڻهن جون زمينون ۽ ٻيون ملڪيتون گروي ٿينديون ويون. حڪومت جڏهن ڏٺو تہ هٽي جا اصلوڪا رهاڪو ملئي ۽ ٻيا وجن ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندا ۽ زمينون کسائيندا تہ هنن کي ان ڏس ۾ ڪجهہ ڪرڻو پيو. پوءِ سرڪاري طرح قاعدا قانون ناهي ان ڌنڌي کي گهٽايو ويو. ڪوالالمپور توڙي سنگاپور ۾ اڄ بہ هي چيني وياج تي قرض ڏيڻ ۽ ڪميشن تي غير ملڪي ناڻو مٽي ڏيڻ ۾ مشغول نظر ايندا.

- سمرسٽ ماهم جي پڙهندڙن سنڌس مشهور افسانو The Letter ضرور پڙهيو هوندو. هيءَ ڪهاڻي ان مشهور اسڪئنڊل بابت لکيل آهي جيڪو هتي ڪوالالمپور ۾ ٿيو. 1911ع ۾ ”ڪوالالمپور جي هڪ بهترين اسڪول وڪٽوريا انسٽيٽيوشن جي ائڪٽنگ هيڊ ماسٽر جي گوري زال مسز ايٿل پرائوڊلاڪ (Ethel Proud Lock) هڪ يورپي همراهہ کي گولي هڻي ماري رکيو. جنهن لاءِ پوءِ هن جو چوڻ هو تہ هو ساڻس زوريءَ زنا ڪرڻ لاءِ سندس گهر ۾ گهڙي آيو هو.

- قانوني تحقيقات موجب اهو ماڻهو ـ جيڪو ڪنسلٽنٽ انجنيئر هو، مسز پرائوڊ لاڪ جو نهيل يار نڪتو. حقيقت جي تہ پوءِ آخر تائين خبر پئجي نہ سگهي پر ڪورٽ مسز پرائوڊ لاڪ کي ڏوهاري نهرائي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي. ان بعد ڪوالالمپور ۾ رهندڙ يورپي ماڻهن ـ جن کي اها ڳالهہ نہ وڻي، چڱو ٻائيتال مچايو تہ مائي بيگناهہ آهي. بهرحال سلينگور رياست جي سلطان رحم جي درخواست منظور ڪري ڦاهيءَ جي سزا رد ڪري عمر قيد جي سزا قائم ڪئي، جنهن لاءِ مسز پرائوڊ لاڪ کي في الحال انگلينڊ روانو ڪيو ويو.

سمرسٽ ماهم جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪورٽ طرفان زال کي ٻي ڏوهي ثابت ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو خط جيڪو هن کي ڏوهاري قرار ڏئي ها ان کي ضايع ڪيو وڃي ٿو. سمرسٽ


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جي هن افسانې تي هالي ووڊ وارن فلم بہ ناهي هئي، جنهن ۾ بيٽي ڊئوس (Bette Davis) ڪم ڪيو آهي.

- گذريل اڌ صدي کان وٺي، رکي رکي هتي جي ڳالهين ڪي هڪ تيل هاڻو ماڻهو (Orang Minyak) نظر اچي ٿو. (ملئي زبان ۾ Orang معنيٰ: ماڻهو ۽ Minyak معنيٰ: تيل) ۽ پوءِ ان بابت ڪجهه ڏينهن لاءِ اخبارن ۾ سُرخيون هونديون آهن. هي تيل هاڻ ماڻهو ڪوالالمپور ۾ گهڻو ڪري جالان امبي (Imbi) تي نظر اچي ٿو. نہ فقط ڪوالالمپور ۾ پر سڄي ملائيشيا ۽ سنگاپور جي عورتن جي بيڊ رومن تي هو چانيل آهي. همراهہ کي فقط چڏي هوندي آهي. هن جو سڄو جسم تيل سان ٻريل هوندو آهي. هو سوڙهو تي ڪنهن چير يا سوراخ ۾ بہ هليو وڃي ٿو تہ پنهنجي شڪل بدلائي ڏيڏر ڪوئو، چڇوندر بہ ٿيو وڃي. ڪن جو اهو خيال آهي تہ هن جي مٿان ٿائلنڊ جي جادوءَ جو اثر آهي، جنهن ڪري هو مردن کي نظر نٿو اچي. هن کي فقط عورتون ئي ڏسي سگهن ٿيون. هو ڇوڪرين سان هٿ چراند ڪري ٿو، چوريون ڪري ٿو ۽ سڄي علائقي ۾ ڌهڪاءُ مچائيندو رهي ٿو. اسان کي بہ هتي تي چار سال ٿي ويا آهن. پيا اخبارن ۾ پڙهون، پر همراهہ اڃا نٿو جهلجي. شايد تيل هاڻو هجڻ ڪري جهلڻ وارن جي هٿن مان ترڪيو وڃي.
- مٿيون قصو ڪجهه ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڊرگ روڊ تي اڌي رات کان پوءِ هڪ ڇوڪري فقط مردن کي نظر ايندي آهي.
- ملائيشيا ۾ گوري همراهہ کي گهڻو ڪري مت ـ صالح (Mat-Salleh) سڏيو وڃي ٿو، جيڪو انگريزي لفظ Mad Sailor (پاڳل جهازي) مان نڪتل آهي. اهو نالو پهرين انگريز جهازين تي رکيو ويو هو، جيڪي بندرگاهہ ۾ پهچي هٿن مان نڪري ويندا هئا. مغرب جي ماڻهن کي جن نالن سان سڏيو وڃي ٿو، انهن مان سڀ کان گهڻو مشهور Orang-Putih آهي. (ورانگ معنيٰ ماڻهو ۽ پوتيح معنيٰ سفيد، اڇو ـ يعني پورو ماڻهو.)
- آفريڪا يا آمريڪا جي شيدين کي هتي Gagak معنيٰ ڪانگ سڏيو وڃي ٿو ـ جيئن پاڻ وٽ ڏاڏو حبشي يا بلال سڏيو وڃي ٿو. ملائيشيا ۾ ٻيو نالو جيڪو ٻڌڻ ۾ ايندو، اهو آهي Kawai-Lo اهو چيني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڏاريون شيطان. اهو انهن چينين تي رکيو ويو آهي، جيڪي ڏارين ملڪن (چين، تائيوان، هانگ ڪانگ) جا چيني هتي رهيل آهن. پر اهو نالو هميشہ خراب رنگ ۾ استعمال نٿو ڪيو وڃي. جيئن نندي ڪنڌ ۾ ڪانگ هميشہ گدلي ماڻهوءَ لاءِ



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

استعمال نٿو ٿئي. ڏاهي ڪي پڻ ان نالي سان سڏيو وڃي ٿو. يا جيئن چپ، چهرو يا ”لو ڪا پنا“ لفظ نندي ڪندڙ خراب مفهوم ۾ استعمال ٿين ٿا پر يورپ ۾ چهرو عقلمند ماڻهوءَ کي چئي سگهجي ٿو.

- ملائيشيا ۾ ”ٽادي ـ بار“ اهي ننڍڙا دڪان آهن جتي اوچي يا ولايتي شراب بدران ناريل جي وڻ جي رس (Sap) ـ جيئن کجيءَ جي وڻ جي ”تاڙي“ ٿئي ـ پنجاهه سٺ سينٽ ۾ گلاس وڪامي ٿو. ان سستي شراب کي ”ملائيشين شئمپين“ پڻ سڏيو وڃي ٿو ته ”غريب ماڻهوءَ جي ڊرنڪ“ پڻ. اهي بار ملائيشيا جي مختلف شهرن ۾ انگريزن جي ڏينهن ۾ کوليا ويا هئا، جيئن گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ ڪم ڪندڙ غريب تامل هارين کي پيئڻ لاءِ سستو شراب ملي سگهي. سڄي ملائيشيا ۾ هڙا ٻه سؤ کن بار آهن، جن مان اٺ ڪوالالمپور ۾ آهن.
- ناريل جو وڻ جيئن ئي گل ڏيڻ وارو هوندو آهي، ته ميوي واري شاخ کي ڇيهڪ ڏيئي ان مان ٽمندڙ رس ٽيي ۾ گڏ ڪئي ويندي آهي. جيئن ته هيءَ رس ُملس جي ٽڪي تي يڪدم ڪٽي (Fermented) ٿيو وڃي، ان ڪري مني سواد لاءِ جيترو جلد ٿي سگهي (ڏهين ٻارهين ڪان اڳ) پي ڇڏجي.
- منهنجي خيال ۾ ملائيشيا دنيا جو اهڙو ملڪ آهي، جنهن جا سڀ کان گهڻا شاگرد ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم وٺن ٿا. ڪين پئسو ٻه آهي ته تعليم لاءِ تانگهه ٻه. جيتوڻيڪ حڪومت هاڻ هر قسم جا ڪاليج يونيورسٽيون ملائيشيا ۾ ناهيندي وتي ۽ ساڳي وقت ٻاهر تعليم وٺڻ ڪان دلشڪستو ٻه ڪري پئي ته ٻه ڪافي چوڪرا آسٽريليا، نيوزيلينڊ، انگلينڊ ۽ آمريڪا پڙهڻ لاءِ ويندا رهن ٿا. جن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا اشتهار هتي جي اخبارن ۾ اڪثر نظر اچن ٿا. ان ڪان علاوه هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ انڊيا جي ڪاليجن جا پڻ اشتهار هوندا آهن. انڊيا جي هڪ ميڊيڪل ڪاليج جو تمام گهٽو اچي ٿو جنهن جي ساليانو ٽيوشن في لک رپيا کن آهي. آمريڪا ۽ آسٽريليا پاسي ته اجا ٻه ڳرا خرچ آهن.

اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪيترائي ملائيشيا جا شاگرد انگلينڊ ۽ آمريڪا جي اهڙن ٽڙڪو قسم جي ڪاليجن ۾ ٻه هليا وڃن ٿا جيڪي اتي جي يا هتي جي تعليم ڪاتي طرفان تسليم شده نه آهن. پاڻ ۽ مائٽ خوش ته اجهي ٿا ڊگريون وٺي هو ڊاڪٽر انجنيئر ٿين. پر پوءِ چئن پنجن سالن بعد پئسو ۽ وقت برباد ڪري جڏهن هو پنهنجي وطن ملائشيا پهچندا آهن ته خبر پوندي اٿن ته ان ڪاليج جي بيڪار تعليم ڪري ان جي ڊگريءَ کي ڪو پڇي ئي ڪونه ٿو. نوڪري ته نوڪريءَ جي ماڳ ماڳهين مغربي ماحول ۾ رهي



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪيترا هن پاسي جا مشرقي تهذيب ۽ ڪلچر ۾ پيدا ٿيل نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هتي مان نڪري ويندا آهن. ان ڏس ۾ ڏينهون ڏينهن حڪومت خبردار ڪندي رهي ٿي ۽ انهن ملڪن جي تعليمي ماهرن سان ملي شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري ٿي، جيئن شاگردن کي خبر پوي ته ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙي ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ هو پڙهن، جن جي ڊگري هتي ملائيشيا ۾ قابل قبول سمجهي وڃي ٿي. ان ساهميءَ ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ پاڪستان جي تعليمي معيار کي پرکيندا سين ته خبر پوندي ته اڄڪلهه اسان جو ملڪ انڊيا کان به پٺتي پيل آهي ۽ فقط آغا خان ميڊيڪل ڪاليج کي هتي مان ڏنو وڃي ٿو.

- جپان وانگر هتي ملائيشيا ۾ به ٻليون پڇ بنا آهن. يا تمام ذرڙو پڇ جو اٽن. ائين لڳندو ڄڻ ڪنهن ڪپي ڇڏيو هجين. ڪن جو اهو خيال آهي ته ماڻهن ٻلين جا پڇ وڍي ڇڏيا آهن، جيئن چيني عقيدي موجب هو بهشت کان ٻاهر ئي رهن. ڇو جو ٻلي چيني ڪئلينڊر جو حصو ناهي ـ جنهن ۾ ڪتو، شينهن، ڪوئو، پولڙو، ڍڳو ۽ سوئر وغيره اچي وڃن ٿا. ڪن جو اهو چوڻ آهي ته پڇ ڪپڻ سان ٻلي مالڪ وٽان ڀڄي نٿي. هونءَ حقيقت اها آهي ته هنن ٻلين جي جنس ئي اهڙي آهي جنهن جو پڇ ائين آهي.

هتي ٻليون ملئي ۽ چيني ـ ٻنهي جي گهرن ۾ نظر ايندي پر ڪتا فقط چينين جي گهرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا. اسلام ۾ ڪتو هڪ پليت جانور سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي زبان نقصانڪار چئي وڃي ٿي. ان ڪري هن جانور کي ـ سواءِ چند ضرور حالتن جي ـ پالڻ جي منع ٿيل آهي. ملئي جيئن ته مسلمان آهن، ان ڪري انهن جو سڄو سڄو ڳوٺ پاليل يا رول ڪتي بنا نظر ايندو. بي ڊپا ٿي پيا وڃو. ساڳيو عالم عرب ملڪن جو آهي. سعودي عرب، يمن، عدن کان وٺي اتر آفريڪا جي ٻي ڪنڌ لبيا موراڪو تائين هليا وڃو. هرويرو رول ڪتو نظر نه ايندو. وچ ۾ خبر ناهي ڇو اسان ئي پاڪستان، هندستان، بنگلاديش جا مسلمان آهيون جن جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪتا نظر اچن ٿا ـ سي به پاليل، صاف سٿرا ۽ سيڪاريل نه پر رول، بيمار ۽ ڇتا ـ پنهنجي گهٽيءَ مان ئي لنگهندي گهٻراهٽ ٿيندي ته ڪٿي سنڌن پڇ تي پير نه اچي وڃي. ڪٿي اجايو پيار ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪرڻ لاءِ هو ناليءَ مان ٻوڙيل پڇ نه لوڏي، مٿان ڪنهن معصوم ٻار کي چڪ هڻي لولو لنگڙو نه ڪري يا وڏي کي هائڊرو فوبيا نه ڏيئي ڇڏي. مزي جي ڳالهه اها ته ميونسپالٽي يا واسطيدار کاتي جا ماڻهو جڏهن اهڙن رول ۽ بيمار ڪتن کي مارڻ نڪرندا آهن ته پاڙي جون پوڙهيون ٻڪ ڪٽي کين پٺتي واپس ڪنديون آهن ته ڳڳدامن تي کهل ڪريو ۽ کين نه ماريو. اهو اهو عالم نه فقط سنڌ، پنجاب، هريانا ۽ هماچل


ڪتب خانه...وٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

صوبن جو آهي پر بنگال، بهار، يوپي، مهاراشٽر ـ ويندي ڪيرالا ۽ تامل نادو تائين جو آهي. (بلوچستان ۽ صوبو سرحد البت ان ڳالهہ ۾ پاڪ صاف آهي) ڪاش انهن رول ڪٽن جو پچاءُ ڪندڙ انهن هزارين انساني جانين ڪي ڪٽي جي چڪ وگهي تڙڦندو مرندي ڏسن، جيڪي هر سال پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش ۾ موت جو شڪار ٿين ٿا.

- ملائيشيا دنيا ۾ هڪ واحد ملڪ آهي، جنهن جو بادشاهہ هر پنجن سالن بعد بدلجندو رهي ٿو. ملائيشيا جي تيرهن رياستن مان جن ۾ سلطاني راڄ آهي. 1957ع کان پوءِ انهن نون رياستن جا سلطان پنهنجو پاڻ ۾ ويهي واري وٽيءَ تي هڪ کي چونڊيندا آهن، جيڪو سڄي ملڪ جو پنجن سالن لاءِ بادشاهہ ٿيندو آهي. ان کي ملئي زبان ۾ Yang Di – Pertuan Agong سڏبو آهي. هونءَ ڪيس خطاب ڪرڻ لاءِ سڄو لقب هن ريت آهي:

Duli yang maha mulia, siri paduka
Badginda yang Di – Pertuan agong.

ان سڄي جي معنيٰ ـ بلڪ مفهوم ڪجهہ هنريت چئي سگهجي ٿو: ”اسين جيڪي هن (بادشاهہ سلامت) جي پيرن جي تري هيٺان ڌوڙ کان بہ هيٺاهان آهيون، جيڪو طاقت، شان، دٻدٻي ۾ نهايت اتاهون آهي ۽ هن ملڪ جو مٿانهون حاڪم آهي.“

ٿائيم مخزن وارن هڪ دفعي ان ملئي خطاب جو انگريزيءَ ۾ سنو ترجمو ڪيو هو:

We who are below the dust under the sole of the foot of the most exalted, ” radian majesty, he who is made highest in the land”.

هيڏن لقبن القابن واري، هيڏي ملڪ جي هيڏي طاقتور هستي ـ پر فقط پنجن سالن لاءِ! پنج سال پورا ٿيڻ تي جنهن آرام، سڪون ۽ بنا ڪنهن ردوبدل جي ملائيشيا ۾ هڪ لهي ٻيو بادشاهہ ٿيو وڃي،، قابل تعريف ڳالهہ آهي. نہ تہ چوندا آهن تہ هڪ دفعو جنهن ماڻهوءَ کي طاقت جو چشڪو لڳي وڃي تہ پوءِ اهو تخت تاج جي جان هرگز ڇڏي نٿو سگهي. يا تہ اها چوٽي (يا بدقسمتي) فقط ڏکڻ آمريڪا ۽ اتر آفريڪا جي ملڪن سان آهي. اسان جو ملڪ ۾ ڪجهہ اهڙي ئي خاني ۾ اچي ٿو.

- دنيا ۾ سڀ کان گهڻو ”پام آئل“ ملائيشيا ۾ ٿئي ٿو. پام آئل جا وڻ ڪجيءَ جهڙا ٿين ٿا ۽ سندن ميوو بہ جارڪن جهڙو ٿئي ٿو پر جارڪن جي ڇڳي کان هن جو ڇڳو ڳرو ۽ وڏو ٿئي ٿو. ان کي نپوڙي منجهانئس تيل ڪڍيو وڃي ٿو. اهو تيل



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

رڌ پچاءَ لاءِ گهٽ ڪم اچي ٿو. ٻين ملڪن کان علاوه اسان جو ملڪ پڻ اهو تيل ملائيشيا ۽ انڊونيشيا کان وٺي، نج حالت ۾ يا ان ۾ ٻيا تيل ملائي رڌ پچاءَ جي ڪم لاءِ مهيا ڪري ٿو.

هي تيل ملائيشيا جو سونو فصل (Golden Crop) سڏيو وڃي ٿو. جيئن ڪپهه پاڪستان جو روپو فصل (Silver Crop) سڏجي ٿو. هي تيل نه فقط رڌ پچاءَ لاءِ ڪم اچي ٿو پر صابڻ، ميڪ اپ، چوپائي مال جي ڏاري، مني ڪير، آئيس ڪريم ۽ چاڪليٽن ناهڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. هاڻ هتي وڏيڪ تجربا هلي رهيا اهن ته ان تيل کي ڪنهن نموني سان ڊيزل آئل ۾ تبديل ڪجي، جيئن موٽر ڪار هلائڻ لاءِ ڪم اچي.

- هتي جي ماڻهن ۾ ڪيترائي وهم وسوسا، سوداءَ آهن. چيني ۽ انڊين ۾ ته تمام گهڻا آهن پر مسلمانن ۾ پڻ، جيتوڻيڪ اسلام ۾ انهن ڳالهين جي ڪا حيثيت يا اهميت نه آهي پر رسم ۽ روايت طور هلندا اچن. اها ٻي ڳالهه آهي ته هاڻ ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي ترقي ۽ تعليم جي واڌاري ڪري اهي سڀ ڳالهيون گهٽجي رهيون آهن ته به ڪي ڪي ٽوٽا سوٽا اڄ تائين مشهور آهن.

دوا درمل ۽ هر قسم جي جسماني توڙي نفسياتي بيماريءَ لاءِ بومو (Bomoh) وٽ وڃڻ جو رواج پڻ عام آهي. بومو مسلمان ملئي ٿئي ۽ ڪيس درويش، فقير، جادوگر، ڊاڪٽر ــ سڀ ڪجهه چئي سگهو ٿا. هر قسم جي علاج لاءِ هن وٽ نه فقط ملئي اچن ٿا پر چيني ۽ انڊين پڻ ــ پنهنجي عشق جي آزار کان وٺي نوڪري ۽ واپار جي واڌاري جهڙن مسئلن لاءِ. ڪجهه مهينا اڳ ڪوالالمپور جي جيل اندر چئن قيدين جيل جي ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊر کي ڪٽي يرغمالي بڻايو ۽ ڏينهن ڏينهن ــ هفتو کن معاملو هلندو رهيو. جيسين پوليس قيدين کي ڏتاري سندن چنبي مان ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊر کي آزاد ڪرائي، تيسين ملڪ جي ڪند ڪڙڇ کان ڪيترائي بوماح، بنا سڏ جي اچي پهتا. ڪو جيل جي ٻاهران (Kuning Beras) ــ زردن چانورن جي ڇٽ پيو ڪري ته ڪو گلاب جو پاڻي ڪٽي جيل جي ڀتين تي پيو هٽي. بهرحال جڏهن ڪمانڊو پوليس حملو ڪري يرغمالين کي آزاد ڪيو ته هرڪو بومو اها ڪاميابي پنهنجي ڪرامت سان وابسته پيو ڪري.

- ملئي ماڻهن ۾ ٽن جو انگ به خراب سمجهيو وڃي ٿو. ٽي شيون ڪنهن کي ڏيون ته چوندو هڪ وڌيڪ چار ڪري ڏي يا هڪ ڪڍ به ڪري ڏي. ٻيو ته ٿهيو پر فوٽوءَ لاءِ ٽن ڄڻن جو ويهڻ به سني ڳالهه نه سمجهي ويندي آهي. هڪ ڄڻو ماٺ ڪري پري ٿي ويندو. يا چوٿين کي سڏي وٺندو.



www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

- ٿين جي ڪاٺين ۾ ڪم ڪندڙ چيني ڪنهن ڪي بہ جتيءَ سميت اتي اچڻ نہ ڏيندا آهن، جو متان سندن ديوتا ناراض ٿي وڃي. هاڻ تہ اهو ڪم گهٽجي ويو آهي نہ تہ اڳ ۾ مجال آهي جو ڪو يورپي بہ ڏوپ چٽي ۽ بوٽ سان ٿين جي ڪاڻ واري علائقي ۾ پهچي.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ... وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# پينانگ پيٽ

پينانگ پيٽ تي ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ سمنڊ جا ڪنارا آهن، پراڻا مندر مسجدون آهن، قلعا ۽ پارڪ آهن، جبل (Penang Hill) تي چڙهندڙ ريل آهي، مچي گهر ۽ خريداريءَ لاءِ ننڍا وڏا دڪان آهن. ڪي شيون مغرب کان آيل ٽوئرسٽن ڪي وڻن ٿيون ته ڪي اسان جهڙن ايشيائي ملڪن کان ايندڙ همراهن کي.

پينانگ چڱو خاصو وڏو پيٽ آهي. وچ شهر وارو علائقو جارج ٽائون (George-Town) سڏجي ٿو. فيري اسٽيشن تي لهڻ بعد ڪارن والس قلعو (Fort-Cornwallis) ويجهو آهي، جتي اڄ کان ڏيڊ سؤ سال اڳ هن پيٽ ڪي وسائيندڙ انگريز ڪئپٽن فرانسز لائيٽ (Francis-light) پهتو هو. قلعي وٽ رکيل پراڻي توب اڳيان چيني عورتون گل رکندي ۽ اگربتيون ٻاريندي نظر ايندئون. هنن جو اهو عقيدو آهي ته ائين ڪرڻ سان سنڍ عورت کي ٻار ٿيو وڃي.

ميل اڌ پنڌ ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيو ته قلعو گهمڻ بعد ڪڙين تي زور ڏيئي فورٽ روڊ ۽ لائيٽ اسٽريٽ (جيڪا اجا ٽائين ڪئپٽن فرانسز لائيٽ جي نالي آهي) ڏيئي فرقهار (Farquhar) اسٽريٽ تي هليا اچو، جنهن تي پينانگ جون پراڻيون ۽ تواريخي جڳهيون آهن. رستي تي جارج ٽائون سٽي ڪائونسل، اميگريشن آفيس، ديوان سري پينانگ جي عمارت، سپريم ڪورٽ، مئرينرس ڪلب، پينانگ جي پراڻي لئبرري ۽ سينٽ زئيويئر (St-Xavier) اسڪول نظر اچي ٿو.

پر ۾ (Pitt) پٽ اسٽريٽ آهي، جنهن تي پينانگ جو 160 سال پراڻو چيني مندر Kuan-yin-teng نالي آهي. هي مندر "رحم جي ديويءَ" جي شان ۾ جوڙايل آهي. ڪٺ جي ڪم جا ڪاٺ جا ٿنڀا، جيتوڻيڪ وقت ۽ اگربتين جي دونهين ڪري ڪارا ٿي ويا آهن پر تڏهن به اهي ۽ ڇت تي نهيل ٻاهر اوڪاڇيندڙ اجگر (Dragons) ڏسڻ وٽان آهن.

هن مندر مان نڪري، پٽ اسٽريٽ تي اڳيان هلندا وڃو. ٽرئفڪ لائيٽ کان پوءِ مسجد ڪئپٽن ڪلنگ اچي ٿي. هيءَ مسجد پينانگ ۾ تمام پراڻي ۽ اهم سمجهي وڃي ٿي. ڏکڻ هندستان کان هڪ مدراسي امير مسلمان قادر محي الدين 1800 ۾ نهرائي هئي. مسجد جي سامهون پٽ اسٽريٽ پوسٽ آفيس آهي. ان جي پر واري گهٽي Queen Street

وٽ هندن جو ماريامان (Mariamman) ديويءَ نالي مندر آهي. جنهن ۾ ڪيترين ئي شيون هيرن جواهرن ۽ سون چانديءَ سان مڙهيل آهن.

وڪٽوريا اسٽريٽ، ملئي اسٽريٽ ۽ ڪارناروان اسٽريٽ بعد مئڪسويل روڊ جو بس اسٽاپ اچي ٿو. جتان سائي، بلو ۽ زردي رنگ جون بسون پينانگ ٻيٽ جي مختلف هنڌن تي وڃي هلن ٿيون.

پينانگ ۾ پهچڻ کان اڳ ئي يا اچڻ سان توهان هيٺين شين جي گهٽي هاڪ ٻڌندائو.

1. نانگن وارو چيني مندر (Snake-Temple)
2. پينانگ هِل ۽ ان جي چوٽيءَ تي پهچڻ لاءِ لو چڙهندڙ ريل ـ جيڪا Furnicular پڻ سڏجي ٿي.
3. بوٽنيڪل باغ.
4. ٻڌن جو مندر.
5. سامونڊي تانگها ڪنارا (Sea-Beaches)

شهر کان پري، ايئرپورٽ واري رستي تي Snake-Temple آهي. ڏور اوير جو ڪو ملڪ ۽ ان جا منظر اجا نه ڏٺا هجنو ته پوءِ پلي ٽئڪسي يا بس جو ڀاڙو ڀري ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪري هي مندر ڏسي اچو نه ته هانگ ڪانگ، ٿائليند، تائيوان يا سنگاپور جا مندر ڏسڻ بعد هي مندر انهن فلمن جو فقط هڪ مختصر ٽريلر آهي. رهيو سوال نانگن جو سو نصرپور، تاج پور واري همراهه جي شاگرد وٽ ٻه ان کان گهڻا هوندا. ٻه يا ٽي سائي رنگ جا سنها نانگ، ان مندر جي ورانڊي ۾ رکيل ڪونڊين ۾ ويٺل نظر ايندا. جن کي ڪجهه اهڙيءَ طرح پاليو ويو آهي جو نڪو ڀڄن ٿا نڪو ڏنگين ٿا. اتي ئي ڊيري ٽيا پيا آهن. انڊيا، پاڪستان، سريلنڪا، بنگلاديش ۽ انڊونيشيا ٿائلنڊ پاسي کان آيل اسان جهڙا ڳوناٽا همراهه جيڪي ننڍي هوندي ئي رستن تي هلندڙ نانگن بلائن کان بچي بچي وڏا ٿين ٿا يا شهرن جي چوراهن تي بازيگرن ۽ جوڳين کي مرلين تي نانگ نچائيندا ڏسن ٿا، انهن لاءِ هي نانگ ڪهڙي اهميت رکن ٿا. باقي يورپين، آسٽريلين ۽ آمريڪن کي انهن نانگن سان گڏ تجسس مان فوٽو ڪڍائي خوش ٿيندو ڏسي اسين ٻه ضرور خوش ٿيون ٿا ۽ تعجب ڪئون ٿا ته اهڙا چريا به هن دنيا ۾ رهن ٿا. يعني اهي يورپ ۽ آمريڪا جا ماڻهو. (نانگ نه.)


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

هونءَ ڪتابن رسالن ۽ ٻين ذريعي هن مندر جي اشتهاربازي ائين ڪئي ويئي آهي، ڄڻ هي مندر نانگن سان ڀريل هجي ۽ منجهس نانگن جو راڄ هجي، پر ائين ناهي. اندر گهڙڻ سان هڪ ٻه چيني همراهه توهان کان مندر لاءِ چندو وٺڻ لاءِ لڙي ايندو. شيشن ۽ اڄگر بلائن جا ڪاٺ ۽ نڪر جا بوتا نظر ايندا، جن جي چوڌاري ٿلهين ۽ سنهين اگربتين جي دونهين ۽ واس جي ڌپ سان مندر ۾ ماحول ڀريل ملندو ـ اهو سڀ ڪجهه ٻين چيني مندرن ۾ به عام ٿئي ٿو. باقي ڪي چندو ڏيئي جان ڇڏائيندائو ته سندس سوٽ ماسات فوٽو گرافر توهان کي نانگ سان گڏ فوٽو ڪڍائڻ لاءِ راضي ڪرڻ ۾ لڳي ويندو. دونهين، گرمي ۽ پنهنجو پاڻ تي چڙ ڪري (ته اجايو ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو ۽ وقت وڃائي پهتاسين)، ٻاهر هوٽل تان ڪجهه پيئڻ لاءِ ويندائو ته خبر پوندو ته سڄي پينانگ ۽ ملائيشيا ۾ ڪوڪا ڪولا پنجاهه سينٽن جي ۾ هتي هڪ ڊالر ۾ ملي رهي آهي.

پينانگ ۾ ٻيو نمبر هاڪ پينانگ ٽڪريءَ جي آهي. هانگ ڪانگ جي ٽاور پيڪ توڙي ڏني اٿانو ـ يا نه ڏني اٿانو، پر هيءَ ضرور ڏسجو جو سڀ ۾ هيءَ ڪم جي شيءِ (جيڪڏهن ڪا آهي ته) وري به ڪجهه آهي. جنهن مان ننڍيو وڏو لطف اندوز ٿئي ٿو. ريل گاڏيءَ مان به ته مٿي پهچي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان به ـ جيڪا اٺ سؤ ميٽر (اڍائي هزار فوٽ کن) اتاهين آهي. ۽ فنيڪيولر ٽرين ٽڪريءَ جي قدمن کان مٿاهينءَ تائين ڪلاڪ ۾ پهچائي ٿي. ٽرين رسن ذريعي ليءِ مٿي چڪجي ٿي ان ڪري ماڻهن کي سيسرات ۽ سيوڪاري پئجيو وڃي. ٻنهي پاسي جبل ساون گهاٽن وڻن ۽ گل ٻوٽن (Ferns) ۽ ولڙن سان ڀريو پيو آهي. جيئن ئي مٿي پهچجي ٿو ته هوا هڪدم سنهي ۽ ٿڌي ٿيو وڃي. وچ تي، انهن جابلو جهنگلن ۾ انگريزن جي زماني کان ريل جي عملي جا گهر آهن، جيڪي پنڌ يا ان رستي پنهنجن گهرن وٽ لهندا چڙهندا نظر اچن ٿا. جبل جي چوٽيءَ تي هڪ هوٽل، مسجد، هندن جو مندر، ننڍڙو چڙيا گهر ۽ ٻيا ننڍڙا ننڍڙا دڪان آهن، جن تي هتي جون سوکڙيون (Souveniors) وڪامن ٿا.

پينانگ ٻيٽ تي جيئن ئي 1786ع ڌاري انگريز آيو ته هن هِن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچڻ جو رستو نهرايو، جيڪو اڄ پڻ سٺي حالت ۾ رکيو ويو آهي ۽ مضبوط قسم جا خچر ۽ گهوڙا لهي چڙهي سگهن ٿا.

ريل ناهڻ جي پهرين ڪوشش 1899ع ۾ ڪئي ويئي پر غلط ڊيزائين ۽ فندن جي کوٽ ڪري مڪمل ٿي نه سگهي. پهرين وڏي لڙائيءَ بعد انگريز حڪومت ان ريل ناهڻ جو ڪم سئٽزرلئنڊ جي هڪ انجنيئر کي سونپيو، جنهن 1923ع ۾ هيءَ ريل ناهي راس ڪئي. هڪ ئي وقت هڪ گاڏي مٿي چڪجي ٿي ته ٻي هيٺ لهي ٿي. هر هڪ سؤ کن مسافر کڻي سگهي ٿي. اوٽ موٽ جو ڀاڙو ٽي ڊالر آهي. توهان کي قدرتي شين ۽ نظارن


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جو شوق آهي تہ اوٺ موٽ جي سفر ۾ جبل تي مختلف قسم جا قديم وڻ ۽ گلڪاريون ڏسي دل وندرائي سگهو ٿا. انجنيئرنگ ڏي لاڙو آهي تہ ريل جي ڪارڪردگي جو غور سان جائزو وٺي سگهو ٿا. پر جي ڪجهہ بہ شوق نہ هجي تہ پوءِ مون وانگر وقت گذارڻ لاءِ پولڙا ڳٽيندي مٿي پهچي سگهو ٿا ۽ پوءِ واپسيءَ تي ڪين هڪلون ۽ اشارا ڪندا هيٺ لهي اچو.

ٽيون نمبر شيءِ بوٽنيڪل گارڊن آهي. جيڪو تمام وڏو باغيچو آهي ۽ انگريزن جي ڏينهن کان وٺي ان ڪي سٺي حالت ۾ رکيو ويو آهي . اهڙا صاف سٿرا پارڪ ايشيا ۾ فقط جپان ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا يا وري پينانگ جو هي پارڪ آهي. پينانگ هِل کان شهر ڏي واپس موٽڻ مهل ڪابي پاسي رستي تي ئي اچي ٿو. ان ڪري هن پارڪ جي بخمل جهڙي چبر، قسمين قسمين وڻ ۽ آبشار ڏسڻ ڪو وقت جو ضايع نہ ٿيندو. توهان جي معلومات وڌي يا نہ وڌي، گهٽ ۾ گهٽ ڳوٺ پهچي چئڻ چڱن تي لئہ رکڻ ۽ ٻٽاڪ سٽاڪ هڻڻ لاءِ ڪي بہ چار شيون ڳڻائي سگهو ٿا تہ پينانگ ۾ ٻين شين سان گڏ بوٽنيڪل باغ پڻ ڏٺو. جيتوڻيڪ هن کان وڌيڪ مونکي انڙ صاحب جو قاضي احمد وارو باغ تمام گهٽو سٺو لڳي ٿو.

چوٿون نمبر تي هاڪ برما روڊ تي Wat-Chyamangkalaram نالي ٻڌن جي مندر جي آهي. منجهس سؤ فوٽ ڊگهو گوتم ٻڌ جو بت آهي، جيڪو دنيا ۾ گوتم جو ٻيو نمبر وڏو بت ليکيو وڃي ٿو. وقت يا پئسي جي کوٽ ڪري پينانگ جلدي ڇڏيو پيا تہ پوءِ هلي ملي مندر ۾ وڃي گوتم صاحب جو بت ڏسڻ بدران ڪنهن ٽوئر ڪاتي جي ڪتاب يا پڪچر ڪارڊ ۾ ئي ڏسي سگهو ٿا. جنهن ۾ پڻ اوترو ئي چٽو ۽ صاف نظر اچي ٿو  جيترو روبرو ڏسڻ سان.

انهن مٿين شين کان علاوه پينانگ جا سامونڊي ڪنارا پڻ مشهور آهن ۽ خاص ڪري سرد ملڪن جا ماڻهو ڪلاڪن جا  ڪلاڪ ڪناري جي ريتيءَ تي اچي ليٽي پوندا آهن. ان بعد اخبار لاءِ هڪ عدد خط بہ لکي ويندا آهن. ڪي تعريفي خط تہ هتي جا ڪنارا بيحد ٽانگها ۽ صاف سٿرا آهن. ڪي وري لکندا آهن تہ هتي جا ڪنارا گدلا آهن. ڪٿي ڪٿي تيل ۽ گند ڪچرو نظر اچي ٿو. گذريل ٽن سالن کان ان قسم جا ڪيترائي خط اخبار نيو اسٽريٽ ٽائيمس ۾ پڙهي چڪو آهيان. لڳي ٿو تہ ڪڏهن اخبار وارا اخبار جي رهيل ڪند پاسو پرڻ لاءِ ا ن قسم جا خط پاڻ ئي لکيو، ڇپيو ڇڏين.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# پينانگ واري پل

ڪنهن چيو ته اليڪشن ويجهي آهي ته ان ڪري ملائيشين حڪومت ڏيڪاءَ لاءِ وڏا وڏا ڪم ڪري عوام کي خوش ڪري رهي آهي. ڪنهن چيو ملڪ ۾ تيل، ربڙ ۽ ٽين (قلعي) جو پئسو جام اچي ويو آهي.

بهرحال ڏيکاءُ لاءِ يا پئسي جي گهڻي آمد ڪري ملائيشيا جي حڪومت ڏينهون ڏينهن ملڪ ۽ عوام جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندي رهي ٿي. ۽ ايشيا جون جيڪر ٻيون حڪومتون به ائين ڪن ته انهن ملڪن جي قسمت پڻ سڌري سگهي ٿي. گذريل ڪجهه سالن ۾ جيڪي هتي جي حڪومت وڏا وڏا ڪم ڪيا آهن، تن ۾ هڪ ته سڄي ملڪ ۾ پڪن رستن ۽ سپر هاءِ ويز جي جار شامل آهي. جنهن مان نه رڳو امير ڪارن وارا فائدو وٺن ٿا پر غريب دور دراز جهنگلن ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ عوام پڻ.

هتي جي حڪومت ٽوئرزم تي پڻ گهڻو زور ڏنو آهي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ نيوزيليند، آسٽريليا وانگر هتي پڻ دور دراز ملڪن جا ماڻهو موڪلون گذارڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ اچن ٿا. جنهن ڪري نه فقط وڏين هوٽلن ۽ هوائي جهاز ڪمپنين وارا ڪمائين ٿا، پر شهر جا ٽئڪسي وارا، بس وارا، دڪاندار پيديءَ وارا، مزور ٻئرا وغيره پڻ.

ٽي ويءَ جي ٻن سرڪاري چئنلن RTM 1 ۽ RTM 2 کان علاوه ٽيون پرائيويٽ چئنل TV3 ”ٽي وي ٽيگا“ شروع ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي سلوگن T.V Tiga-untok موجب ڏسندڙن جي مرضيءَ موجب هلي ٿو. ساڳي وقت سرڪاري ۽ خانگي چئنلن جو مقابلو هجڻ ڪري ڏسڻ وارن کي سرڪاري خبرون ۽ موجوده حڪومت جي ناموس جون ڳالهيون گهٽ ٻڌڻيون پون ٿيون ـ جيڪو آزار ڪيترن ئي عرب، آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن جي عوام سان آهي.

ان کان علاوه ڪيترائي اسڪول، ڪاليج، لئبررين، هوٽلون، هائوسنگ پروجيڪٽ ۽ اسپتالون کوليون ويون آهن. جيڪي مڙيئي شيون عوام لاءِ سک پيدا ڪن ٿيون. انهن مڙنيءَ کان علاوه به وڏا ڪم: پروٽون ساگا (Proton Saga) ۽ پينانگ واري پل آهي.

پروٽون ساگا ملائيشيا جي پهريون ۽ پنهنجي ڪار آهي، جيڪا شڪل، شيپ ۽ انجڻ ۾ ڪجهه ڪجهه متسوبشي، ٽويوٽا ۽ ڊاٽسن ڪارن سان ملي ٿي. مضبوط، سهڻي



ڪتب خانه... وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

۽ سستي هجڻ ڪري نہ فقط هتي ملائيشيا ۾ پر ڏسندي ئي ڏسندي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پڻ مشهور ٿي ويئي آهي. ڪيترائي يورپي، ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪ اها خريد ڪري رهيا آهن.

ملائيشيا جي هن ڪار تان ياد آيو تہ اها ڪار شروع ٿيڻ کان اڳ سندس شڪل بابت ماڻهن ڪي ڪيترائي خيال ۽ رٿائون هيون تہ اها ڪهڙي هئڻ کپي. هتي جي مشهور ڪارٽونسٽ لات صلاح ڏني تہ پروٽون ساڳا جي شڪل ڪٽي ڪهڙي بہ هجي پر ڇت ڪنداٽي هئڻ کپي، جيئن ملائيشيا جي گهرن جون ڇتيون آهن.

ملائيشيا ۾ نديون نالا گهڻا هجڻ ڪري ننديون وڏيون پلون تہ جتي ڪٿي نظر اچن ٿيون پر پينانگ واري ساڍا تيرهن ڪلوميٽر ڊگهي پل ايشيا ۾ سڀ کان وڏي ۾ وڏي پل آهي. ۽ هيءَ پل دنيا جي ٽيون نمبر وڏي پل آهي. اها پل ناڙي وانگر نندي ٻار ـ پينانگ ٻيٽ کي سندس ماءُ ـ مين لئنڊ (ٻتروَرٿ) سان ملائي ٿي. هيءَ پل 850 ملين ملئي ڊالرن جي خرچ تي ڪورين ناهي.

پينانگ ٻيٽ 1786ع ۾ انگريز همراهہ فرانسز لائيٽ اچي ورسايو هو ۽ اها انگريزن جي ملائيشيا ۾ پهرين بينڪ هئي. ان وقت کان پينانگ باقي ملائيشيا کان واپار وڙي ۽ سڌاري ۾ هميشہ اڳتي رهيو آهي. پينانگ ٻيٽ ايڏو وڏو ناهي جو ان ۾ رهندڙن جون سڀ گهرجون اتي ئي پوريون ٿي سگهن ـ خاص ڪري ڪاڌي پيتي لاءِ پينانگ ٻيٽ وارن کي انگريزن جي ڏينهن کان باقي ملڪ (Main Land) تي ياڙٽو پوي ٿو.

پينانگ ٻيٽ کان سمنڊ پار ڪري ملائيشيا جي سرزمين (ٻتروَرٿ) تي پهچڻ جو بندوبست ويهين صديءَ جي شروعات کان ئي ٻتيلن ذريعي ڪيو ويو. ان بعد 1940ع ۾ ٻنهي پاسن جا پتڻ وڏا ڪري ڪل تي فيري هلائي ويئي هئي، جيڪا پل ٺهڻ بعد اجا بہ جاري آهي. اهو ضرور آهي تہ پل جي ڪري هاڻ فيرين تي ايتري پيهہ پيهان ڪانہ ٿي ٿئي.

هن وقت دنيا ۾ پينانگ جي پل کان فقط ٻہ پلون وڏيون آهن. هڪ نيو اورلينس (آمريڪا جو Pontchartrain ڪاز وي آهي. جنهن جي پل 38 ڪلوميٽر ڪن ٿيندي) ۽ ٻئي نمبر تي Chesapeake-Bay ٽنل برج آهي، جيڪا پڻ آمريڪا ۾ ئي آهي ۽ 28 ڪلوميٽر وڏي آهي. ۽ بنا شڪ جي هيءَ پينانگ واري پل اجا ٽائين ٽئين نمبر تي آهي. پر سعودي عرب ۽ بحرين جي وچ ۾ نهندڙ 24 ڪلوميٽرڊگهي پل نهي راس ٿيڻ تي اها ٽيون نمبر ٿيندي ۽ هيءَ پينانگ واري پل چوٿون نمبر.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# پينانگ کان ڪئالالڪنگسار

دير تي رهي هئي سو هوٽل مان فقط چانهه جو ڪوپ پي پينانگ ڇڏيم. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ئي ملاڪا پهچڻ چاهيم ٿي جو منهنجي گاڏيءَ جي جيتوڻيڪ انجڻ سٺي حالت ۾ هئي پر تڏهن به پراڻي هجڻ ڪري رات جي سفر کان پاسو ٿي ڪيم. ملاڪا ۽ پينانگ جي وچ ۾ 509 ڪلوميٽر فاصلو آهي. وچ ۾ بٽرورٿ، بڪت مرتجام، سمپانگ امپت، سنگائي باڪپ، پارت بنتار، باگان سرائي، ڪئالا ڪنگسار تنجنگ رمبوتان، ايوح، گوپانگ، مالم ناوار، سلم رور، ڪمپار، تاپاح، بدور، تجنگ مالم، ڪمپنگ ڪبو، راوانگ، ڪوالالمپور، سريمبان، لبق چينا ۽ مسجد تاناح جهڙا ننڍا وڏا ڪيترائي شهر اچن ٿا.

پينانگ جي فيري اسٽيشن تي پهتس ته فيري تيار بيني هئي. مٿئين در کان پيادا ۽ هينين در کان ڪارون، وئگنون وجي رهيون هيون. ان رستي کان پنهنجي ڪار کي ڦيرائي فيريءَ جي ڊيڪ تي اچي بيهاريم. ويهارو کن ڪارون اڳهين بيٺيون هيون. اهڙيون ڏهه پندرهن بيون اچڻ تي فيري پرجي ويئي. جيٽيءَ تي بينل تامل خلاصين رسا کوليا ۽ فيري بٽرورٿ ڏي رڙهڻ لڳي. پينانگ ٻيٽ کان بٽرورٿ تائين ڪار ڊوئڻ جو ڀاڙو ٽي ڊالر آهي، جيڪي فقط موٽندي وقت وٺن.

مسافر ۽ موٽر گاڏيون ڪٽندڙ جهاز (فيري)، جيسين سمنڊ لتاڙي تيسين ڪار مان ٻاهر نڪري سندس ڊيڪ تي چڪر هڻڻ لڳس. فيريءَ جي ڪنڊ تي چانهه بسڪٽن جي پيڊي هئي. دڪاندار تامل عورت کان هڪ ڊالر جا ٻه بن ۽ چوئنرن جي ٿيلهي وٺي پنهنجي پر ۾ نيرن ڪيم. هڪ چيني همراهه پلاسٽڪ جي ڇبڙيءَ ۾ ڪافي ۽ شربت وڪڻڻ لاءِ ڪٽي اچي لنگهيو. پنجاهه سينٽ ان کي ڏيئي ڪوڪا ڪولا ورتم. ڪوٽ جي کيسي جيڏي اچي پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ برف جا ٽي چار ٽڪرا ۽ اڌ بوتل ڪوڪاڪولا جي وجهي منجهس ڪاني (Straw) ٽنبي مٿان گلابي رنگ جي پلاسٽڪ جي تند سان منهن ٻڌي ڏنائين. جيئن هارجي نه ۽ ساڳي وقت ڪانيءَ ذريعي پي به سگهجي.

بٽرورٿ پهچي پنهنجي ٽي سال اڳ ورتل سيڪنڊ هئنڊ ڪار کي فيريءَ مان ڪڍي هلائڻ شروع ڪيم. ڪيترين ئي لارين، ٽرڪون ڪارون، بسون ۽ رستن مان ڦٽندڙ ٻيا گهٽا رستا ايندا ويا ۽ گذرندا ويا. ڪجهه دير بعد شهر جون حدون ختم ٿيڻ تي لارين ڪارين جي ٻوڏ ۽ رستن جي ڦند قوت گهٽ ٿي. هاڻ رڪي رڪي رستن جي پاسي



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

تي پيٽرول پمپ، ناريل، پامل آئل ۽ ربڙ جي پوک نظر آئي ٿي. يا زيتون، پوميلا (گريپ فروٽ جهڙو ميوو) يا جمبو (زيتون) وڪٽنڊڙ ملئي ۽ چيني رستن جي ٻنهي پاسن تي هئا. پڪي رستي تي رات جو گاڏيءَ هينان اچي مئل ساندين، اگوانن ۽ پولڙن جون کلون لتل هيون. سندن آندا گجيون کڌهوکو ڪانگ ڪٽي ويا هئا.

شروع وارن ڳوٺن ۾ رستي تي نهيل مسجدن، مندرن، گرجا گهرن ۽ چيني عبادت گهرن مان ماڻهو آيا ويا پئي. ان بعد انين تائين اسڪولن جا آسماني ۽ فيروزي رنگ جي يونيفارم ۾ ٻار پنڌ، سائيڪلن تي سوار يا بسن جي انتظار ۾ مليا. ان بعد ياجي يتي ونڻ وارا ماڻهو ـ خاص ڪري عورتون ٻانهن ۾ ڇبيون لڙڪائينديون مارڪيٽ ڏي وينديون نظر آيون.

بڪت مرتجام، سمپانگ امپت، سنگائي بڪاپ، ڪمپونگ فلاٽو ۽ ڪمپونگ فلاٽو ـ هڪ ٻئي پٺيان ڳوٺ ۽ شهر لنگهندا ويا. مون ٻه چاهيو ٿي ته بنا ترسڻ جي يڪ ساهيءَ جيترو سفر پورو ڪري سگهان اوترو سٺو. چانهه يا منجهند جي ماني اڳتي هلي اپوح ۾ ڪائڻ جو ارادو هوم. پر ان کان اڳ ايندڙ هڪ شهر ڪئالا ڪنگسار وٽ پهچڻ مهل ٿڪجي پيس. ڪئالا ڪنگسار شهر اپوح کان جيتوٽيڪ گهٽو ننڍو آهي پر تواريخي شهر آهي. منجهس ريلوي اسٽيشن پڻ آهي. جيڪا بلڪل هاءِ وي جي ڪپر تي آهي. جيئن پاڻ وٽ ڪن ڪن ڳوٺن جون ريلوي اسٽيشنون آهن. اسٽيشن وٽ هاءِ وي ڪي ڪافي موڙ اچڻ ڪري ڪار جي رفتار ٻنهه گهٽ ڪري هلائڻ لڳس. ايتريقدر جو ريلوي اسٽيشن جي سامهون واري پٽ تي لڳل نوٽيس بورڊ ٻه صاف نظر اچي رهيو هو. ٻه ٽي پوڙهيون ملئي عورتون باجو ڪرونگ (Baju-Kurung) ۾ ڊزن کن ٻارن ۽ اوترن ئي هڙن سان ريل گاڏيءَ جي انتظار ۾ ٻيٺيون هيون. پاسي کان پڪي رستي وارين هوٽلن تان هڪ ئي وقت ”علي ڪئٽ“ ۽ ”جليزا“ جا ملئي گانا پئي هليا ته چيني ۽ انگريزي گانا پڻ.

Jika Begini terbiar mennati, tanpa kata kata… ….

گاني جي تال سان گڏ چانهه ناهڻ واري چمچي جو آواز پڻ. ڪجهه ڪجهه پاڪستان، هندستان، سريلنڪا ۽ بنگلاديش جي ريلوي اسٽيشن وارو ماحول لڳي رهيو هو. مذهب، زبان، ڪلچر وغيره ڪٽي انهن ملڪن جو ٻيو رهيو هجي پر حاڪم ته ساڳيو انگريز هو! سو چو نه ماحول ۾ هڪ جهڙائي هجي.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪار جي رفتار اجا به گهٽ ڪري پڪي تان لهي ڪچي تي ٽيس جيئن پوين گاڏين کي اڳيان نڪري وڃڻ جو وجهه ملي. پوءِ ڪار کي پاسي تي پارڪ ڪري اسٽيشن جي در وٽ آيس. باٿ روم ۾ وڃڻ جو ارادو هوم. جنهن کي تاڙيم پئي ته ساڄي پاسي پليٽ فارم تي رکيل ڪاٺ جي پٽين واري ڊگهي بئنچ تي ڏاڍي سڪون سان وينل چار ڊگهين ڏاڙهين وارا پوڙها سک نظر آيا.

اسٽيشن جو مين گيٽ لتاڙي اندر ٽيس ته اهي سک جيڪي ريل گاڏيءَ جي پٽي ڏي منهن ۾ پڪي رستي ڏي پٺ ڪيو وينا هئا، تن منهنجي پيرن جي آواز تي مون ڏي مڙي ڏٺو.

”ست سري اڪال.“ مون ڪيڪاريو مان.

”ست سري اڪال.“ هنن وراڻيو ۽ عجب مان اٿي بيٺا. هن ننڍڙي شهر ڪئالا ڪنگسار ۾ ـ جنهن جي ريلوي اسٽيشن ۾ سواريءَ لاءِ رڳو هڪ ملئي فئملي انتظار ۾ هئي، پاڪستاني سٿڻ قميص ۾ آئون ائين نئون هوس، جيئن جنگشاهيءَ جي ريلوي اسٽيشن تي ڪو ڏاڙهي ۽ پٽڪي سان سک اچي بيهي. جنگشاهي ته وري به آدمشماري جي لحاظ کان ڪئالا ڪنگسار کان پنجوڻ ڇهوڻ وڏي آهي.

اورنگزيب جيڪو سکن کي رنجايو هو، ان لاءِ مون پاڪستاني کي هاڻ احساس جرم نه هئڻ کپي جو سکن خاطر گذريل ڏهاڪو سالن ۾ خبر ناهي ڪيترن پاڪستانين قربانيون ڏنيون هونديون، ڪيترا ڪوڙا الزام مڙهي ڪين مختلف حڪومتن پاڪستانين کي تنگ ڪيو هوندو. جنهن مهمان نوازي ۽ کلئي دل سان پاڪستان حڪومت ۽ عوام سکن کي پاڪستان ۾ سندن پاڪ جاين تي اچڻ لاءِ آڌر ڀاءُ ڪري ٿي، اوتري ته اسان مسلمانن جي سعودي عرب جي حڪومت به نٿي ڪري. اڄ جي سکن جو ڌهون گرو گوبند جيڏرو هجي ها ته اهو به کلي ڪيڪاري ها. اهي سوچي مون بنا تڪلف جي ڪئالا ڪنگسار جي هنن سکن سان ملڻ چاهيو ٿي. ٿوري دير ساڻن گڏ ان ڪاٺ جي بئنچ تي ويهي خبرچار ونڻ چاهي ٿي.

انهن چئن مان هڪ جو نالو پرتاب سنگهه هو. عمر پنجاسي سال. باقي ٽي ڄڻا ننڍين عمرن جا ـ هر هڪ سٺ ستر سالن جو، شهر سنگهه، پال سنگهه ۽ نرينا سنگهه هو. مون ساڻن هٿ ملائي پهرين ته باٿ روم جو معلوم ڪيو. منهنجو اڄل مان پڇڻ ڪري يا ڪجهه ڪجهه پوڙا هجڻ ڪري هنن ڪجهه به نه سمجهيو.

"Mana Tandas" هن دفعي ملئي زبان ۾ پڇيم. هاڻ سيني سمجهيو. وڏي عمر واري پرتاب سنگهه ننڍي عمر واري نرينا سنگهه کي اشارو ڪيو ته اٿي ڏيکارينس. هن



ڪتب خانو...وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پهرين ته چشمو نڪ تي درست ڪري رکيو. پوءِ پاسي کان لٽ ڪنئي ۽ بوٽ مٿان پير ڪڍي اندر وڌا. پوءِ گوڏن تي هٿ رکي اٿي بينو ۽ اڳيان وڌيون.

چند وکن بعد، اسٽيشن جي نالي واري بورڊ وٽ (جنهن تي اسٽيشن جو نالو Kuala –Kangsar لکيل هو.) بنا درن جي ٽي مردانا ٽئاليٽ هئا، جن جي ٻاهران Lelaki لکيل هو ۽ اهڙائي ٽي، درن سان عورتن لاءِ، جن جي ٻاهران Prempuan لکيل هو معنيٰ خواتين لاءِ .

”سردار جي صحيح جڳهه تي وٺي آيو.“ مون دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو. هڪ دفعي پنهنجي ملائيشين دوست ميجر هريش داس وٽ پهريون دفعو ملٽري اسپتال ۾ ملڻ لاءِ ويس. جتي هو ڏندن جو ڊاڪٽر آهي. رسيپشن تي وينل ملئي نرس کان ڊاڪٽر داس جو پڇيم ته ڪٿي آهي: “Mana Das?”

هوءَ غريب فائيل بند ڪريُ لئي ۽ مون کي وراڻدي مان ڦيرائي اسپتال جي پويان هڪ هن جهڙي چؤديواري اڳيان بيهاري معصوميت سان چيو: “Inilah Tandas” اهو ٻڌي پهرين ته آئون وائڙو ٿي ويس ته هيءَ مون کي هتي ڇو وٺي آئي آهي پر پوءِ جڏهن چڱي طرح چيومانس Saya mahu Jumpa Dr. Das تڏهن سمجهه ۾ آيس. هوءَ داس بدران ٽنڊاس سمجهي ڪاڪوس ۾ وٺي آئي. ملئي زبان ۾ ڪاڪوس کي ٽنڊاس چون. هونءَ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪيترن هنڌن تي ڪاڪوس لاءِ ٽنڊاس سان ملندڙ جلندڙ لفظ ”سنڊاس“ پڻ استعمال ٿئي ٿو.

ٻاهر نڪري سکن سان ڪجهه دير ڪچهري ڪرڻ تي دل چاهيو. سيني چانهه پاڻي ۽ ڪاڌي لاءِ ڏاڍو زور ڀريو.

”وڏي مهرباني. هن وقت ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ناهي. بس توهان سان خوش خيريت ٿي اهو ئي ڪافي آهي.“

”نه . نه ائين ڪيئن ٿيندو.“ سردار پال سنگهه زور ڀريو، ”هيڏو پري ـ پاڪستان کان آيو آهين. ڪجهه ته اسان طرفان ڪائڻو پوندوءِ.“

”پر هينئر ته پينانگ کان اچان پيو ۽ هتي ملائيشيا ۾ ئي رهيل آهيان.“

”تڏهن به پاڻيءَ ڍڪو ته وجي.“ شهر سنگهه چيو.

نيٺ مون اهوئي سوچي هائوڪار ڪئي ته جيسين ڪو شربت پيارين تيسين ڪائنئ خبر چار لهي وٺان. پر منهنجي ها ڪرڻ تي پرتاب سنگهه اٿيو ۽ گيٽ جي ٻاهر وارين هوٽلن مان هڪ تي مون کي وٺي آيو. ٻيا همراهه اتي ئي ترسي پيا.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”هي ڪونه تا اچن؟“ مون پڇيومانس.

”اسين سڀ هاڻ چانهه پي وينا آهيون. سڀ پوڙها آهيون. منڊڪ منڊڪ ڪري جيسين سڀ پليٽ فارم جون ڏاڪڻيون، اسٽيشن جو دروازو ۽ رستو ٽپون تيسين تنهنجو اڌ ڏينهن ته اتي ئي ويندو هليو.“

ملئي هوٽل ۾ در وٽ هڪ همراهه وڏي تئيءَ تي اڦراتا (Roti Kosong) پچائي رهيو هو. سندس زال باتڪ جي گوڏ گراهڪن کان آرڊر وٺي رهي هئي ته ٻيگل مِي (Mee-Goreng) به ناهي رهي هئي. مي سنهين سوين جو ٻوڙ تئي ۽ اٽلي جي اسپا گهيٽيءَ سان ڪافي ملي ٿو. ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ سٽربيني جهڙي ڪچي مي کي منٽ کنُ ٻاري پوءِ ڇاڻيءَ سان ڪڍي منجهس ڪنهن به ٻوڙ جو ٿورو رس وجهي کائبي آهي. سردارجيءَ ڪجهه کائڻ لاءِ چيو پر مون ڪوڪا ڪولا لاءِ ها ڪري، سندس احوال لکڻ لاءِ ڪيسي مان ڊائري ڪڍي.

اسي - پنجاسي کن سالن جو پرتاب سنگهه اڄ کان سٺ سال کن اڳ پنهنجي چاچي جي سڏائڻ تي پنهنجي ڳوٺ کان لڏي هيڏانهن ملائيشيا آيو هو. سندس اصل ڳوٺ پنجاب جي ضلعي ٻنڊا کان ٽيهه ميل پري ڳوٺ بري آهي. سندس چاچو پارا سنگهه ملائيشيا ۾ 1910ع ۾ آيو ۽ انگريز پوليس ۾ تڏهن سارجنٽ ميجر ٿيو هو.

پرتاب سنگهه ڪجهه عرصو پوليس ۾ ننڍيون نوڪريون ڪرڻ بعد واپار شروع ڪيو.

”ماڻهو تمام گهٽ هئا ان زماني ۾.“ پرتاب سنگهه اهو زمانو ساري ٻڌايو، ”هينئر وانگر عوام وڏيل نه هو (لڳي ٿو سردار جي گذريل ويهن ٽيهن سالن ۾ نه پنهنجي ڳوٺ ويو آهي ۽ نه وري انڊيا جي ڪنهن ٻئي شهر ۾، جو ڪيس صحيح معنيٰ ۾ گهٽي آدمشماري وارن شهرن جي خبر پوي)

”پر سڪون جي زندگي ۽ سک ئي سک هو.“ هن وڌيڪ ٻڌايو ”مون سڄي عمر ڪپڙي جو واپار ڪيو. هڪ ڪولي (مزور) رکيو هوم، جنهن کان ڪپڙو ڪٽائي ڏورانهن ڳوٺن (Kampongs) ۽ ٻنين جاگيرن (Ladang) تي رهندڙ هارين نارين کي وڪڻندو هوس.“ (يعني جيئن پاڪستان هندستان ۾ ڳوٺن ۾ مڪراني عورتون يا پناڻ سامان جون هڙون ڪٽي وڪڻندا آهن)

”ڪپڙو ڪٿان وٺي ايندا هئائو؟“ مون پڇيومانس.


ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”تن ڏينهن ۾ ڪوالالمپور ايڏو وڏو واپاري شهر نه ٿيو هو. ڏکڻ ۾ سنگاپور اتر ۾ پينانگ خريداريءَ ڪان سنا هنڌ هئا، جتان ڪپڙو وڏي ايندو هوس مون پڇيومانس. چين، جپان، هندستان، جرمل (جرمن)، عروس (روس) ڪان سپ جهاز مال ڪٽي اتي ايندا هئا.“

”گراهڪن ۾ گهڻا ڪير هوندا هئا؟ چيني، ملئي يا تامل؟“

”سپ . سپ پر گهڻي پاڱي ملئي هئا. اوڙر جام هلندي هئي. بلڪ عام جام هلندي هئي. پوءِ آهستي آهستي ڪري پيا ڏيندا هئا. لکت پڙهت ڪانه ٿيندي هئي. ڪو هڪ اڌ اوڌر ڏيڻ ۾ ڏکيائي به ڪندو هو پر اسان گهڻي ُگهر ُگهر نه ڪندا هئاسين جو گهڻي ضد تي ڪي ته ماڻهين چوندا هئا:

Mahu wang Atau Parang معنيٰ پئسا گهرندين ته جهيڙو نصيب پوندءِ. پر ان قسم جا ڦڏي باز ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا هئا. نه ته ملئي طبيعت جا نهنا ۽ سادا ماڻهو آهن.“

”روزانو ڪيترا ميل سفر ڪندا هئاؤ““ مون پڇيومانس.

”ڪڏهن پنڌ ڪڏهن سائيڪل تي ڏهه ڏهه پندرهن پندرهن ميل به پنڌ ڪندو هوس. پوءِ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ پڪ اپ به ورتم، ان تي ڪپڙو ڪٽي هلندو هوس.“

”اجا تائين اهو واپار ڪريو يا نه؟“

”نه هاڻ ڪتي سگهه رهي آهي. ٻار به وڏا ٿي ويا آهن. اسان تي هاڻ ڪائي جوابداري نه رهي آهي. روز صبح جو نائين ڏهين بجي اهي سيئي پوڙها جيڪي ڏسين ٿو گهرن ڪان نڪرندا آهيون، پو ۽ شهر جو چڪر هٽي هن وقت ان بئنچ تي اچي ويهندا آهيون. سڄي ڏينهن جون خبرون به ڪريون ته گاڏيءَ جي اچڻ جو انتظار پڻ. هڪ بجي ڌاري ”گڏي“ ايندي آهي. جيڪي چار چڱا ڇهرا لهندا چڙهندا آهن انهن جا ديدار پسي، ملڪ جو واءُ سواءُ لهي گهر اچي روٽي سوٽي ڪائيندا آهيون. اولاد وڏو ٿي ويو آهي. اهو ڪمائي. اسان ڪي به ڪارائي.“

”ٻار گهڻا اٿو؟“

”بس ڀڳوان جي ديا آهي، ڇهه ڌيئون ۽ به پٽ اهن. هڪ پٽ سرجيل سنگهه ريل هلائي. اپوح ۾ رهي ٿو. هن ڪي ڇهه ٻار آهن. ٻيو پٽ نروان سنگهه پوليس ۾ ميجر آهي. پينانگ ۾ رهي ٿو.“


www.sindhsalamat.com

هوٽل جي ملئي مالڪڻ ڪوڪاڪولا جي خالي ٽيل بوتل ۾ پنجاهه سينٽ وٺڻ آئي. ان سان گڏ مون به موڪليو. سردار پرتاب سنگهه وري اچڻ لاءِ وري چيو.

”حياتي رهي ته انشاءَ الله وري ملبو.“

Kalau ada umar panjang
Boleh kita berjumpa lagi

ريل پوري وقت تي ريلوي اسٽيشن تي پهچي ڦيٽن تي بريڪ هنئي. مون ڪار جو پاڻي ۽ تيل چيڪ ڪيو. پرتاب سنگهه پنهنجي ٽولي سان وڃي مليو. ڪار جي انجڻ ۾ پاڻيءَ جي ضرورت هئي پر في الحال ان کي ڇڏي ڪار ۾ اچي ويٺس، جلدي جلدي ڪار اسٽارٽ ڪري مون اسٽيشن جي حد مان ٻاهر نڪرڻ چاهيو ٿي جو خدشو هوم ته متان ريل مان لهندڙ مسافرن ڪري رش ٿئي. پر ڪئالا ڪنگسار جا ڪل ٿي مسافر لٿا. گاڏي اڌ منٽ ڪن کو مس ترسي رواني ٿي ويئي. لٿلن ۾ هڪ انڊين تامل هو ۽ ٻه ملئي اڌروٽ عمر جا پتلون بشرٽ ۾ هئا. جن مان هڪ شايد سڪن جو سڄاڻو هو جو سيني هن سان ويني ويني ڪيڪار ڪئي/ يا ڪو چرچو ڪيو. تيسين آئون آهستي آهستي ڪار کي واپس پڪي رستي تي آڻي اڳتي وڌيس.

اڄ به منجهند ڏاري ڪئالا ڪنگسار ياد ايندو آهي ته يڪدم چارئي قربائتا پوڙها سک ياد اچي ويندا آهن جيڪي شهر جو چڪر هڻي چار چڱا ڇهرا ڏسڻ لاءِ روزانو ريلوي اسٽيشن جي بئنچ تي اچي ويهندا آهن ـ جهڙ هجي چاهي ُلس هجي. مينهن هجي چاهي گهم ۽ گرمي هجي.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# ڪئالاڪنگسارءِلموت

## (KUALA KANGSAR DAN LUMUT)

پيراق رياست جو وڏو شهر جيتوڻيڪ اپوح آهي پر پيراق جي سلطان جو محلات اپوح بدران ڪئالا ڪنگسار ۾ آهي. جيڪو اپوح کان پنجيهه ميل پري ڏکڻ پينانگ ڏي آهي. جتي چار پوڙها سڪ ريلوي اسٽيشن تي ملن. هي محلات Istana -Iskandariah پيراق نديءَ جي ڪناري تي هڪ ٽڪريءَ تي آهي. جنهن جي پر ۾ پهريون پراڻي زماني جو محلات Istana-Kenagan پڻ اجا ان حالت ۾ موجود آهي ۽ ملئي عمارت سازيءَ جو نمونو پيش ڪري ٿو. سندس پر ۾ چندن ٽڪريءَ تي سوني قبي وار ابوادايا مسجد ڏسڻ جهڙي شيءِ آهي، جنهن لاءِ ٽوئرسٽ ڪئالا ڪنگسار هلي ايندا آهن. هونءَ پاڪستان، ايران، افغانستان يا عرب ملڪن جي رهاڪن کي عمارت سازيءَ جي لحاظ کان هتي جي هر مسجد نرالي لڳندي جو هڪ ته هتي جي عمارت سازيءَ تي انڊين ۽ چيني آرڪيٽيڪٽ جو اثر آهي ۽ ٻيو ته هتي جي موسم هر وقت مينهوڳيءَ واري هجڻ ڪري، هتي جي هر هڪ عمارت جون چٽيون ڪنڊائٽيون آهن. گهڻو عمارتي ڪاٺ هجڻ ڪري لوهه پٿر بدران ڪاٺ استعمال ٿئي ٿو ۽ ڇت ۾ ناريل جا پن وڌا وڃن ٿا جيڪي عمارت کي ٿڌو رکن ٿا.

اپوح ۽ ڪئالا ڪنگسار کان علاوه پيراق ۾ ڏسڻ جو ٽيون شهر لموت (Lumut) آهي. جيڪو اپوح کان اناسي ڪلوميٽر پري سمنڊ جي ڪناري تي آهي. لموت نيول بيس هجڻ ڪان به مشهور آهي. ملائيشيا جي نيول اڪيڊمي ۽ نيويءَ جا ٻيا ادارا هتي ئي آهن ـ جيڪي انگريزن جي ڏينهن ۾ سنگاپور يا پينانگ ۾ هوندا هئا.

لموت کان چار ميل پري سمنڊ ۾ پنگڪر (Pangkor) نالي هڪ خوبصورت ٻيٽ آهي. جتي فيريءَ ذريعي اڌ ڪلاڪ ۾ پهچي سگهجي ٿو. هن ٻيٽ تي ڌارين ملڪن کان آيل ٽوئرسٽن جي رهائش لاءِ ڪيترين ئي هوٽلون ۽ ريسٽ هائوس ۽ ڪئمپون آهن. آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ يورپ کان آيل واندا سجو ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي آرام ڪندي نظر ايندا يا وري سئمنگ ۽ اسڪنگ ڪندي. اسان جهڙن لاءِ جن جو اڳهين سمنڊ سان واسطو آهي يا ملاڪا ۾ رهڻ وارو گهر به سمنڊ جي ڪناري تي آهي، اتي پهچڻ ائين آهي جيئن نيو ڪئسل شهر ڏي ڪوئلو ڪٽي وڃڻ يا جبل هماليا تي برف جي ڳوڙهي ڪٽي وڃڻ. شهرل حياليءَ (Sharul-Hayali) نالي هڪ ملئي ڪسٽم پوليس جو



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944 )

انجنيئر ملاڪا مان مون وٽان انجنيئرنگ جو ننڍو ڪورس ڪري ويو هو. شهرل آخري هفتو روز لموت اچڻ لاءِ دعوتون ڏيندو هو.

”سائين اپوح پاسي اچو تہ لموت مون وٽ ضرور اچجو. توهان کي لانچن ۾ سمنڊ جو سير ڪرائيندس.“

آئون کلي ٽٽائيندو هوس. ”شهرل اتي ڪٿي توکي ڳوليندس.“

”لموت ننڍڙي تہ جڳهہ آهي. آئون ئي هڪڙو ڪسٽم جو انجنيئر آهيان.“

”چڱو ائڊريس تنهنجي قابو رکان ٿو.“ آئون چوندو هوسانس.

”ان جي بہ ضرورت ناهي. مون جهڙو گنجو ٻيو توهان کي نظر نہ ايندو. لموت پهچي ڪنهن کي بہ چوندائو تہ مون جهڙو گنجو ڪسٽم آفيسر ڪٿي آهي تہ مون کي اچي اطلاع ڪندا.“

لموت جي تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ڪئالا ڪنگسار يا اپوح وڃڻ ٿيندو آهي تہ اتي بہ جاچيندو هلندو آهيان تہ ڪٿي مون جيڏو، مون جهڙو گنجو ۽ مڇن وارو شهرل حيالي ماڻهن جي ميڙ مان نڪري متان مونکي لموت وٺي هلي لانچ ۾ سمنڊ جو سير ڪرائي ۽ سمنڊ جو سهڻو ڪنارو ڏيکاري جيڪو منهنجي لاءِ ايترو ئي ”تفريح مند“ ٿيندو جيترو ڪنهن باغائيءَ لاءِ سڄو ڏينهن باغ ۾ جهار هڪلڻ بعد شام جو موڪل مهل ڪيس شهر جو چڪر هڻائڻ بدران وري ساڳي باغ ۾ گهلي اچجيس.



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# پلاءُ پينانگ

پينانگ (Penang) ملاڪا نار ۾ ملائيشيا جو هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. هن تر ڏي انگريزن جو سڀ کان گهٽو قبضو پينانگ، سنگاپور ۽ ملاڪا تي رهيو. ۽ هي شهر يا ٻيٽ اهڙا آهن جن تي اڄ به انگريزي تهذيب ۽ ڪلچر جو ٿورو يا گهڻو اثر ضرور آهي. جيتوڻيڪ سنگاپور ۾ ته تمام گهڻو لڳي ٿو جو سنگاپور جي حڪومت انگريزن جي دور جي هر شيءِ ـ ان کان اڳ ۽ پوءِ جي پڻ ـ جنهن جو واسطو تواريخ سان آهي، اها هوبهو اصلي حالت ۾ سانڍيندي اچي. ۽ جيتوڻيڪ لڳي ائين ٿو ته هن پاسي سڀ کان اڳ انگريز سنگاپور ۾ آيا هوندا پر حقيقت اها آهي ته انگريزن جو پهرين پينانگ تي قبضو ٿيو، پوءِ ملاڪا تي ۽ گهڻو پوءِ آخر ۾ سنگاپور تي.

سنگاپور وانگر پينانگ ۾ به انگريزن جون ڪيترين ئي يادون ڇڏيل آهن. جارج ٽائون، پرنس آف ويلس، لائيٽ اسٽريٽ، سويٽنهام پيئر، جالان ويلڊ (جالان ملئي لفظ آهي، معنيٰ رستو، شاهراهه)، جالان مئڪلسٽر، جالان گلئڊ اسٽون، جالان ڪئمپ بيل، وڪٽوريا اسٽريٽ ـ ٻيا ڪيترا اهڙا نالا آهن جيڪي انگريزن سان ئي واسطو رکن ٿا، جيڪي اڄ به هن ٻيٽ پينانگ تي پهچڻ سان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

پينانگ ٻيٽ تي اهو نالو پينانگ نالي هڪ وڻ Pokok Pinang تان پيو، جيڪو هن ٻيٽ تي تمام گهڻو هو. پينانگ ٻيٽ ڪي ڳولي، انهن جي اصلي مالڪن (ملئي حاڪمن کان لڪ پڙهت ۾ هٿ ڪري پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ وارو انگريز ڪئپٽن فرانسز لائيٽ (Francis-Light) هو ـ جنهن جي نالي پينانگ ٻيٽ تي اڄا به ڪيترين ئي شيون آهن: رستا، گهٽيون، بندرگاهه جا ڌڪا ۽ عمارتون وغيره. ڪئپٽن لائيٽ هن ٻيٽ جو اصلي نالو پينانگ بدلائي پرنس آف ويلس ٻيٽ رکيو پر اهو ايترو مشهور نه ٿي سگهيو. باقي ٻيٽ جو مشغول علائقو ـ جيڪو اڄ به هڪ بارونق علائقو آهي ۽ جتان مسافرن کي فيري ڪٽي ملائيشيا جي سرزمين ٻتروٿ پهچائي ٿي، جارج ٽائون جي نالي ڳڌجي ٿو، جيڪو انگلينڊ جي بادشاهه جارج ٽئي جي نالي پنيان رکيل آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ملايا گهمڻ لاءِ نه اهو جارج آيو ۽ نه ان کان پوءِ وارا به بادشاهه ۽ راڻي وڪٽوريل صاحبا. ملايا جي خود مختيار ٿيڻ کان پوءِ ٻارهن سال رکي (سن 1969ع ڌاري) انگلينڊ جي هاڻوڪي راڻي ايلزيبيٿ، شهزادو فلپ ۽ شهزادي ائن پهريون دفعو ملايا (ملائيشيا) گهمڻ آيا.



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پينانگ بيٽ کي انگريز حڪومت لاءِ ڳولي هٿ ڪندڙ ڪئپٽن لائيٽ فرانسز 1740ع ۾ انگليند ۾ ڄائو هو. پاڻ پهرين نيويءَ ۾ هو. ان بعد هڪ مسافر جي حيثيت ۾ جهاز تي ڏورانهن ملڪن جا سير ڪندو رهيو. ان بعد 1765ع ۾ جڏهن هو ڪلڪتي آيو ته ڪيس هڪ ننڍڙي جهاز جي ڪمانڊ ڏني ويئي، جيڪو جهاز ڪلڪتي کان سيام (ٿائلنڊ) ۽ اتر ملايا ٽائين ويو ٿي.

ڪئپٽن لائيٽ ٿائلنڊ جي سيامي ۽ ملايا جي ملئي زبان سکي ورتي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ پاڻ هڪ معزز ماڻهو سمجهيو وڃڻ لڳو. سيامي توڙي ملئي قبيلن جا وڏيرا، اڳواڻ ۽ لٽ سردار هن جي وڏي رهائي ۽ رسائي ڪرڻ لڳا. هنن جي نظرن ۾ هي هڪ اهم شخصيت بڻجي ويو.

بمبئيءَ جو بيٽ جيئن ڏيج ۾ انگريز حاڪم کي مليو هو، تيئن ڪن ڪن هنڌن تي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته ڪئپٽن لائيٽ ڪيداح رياست جي حاڪم جي ڌيءَ سان شاديءَ ڪئي. ان ۾ هي بيٽ ـ پينانگ ڪيس ڏيج ۾ مليو هو. پر اها ڳالهه بنهه غلط آهي. جنهن جو ڪو به پڪو ثبوت نٿو ملي. مارٽينا نالي جنهن عورت سان هو گڏ رهندو هو، ان جي اصل جي ته چڱي طرح ڄاڻ ڪٿي به ڏنل ناهي پر هوءَ يورشين (Eurosian) ضرور هئي. يعني ماءُ پيءُ مان هڪ يورپي هوس ته ٻيو ايشين. پوءِ کي چون ٿا ته هوءَ سيامي پورچوگيز هئي ته ڪي چون ٿا ته ملئي ـ پورچوگيز هئي.

پينانگ بيٽ تن ڏينهن ۾ ڪيداح رياست ۾ هو، جنهن جي مسلمان ملئي حاڪم کان انگريزن هٿ ڪيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ملايا جي مڙني رياستن تي انگريز ائين قبضو ڪري ويا، جيئن ننڍي کنڊ ۾ ڪيائون. اها هڪ دلچسپ ڳالهه ضرور آهي ته انگريزن کان ملايا واپس به ڪيداح جي شهزادي ئي ورتو. اهو آهي تنڪو عبدالرحمان ـ جيڪو ملايا جو پهريون پرائيم منسٽر ٿيو.

1771ع جي ڳالهه آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. باقي هندستان انگريزن جي هٿ ۾ اچي چڪو هو. لارڊ ڪلائيو ڪانپوءِ وارين هيسٽنگس (Warren Hastings) بنگال جو گورنر جنرل ٿيو هو. انگريزن جا واپاري جهاز هندستان کان چين ايندا ويندا رهيا ٿي ـ جيڪو مفاصلو اڄ جي تکن جهازن کي به اٺ ڏهه ڏينهن ۾ پورو ڪرڻو پوي ٿو. تن ڏينهن ۾ انهن سڙهه جي جهازن کي ته مهينا لڳندا هئا. ۽ انڊيا کان چين ٽائين رستي تي ڪين ڪاڏي پيتي، مرمت ۽ فرحت وٺڻ جي تمام گهڻي ضرورت پوندي هئي. پر واٽ تي ڪا به انگريزن جي ٻي ڪا بينڪ نه هئي. (سماترا بيٽ تي پنچولين جو بندرگاهه ضرور هو پر اهو نه سٺائو هو ۽ نه رستي تي پيو ٿي) ڪئپٽن لائيٽ انڊيا جي


ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

گورنر جنرل کي ان ڳالهه لاءِ پينانگ ٻيٽ هٿ ڪرڻ لاءِ چيو پر انگريز گورنر رضامندي نه ڏيکاري. ڪئپٽن لائيٽ به نه ڇڏيو. وقت بوقت کيس مطمئن ۽ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. آخرڪار جون 1776ع ۾ هن جي من جي مراد پوري ٿي ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ لاءِ، ڪيداح جي راجا کان هي پينانگ جو ٻيٽ حاصل ڪيو ويو.

هڪ ڳالهه آهي ته اڳ جي سوچ ۾ انگريز بيحد ڏاها هئا. هنن پينانگ کي ان ڪري حاصل نه ڪيو ته اهو ڪو وڏو ۽ شاهوڪار شهر هو پر ان ڪري جو هن جي جاگرافيائي طور اهميت هئي. جڏهن انگريزن جو پينانگ ٻيٽ تي قبضو ٿيو ته ان وقت پينانگ ٻيٽ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، جنهن ۾ غريب هارين ۽ مهاڻن جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ گهر هئا، ٻيو چوڌاري جهنگل ئي جهنگل هو. پوءِ ان جهنگل کي ڪئپٽن فرانسز لائيٽ ڏاهيو جوڙيو. جيڪو هينئر پينانگ ٻيٽ جو اهم حصو جارج ٽائون جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اتي ماڻهن کان پهريائين جهنگل ڪٽريائين. گاهه، ٻلها وڻ، جانور جيت مڇر اهڙين حالتن ۾ ڪم ڪرڻ ڪو چرچو نه هو. ان بابت، تن ڏينهن ۾ ڪئپٽن فرانسز جا لکيل خط ۽ ڊائريون انگلينڊ ۾ اڃا تائين محفوظ آهن. انهن ڏينهن جي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو ته.......

”وڻ ڪٽڻ ۾ اسان جون ڪيترين ئي ڪهاڙين ۽ ڪوڏرون ڀڄيو پون. وڻ ايڏا ٿلها ۽ سخت آهن جو اهي لوهه جون شيون ائين ڇيڀون ٿيون وڃن، ڄڻ شيهي جهڙي نرم ڌاتوءَ جون هجن.“

انهن ڏينهن جي اها ڳالهه مشهور آهي ته ڊگهو ۽ گهاٽو گاهه صاف ڪرائڻ لاءِ ڪئپٽن فرانسز توپ ۾ سڪا وجهي فائر ڪندو هو. پوءِ لوڪل ماڻهو انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گاهه صاف ڪندا اڳتي وڌندا هئا. ڪجهه حصو صاف ٿيڻ بعد ڪيداح رياست کان لڏي آيل ماڻهن کي اتي هڪ ننڍڙي بازار ۽ گهر ناهڻ جي موڪل ڏني ويئي. نئين شهر لاءِ نقشو پڻ ناهيو ويو. اڄ جي لائيٽ اسٽريٽ، پٽ (Pit) اسٽريٽ ۽ مارڪيٽ اسٽريٽ شروعاتي رستا هئا ۽ پينانگ ٻيٽ جي جارج ٽائون شهر جي شروعات اتان ٿي. مختلف قومن جي ماڻهن کي شهر جي مختلف علائقن ۾ رکيو ويو. اهي گهٽيون ۽ پاڙا اڄ به انهن جي نالن سان مشهور آهن. جهڙوڪ: چوليا (تامل) اسٽريٽ، ملئي اسٽريٽ، چائنا اسٽريٽ وغيره.

11 آگسٽ 1776ع تي ڪئپٽن لائيٽ انگريزن جي آيل چند جهازن جي عملي، سؤ سوا سؤ فوجين ۽ سپاهين جي موجودگيءَ ۾ پينانگ ٻيٽ جو نالو بدلائي پرنس آف ويلس رکيو ـ جيڪو هن جو جنم ڏينهن هو. پر پوءِ جيئن مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته اهو


ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

نالو مشهور نہ ٿيو. ويندي سرڪاري ڪاغذ پٽن ۾ بہ اهو نالو استعمال نہ ٿيو. ۽ اڄ تائين پراڻو نالو پينانگ سڏجڻ ۾ اچي ٿو. (پلاءُ Pulau ملئي زبان ۾ ٻيٽ کي چون). ۽ ٻيٽ جو اهو حصو جنهن ۾ متيون گهٽيون ۽ شهر ٻڌو ويو، ان جو نالو جارج ٽائون پڻ ان ڏينهن تي رکيو ويو، جيڪو البت اڄ تائين مشهور آهي.

پينانگ ٻيٽ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو هِتان ۽هتان جي جڳهين ۽ جهازن جا ماڻهو انگريزن ڪان موڪل ونئي هتي رهڻ لڳا. ڪجهہ تہ ڪم ڪارين لاءِ انگريزن پنهنجي ٻين ٻينڪي ملڪن ڪان، جهازن ۾ ماڻهو آندا. ۽ ڪجهہ تہ ملائيشيا جا اصل باشندا بہ نوڪري ۽ پورهئي لاءِ رهڻ لڳا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٻن سالن اندر هن ٻيٽ جي آدمشماري ڏهہ هزار تي ويئي. سڀ ڪان گهڻا ملئي ۽ تامل هئا، جيڪي ڪيداح رياست ۾ گهڻو اڳ ڪان رهيل هئا. تن ڏينهن ۾ ملاڪا ۾ ڊچن جو راڄ هو انهن ملاڪا ۾ رهندڙ چينين کي هن ٻيٽ تي اچڻ ڪان جهليو ٿي نہ تہ اڄا بہ تعداد وڌيڪ هجي ها. (بهرحال پوءِ سگهوئي ـ ڏ٘ون ڏهن سالن اندر ـ 1795ع ۾ انگريزن ملاڪا پڻ فتح ڪيو ۽ پينانگ ۾ سڀ ڪان گهڻا چيني ئي رهڻ لڳا).

ڪئپٽن فرانسز ڪارن والس قلعي (Fort Cornwallis) ۾ رهندو هو، جيڪو اڄا تائين موجود آهي.

باقي ملايا وانگر هن ٻيٽ تي بہ گهاٽن جهنگلن ۽ پوسل ڪري مڇر ۽ مليريا تمام گهڻي هئي. مليريا جو علاج اڄا شايد ايجاد نہ ٿيو هو ـ يا اڄا عام نہ ٿيو هو، جو ڪئپٽن لائيٽ فرانسز مليريا جي ڪجهہ حملن بعد جيئرو رهي نہ سگهيو ۽ 1794ع ۾ گذاري ويو. سندس قبر نارٿام (Northam) روڊ تي عيسائين جي قبرستان ۾ آهي. وقت جي هوائن ۽ بارشن سندس قبر تي لڳل ڪتبي کي جيتوڻيڪ ڳاري ڇڏيو آهي پر تڏهن بہ غور سان ڏسبو تہ انگريزيءَ ۾ لکيل هيٺيون سِٽون صاف نظر اينديون.

Beneath this Stone
Lieth the Remains of
Francis Light
Who First Established
This Island as a British Settlement
Died 21st October, 1794.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...وانس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪئپٽن فرانسز لائيٽ جي مرڻ بعد، ايسٽ انديا ڪمپني هن ٻيٽ جي حڪومت مختلف ماڻهن ذريعي هلائيندي رهي. ميجر فوريس مئڪڊونالڊ فقط ٻه چار سال رهيو ۽ انهن ڏينهن ۾ انتظاميه جي خيال کان پينانگ کي بنگال صوبي سان ملايو ويو هو. ان بعد 1800ع ڌاري ايسٽ انديا ڪمپنيءَ حڪومت جو نظام بدلائي ڪئپٽن سر جارج لئيٿ (George Leith) جي حوالي ڪيو. سر جارج اچڻ سان ڪيداح جي راجا کان مين لئنڊ جو ڪجھ حصو (ٻترورٿ) وارو ٽڪرو پڻ ورتو ۽ ان جو نالو ويلسلي صوبو (Wellesley Province) رکيو ـ جيڪو ارڙهن ميل ڊگھو ۽ ٽي ميل ويڪرو هو. ان جي بدلي ۾ انگريزن ڪيداح جي راجا کي ساليانو ڊل (Stipend) ڇهن هزارن مان وڌائي ڏهه هزار ڊالر ڏيڻا ڪيا. اهو علائقو هٿ ڪرڻ سان پينانگ ٻيٽ ۽ بندرگاهه ۾ جيڪي چوريون ۽ ڦرون ٿينديون هيون سي بند ٿي ويون. واپار وڙي ۽ جهازرانيءَ ۾ سهوليت ٿي ويئي ۽ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچڻ لڳو. نه ته مين لئنڊ (ڪناري) کان چور ٺڳ وجھ ملڻ تي بندرگاهه يا ٻيٽ تي ڦر لاءِ هليا ويندا هئا.

پينانگ ۾ هڪ ڊڪنس اسٽريٽ (Dickens) آهي. اها مسٽر جان ڊڪنس جي نالي آهي، جيڪو مشهور ناول نويس چارلس ڊڪنس جو چاچو هو. هو پينانگ ۾ 1801 ۾ جج ٿي آيو هو. ان کان اڳ بنگال ۾ مشهور بئريسٽر ٿي رهيو هو.

سر جاج ليٿ کان پوءِ 1804ع ۾ مسٽر فارقهار (Farquhar) پينانگ ٻيٽ جون واڳون سنڀاليون. سندس نالي جو رستو سمنڊ جي ڪناري تي اجا تائين آهي، جنهن تي اڄڪلهه هوٽل اِي ائنڊ او (E & O) آهي ۽ پر ۾ هوٽل مرلين آهي.

ٻيٽ تي آهستي آهستي واڌارو ۽ سڌارو ايندو رهيو. ايسٽ انديا ڪمپنيءَ جا انديا کان چين ويندڙ ۽ موٽندڙ جهاز نه فقط پينانگ ۾ ترسي ساهي پٽيندا هئا پر منجهن ڪاريون مريون، لونگ ۽ ٻيو گرم مصالو پڻ هتان روانو ٿيندو هو.

13 سيپٽمبر 1805ع تي پينانگ ۾ Ganges نالي هڪ جهاز انگلينڊ کان پهتو. ان ۾ نئون گورنر مسٽر فلپ ڊانڊاس پنهنجن ٽن ڄڻن جي مددگاري عملي سان گڏ لٿو. انهن ۾ هڪ ڊپٽي سيڪريٽري ٿامس اسٽئمفورڊ رئفلس نالي پڻ هو ـ جنهن اڳتي هلي سنگاپور جو ٻيٽ هٿ ڪيو ۽ ان کي ٺاهيو جوڙيون. نوجوان رئفلس جو مشرق پاسي هي پهريون سفر هو.

1807ع ۾ نئون آيل گورنر فلپ مري ويو. رئفلس ڊپٽي سيڪريٽريءَ مان سيڪريٽري ٿيو. ان کان علاوه رجسٽرار آف ڪورٽس جو عهدو به سنڀالڻ لڳو. رئفلس


ڪتاب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جي اچڻ وارن ڏينهن ۾ پينانگ جو بيٽ، انگريز سرڪار، درجو وڌائي ڪيس مدراس ۽ بنگال وانگر الڳ فرسٽ ڪلاس پريزيڊنسي جي درجي تي رکيو.

پينانگ ۾ پهرين ڪورٽ 1809ع ۾ ناهي ويئي، جيڪا عمارت مڙيئي سؤ سال ڪن رهي. ان بعد 1904ع ۾ اها ڊهرائي ان جي جاءِ تي اڄ واري سپريم ڪورٽ جي عمارت ٺهرائي ويئي.

1795ع ۾ ڊچن، جن جي ملاڪا تي حڪومت هئي، آڻ مڃي ۽ ملاڪا تي پڻ انگريزن جو قبضو ٿيو. 1808ع ۾ ٿامس اسٽئمفورڊ رئفلس کي ملاڪا ۾ رکيو ويو. انهن ڏينهن ۾ گڏيل هندستان جو گورنر جنرل لارڊ منٽو هو، جنهن کان انتظام سنڀالڻ جي سلسلي ۾ مختلف حڪم ملندا هئا. 1811ع ۾ جاوا سان لڙائيءَ جي سلسلي ۾ لارڊ منٽو پينانگ پڻ آيو هو. بهرحال هي سڀ ڳالهيون هن وقت عجيب لڳي رهيون آهن جو ننڍي هوندي اسڪولي ڏينهن ۾ انڊو پاڪ جي تواريخ ۾ جڏهن لارڊ هئسٽنگس يا لارڊ منٽو جهڙا نالا پڙهندا هئاسين ته اهوئي سمجهندا هئاسين ته انهن جو واسطو فقط هندستان تائين محدود آهي. پر هاڻ خبر پوي ٿي ته پينانگ ۽ سنگاپور جهڙا بيٽ جيڪي هندستان کان فاصلي جي لحاظ کان جيتوڻيڪ تمام ڏورانهان هئا پر انتظاميه جي لحاظ سان تمام گهڻو ڳنڍيل هئا.

مسٽر فلپ بعد پينانگ جو مئڪ السٽر (Mcalister) ۽ پوءِ بروس (Bruce) گورنر ٿيو. انهيءَ دوران انگريزن رئفلس ذريعي سنگاپور پڻ حاصل ڪيو. سنگاپور جي آزاد بندرگاهه هجڻ ڪري پينانگ تي وڏو اثر ٿيو ۽ ڪيترا واپاري پينانگ کان لڏي سنگاپور وڃي رهيا. 1926ع کان پوءِ انگريز سرڪار پينانگ، ملاڪا ۽ سنگاپور جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ هڪ ئي حاڪم، انڊيا جي چوٿين پريزيڊنسي هيٺ مقرر ڪيو. ۽ جيئن ئي سنگاپور وڌيڪ وڌڻ لڳو ته گورنر پنهنجا هيڊ ڪوارٽر اوڏانهن قائم رکيا ۽ باقي ٻن بيٽن: ملاڪا ۽ پينانگ جو انتظام هلائڻ لاءِ ريزيڊنٽ قونصلر مقرر ڪيا ويا.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# هوٽل اورينٽل

گذريل دفعي پينانگ ۾ پينانگ روڊ تي اورينٽل هوٽل ۾ رهيس. پر ۾ هوٽل ملائيشيا، انٽر ڪانٽيننٽل، فيڊرل ۽ ائمبسڊر پڻ آهن. سيئي هوٽلون، انهن ڏينهن ۾ ٽوئرسٽن جي همٿ افزائيءَ لاءِ پنجاهه کن سيڪڙو چوٽ ڇڏي رهيون هيون. ان حساب سان هوٽل جي ڪمري جي مسواڙ چاليهن کان سٺ ڊالر تائين ٿي ٿي. مون مٿئين ماڙ تي رهڻ چاهيو ٿي. اورينٽل هوٽل ۾ نائين ماڙ تي ڪمرو مليو ويو ـ پنجيتاليهه ڊالرن ۾ ـ يعني اڍائي سؤ رپين ۾. مون ماستر ۽ ليڪڪ ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي خرچ تي رهڻ لاءِ اهو به مهانگو هو. جيتوڻيڪ ڪوشش ۾ هوندو آهيان ته اجا به ڪا سستي رهائش ملي. پر پوءِ اهو سوچي خوش ٿي ويس ته اڄ کان ڇهه سال کن اڳ حيدرآباد جي هڪ هوٽل ۾ رات ٽڪيو هوس ته ان جي ئي مسواڙ، ٽڏهن، ٽي سؤ رپيا هئي. واڌو سروس ٽئڪس، گورنمينٽ ٽئڪس ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا ٽئڪس جيڪي پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ عام هجڻ ڪري ملڪي توڙي ڌاريون ٽوئرسٽ هوٽل ۾ رهڻ کان ٿهي ٿو. ان کان علاوه بئري کي ٽپ، پنگياٽيءَ کي ٽپ ۽ هوٽل جي گيٽ تي بيٺل نوڪر کي ٽِپ ـ جو جو اسانجي ملڪ ۾ ڪيترين ئي هوٽلن جا مالڪ پنهنجن ملازمن کي بنا پگهار جي رکن ٿا. انهن جو گذارو هوٽل ۾ رهندڙ مهمانن جي خرچيءَ تي ئي رهي ٿو.

اورينٽل هوٽل جو ڪمرو اميد کان وڏيڪ سٺو هو. لڳي ٿو ته هوٽل هن سال نئين نهي هجي جو سندس ايئرڪنڊيشنر توڙي باٿ روم جا نلڪا ۽ فرش بهترين حالت ۾ هئا. پٽ تي پٽ کان پٽ تائين وڇايل غاليچو پڻ صاف سٿرو هو، جنهن تي ڪٿي به هاريل ڪوڪا ڪولا يا شراب جا داغ نه هئا ۽ نه دڪيل سگريٽ ڪِرڻ جا ٽنگ ٽنگ ـ جيڪي هن پاسي جي هوٽلن ۾ه عام هوندا آهن، ڪنڊ ۾ رکيل ٽي وي ۽ ٽيليفون ـ بيو چا ڪپي.

دريءَ جو پڙدو ريڙهي ڏٺم. مون وارو ڪمرو هوٽل جي پٺ وارو هو. هيٺ هڪ وڏي مسجد هئي، جنهن جي هڪ حصي جي مرمت هلي رهي هئي يا عيد ويجهي هجڻ ڪري رنگ روغن ٿي رهيو هو. مسجد جي در مٿان مسجد جو نالو ملئي زبان (رومي ۾ جوي لکٽي) ۾ ”مسجد بنگالي“ پينٽ ٿيل هو. پر ۾ پارڪنگ جي جاءِ هئي، جتي هوٽل ۾ اچڻ وقت ڪار پارڪ ڪري آيو هوس. پارڪنگ جو Jaga (ملئي لفظ. معنيٰ: اوجاگو ڪندڙ يعني چوڪيدار) عثمان نالي هڪ ملباري هو ـ جنهن جا ابا ڏاڏا ضرور ڪنهن



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

دور ۾ انديا جي ملبار ڪناري ڪان هتي آيا هوندا. امام واري ڪمري ۾ جيڪو اڇي وڏي چاپئين ڏاڙهيءَ سان همراهه اچي وڃي رهيو هو سو ملئي نتي لڳو. ”پڪ بنگالي يا نديءَ ڪنڌ جي ڪنهن ٻئي صوبي جو هوندو.“ مون سوچيو ۽ پني تي نوٽ ڪيو ته ٻئي ڏينهن ڪار ڪيڻ ڪان اڳ پهرين ان مسجد ۽ امام بابت ڪجهه احوال معلوم ڪندس.

دريءَ ڪي پردو ڏيئي هڪ دفعو وري ڪمري جو جائزو ورتم. لکڻ جي ٽيبل مٿان، هوٽل جي انتظاميه طرفان ايندڙ مهمان لاءِ انگريزي، ملئي ۽ چيني زبانن ۾ سرڪيولر (اطلاع) لڳل هو: ”ڪمري مان ٽوال، چادر، فريم ٿيل تصوير يا ٽيبل ليمپ کڻڻ جي منع آهي.“ سو مون فقط ائش ٽري ماچيس، هوٽل جي نالي واري پين ۽ لفافا کڻي بئگ ۾ وڌا. ۽ پوءِ ٽي وي آن ڪري سامهون ڪوچ تي ويٺس. RTM 2 تي ڪا هندي (انڊين) فلم هلي رهي هئي، وڌاتا، چڱي دلچسپ لڳي ٿي. پر ڪافي هلي چڪي هئي. فلم جو هيرو نرگس جو پٽ سنجي دت هو ۽ هيروئن پدمني ڪولها پوري هئي ـــ جيڪا انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ جي پٽ چارلس ڪي، پبلڪ ۾ چمي ڏيڻ ڪان مشهور آهي، جڏهن هو سرڪاري دوري تي هندستان گهمڻ آيو هو. فلم ۾ هيرو جو ڏاڏو دليپ ڪمار ٿيو هو، جيڪو نه فقط گذريل دور ۾ نديءَ ڪنڌ جي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو پر اڄ به سندس بهترين ائڪٽنگ جي تعريف ڪئي وڃي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته وڏي عمر ڪري هاڻ هو هيرو بدران پيءُ يا پوڙهي جو پارٽ ادا ڪري ٿو، جيئن هن فلم وڌاتا ۾ ڏاڏي جو رول ڪيو آهي. هن فلم (وڌاتا) ۾ هڪ ٻي اهم شخصيت شمي ڪپور به نظر اچي رهيو هو.

ڪنهن زماني ۾ 1968ع، 1969ع ۽ 1970ع ڌاري، هي ٻم گولي جهڙو شمي ڪپور اسان جهازين جو من پسند هيرو هوندو هو ۽ دلين تي رراڄ ڪندو هو. ۽ هيروئنن مان آشا پاريک، وحيده رحمان ۽ نواب پٽوديءَ جي زال شرميلا ٽئگور ۽ سنڌي ائڪٽريسن: ساڌنا ۽ ڪمود ڇڳاڻيءَ جا ڪئلينڊر ۽ فريم ٿيل فوٽو براڊ فورڊ، بمبئي، ڪراچي، ممباسا، دبئي ۽ ڪيپ ٽائون جهڙن شهرن جي فٽ پاٿن تي وڪامندي نظر ايندا هئا ۽ اهي انڊين پڙدي جون پريون جويون يا قابل قبول هيروئنون سمجهيون وينديون هيون. شمي ڪپور جي فلم ”ايوننگ ان پئرس“ لبنان جي شهر طرابلس (هڪ طرابلس لبيا ۾ به آهي) ۾ لڳي ته ان ڪي ڏسڻ لاءِ اسان بيروت ڪان بس ۾ چڙهي، هلي ملي فلم ڏسڻ لاءِ طرابلس ويا هئاسين. (تن ڏينهن ۾ وي سي آر اڃا نه نڪتو هو جو فلم جهاز تي گهرائي ڏسجي) اڄ ڪنهن ڪي ٻڌائجي ته پندرهن سورهن سال اڳ ششي ڪپور جو هي ٿلهو ڀاءُ شمي ڪپور اسان جهازين جو دلپسند هيرو هو ته ڪو يقين ئي نه ڪندو. بهرحال اها ٻي ڳالهه آهي ته شمي ڪمپور فلمي دنيا ۾ ڪو گهڻو نه چمڪيو. سال ڏاڍي بعد راجيش


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

سنڌ سلامت ڪام

ڪنا سيني کان اڳيرو نڪري ويو. ۽ پوءِ جڏهن جو جهاز ڪولمبو، سنگاپور ۽ ڪوالالمپور جهڙن بندرگاهن ۾ لنگر انداز ٿيندو هو ته ان جي فلمن لاءِ سئنيما هالن ۾ ڇڳا ڇڪر هٽندا هئاسين. ٽڪيٽ گهرن اڳيان ڇگين ڏگهين قطارن ۾ ڇگو وقت وڃايوسين. انهن ڏينهن جي هڪ فلم: "هاٿي ميري ساٿي" اڄ به ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ مشهور آهي ۽ ماڻهن جي "پر زور اسرار" تي ملائيشيا جي ٽي ويءَ تان گذريل مهيني ڏيکاري ويئي هئي.

راجيش ڪنا سان گڏ اميتاڀ بچن تمام گهڻي پئماني ۽ تمام گهڻي عرصي لاءِ مشهور ٿيو ۽ اڄا تائين ڪو بيو ان کان اڳيرو نه نڪتو آهي.

ٽي وي تي شمي ڪپور هن وقت ڪجهه ڊائلاگ ڳالهائي رهيو آهي. ٽي ويءَ جي اڌ اسڪرين سندس پيٽ ولاري ڇڏيو آهي ۽ اڌ سندس ڳري منهن ۽ ملئي زبان جي ترجمي. اسان جي ڪنهن زماني جي دلپسند هيرو ڪي خبر ناهي ڪهڙين مناين، پٽاڻن ۽ گهريچي گيهه مڪڻ يڪدم ههڙو بڻائي ڇڏيو. اٿي ٽي وي بند ڪريان ٿو ۽ ڪرسيءَ تان وڏو توال ڪڻي وهنجڻ لاءِ باٿ روم ۾ گهڙان ٿو.

ڪجهه ڏينهن اڳ عنايت بلوچ جو سفرنامو "پرين جي پرديس" پڙهيو هوم. هو به هن شهر پينانگ ۾ رهي ويو آهي. بلڪ هن ئي هوٽل اورينٽل ۾. ڪمرو خبر ناهي ڪهڙو هجي يا ڪو بيو. ڪجهه مهينا اڳ ڪراچيءَ کان منير چانڊيو پڻ هتي پينانگ ۾ آيو هو. هو به هن ئي هوٽل ۾ رهي ويو. ٿي سگهي ٿو هن ئي ڪمري ۾ رهيو هجي پر زمان بيو هو. پنهنجي وطن کان دور اهو سوچي ڪيڏو عجيب لڳي رهيو آهي.

پينانگ اچڻ کان اڳ، پينانگ جي هڪ اديب وڪيل دوست سيشل راجيندرا (Cecil Rajendra) کان رهائش جو پڇيو هوم ته هن پڻ هن هوٽل جو نالو ورتو. "منهنجا اديب دوست اڪثر اورينٽل هوٽل ۾ ئي اچي رهندا اهن."

آئون جيتوڻيڪ بي خياليءَ ۾ هن هوٽل ۾ اچي نڪتس پر هاڻ سوچڻ لڳس ته هن هوٽل ۾ عنايت بلوچ، منير چانڊئي کان علاوه خبر ناهي بيا ڪيترا ۽ ڪهڙا اديب، شاعر، پاڪستان، ملائيشيا ۽ بين ملڪن کان هتي رهي ويا هوندا.

وهنجڻ بعد، سيشل راجيندرا کي فون ڪري پنهنجي اچڻ جو ٻڌائي ڪانئس خبرچار ورتم. ملائيشيا جو هي شاعر راجيندرا پينانگ ۾ ئي جائو. شروعاتي تعليم سينٽ زئويئر (St-Xavier) انسٽيٽيوٽ مان وٺڻ بعد يونيورسٽي آف سنگاپور مان تعليم حاصل ڪيائين ۽ ان بعد لنڊن جي مشهور ڪاليج "لنڪن ـ ان" مان بئرسيٽر آف لا 1968ع ۾ پاس ڪيائين. لنڊن ۾ تعليم دوران پاڻ مختلف پورهيا ڪيائين. هو بورچي



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ٿي رهيو، نوڪر، مزور، مارڪيٽ ريسرچر، ۽ پوءِ قانوني صلاحڪار پڻ. اڄڪلهه هو پينانگ شهر ۾ ئي وڪالت ڪري ٿو. ان سان گڏ فٽ بال ڪيڏي ٿو ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري پڻ ڪري ٿو. سندس شاعريءَ جا ڪجهه مجموعا پڻ ڇپجي چڪا آهن جن مان Bones & Feathers ۽ Hour of Assassins بيحد مشهور آهي. بلڪ منهنجي ساڻس واقفيت بہ سندس ڪتابن معرفت ٿي هئي. سندس بہ مشهور آزاد نظم جيڪي هن وقت مون وٽ لکيل آهن:

**HUSTLERS**

Baggers
Cockroach our city
Politicians
In their Mercedes
Whizz by in luxury
As long
As one man
Has no shirt
And his M.P.
Has Two…..
Count me out
Of any party!



ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

**COST OF LIVING**

Ever since I was born
Everyone’s been complaining
How the cost of living
Just keeps soaring:
Tea from Ceylon
Rice from Burma
Coffee from Brazil
Sugar from Jamaica
Butter from New Zealand
Meat from Argentine
Yes, there’s no denying
The cost of living
Has been rising
Ever since I was born
Yet, U haven’t heard
A single complaint
Since the day I arrived
How the price of human lives
Has been taking a nose – dive.
In Hiroshima
Nips never went cheaper
So did the Jews in Auschwitz
Black – as you know
Are pretty cut – price everywhere



www.sindhsalamat.com

كتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

Harlem or South Africa

Makes no difference where you pick your nigger.

The cost of a Cong keeps dropping in Saigon.

Babies from Biafra were offered as free gifts.

Not to mention the latest nominal sum

We paid for 3 million Bengalis.

Ever since I was born

The cost of living

Has been getting rather steep

The cost of a life

Has never been so cheap!


ڪتب خانو...وائس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# بنگالي مسجد.پينانگ

پينانگ ٻيٽ تي جنهن هوٽل ۾ رهيل هوس، ان جي سامهون بنگالي مسجد هئي. پر ۾ هوٽل ۾ رهندڙن جي گاڏين لاءِ پارڪنگ نهيل هئي.

ڪار پارڪنگ جي انچارج ـ عثمان ملباريءَ ٻڌايو تہ بنگالي مسجد جو امام بنگالي آهي جيڪو مسجد جي در وٽ ئي نظر آيو. مون هن ڏانهن نهاري سلام ڪيو. پاڻ بہ مرڪندي وڏي واڪي سان جواب ڏنائين، ”وعليڪم سلام.“

آئون ڪجھ پڇانس، ان کان اڳ پاڻ اڙدوءَ ۾ ڪيڪاريائين:

”ڪيسا هي؟“

”نيڪ هي.“ مون بہ ساڳي نموني واري اڙدوءَ ۾ جواب ڏنومانس جيڪا پاڪستان هندستان کان ٻاهر ٻين ديسن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. مولوي صاحب جي هٿ ۾ چاٻي ڏسي پڇيومانس: ”توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟“

”نہ. هتي ئي ٻاهر تاج محل ريسٽورنٽ ۾ ماني کائڻ پيو وڃان.“ هن ٻڌايو.

”توهان سان ملي خبر چار وٺڻ ٿي چاهيم. پر هاڻ ڀلي توهان ماني کائي اچو. پوءِ ڪنهن ٻئي دفعي.“ مون چيومانس.

”نہ. نہ مڙيئي خير آهي. اچو اچو.“ پاڻ وڏي قرب سان مسجد اندر امام واري ڪمري ۾ وٺي آيو. ”منهنجو هي گھر آهي.“

سندس ڪمري جي پر ۾ ٻيا بہ ٻہ ڪن ڪمرا هئا. ڳپل اڳڻ بعد متاهين چٽ واري مسجد هئي، جنهن ۾ هزار ڪن ماڻهو نماز لاءِ ويهي سگھن. امام جو ڪمرو بہ چڱو وڏو هو. پٽ تي فراسيءَ جهڙي گلم متان ڪڪن جي سنهي تونئري وڇايل هئي. چوڌاري ڪيترائي مذهبي ڪتاب رکيل هئا. هڪ پاسي کان سندس لوهي پيتي ۽ سامان جون ٻيون هڙون هيون. مون ڪانئس ڪجھ سوال پڇيا. جهڙوڪ:

نالو؟

”مولانا الحاج ذوالفقار علي چوڌري“


ڪتب خانہ...وٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

عمر؟

”پنجاسي سال.“

اصل ڪٿي جا آهيو؟

”اصل بنگلاديش جي نوا کلي ضلعي جي شهر صوباپور جو آهيان.“

هتي ملائيشيا ۾ ڪڏهن آيائو؟

”چگو وقت ٿيندو. اجا بنگلاديش مشرقي پاڪستان هو. شايد 1970ع ڌاري.“

هتي توهان پاڻ آيائو ۽ پوءِ رهي پيائو يا ڪو مت مائٽ توهان کي هتي وٺي آيو؟

”مون کي دراصل هتي جي حڪومت گهرايو. هن مسجد جو اڳوڻو امام گذاري ويو هو . سو کين ڪنهن امام جي ضرورت هئي. هتي رهندڙ ڪيترن ئي بنگالين ۽ پاڪستان جي پنجابي مسلمانن مونکي سڃاتو ٿي. انهن مون لاءِ سفارش ڪئي.“

چا هي توهان لاءِ پهريون دفعو ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ جو موقعو هو يا ان کان اڳ به نڪري چڪا هئائو؟

”هونءَ حج ڪرڻ لاءِ ته ڪيترائي دفعا سعودي عرب وڃڻ جو شرف مليو آهي. باقي هتي اچڻ کان گهٽو اڳ آئون برما جي شهر شوجين جي هڪ مسجد ۾ چار سال امام ٿي رهيو آهيان.“

پوءِ اها مسجد ڇو ڇڏيانو؟

”ڇو ڇڏيم؟ نه ڇڏيان ها. پر ٻي وڏي لڙائي جا لڳي ته جپاني فتح مٿان فتح ڪندا اچي برما کان نڪتا. تن ڏينهن جي سرڪار ـ انگريز بادشاهه جڏهن ڏٺو ته هو هاڻ جپانين جو مقابلو نٿا ڪري سگهن ته پاڻ به ڀڄي نڪتا ۽ اسان (نندي ڪند جي ماڻهن) کي به خبردار ڪيائون ته بابا هاڻ هرڪو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري. هرڪو ڀڄي پاسو ڪري. شوجين شهر ۾ ٻيا به ڪيترائي اسان جي تر جا بنگالي رهيل هئا. سڀ پيرين پنڌ نڪري پياسين. ڀٽڪندا ڀٽڪندا ٻڪون ڪاٽيندا، جبل، جهنگل ۽ درياهه لتاڙي اچي پنهنجي ڳوٺان نڪتاسين. ڄڻ نئين حياتي ملي.“

چاچا گهٽا ڏينهن لڳا پنڌ ۾؟ مون پڇيومانس.



ڪتب خانه... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”هڪ مهينو تيرهن ڏينهن ـ يعني پورا تيتاليهه ڏينهن.“

اها ڪهڙي سن جي ڳالهه آهي؟

”1941ع جي.“

ان وقت توهان جي عمر ڇا هئي؟

”ايڪيتاليهه سال. آئون پوري 1900ع ۾ ڄائو آهيان.“

توهان بنگالي تي ڪري تمام سٺي اڙدو ڳالهايو ٿا. تعليم دوران آئون به ٻه سال ڪن بنگال ۾ رهيو آهيان پر مون اهڙي سٺي اڙدو ڪنهن بنگاليءَ کان نه ٻڌي.

”آئون ته لکي به ڄاڻان ٿو.“ اهو چئي، بنگالي مسجد جي امام مولانا ذوالفقار وهاڻي هينان خط ڪڍي ڏيکاريو، جيڪو هن ڪجهه گهڙيون اڳ پنهنجي پٽ کي لکيو هو. تمام سهڻي رائيٽنگ هئي.

لڳي ٿو ته توهان تعليم دهلي، لکنو يا ڪراچي، لاهور ۾ ورتي هجي؟ مون پڇيو مانس.

”نه. اسان جڏهن ننڍا هئا سين ته اسان کي مذهبي تعليم عربي، فارسي ۽ اڙدوءَ ۾ ڏني ويندي هئي. چٽگانگ ۾ ”مدرسه لطيفيه مير سراءِ“ تمام مشهور هو، جنهن جا استاد وڏي هاڪ وارا ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: استاد مولانا نور الحق صاحب ۽ مولانا محمد احمد صاحب وغيره. جيڪي منهنجا پڻ استاد رهي چڪا آهن ۽ آئون ان ۾ تيرهن سال عربي، فارسي ۽ اڙدو پڙهيس. منهنجو هڪ استاد پاڪستان جو مفتي زين العابدين پڻ هو.“

اهو مدرسو اڃا آهي يا نه؟

”اڃا آهي. پر هاڻ منجهس رڳو عربي ۽ بنگاليءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو.“

ان وقت ۾ جيڪي ڪتاب توهان کي پڙهايا ويندا هئا، انهن مان ڪن جا نالا ياد آهن؟ مون پڇيو.

”گلستان، بوستان، پندناما ۽ محمد فيوض ۽ ظاهر آهي سڀ کان گهڻو زور قران شريف، حديث ۽ فقي تي هوندو هو.“


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

زندگيءَ ۾ بي بہ ڪا نوڪري، توهان ڪئي؟

”نہ. منهنجي سڄي ڄمار پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذري آهي.“

اڪيلا آهيو يا شادي شده؟

”زال اٿم. ٻار اٿم.“

ڪٿان شادي ڪئي اٿو؟ برما مان، بنگلاديش مان يا هتان ملائيشيا مان؟

”پنهنجي وطن نواکليءَ مان“

اولاد ڪيترو اٿو؟

”ماشاءَ الله گهڻو ئي اٿم. اٺ ڏيئون هڪ پٽ. سيني ڇوڪرين جي شادي ٿي ويئي آهي. ڏهٽا ۽ ڏهٽيون بہ اٿم. پٽ سڀ ۾ ننڍو آهي. نالو عزيز باري چوڌري اٿس ۽ چٽگانگ ۾ مير سراءِ ڪاليج ۾ پڙهي ٿو.“

منهنجو ڪڏهن چٽگانگ وڃڻ ٿيو تہ ساڻس ضرور ملندس. مون چيومانس.

”ضرور. پٽ کان علاوه منهنجو وڏو ناٺي بہ چٽگانگ ۾ آهي. سندس نالو امير حسن چوڌري آهي ۽ اتي ڪامرس جو پروفيسر آهي. سڀ ۾ ننڍو نالي عليم اختر ٻنيا پڻ اتي آهي. هو ڊاڪٽر آهي.

هيءَ مسجد ڪيترو پراڻي آهي؟

”چيو وڃي ٿو تہ ڏيڍ سؤ سال کان بہ پراڻي آهي.“ مولانا ٻڌايو.

تنهن جي معنيٰ تہ هيءَ ”بنگالي مسجد“ پينانگ ٻيٽ تي سڀ ۾ پراڻي آهي؟ مون پڇيو.

”ها تمام پراڻي مسجد آهي پر ان کان وڌيڪ پراڻي مسجد ڪپتان ڪلنگ مسجد آهي. اها 163 سال پراڻي آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ پينانگ ٻيٽ تي اها پهرين مسجد آهي، جيڪا هڪ مدراسي واپاريءَ ٺهرائي هئي. هو ڏکڻ هندستان کان هتي آيو هو هونءَ تہ چوليا اسٽريٽ تي درگاهہ ناگوري شاهہ بہ سؤ سال پراڻي آهي پر ان کي جامع مسجد نٿو چئي سگهجي. پينانگ جي مئڪلسٽر روڊ (Mcalister Road) تي هڪ پاڪستاني مسجد نالي بہ آهي، جيڪا اڄ کان 25 سال اڳ بنگالين ٺهرائي پر تن ڏينهن ۾ مشرقي



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

بنگال پاڪستان ۾ هجڻ ڪري اها مسجد پاڪستاني سڏجڻ لڳي. آئون ان مسجد جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهيان.“

”پينانگ بيٽ تي ڪنهن زماني ۾ تمام گهڻا بنگالي رهندا هئا. نواکلي، ڪوميلا، سلهٽ، چٽگانگ، ڪلنا ـ ويندي ڪلڪتي ضلعي جا ڪيترائي بنگالي هتي رهندا هئا. اهو ان ڪري جو ملايا کان بنگال ويجهو آهي ۽ تنهن زماني ۾ تہ عربن توڙي يورپين جا جهاز بہ ڪنارو ڪنارو ڏيئي ملايا ۽ سيام جي ملڪن ۾ اچڻ لاءِ بنگال کان ٿيندا ايندا هئا ۽ ساڻن گڏ ڪيترائي بنگالي پورهئي، واپار ۽ رهبريءَ لاءِ چڙهي پوندا هئا. ان بعد جيتوڻيڪ گڏيل هندستان جي ٻين صوبن مان بہ ماڻهو هتي ايندا رهيا جهڙوڪ: سک پنجاب کان، تامل تامل نادو کان ، گجراتي ۽ مرهٽا مهاراشٽر کان، سنڌي سنڌ کان پر هتي جا لوڪل ماڻهو سڀني کي بنگالي سڏيندا هئا. اڄ بہ ملائيشيا جي ڳوٺن ۾ ڏارين کي بنگالي چون. ويندي سکن کي بہ ڪيترا بنگالي چون. سو هيءَ مسجد اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ بنگال جي مسلمانن نهرائي يا هندستان جي ڪنهن ٻئي صوبي جي مسلمانن پر اهو ضرور آهي تہ پينانگ ۾ ان زماني ۾ بنگالي گهڻا هئا. ۽ هن علائقي ۾ جتي هيءَ مسجد آهي اتي تہ اوٽهين سؤ پنجاهہ يا سٺ تائين بہ ڏاڍا هئا. انگريزن جي جهازن تي گهڻي ڀاڱي ڪم بنگالي خلاصي ڪندا هئا. ۽ جيئن انگريزن پوک جي ڪم لاءِ نندي ڪنڊ مان تامل آندا، سک پوليس، ريلوي ۽ چوڪيداريءَ جي ڪم لاءِ، گجراتي ۽ سنڌي واپار ۽ هٽڙا هلائڻ لاءِ تيئن بنگالين کي خلاصيءَ طور آندو. پينانگ ويجهڙائيءَ تائين بنگالي خلاصين جو وڏو اڏو هو، جتان نہ فقط انگريزن جي ٻيڙن تي پر پوءِ دنيا جي ٻين جهازن تي بہ بنگالي خلاصي سپلاءِ ٿيندا هئا. هن پاڙي لاءِ تہ مشهور آهي سڄو بنگالين جو هوندو هو ۽ خود پينانگ جا ملئي ۽ چيني هن محلي مان لنگهندي گهٻرائيندا هئا.“

ڇا هن پاڙي ۾ اڃا بہ بنگالي آهن؟ مون پڇيومانس.

”هن پاڙي ۾ تہ هاڻ ڪو بہ نظر نٿو اچي سڀ هليا ويا. باقي پينانگ ۾ هونءَ ايڪڙ ٻيڪڙ اڃا آهن.“

مون رات ڏٺو تہ هن مسجد ۾ جماعتي، رڳي مان ٻارهن آنا مدراسي تامل هئا ۽ چار آنا ڪي ملئي. يعني اهي ما ٺهو توهان جو خطبو نہ اڙدو ۾ نہ بنگاليءَ ۾ سمجهي سگهندا هوندا نہ وري عربيءَ پارسيءَ ۾. ڇو جو ملئي تہ اڙدو نٿا سمجهن پر مدراسي ۽ ٻيا ڏکڻ هندستان جا ماڻهو بہ اڙدو يا هنديءَ جو لفظ بہ نٿا سمجهن. اهي بہ تامل، مليالم، ڪنهڙ يا تيلگو ملباري زبانون سمجهن ٿا. پوءِ توهان ڇا ڪريو؟



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”نيت هميشه اڙدوءَ ۾ پڙهان. ۽ پوءِ خطبو ملئي زبان ۾ پڙهان جيڪو هرڪو سمجهي ٿو. مونکي ملئي زبان پهرين سمجهه ۾ نه ايندي هئي. پر پوءِ جهٽ سکي ورتم. ائين مونکي برمي به اچي ٿي.“

ٻن ڏينهن بعد عيد هئي ۽ عيد نماز تي ڏٺم ته مولانا صاحب عيد نماز جو طريقو ۽ نيت اڙدوءَ ۾ ٻڌائي. جيڪا پاڻ ۽ مون کان علاوه شايد ئي ڪنهن ٻئي سمجهي هجي. ڇو جو نماز بعد ڪا دير جماعتين کي ڏسندو رهيس ته انهن ۾ ڪو اتر هندستان يا پاڪستان جو هجي ته ساڻس ڳالهايان پر سڀ تامل ڳالهائڻ وارا هئا. پر اها واقعي عجيب ڳالهه آهي ته ڪو سمجهي يا نه پر مولانا صاحب سالن کان نيت اڙدوءَ ۾ پڙهڻ جي روايت قائم رکندو اچي.

مولانا کان پڇيم: ڏکڻ هندستان جي تاملن ۾ هندو به آهن ته مسلمان ۽ عيسائي به. هتي پينانگ ٻيٽ تي انهن تاملن جو تعداد ڇا هوندو؟

”مسلمان اٽڪل ٽي هزار کن، هندو تامل چار هزار کن ۽ عيسائي تامل هزار کن ٿيندا“.

توهان کي يلا هتي جو پاسپورٽ آهي يا بنگلاديش جو؟

”مون وٽ انگريزن جي زماني کان برٽش پاسپورٽ هو پوءِ پاڪستان جو به ٺهرائي هتي آيس. بنگلاديش ته اجا ٺيو نه هو. پوءِ هتي اچي ملائيشيا جو پاسپورٽ ٺهرايم. باقي زال ۽ ٻارن ٻچن کي بنگلاديش جو ئي آهي. هر سال هو هيڏانهن اچن مون سان ملي ويندا آهن.“

يلا سائين اهو پڇي سگهان ٿو ته توهان کي سرڪار طرفان يا هن مسجد جي ڪميٽيءَ طرفان ڪيترو پگهار ملي ٿو؟

”بس اهو پڇو ئي نه. بس الله جي فضل سان گنج ملن تا ۽ شڪر آهي. دال روٽي ٿيو وڃي. Cukup Untuk Makan (مطلب پيٽ لاءِ پورو آهي). ڪجهه ٻارن کي به موڪليندو آهيان.

پر تڏهن به.......



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”بس. ان کي چڙي ڏيو، جو مون ڪڏهن به پنهنجي خدمت جو اجورو پئسي ۾ نہ ماپيو آهي. خبر اٿئي جڏهن آيو هوس تہ ڪيترائي سال تہ مونکي مهيني ۾ فقط پنجاهہ ڊالر ملندا هئا. تڏهن بہ شڪر ۽ صبر ۾ گذاريندو هوس.“

اسان جي ڳالهين دوران هڪ ويهن پنجويهن سالن جو نوجوان، گلاس ۾، اسان لاءِ چانهہ کڻي آيو. مولانا صاحب ٻڌايو تہ هي تبليغ جماعت وارا آهن. پاڪستان ۾ بہ ٿي آيا آهن. ٽن راتين لاءِ هتي واعظ لاءِ آيا آهن. ساڻن گڏ ٻيا بہ ڇهہ ست ڄڻا آهن.

چانهہ ملئي نموني بدران ملباري قسم جي ميٺ جهڙي هئي جيڪا گهٽ ڏينهن بعد ـ بلڪ سالن بعد پيئڻ لاءِ ملي. ان کان اڳ اهڙي چانهہ پاڪستان ۾، اسٽاپن تي، پناڻن جي هوٽلن ۾ ئي پيتي هيم.

ان چانهہ کان پوءِ مون يڪدم مولانا کان موڪلايو، جنهن کا تاج محل ريسٽورينٽ ۾ مانيءَ لاءِ وڃڻو هو.


ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# چيپ جان ۽ ڪئٽي

پينانگ ۾، شام جي وقت، جنهن هوٽل ۾ رهيل هوس ان جي اڳيان نهيل هڪ ٽڪندي ٽلهي تي روزانو ڪلاڪ ڏيڍ اچي ويهندو هوس ۽ پينانگ روڊ ۽ چوليا روڊ تي ماڻهن ۽ گاڏين جي آمدرفت ڪي ڏسڻ ۾ سنو وقت گذرندو هو. ٻيا به ڪجهه فارينر ـ جيڪي پرپاسي وارين هوٽلن ۾ رهيل هئا، اتي اچي وينا ٿي، ۽ ٻه چار چيني ـ جيڪي يا ته چرسي ٿي لڳا يا جواري سي پڻ اتي موجود هوندا هئا ۽ سگريٽن جا سوٽا هڻندا رهندا هئا. رڪي رڪي سگنل ڳاڙهي ٿيڻ مهل ڪا سائيڪل رڪشا منهنجي اڳيان اچي بيهي ٿي ته منجهس ويٺل فارينرس ڪان ساڳيا ساڳيا سوال ڪيم ٿي:

”What Country ـ ڪهڙي ملڪ جا آهيو؟“

۽ ويٺلن ڪلي ٻڌايو ٿي ته هو آسٽريليا جا آهن، يا نيوزيلينڊ، يونائيٽيڊ اسٽيٽس، انگلينڊ وغيره جا آهن ـ جو انهن ملڪن جي ماڻهن کي رلڻ پنڻ جو گهڻو مرڪ آهي ۽ جتي ڪٿي ڏڪا ٿابا کائيندا رهندا آهن. پئسا نه هوندن ته به قاتل ۽ ميرا ڪپڙا پائي، ڪاڪروچن ۽ منگهٽن وارين سستين هوٽلن ۾ رهي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ چڪر ولايت جو هڻي وٺندا آهن. بهرحال ان بعد ٻيو سوال ڪيو مان ٿي ته:

How do you like Penang? ـ پينانگ ٻيٺ ڪيئن تو لڳانو؟ (جڻ پينانگ منهنجو شهر هجي.“

”او ويري گڊ!“ خدا جي مڙني نيڪ ٻندن پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو ٿي. ڪن ته واقعي مونکي هتي جو سمجهي چيو ٿي: ”تنهنجو شهر تمام سٺو آهي.“ ۽ جڏهن ٻڌايومان ٿي ته آئون به توهان وانگر ٽوئرسٽ آهيان ته پوءِ ورائي مون کان پڇيائون ٿي ته آئون ڪهڙي ملڪ جو آهيان ۽ آيا پينانگ ۾ پهريون دفعو اتر يا پهرين به اچي چڪو آهيان.

ڪي ته اهڙن ملڪن جا هئا جن کي انگريزي صفا نٿي آئي. ”وات ڪنٽري“ ۽ ”وات نئشنلٽي“ چوندي چوندي ٽرئفڪ جو سگنل سائو ٿي ٿي ويو، پر هنن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته آئون ڪانئن پڇان ڇا پيو.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

پاسي وارو رستو ـ چوليا اسٽريٽ، ڪافي پراڻو ۽ اهم رستو آهي، جيڪو فيري اسٽيشن جي ويجهو وڃيو نڪري. سندس شروعات ۾ هڪ دڪان Cheap John نالي آهي. اهو دڪان ڏسي مونکي ڪراچيءَ جو چيپ جان نالي دڪان ياد ايندو هو، جيڪو صدر جي علائقي ۾ آهي. هڪ ڏينهن نيٺ ان دڪان ۾ گهڙي ويس. منجهس مختلف قسمن جون شيون ۽ سووينئر رکيل هئا. دڪان ۾ بيٺل ماڻ ۽ ڌيءَ ٻڌايو ته هو سنڌي هندو آهن ۽ هندستان جي ورهاڱي وقت سنڌ کان لڏي هتي ملائيشيا آيا هئا. پهرين ڪوالالمپور يا شايد جوهوربارو ۾ رهيا. هاڻ هتي پينانگ ۾ دڪان کوليو اٿن.

”ڪراچيءَ ساڳي نالي جو دڪان هجڻ ڪري آئون توهان جي دڪان ۾ گهڙي آيس.“ مون کين سندن دڪان ۾ اچڻ جو سبب ٻڌايو.

”ها اسان کي خبر آهي.“ ماڻ وراڻيو، ”ٻه چار سال اڳ منهنجو مڙس ڪراچيءَ ۾ ويو هو، هن کي اهو نالو ڏاڍو وڻيو. ان بعد هن دڪان جو، اسان پڻ ساڳيو نالو رکيو.“

”اڄڪلهه ڪيئن آهي ڌنڌو؟“ مون پڇيومان.

”نقصان ئي نقصان آهي. مارڪيٽ صفا ٺڍي ٺيل آهي. ٽوئرسٽ ٻه اڄڪلهه ايترا نٿا اچن.“

”پرآئون ته گذريل ٻن ٽن ڏينهن کان ڏسان پيو ته توهان جي دڪان ۾ وري ٻه ڪجهه نه ڪجهه گراهڪ ايندا رهن ٿا.“

انهن مان، مهيني ۾، ٻه يا ٽي هزار ڊالر ٻه ڪي مس ٿا نڪرن.“

”ٻه يا ٽي هزار ڊالر (يعني ويهه هزار رپيا ڪن) گهٽ ته ناهن؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”ٽن چئن لک ڊالرن جي سيڙپ تي ته اهو نقصان ئي ٿيو. ان کان وڌيڪ ته ڪنهن بئنڪ ۾ فڪسڊ ڊپازٽ رکڻ سان ملي سگهي ٿو.“ ماڻ ٻڌايو. ان بعد هن دڪانداريءَ جو حساب سمجهايو ته، ڪنهن جو مثال طور دڪان (سامان سميت) پنج لک ڊالرن جو آهي ته ٻارهن ٻارهن سيڪڙو بئنڪ جي وياج جي حساب سان مهيني ۾ اٽڪل پنج هزار ڊالر وياج جا ٿيا، واڌو ٻن ڄڻن جو ماهوار پگهار ڏيڍ هزار ڊالر ڪن ۽ اڌ هزار ڊالر فون، بجلي، ٽئڪس ۽ آيل گراهڪن کي ڪوڪا ڪولا يا چانهه پيارڻ تي خرچ. سي ٿيا ست هزار ڊالر. هاڻ هر مهيني جيڪڏهن ان دڪان مان ڪمائي ست هزار ڊالرن کان مٿي ٿي ته اهو ٿيو


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانہ... واٹس ایپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

فائدو. جي گهٽ ته معنيٰ نقصان. مثال طور اٺ هزار ڊالر ڪمائي ٿي ته معنيٰ فقط هڪ هزار ڊالر فائدو ٿيو ۽ جي ڇهه هزار ٿي ته معنيٰ هڪ هزار نقصان ٿيو.

منهنجي هوٽل جي هيٺان ڪشمير ريسٽورنٽ نالي جيڪا انگلينڊ آمريڪا اسٽائيل جي نارٿ انڊين ريسٽورنٽ هئي ان جو مالڪ پڻ سنڌي هو. بلڪ اها سنڌن فئملي ريسٽورنٽ هئي جنهن ۾ سڀي فئمليءَ ڪم ڪيو ٿي ـ جيئن اپوح شهر ۾ پاڪيزه هوٽل ۾ پاڪستان جي هڪ مسلمان پنجابي فئملي ڪم ڪري ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪشمير ريسٽورينٽ تان دال ۽ نان گهرائي کائيندو هوس. هونءَ رهائش واري هوٽل ۾ ڌارين هوٽل يا دڪان تان ماني گهرائي نٿي سگهجي. پر جيئن ته اورينٽ هوٽل کي رڌ پچاءَ جو پنهنجو بندوبست نه هو، ان ڪري اسان کي ٻاهران ماني گهرائڻ تي جهل پل نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن شام جي وقت هوٽل اڳيان هڪ نوجوان ملئي همراهه هئمبرگر اچي وڪڻندو هو. تمام سستا ۽ لذيذ هوندا هئس. يورپي، آمريڪي ۽ ٻيا فارينرس ڏاڍو وٺندا هئا. ڪچهريءَ جو به ڪوڏيو هو. هر هڪ سان ڪوٺي ڪوٺي ڳالهيون ڪندو هو. پوءِ جڏهن ڪو گراهڪ نه هوندو هوس ته مون سان ڪچهري ڪندو هو. جيئن جيئن رات ٿيندي هئي ته فارينرن جو ڳاٽيتو به وڌندو هو. اوسي پاسي کان چيني سائيڪل رڪشائن سميت پڻ اچي اتي گڏ ٿيندا هئا ـ جيڪي شهر جي مختلف مالش گهرن لاءِ گراهڪ تاڙيندا هئا. ملئي هئمبرگر ناهڻ واري کي سائيڪل رڪشا وارن، مساج گهرن ۽ جوا جي اڏن جي به وڏي معلومات هئي. هڪ ڏينهن ڪلي چيومانس:" انچڪ! توکي پوليس ۾ هجڻ کپي ها".

ان تي پاڻ به وڏو ٽهڪ ڏنائين. آخري رات جڏهن هئمبرگر وٺي موڪلايومانس ته ٻڌائين ته هو واقعي سي آءِ ڊي پوليس ۾ هڪ اهم آفيسر آهي. هو انهن ماڻهن جي تاڙ رکي ٿو، جيڪي داداح (چرس) ۽ گانجي جو واپار يا ٻيا غير قانوني ڌوهه ڪن ٿا.

ٿوري دير پنهنجي هوٽل اڳيان ويهي، فارينر کي "هيلو ـ هيلو" ۽ ملئي هئمبرگر واري سان ڪچهري ڪري پوءِ ان پينانگ روڊ تي سڌو ئي سڌو هليو ويندو هوس. رستي تي May-Fair ڪپڙن جو دڪان، جايا ڪوڊي سگار ڪمپني، Sam's Batek هائوس، تاج محل ريسٽورانٽ، جان ڪانگ ـ چان عينڪ واري جو دڪان، اسلامڪ ريسٽوران، ربي فوٽوشاپ، ربي بيوٽي شاپ، اليڪٽرانڪ شاپ ۽ ٻيا دڪان آيا ٿي. ان بعد ڪابي پاسي هڪ گهٽي ڪئمپبيل (Lebuh-Camp-Bell) پئي ٿي. ۽ ساڄي پاسي ڪئٿي سئنيما آهي جنهن ۾ انهن ڏينهن ۾ ڪا مار ڌاڙ جي رنگين چيني فلم هلي رهي هئي. ان بعد مشهور


ڪتب خانہ... واٹس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

انگريزي فلم Out of Africa اچڻ واري هئي، جنهن جا پڻ ٻاهرين پٽ تي پوسٽر لڳل هئا. سئنيما هال اڳيان مڪئي جي سنگن ۽ چوڻئرن واري همراهه تي ماڻهن جو ميلو متل هوندو هو. فلم ڏسڻ لاءِ آيل ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو، اتي نظر ايندا هئا.

اڄ جي دور ۾ جڏهن ڏينهون ڏينهن سئنيما هال ختم ٿيندا وڃن، اتي ملائيشيا جي مختلف شهرن ۾ هي نظارو ڏسي پراڻا ڏينهن ياد ايندا هئا. جڏهن اڃا وي سي آر ايجاد نه ٿيو هو. ۽ عام ماڻهوءَ لاءِ وڏي تفريح سئنيما هال ۾ وڃي فلم ڏسڻ هوندي هئي. فلم لاءِ ٽڪيٽ ڏينهن به اڳ ۾ وٺڻي پوندي هئي يا ڪجهه دير ڏکي قطار ۾ بيهي دريءَ پويان وينل ٽڪيٽ ڪلارڪ کان ان وقت وٺڻي پوندي هئي. جيڪو سگريٽ جو ڪش هڻي سئنيما هال ۾ رکيل ڪرسين جي سٽاءَ واري چارٽ تي منڊيئڙو هڻندو هو. مرد هڪ پاسي، اڪيلون آيل زالون ۽ چوڪريون ٻئي طرف. شهر جا لوفر چوڪرا ۽ اسان جهڙا جهازي ماڳهين ٽي طرف. تنهن زماني ۾ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ٽڪيٽ وڪڻ وارا، پاڻ کي ڪلارڪ گهٽ سماج سڌارڪ وڌيڪ سمجهندا هئا. (اڃا به سمجهن ٿا، اها سڌ نه اٿم). اهو ان ڪري ياد آيو جو اسان به ننڍي هوندي هن شهر پينانگ ۾ يورشين ۽ ٻين اهڙين چوڪرين تي جن جا بقول هڪ بنگالي انجنيئر جي، حقوق غير محفوظ لڳندا هئا، سيٽيون وجائيندا سئنيما هال تائين اچي پهچندا هئاسين ۽ ڪوشش ۾ هوندا هئاسين ته ڪنهن چوڪريءَ جي پر ۾ ويهڻ جي جاءِ ملي پر اڳيان ٽڪيٽ وڪڻ وارا سک ملباري ٽڪيٽ ڪلارڪ اهڙي سيٽ ڏيندا هئا جو انٽرويل جي بتي ٻرڻ تي خبر پوندي هئي ته سڀ جهازي پنهنجو پاڻ ۾ ئي ويٺا آهيون.

ها، پينانگ ۾ جڏهن به اسانجو جهاز ايندو هو ته فلمن تي مارو هوندو هو. خاص ڪري ان ڪئٿي سئنيما ۾. مزي جي ڳالهه اها ته هيءَ سئنيما اڄ به اهڙي ئي شيپ، شڪل رنگ ڊنگ ۾ هن پينانگ روڊ تي دائم قائم آهي. گذريل ڏهه پندرهن سالن ۾ هن پاسي ۾ وڏي تبديلي آئي آهي. سڄو نقشو ئي ڦري ويو آهي پر اڃا به رکيو رکيو اهو پراڻو زمانو، اهو پراڻو دور، جايون بلڊنگون، ماڻهو ۽ سندن ساديون پوشاڪون ۽ منهن تي ٿقيل سستين ڪمپنين جو سرخيون لاليون ياد ٿيون اچن. ان زماني ۾ عام ماڻهوءَ جي سوشل زندگي ۽ شهر جي رونق سئنيما هال اڳيان هوندي هئي. ۽ هن تر ۾ – يعني سائوٿ ايسٽ ايشيا ۾ ڪئٿي سئنيما هال جو نالو ائين آهي جيئن ڪتابي دنيا ۾ پينگئن جو، ٽي وي ريڊيو ۽ روشنيءَ ۾ نئشنل، فلپ، سوني سانيو جو. ملائيشيا، سنگاپور، ٿائلنڊ پاسي جي هر وڏي شهر ۾ جتي سئنيما هال هجي ڪئٿي سئنيما ضرور نظر اچي.


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

جهاز پورٽ ڪلانگ ۾ ايندو هو ته ڪوالالمپور جي خوبصورت روڊ جالان بڪت بنتانگ تي چڪر هڻي، اتي جي ڪئٿي سئنيما ۾ فلم ضرور ڏسبي هئي. سنگاپور ۾ سرنگون روڊ وارو علائقو تن ڏينهن ۾ گپا گيهه وارو علائقو هوندو هو ۽ ڪئٿي سئنيما اتي به آهي. ان ۾ گهڻو ڪري هِندي فلمون هلنديون هيون. يا جوهوربارو ايندا هئاسين ته اتي پڻ ڪئٿي سئنيما تي مارو هوندو هو.

اهي ته ٿيا بندرگاهن وارا شهر جن ۾ تن ڏينهن ۾ جهازن ۾ اچبو هو. پر هاڻ ملائيشيا ۾ يڪو رهڻ سان خبر پيئي ته ڪئٿي (Cathy) سئنيما نه فقط ملاڪا، ڪوالالمپور، اپوح، پينانگ، جوهوربارو جهڙن وڏن شهرن بندرگاهن ۾ آهي پر الور اسٽار، سريمبان، باتوپهات ۽ وينديءُ لِرندي ڪناري وارن شهرن ڪئانتان، ڪوالا ترنگانو ۽ بورنيو وارن ڏورانهن ملئي شهرن: ڪوٽا ڪنابالو ۽ ڪچنگ ۾ پڻ آهي.

هن سال، ڪئٿي آرگنائيزيشن وارن تازو پنهنجي پنجاهين سالگرهه وڏي شان مان سان ملهائي. ڪئٿي آرگنائيزيسن جي ڪهاڻي دراصل ان جي چيني مالڪ داتڪ لوڪ ـ وان ـ ٿو ـ (Datuk Loke-Wan-Tho) جي ڪهاڻي اهي، جنهن 1935ع ۾ ٿي سئنيمائون خريد ڪري فلمي سلطنت جو پايو وڌو. شروع وارا ويهه سال داتڪ لوڪ فقط سئنيمائون خريد ڪندو ويو. جيئن مختلف شهرن ۾ سئنيمائن جو پنهنجو دائرو هجي. ويهارو ڪن سالن اندر هن جون هي ٽن مان وڌي چاليهه ڪن سئنيمائون ٿي ويون ۽ ايڏي مشهوري ٿي جو ماڻهو جتي ڪتي ڪئٿي سئنيما ۽ مسٽر لوڪ جو نالو ڳڍ ڳڍ ونڻ لڳا.

هيترين سئنيمائون هٿ ۾ هجڻ ڪري دنيا جا وڏا وڏا پروڊيوسر مسٽر لوڪ سان راهي رکي هلندا هئا. پاڻ جڳ مشهور ڪمپنين: پئرامائونٽ، ڪولمبيا، ميٽرو گولڊن ميئر (MGM) ۽ ٽوئنٽي سينچري فاڪس سان ڊگها ڊگها معاهدا ڪيا جن جون فلمون فقط سندس سئنيمائن ۾ هلڻ لڳيون.

داتڪ لوڪ فقط سئنيمائون خريد ڪري ان جي ڪمائيءَ تي ماٺ ڪري ويهڻ نه چاهيو. هن هانگ ڪانگ ۾ ڪئنٽونيز ۽ منڊارين فلمون ناهيون. ۽ پاڻ ئي فلم جو ڊيڪاريندڙ، ورهائيندڙ ۽ پروڊيسر ٿي رهيو. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ فلم اسٽوڊيوز پڻ ٺهرايائين. ۽ هن سڄي علائقي ۾ ماڻهن لاءِ سئنيما جهڙي هڪ سستي تفريح مهيا ڪئي. هو 1964ع ۾ تائيوان ۾ يارهن ايشين فلم فيسٽيول ۾ حصو وٺي ملائيشيا موٽيو پئي ته رستي تي سندس هوائي جهاز حادثي جو شڪار ٿي ويو. ان حادثي ۾ پاڻ سندس زال ۽ ڪئٿي آرگنائيزيسن جا ڪيترائي اهم ڪم وارا مري ويا.



ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ڪئٽي سئنيما جو نشان (Logo) گذريل پنجاهه سالن ۾ ٻه دفعا بدليو آهي. اڄڪلهه ڪئٽي سئنيمائن جو نشان تمام سادو آهي، جنهن ۾ فقط ٽي C آهن. سي جي منهن ۾ ننڍڙو او آهي. سي ڪئٽي لاءِ ۽ او آرگنائيزيشن لاءِ. اهو نشان، ڏور اوپر جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪئٽي سئنيمائن جي ٻاهران نهيل نظر اچي ٿو.



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانه...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

# انگريزن پينانگ تي قبضو ڪيئن ڪيو؟

ملائيشيا ۾ انگريز پوڻا ٻه سؤ سال ڪن رهيا. پهرين پينانگ ٻيٽ کي قبضي ۾ ڪيائون، جيڪو تن ڏينهن ۾ ڪيداح رياست ۾ هو ۽ سلطان عبدالله جي ملڪيت هو. پينانگ تي قبضي بعد آهستي آهستي سڄي ملائيشيا تي انگريزن جو راڄ شروع ٿي ويو.

پينانگ ميوزيم جي ٻاهران ڪئپٽن فرانسز جو بت (Statue) ۽ ان هيٺان لکيل: "Founder of Penang 1786" (پينانگ جو ڳوليندڙ) اڄا تائين موجود آهي ۽ ياد ڏياري ٿو ته انگريز ڪئپٽن فرانسز کي هتي آئي هن سال پورا ٻه سؤ سال (Bicentenary) ٿيا ـ يعني انگريزن جو ملايا تي راڄ پينانگ کان ۽ ان سن کان شروع ٿيو هو.

ڪجهه ڏينهن اڳ ٻڌڻ ۾ آيو پئي ته پينانگ وارا ڪئپٽن فرانسز لائيٽ (Captain Francis Light) جو ٻه سؤهون سال ڌام ڌوم سان ملهائيندا. جيتوڻيڪ جشن ملهائڻ وارن اهو صاف طرح ڄاڻايو ته ان جشن ملهائڻ جو مطلب ڪو ان انگريز ڪئپٽن کي عزت ڏيڻ يا سندس شان وڌائڻ نه آهي پر ان ڏينهن کي شرف ڏيڻ آهي، جنهن کان پينانگ ٻيٽ جي ترقي شروع ٿي.

پر جيئن ته ملڪ جا نوجوان ان ڳالهه کي پسند نٿا ڪن انڪري معاملو في الحال ٽڙو ٿي ويو آهي. هنن جو اهوئي چوڻ آهي ته ائين ڪرڻ سان نه فقط پينانگ جي ماڻهن جي پر سڄي ملڪ جي ماڻهن جي بيعزتي آهي ٿيندي. جو انگريزن نه فقط پينانگ تي پر ان بعد سڄي ملڪ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو هو ۽ ان ڏينهن کي شان بخشڻ سان سڄي قومپرست کي خوشي نه پر شرم محسوس ٿيڻ کپي.

سيٽ کان اهم ڳالهه جيڪا هتي جا ماڻهو محسوس ڪن ٿا، ۽ سوال اٿارين ٿا ته ڇا ڪئپٽن فرانسز لاءِ ائين چوڻ ته هن هي ٻيٽ ڳولي لڌو، اسان کي ڄڃائي يا نه؟ ڇا ڪئپٽن فرانسز واقعي پينانگ ڳولي لڌو؟ ڇا پينانگ هڪ لڪل يا گم ٿيل شيءِ هئي جيڪا ٻي ڪنهن کي هٿ نٿي آئي ۽ هن انگريز هزارن ميلن کان هلي اچي، ڳولي، وڏي کيپ ڪئي؟



www.sindhsalamat.com

ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ان لاءِ هنن وٽ جواب به آهي ته اها حقيقت به آهي ته پينانگ ته اتي ئي موجود هو. ماڻهو به رهيا ٿي. پر وارن ڳوٺن ۾ حڪومت ڪي به ان جي جاڻ هئي. پوءِ اها ڪٿي بي ڳالهه هئي ته پينانگ ۾ ٿورا ماڻهو رهيا ٿي. سو انهن ڏينهن ۾ ته جتي ڪٿي ٿورا ماڻهو رهيا ٿي. ويندي انگلينڊ ۾ يورپ جي به ڪيترن ڳوٺن ۾ ٻيٽن تي ايڪڙو ٻيڪڙ ماڻهو رهيا ٿي. ها البت اهو چئي سگهجي ٿو ته 1786ع ۾ ڪئپٽن لائيٽ انگريزن لاءِ پينانگ ڳولي هٿ ڪيو.

يونيورسٽي سائنس ملائيشيا جي تواريخ نويس ڊاڪٽر چيئاح بو خينگ (Dr. Chea Boo Kheng) پڻ اها ئي ڳالهه ڪئي ته فرانسز لائيٽ پينانگ کي ڳوليو نه هو، جيئن ڪيترائي ماڻهو غلط سمجهن ٿا پر هن انگريزن جي برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ لاءِ حاصل ڪيو هو. 1786ع ۾، پينانگ ۾ انگريزن جي اچڻ کان اڳ به پينانگ مشهور بندرگاهه هو، جتي انڊين، عربن، ملئي ۽ چيني ماڻهن جا جهاز ايندا رهيا ٿي. اهو چوڻ ته پينانگ انگريز ڪئپٽن فرانسز ڳوليو، مان لڳي ٿو ته جڻ ان کان اڳ هن ٻيٽ جي ڪنهن کي خبر نه هئي. هتي ڪا آبادي نه هئي ۽ جيڪي ڪجهه ماڻهو رهيا ٿي سي پولڙن وانگر بنا ڪپڙي لٽي جي وڻن تي ٽپ ڏيئي پن کائيندا رهيا ٿي. پوءِ انگريزن انهن کي اچي سڌاريو.

ڪيترا تواريخ نويس ۽ پراڻا ڪاغذ پٽ ان ڳالهه جي به پڪي ثابتي ڏين ٿا ته تن ڏينهن جي ڪيداح رياست جي سلطان عبدالله هن ٻيٽ تي انگريزن کي فقط عارضي رهڻ لاءِ اجازت ڏني پر پوءِ انگريزن ٺڳي ۽ دوهه ڪري هن ٻيٽ تي زوريءَ زبردستي قبضو ڪيو. اها بي ڳالهه آهي ته اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تواريخ ۾ ـ جيڪي گهڻو ڪري انگريزن جي اشاري تي لکيل آهن، ماڻهن کي حقيقتون مروڙي سروڙي ٻڌايون ويون آهن. نه ته حقيقت اها آهي ته انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپني دوکي بازيءَ سان، هڪ جهازي آفيسر فرانسز لائيٽ ذريعي، پينانگ تي غير قانوني طرح قبضو ڪيو ۽ اهو واقعو ملايا جي تواريخ ۾ انگريزن جو هڪ شرمناڪ ڪارنامو سڏي سگهجي ٿو.

ان بابت، يونيورسٽي آف ملايا جي هڪ ليڪچرار بونيءَ (R. Bonney) سپ کان پهرين پڙدو کنيو. سندس گهڻو اڳ لکيل ايم. اي لاءِ علمي ٿيسز "Kedah 1771 ـ 1821" ـ نالي پندرهن سال کن اڳ (1971ع) ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ڇپرائي. پر ان کان به گهڻو اڳ انگريزن جي هڪ مشهوري ڪاموري سرفئنڪ سويٽنهام 1909ع ۾ پنهنجي لکيل ڪتاب ۾ ان بابت ڪجهه راز فاش ڪيا آهن.



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

انگريزن جي پيننانگ ( ۽ ان بعد سڄي ملايا) تي قبضي جي ڪهاڻي هن ريت شروع ٿي ته فرانسز لائيٽ نالي هڪ جهازيءَ 1765ع ۾ نوڪريءَ لاءِ جڏهن انڊيا آيو ته سندس انگريز مالڪن (جن جو مدراس ۾ ڪاروبار هو.) ڪيس واپار جي ايجنسي کولڻ لاءِ سماترا ٻيٽ تي هڪ بندرگاهه آچيح (Acheh) ڏي موڪليو. هو هڪ لوڪل جهاز تي ڪئپٽن هو. تن ڏينهن ۾ جهاز سڙهن ۽ چپن تي هلندا هئا. ۽ هن پاسي هلندڙ انگريزن جي هنن جهازن جو "هوم پورٽ" انڊيا هوندو هو. اوسي پاسي جي بندرگاهن ۾ وڃي وري انڊيا موٽي ايندا هئا ۽ اهي Country-Ships سڏبا هئا.

ڪئپٽن لائيٽ هندستان ڪان ملايا جي رياست ڪيداح ۾ پهتو ۽ اتان 1771ع ۾ اها رپورٽ موڪليائين ته اتي جي سلطان کي انگريزن جي فوجي مدد گهرجي ٿي ۽ ان جي عيوضي ۾ هو "ڪوالا ڪيداح" نالي، ڪيداح رياست جو بندرگاهه اسان انگريزن جي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيئي سگهندو. ان بندرگاهه جي پر ۾ قلعو پڻ آهي. انهن ڏينهن ۾ ملايا جي اتر وارو ملڪ ٿائلنڊ (سيام) جي هڪ طاقتور حڪومت هئي ۽ ملايا جي ڪيداح جهڙين اتراهين رياستن کي ان ڪان خبردار رهڻو پيو ٿي ته متان سيام ڪنهن وقت به حملو نه ڪري. لائيٽ پنهنجن مالڪن کي اهو به لکيو ته ڪيداح جي سلطان جي هيءَ آڇ جيڪڏهن پاڻ انگريزن قبول نه ڪئي ته ٿي سگهي ٿو ته ڊچ ٽپي پون ۽ اسان انگريز رهجي وڃون.

ڪئپٽن لائيٽ 1772ع ۾ هڪ دفعو وري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هن پاسي جهازن جي ترسڻ لاءِ پيننانگ جهڙي بندرگاهه کي ڪنهن ريت به هٿ ڪرڻ جي صلاح ڏني.

انهن ڳالهين مان لڳي ٿو ته ڪئپٽن لائيٽ اڳهين هن بندرگاهه پيننانگ جي اهميت ٻڌي چڪو هو. (سو ڪير ڪيئن ٿو چئي سگهي ته هن ٻيٽ کي پاڻ ڳولي لڌائين؟)

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ان سلسلي لاءِ پنهنجو ايجنٽ ايڊورڊ مانڪٽن (Edward Monekton) ملايا موڪليو. پر ڪيداح رياست وارن ٿائلنڊ وارن جي حملي ڪان بچاءَ واري ڳالهه جڏهن انگريزن سان ڪري وعدو ونڻ چاهيو ته هو ٽتائي ويا. نتيجي ۾ في الحال ڪا ڳالهه نه ٿي.

پوءِ 1775ع ۽ 1783ع جي وچ ۾، انگلينڊ جي نه رڳو هڪ پاسي آمريڪي ڪالونين سان جنگ شروع ٿي ويئي پر ساڳي وقت هالينڊ ۽ فرانس سان پڻ. سو اهڙي حال ۾


www.sindhsalamat.com
ڪتب خانو... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

انگريز ڇوڙ طرف کنيجي ويا ۽ هنن لاءِ هن پاسي کو اڏو ناهڻ تمام ضروري ٿي پيو. ڪيترين ئي جايون ڏيان ۾ رکيون ويون. جهڙوڪ: ريائو (Riau)، سندا (Sunda)، نار، بورينيو ۽ آچيح. پر هڪ نه ٻئي سبب ڪري ڳالهه نهي ڪانه.

جولاءِ 1786ع ۾، لائيٽ ڪيداح موٽيو. هو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان ڪيداح جي سلطان جي خط جو جواب ڪٽي آيو ـ جنهن ۾ سلطان انگريزن کي لکيو هو ته هو ڪجهه عرصي لاءِ ليز تي پينانگ ٻيٽ کين ان شرط تي ڏيندو ته ڏکئي وقت ۾ انگريز پڻ هن جي فوجي مدد ڪندا.

جواب ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ لکيو: "هيءَ حڪومت پينانگ ۾ پنهنجا جنگي ٻيڙا رکي فقط پينانگ ٻيٽ ۽ ڪيداح رياست جي ڪناري واري ان حصي جي نگهباني ڪري سگهندي جيڪو پينانگ ٻيٽ جي سامهون آهي."

ڪيداح جي حڪومت انگريزن کان اهڙو وعدو وٺڻ چاهيو ٿي ته ڪيداح رياست تي جيڪڏهن سيامين (ٿائي حڪومت) حملو ڪيو ته انگريز هن جي بچاءَ لاءِ ايندا. پر نه اها ڳالهه هئي ۽ نه وري پينانگ ٻيٽ کي موٽائي ڏيڻ جي ان ۾ ڳالهه هئي ته پش پيش سياٽي ملئي حڪومت جيڪڏهن چاهي ته انگريزن کان ٻيٽ خالي ڪرائي سگهندي يا نه.

سلطان سان ڳالهه ٻولهه دوران، لائيٽ فقط زباني طور اها خاطري ڏيندو رهيو ته ان بابت اجهو ته لندن کان اجازت نامو آيو، تيسين في الحال پينانگ ٻيٽ جو قبضو اسان انگريز کي ڏيو. ڪئپٽن لائيٽ هن ٻيٽ تي رهڻ لاءِ آتو هو. هن فقط وقت سان ڪيڏڻ چاهيو ٿي. لائيٽ ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان اها دغا بازي سندس ان خط مان به ظاهر آهي جيڪو اڄ به ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي رڪارڊ ۾ موجود آهي. اهو لائيٽ جي پنهنجن لفظن ۾ آهي، ته ڪيداح جي سلطان خط پڙهي مونکي (يعني ڪئپٽن لائيٽ کي) چيو ته جيئن ته اسان جو گورنر جنرل ساٽس (يعني سلطان سان) اجا معاهدو نٿو ڪرڻ چاهي ۽ هو (گورنر جنرل) انگلينڊ مان اجازت نامو اچڻ جو انتظار پيو ڪري، ان ڪري اسان کي پينانگ ۾ اجا گهڙڻ نه ڏنو ويندو. باقي ڪيداح ۾ مهمان ٿي رهي سگهو ٿا.

"ان تي مون (لائيٽ فرانسز) جواب ڏنومانس ته هيڏو خرچ ڪري اسان هتي پهتا آهيون هاڻ جهڙو ڪيداح ۾ رهڻ تيندو تهڙو پينانگ ۾.



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”ان تي لکساماݨ (ملايا جي اعليٰ فوجي عملدار) ان خواهش جو اظهار ڪيو تہ آيا پنهنجو واپار هتان هلائڻ لاءِ ڪمپني هر سال ڪيداح جي سلطان کي ٽيهہ هزار اسپيني ڊالر ڏيئي سگهندي يا نہ. ۽ جي ايترو نہ ڏيئي سگهندي تہ ڪيترو ڏيندي؟

” ان تي مون (لائيٽ فرانسز) وراڻيو مانس تہ آئون ڪمپنيءَ پاران ڪجهہ چئي نٿو سگهان تہ هوءَ ڪيترا پئسا ڏيئي سگهندي. پر ايترو ضرور آهي تہ هوءَ ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندي تہ سلطان کي اسان سان ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪا مالي مشڪلات پيش اچي. ان تي سلطان پڇيو تہ مثال طور جيڪڏهن انگلينڊ جو بادشاهہ ڪمپنيءَ جي خط تي راضي نٿو ٿئي ۽ (سلطان جا) شرط قبول نٿو ڪري تہ پوءِ آيا آئون (لائيٽ فرانسز) بنا ڪنهن دشمني رکڻ جي، ماڻ منوڙي ۾ پينانگ ڇڏي واپس بنگال موٽي ويندس يا نہ. اتي مون ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو.“

ان ريت، بنا ڪنهن معاهدي جي، لائيٽ پينانگ ٻيٽ تي پنجن سالن تائين قبضو ڪري ويهي رهيو. انگلينڊ ڪان ڪو بہ خط يا قول اقرار نہ آيو. ان دوران انگريز سلطان سان فقط اهي ئي واعدا ڪندا رهيا تہ اجهو تہ انگلينڊ ڪان اجازت نامو آيو ۽ اجهو تہ ڪمپنيءَ فيصلو ڪيو ـ جنهن موجب سيام ڪان ٿيندڙ حملي ڪان هو (انگريز) سلطان ۽ سندس رياست ڪيداح جي حفاظت ڪندا.

نيٺ 1788ع ۾ ڪمپنيءَ ڪان ورندي آئي تہ ڪمپني ان ڏس ڪنهن بہ قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ مجبور آهي ڇو جو سيام سان جنگ جوٽڻ لاءِ هنن (انگريز) وٽ ڪو بہ جوڳو بهانو نہ آهي. هڪ قسم جي مالي مدد، مسواڙ يا معاوضو (Compensation) ڏيڻ لاءِ ڪئپٽن لائيٽ آڇ ڪئي تہ انن سالن لاءِ هو ڏهہ هزار ڊالر ساليانو ڏيندا رهندا. يا ٻي صورت ۾ جيسين هو پينانگ ٻيٽ تي رهندا، تيسين هر سال چار هزار ڊالر ڏيندا رهندا. پر سلطان عبدالله ساليانو ٽيهہ هزار ڊالرن جي گهر ڪئي.

لائيٽ چاڻي ٻجهي معاملو سلجهائڻ ۾ دير ڪندو رهيو. نہ پئسي ڏيڻ جي آڇ تي ڪيائين ۽ نہ جنگي مدد جو معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ٿي. ۽ نہ وري ٻيٽ ڇڏڻ جي ڳالهہ ڪيائين ٿي ـ ماڳهين ويو پنهنجا پير پختا ڪندو ۽ پنهنجي ملڪ جا ماڻهو ۽ جهاز گهرائيندو. ڪيداح جو سلطان الور استار شهر ۾ رهندو هو (جيڪو اڄ بہ ڪيداح جي گاديءَ جو هنڌ آهي.) ۽ پوءِ ڪئپٽن لائيٽ سلطان وٽ، الور استار وڃي حاضري ڀرڻ ئي ڇڏي ڏني. آخر 8 اپريل 1791ع تي ڪيداح حڪومت ڪئپٽن لائيٽ لاءِ هڪ الٽيميٽم جاري ڪيو جنهن جو لب و لباب هن ريت هو:



ڪتب خانہ... واٽس ايپ لائيبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

”............ ۽ جيڪڏهن اسان جو دوست اسان وٽ اچي اسان جي بادشاهه (ڪيداح جي سلطان) جي سلامتي نہ پريندو تہ اسان جو بادشاهه منجهانس ناخوش ٿي پوندو. ان صورت ۾ اسان جي دوست کي پينانگ ٻيٽ تي وڌيڪ رهڻ جو ڪو حق نہ رهندو. پوءِ اهڙي ماحول ۾ هن کي پنهنجو واپار وڙو ختم ڪري هي ٻيٽ (پينانگ) خالي ڪري وڃڻو پوندو، جيڪو اسان جي سلطان جي ايامن ڪان ذاتي ملڪيت آهي.“

هتي جي مشهور تواريخ نويس بونيءَ پنهنجي ڪتاب ”ڪيداح“ ۾ لکيو آهي تہ ان بعد ڪيداح جي حڪومت اهو ئي سوچيندي رهي تہ لائيٽ سندن شرط قبول ڪندو يا مانڙي ڪري سندن ملڪ ڇڏي هليو ويندو. پر انهن ٻنهي ڳالهين بدران، انگريزن بنا ڪنهن اطلاع جي، رات جي پوئين پهر ۾ ڪيداح جي قلعي تي حملو ڪري ڏنو. بي خبريءَ جي عالم ۾ ملئي فوج کي ڪافي نقصان رسيو ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. ان بعد انگريزن سيني قلعن کي باهہ ڏيئي ساڙي رکيو. انگريزن جي جنگي جهازن اڳيان هنن جون ٻيڙيون تر بتر ٿي ويون. چئن ڏينهن بعد انگريزن پنهنجي فوجي طاقت مان فائدو وٺي ڪيداح وارن تي وري حملو ڪيو.

گهر ۾ آيل بي دعوتي مهمان کي هاڻ پينانگ ڪان ٻاهر ڪڍي پينانگ کي واپس حاصل ڪرڻ جون مڙيئي اميدون ختم ٿي ويون. سلطان عبدالله هاڻ وڌيڪ مهاڏو ڪرڻ بدران امن جو ئي رستو اختيار ڪيو ۽ 1791ع ۾، ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي ڪئپٽن لائيٽ سان صلح ۽ دوستيءَ جو معاهدو ڪيو. لائيٽ پنهنجي طاقت جي زور تي اهي شرط رکرايا جيڪي هن چاهيا ٿي. جيڪي انگريزن جي فائدي ۾ هئا. ڏکي وقت ۾ ڪيداح وارن جي مدد ڪرڻ جي ڳالهہ اتي ئي رهجي ويئي ۽ لائيٽ طرفان فقط ڇهہ هزار ڊالرن جي ساليانی ملت سلطان عبدالله کي قبول ڪرڻي پيئي.

انهن مڙني ڳالهين مان اهوئي ظاهر ٿئي ٿو تہ ڏورانهين ڏيهہ ـ انگلينڊ، ڪان آيل انگريزن، طاقت جي زور تي پينانگ ٻيٽ تي ڪيئن نڱي ڪري زوريءَ قبضو ڪيو. پينانگ، ڪيداح رياست جو هڪ حصو هو ۽ ڪئپٽن لائيٽ، انگلينڊ جي شهنشاهہ جارج جي نالي تي پينانگ حاصل ڪري نہ فقط هڪ بين الاقوامي ڏوهہ ڪيو پر سلطان عبدالله سان بہ دوکي بازي ڪئي. ٻيٽ جي مالڪن ـ سلطان عبدالله سان شرط شروط موجب معاهدو ڪرڻ بدران هو بنا ڪنهن لکت پڙهت يا ڪاغذ پٽ جي پينانگ ٻيٽ تي قبضو ڪري ويهي رهيو. يعني پري کان اچي ٻين جي ملڪيت ڦٻائڻ جو هن هيڏو وڏو مثال ڏنو.



www.sindhsalamat.com

ڪتاب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)

ان ڪري انگريزن جو اهو چوڻ تہ هنن پينانگ ٻيٽ لڌو ۽ اهو برطانيہ جي ملڪيت ٿيو، بلڪل غلط آهي. قدرت جي ستم ظريفي اها تہ پينانگ ٻيٽ جو نالو انگريز بدلائي پرنس آف ويلس رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو نالو سندن دور ۾ بہ قائم ٿي نہ سگهيو ۽ اڄ بہ ساڳي پراڻي نالي پينانگ سان سڏيو وڃي ٿو.

ٻيٽ نہ بابت انگريزن جي انهن ويساهہ گهاتين جا تفصيل وڏي عرصي تائين ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارا لڪائيندا رهيا. پر پوءِ 1824ع ۾ ان سلسلي جا اهم ڪاغذ ۽ ٻيون ڳالهيون هٿ ڪري ڇپرايون ويون. اهي تن ڏينهن ۾ پينانگ حڪومت جي اجازت سان حڪومت جي سيڪريٽريءَ مسٽر جان ائنڊريسن گڏ ڪري ڇپرايا، ان بعد اهي سڀ ڇپيل ڪاپيون ضبط ڪيون ويون. انهن اهم ڪاغذن جي هڪ اڌ ڪاپي ڪا هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويئي جيڪا Strait Settlement اخبار ۾ 1835ع ۾ شايع ڪئي ويئي. ان بعد "Journal of Easter Archipelago 1854" ۾ هوبهو ڇپي ويئي. جنهن جون ڪجهہ ڪاپيون اڃا تائين موجود آهن.

انگريزن جي مٿئين ٺڳي ۽ بي شرمائي بابت سرفرئنڪ سويٽنهام پڻ پنهنجي ڪتاب British Malaya ۾ ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو آهي، جيڪو پهريون دفعو 1906ع ۾ ڇپيو هو.

فريئر وانگر ـ جيڪو سنڌ ۾ گهٽو وقت رهيو. سويٽنهام پڻ انگريزن جي بينڪي راڄ ۾ هڪ اهم انگريز حاڪم ٿي گذريو آهي. هن کي ملئي زبان تمام سٺي طرح آئي ٿي ۽ جوي (عربي رسم الخط ۾ بہ لکي سگهندو هو. هن ڪيترائي سرڪاري ڪاغذ ملئي مان انگريزيءَ ۾ ۽ انگريزيءَ مان ملئي ۾ ترجمو ڪيا. ان ترجمي ۾ 1874ع وارو پنگڪر معاهدو (Pangkor - Treaty) بہ شامل آهن.

سويٽنهام ڪيترن ئي عهدن تي رهيو. هو پيراڪ ۽ سلينگور رياستن جو ريزيڊنٽ ٿي رهيو. ملايا جو گورنر ۽ هاءِ ڪمشنر پڻ 1901ع کان 1904ع تائين ٿي رهيو. سويٽنهام جي چواڻي، پينانگ کي اهڙي ريت حاصل ڪرڻ ۾ لائيٽ کي فخر هرگز محسوس نہ ڪرڻ کپي.



ڪتب خانہ...واٽس ايپ لائبريري (گروپ ايڊمن: امير عدنان 03337516944)